
سوجهرن جا سفير
(سنڌ جي برک شاعرن جا انٽرويوز)
بلوچ صحبت علي

# سوجهرن جا سفير

## سنڌ جي برک شاعرن جا انٽرويوز

مرتب:

بلوچ صحبت علي

ڪنول پبليڪيشن قنبر

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

## سمورا حق واسطا سهڙيندڙ وٽ هٿيڪا


| | |
|---|---|
| ڪتاب: | سوجهرن جا سفير |
| موضوع: | انٽرويوز |
| سهيڙيندڙ: | بلوچ صحبت علي |
| ڪمپوزنگ: | علي انور لغاري |
| ڇپائيندڙ: | ڪنول پبليڪيشن قمبر شهدادڪوٽ |
| ڇاپو: | ٻيون |
| ڳاڻيٽو: | هڪ هزار |
| سال: | 2018 |

**SOJHRAN JA SAFEER**

| | |
|---|---|
| By: | Baloch Suhbat Ali |
| Edition: | 2nd |
| Year: | 2018 |
| Composed by: | Ali Anwer Leghari |
| Published by: | Kanwal Publication Qambar Shahdadkot |

# ارپنا

نثري نظمن جي شعري مجموعي

1. ”زندگي خواب خودڪشي“ (2000)
2. ”روپوش محبت“ (2005)
3. نئون ادب نيون ڳالهيون (2013)

جي، خالق، مالڪ ۽ تخليقار



محترم چندر ڪيسواڻي

جي ناءُ

ـــــــــ بلوچ صحبت علي

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”سوجهرن جا سفير“** اوهان اڳيان پيش آهي. سنڌ جي 17 برک شاعرن جي انٽرويوز تي مشتمل هن ڪتاب جو مرتب **بلوچ صحبت علي** آهي.

هن ڪتاب ۾ نشتر ناٿن شاهي، نواز رڪٽائي، احمد خان مدهوش، شمشير الحيدري، غالب ملڪاٽي، آثم ناٿن شاهي، محسن ڪڪڙائي، تاجل بيوس، امداد حسيني، تاج بلوچ، وفا ناٿن شاهي، راشد مورائي، انور پيرزادو، بشير سيتائي، جوهر بروهي، سڪندر ”آه“ ۽ عبدالغفار تبسم جي چونڊ شاعري، مختصر تعارف، تصويرون ۽ تفصيلي انٽرويوز شامل آهن.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو سال 2006ع ۾ گنج بخش ڪتاب گهر ڇپيو هو. ٻيو ڇاپو 2018ع ۾ **ڪنول پبليڪيشن، قنبر** پاران ڇاپيو ويو آهي. ٿورائتا آهيون بلوچ صحبت علي صاحب جا جنهن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# فهرست


| شاعر جو نالو ۽ جنم تاريخ | صفحو |
|---|---|
| 1. نشتر ناٿن شاهي (1929) | 15 |
| 2. نواز رڪٽائي {1930-2007} | 25 |
| 3. احمد خان مدهوش (1931-2010} | 39 |
| 4. شمشير الحيدري {1931-2012} | 55 |
| 5. غالب ملڪاڻي {1932-2008} | 73 |
| 6. آٿم ناٿن شاهي {1937-2006} | 83 |
| 7. محسن ڪڪڙائي {1937-2005} | 110 |
| 8. تاجل بيوس {1938-2008} | 119 |
| 9. امداد حسيني (1941) | 133 |
| 10. تاج بلوچ (1942) | 152 |
| 11. وفا ناٿن شاهي {1943-2005} | 164 |
| 12. راشد مورائي (1944-2014} | 177 |
| 13. انور پيرزادو (1945-2007} | 193 |
| 14. بشير سيتائي جنم {1949-2016} | 202 |
| 15. جوهر بروهي (29 جنوري 1950) | 221 |
| 16. سڪندر ”آه“ {1950-2009} | 232 |
| 17. عبدالغفار تبسم {1951} | 244 |
| 18. بلوچ صحبت علي (تعارف) | 257 |

**پهرين ايڊيشن مان**

# پنهنجي پاران

زندگيءَ جي هن مسودي ۾ جڏهن ڪيئي يادون سلهاڙجي وڃن ٿيون، تڏهن وڃي ڪتاب جنم وٺي ٿو. اهو ڪتاب شاعري جو يا وري نثر جو روپ وٺي محبتن جو، دردن جو، ايذائن جو يا وري انيڪ اذيتن جو پبلش ٿئي ٿو. هن ڪتاب پڙهندڙن به اهڙي قسم جي ئي وار تا آهي. جڏهن مون سوچيو سنڌ جي ڏاهن ۽ برک شاعرن جا خالص ادبي انٽرويو ڪجن ۽ ان ڏس ۾ مون سنڌ جي مايناز شاعرن ۽ اديبن سان رابطو ڪيو ته مون کي ڪافي دشوارين تڪليفون ۽ پوڳنائون ڏسڻيون پيون. ڪن ڪن دوستن کي ته مون کي بار بار اهو ياد ڏيارڻو پيو ته توهان جو ادبي انٽرويو ڪرڻو آهي، پر وري به انهن جا اهي سوال اج به منهنجي ذهن ۾ ٻُرن ٿا ته ڪهڙي قسم جو انٽرويو، ڪهڙي اخبار لاءِ، ڪهڙي رسالي لاءِ. وغيره وغيره. ڪن سڄڻن جي انٽرويو ڪرڻ لاءِ ته مون کي سال به لڳي ويا. محض ان ڪري ته اهي مان وارا دوست پنهنجين زندگين جي انيڪ مصروفيتن ۾ مصروف رهيا ۽ ٽائيم نه ڏيئي سگهيا. ڪن کي ته مون کي بار بار ياد ڏيارڻو پيو ته سائين انٽريو لاءِ ڪڏهن ٿا ٽائيم ڏيو.

مون کي ڏاڍي حيرانگي ٿي ته انهن دوستن ۾ هڪ اهڙو ڏاهو ڏات ڌڻي به شامل آهي جنهن جو نالو تاج بلوچ آهي جنهن انٽريو جي سوال نامي وٺڻ کان پوءِ ڪلاڪ کن کان پوءِ فون ڪئي ته صحبت توهان جو انٽرويو تيار آهي کڻي وڃو.

جتي ڪجهه دوستن هن ادبي ڪم جي سلسلي ۾ مايوس ڪيو ته اتي ئي وري گهڻن دوستن مثبت موٽ ڏيئي مون کي اجا به همٿايو. مان نه ئي ڪو وڏو اديب ۽ نه ئي ڪو وڏو شاعر آهيان ۽ نه ئي مون اهڙي قسم جي ڪڏهن لباڙهنئي آهي. مان ادب جي دنيا جو پانڌيئڙو آهيان ۽ اج به طفل

مڪتب آهيان.

مان سڀني معزز اديبن، دوستن، شاعرن جو نهايت ٿورائتو آهيان جن مون کي، سوجھرن جي سفير لاءِ انٽريو ڏئي، مان بخشيو.

جيئن ته هي انٽرويز تي مبني ڪتاب هن سلسلي جي پهرين ڪڙي آهي ۽ هن ڪتاب جي ڀاڱي ٻي لاءِ سنڌ جي نوجوان شاعرن کان انٽرويو ڪرڻ شروع ڪيا آهن.

مون کي نهايت سرهائي ٿي ٿئي ته هتي ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادب جي حوالي سان جيڪي دوست مليا اهي واقعي مخلص ۽ سچا آهن. انهن ۾ پيارو دوست امداد سولنگي، (انهن ڏينهن ۾ سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت ڪراچي) محبتي ماڻهو ڊاڪٽر منصور ملڪ، چندر ڪيسواڻي، رڪيل مورائي، سڪندر ”آه“، ستار پيٽي، نصير سومرو، منور پيٽو، خليل انصاري، عبدالحڪيم جاڪرو ۽ عاقب راڄپر، عرفان عباسي ۽ جان خاصخيلي وغيره. انهن دوستن واقعي دوستي جو ديپ جلايو آهي ۽ مون کي همٿايو آهي. هتي مون کي شيخ اياز جون خوبصورت سٽون ياد ٿيون اچن ۽ عجيب ڪيفيت تاري ٿي ٿي وڃي.

ڏس ته مٿان آڪاش پيو ٿو ڪيڏا ديپ جلائي،
هڪڙو گم ٿئي ٻيو نڪري تارن سان راند رچائي،
تنهن جو ڏيئو غرق ٻڏ ٿي ويو جو جڳ کي جرڪائي،
دل نه سنڌءِ گھبرائي.

تون جي ايندي ميت ته هي سنگيت امر ٿي ويندي،
مون ٻاري جا جوت، انهيءَ جي جيت امر ٿي ويندي،
پر جي ڪاڏم مات، الا او مات،
ته منهنجي لات امر ٿي ويندي.

مان نهايت شڪر گذار آهيان پنهنجي پياري دوست عبدالقيوم قاسماڻي جو جنهن هن ڪتاب جي سينگارڻ ۽ سنوارڻ ۾ پنهنجي وس ۽

وت آهر ڪوشش ڪيون، ان سان گڏ جيڪر مان پنهنجي استاد بشير سيتائي جي شخصيت جو ذڪر نہ ڪيان جنهن هن ڪتاب سوجهرن جا سفير لاءِ هر وقت پنهنجي قيمتي راين سان منهنجي رهنمائي ڪئي، تہ يقينن هي ڪتاب اڻپورو ۽ اڌورو رهجي وڃي ها.

منهنجي هيءَ ڪاوش اوهان دوستن جي اڳيان آهي ان ۾ ڪيتري قدر ڪامياب ويو آهيان، اهو اوهان تي ئي ڇڏيل آهي، مان فقط ايترو ئي چئي سگهان ٿو.

باهہ ٻري آ، مُند چري آ، ٻيجل تند تپاءِ،
سِر جي سئن هٽڻ کان اڳ ۾، پنهنجو ڪنڌ ڪپاءِ،
سمجهي پير وڌائي.
(تاجل بيوس)

______ بلوچ صحبت علي

**نوٽ:**

منهنجي خوبصورت گلن جهڙن دوستن مان ڪجهہ مون کان وڇڙي ويا آهن، انهن ۾ سڪندر ’آہ‘، ستار پٽي، ڊاڪٽر منصور ملڪ اڄ مون سان گڏ نہ آهن پر سندن خوبصورت يادون هميشہ منهنجي دل ۽ دماغ ۾ تازو رهنديون.

ب.ص.ع




ساڄي کان محترم ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، محترمه رخسانه لغاري،
بلوچ صحبت علي ۽ محترم ستار پيتي



ساڄي کان امداد سولنگي، بشير سيتائي، سڪندر 'آه'
بلوچ صحبت علي، عبدالحڪيم جاکرو



ويٺلن ۾: محترم ڊاڪٽر منصور ملڪ، بشير سيتائي ۽ بلوچ صحبت علي
بيٺلن ۾: ابل اداس پير ملڪ وحيد ۽ پيا

**ٻيئن ايڊيشن لاءِ**

آڻـــاگهي ســـفر ۾ هليـــا جيڪـــي ســـاٿي،
ڪـــو روئنـــدو هليـــو ڪـــو کلنـــدو هليـــو.
جتـــان ٻـــي گـــذر ٿـــي ڪيـــو قـــافلي،
اوهـــان جـــوئـــي گهـــر گهـــر هـــو پڇنـــدو هليـــو.
ب.ص.ع

# پنهنجي پاران

”ســوجهرن جا ســفير“ ســال 2006ع ۾ گنج بخش ڪتاب گهر ڇپيو هو. انهن ڏينهن ۾ مان ڪراچيءَ ۾ هوس ۽ اڄ وري 2018ع ۾ مان دادو ۾ وڪالت ڪري رهيو آهيان. هن ڪتاب ۾ ٽوٽل 17 انٽرويوز آهن، جيڪي خالص شــاعرن جا آهن. ۽ انهن ٻلوڙ شــاعر هن ڌرتي جي دامن کي خوبصورت ڪرڻ ۾ پنهنجي رت جو ريج ڏنو آهي. انهن مان ڪافي شاعر اسان کان وڇڙي ويا آهن. جن جون خوبصورت يادون هنن انٽرويوز ۾ شامل آهن. اڄ اســان کان محترم نواز رُڪڻائي، احمد خان ’مدهوش‘، شمشير ’الحيدري‘، غالب ملڪاڻي، آٿر ناٿن شاهي، محسن ڪڪڙائي، تاجل بيوس، وفا ناٿن شــاهي، راشــد مورائي، انور پيرزادو، بشــير ســيتائي ۽ ســڪندر ’آه‘ جســماني طور تہ وڇڙي ويا آهن، پر روحاني طور اڄ بہ اســان سان گڏ آهن ۽ سنڌي ادب جي دنيا ۾ هميشہ جيان جرڪندڙ ۽ چمڪندڙ ستارا رهندا.

هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو هٿوهٿ وڪامجي ويو ۽ ادبي حلقن ۾ ڪتاب کي ڏاڍو ســاراهيو ويو ۽ ڏاڍي موٽ ملي ۽ منهنجي همت افزائي ٿي تہ ڪتاب جو ٻيو ايڊيشــن بہ اچي ۽ اهو اڄ توهان جي هٿن ۾ آهي. هن ڪتاب ۾ ڏاڍا تاريخي انٽرويوز آهن. جن ۾ ادب تي گهرائي ســان ڳالهايو ويو. يقينن هي ڪتــاب ادبي دنيــا جي بهترين ڪتــاب ۾ هڪڙي نن‍ڍڙي

ڪتابڙي جو اضافو ثابت ٿيندو.

مان نهايت شــڪر گذار آهيان اڄ وري هتي دادو ۾ پنهنجن دوســتن، اعجاز سيف پنهور، اعجاز سولنگي، راشد حسين گهلو سپاڳ چند متلاڻي صــاحب، منصــور علي چارڻ (جاني)، راج ڪمار (آغوش لهاڻو)، الله بخش لُنڊ، شـاهزيب گوپانگ، عبدالوليد لنڊ، ابل اداس ٻبر، عبدالمجيد سـولنگي، فقير مظهر حسـين شـاهاڻي، نادر جمالي، تابش بخاري، رجب آزاد، ذوالفقار گاڏهي ۽ عاشق دادوي سان روح رهاڻيون آهن. ۽ آخر ۾ ياءُ علي انور لغاري جو ٿورائتو آهيـان، جنهن انتهـائي محنـت ڪـري، دل ســان ڪتـاب جي ڪمپوزنگ، لي آئوٽ، سيٽنگ ڪري ڪتاب کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا.

مان وري بہ ٿورائتو آهيان سائين محترم وسيم سومري صاحب رابيل پبليڪيشن واري جو، جنهن هن ڪتاب جي خوبصورت ڇپائي ڪري هن کي موهي وڌو.

——— بلوچ صحبت علي

# انٽرويوز

# نشتر ناٿن شاهي



## غزل

موت تو الري اچي اي زندگي،
جبر تو در تي نچي اي زندگي.
جيئن ڦٽڪيون، ڦيٽا ۽ مرهم تا ٿين
سور تو ويتر وڌي اي زندگي.
پيا منجهي واٽهڙو وچ رستي ۾ سڀ،
تاپا سونهون تو ڏئي اي زندگي.
شام دروازي تي دستڪ تي ڏئي،
صبح تو نندون ڪري اي زندگي.
ٿي خزان ڦاهر گلن تي الامان!
وئي بهار آهي لڏي اي زندگي.
ڪنڊڙين شاخن تي باهيون ٻاريون،
آشيانو تو جلي اي زندگي.
محفلن تي منڊڪو چاڙهي ويو،
ساز تو ٻاڙو وڄي اي زندگي.

پير ۾ هٿ جي ٻجهن پرواهہ ناهي،
دل جي ڌڙڪن تي ٻجهي اي زندگي.
سور جي هڪڙو هجي، دارون ڪجي،
هڪ وجي ٻيو ٿو اچي اي زندگي.
همٿن جي پرڪ گيدي ڪن پيا،
سون ٿو لوهر ڪٽي اي زندگي.
ڏوهہ ڪهڙو ڏيون فقيرن جي مٿان،
دان داتا ٿو گهري اي زندگي.
هڏ ٻلالي پيڙ جي گهاڻي ۾ پيو،
ڏوهہ ٿو منهنجو ڏڪي اي زندگي.
دل جي ڌڙڪن کي جو ٿو قابو ڪيان،
تانگهہ تي ٻڙڇيون هڻي اي زندگي.
موت کي پئي موت، جو اڄ موٽ آ،
تنهنجو ”نشتر“ ڇا ڪري اي زندگي.

# BRIEF INTRODUCTION

# نشتر ناٿن شاهي

| | |
|---|---|
| پورو نالو: | غازي خان لغاري |
| ادبي نالو: | نشتر ناٿن شاهي |
| ولديت: | بالو خان لغاري |
| جنم تاريخ: | 15 مارچ 1929ع |
| جنم هنڌ: | وليج گهارو، تعلقو خيرپورناٿن شاهه، ضلعو دادو، 1948ع کان بحيثيت شاعر ۽ اديب. |
| تعليم: | M.A (سنڌي) |
| پيشو: | رٽائرڊ استاد |
| رڪنيت: | بزم طالب المولا خيرپورناٿن شاهه ۽ جميعت الشعرا سنڌ جو جنرل سيڪريٽري |
| اڻڇپيل ڪتاب: | گهڻي تعداد ۾ (يعني تقريبن 10/12 ڪتابن جيتري شاعري، هر صنف تي طبع آزمائي ٿيل) |
| موجوده پتو: | قاضي پاڙو خيرپورناٿن شاهه، ضلعو دادو، سنڌ |

**سوال:** نشتر صاحب! ادب سان عشق جي ابتدا ڪيئن ٿي؟

**جواب:** اهو 1940ع جو خوبصورت سال هو. مان تڏهن جواني جي سرحدن ۾ پير پائي چڪو هئس، جواني جا ڏينهن ڏاڍا خوبصورت ۽ رنگين هئا. نئين جواني هئي، نئون عشق هو ۽ رت هو. عشق جي نانگ تي پير پئجي ويو ۽ مان ڏنگجي پيس. حساس طبع سبب ادب ڏانهن لاڙو ٿيو.

**سوال:** توهان شاعر ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪنهن کان متاثر ٿي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي؟

**جواب:** لطف علي چانديو اسان جي پاڙي ۾ رهندو هو. هو ڏاڍو ذهين سگهڙ هو ۽ مان سندس فن ۽ فڪر کان ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ هو ئي اهو شخص هو جنهن مون کي شاعري ڏي رجحان ڏياريو. جڏهن ته مون فني سکيا ان وقت جي عالم، اديب شاعر، مولوي عبدالله ”اثر“ لاڙڪاڻوي کان ورتي جيڪو غزل جو بهترين شاعر تسليم ڪيو ويندو هو ۽ 1948ع کان هڪ پختي شاعر ۽ اديب جي حيثيت ۾ سڃاڻجڻ لڳس.

**سوال:** اوهان ڪهڙي صنف ۾ گهڻو لکيو آهي؟

**جواب:** جيئن ته منهنجو عشق شروع کان ئي غزل لکڻ سان رهيو. ان ڪري غزل ئي منهنجي پسنديده صنف آهي، ڇو ته غزل ۾ ئي ماڻهو پنهنجي جذبن جو ڀرپور نموني سان کُلي اظهار ڪري سگهي ٿو. غزل منهنجي جان ۽ آن آهي.

**سوال:** شاعري کي اوهان ڇا سمجهندا آهيو؟

**جواب:** ادا شاعري زندگي جو عڪس آهي، جيڪڏهن انسان کي انسانن سان پريم، پيار جي دعوائ کي صحيح ۽ سچو ڪرڻو آهي ته علم ۽ ادب سان هن کي لڳاءُ رکڻو پوندو، ڇو ته ادب زندگي آهي. شاعري ته اسان جي روح جي رڄ آهي.

**سوال:** جيئن ته اوهان غزل جي هڪ تاريخ آهيو ۽ غزل جي ميدان کي وسيع بنائڻ ۽ غزل جي ارتقا ۾ اوهان جو وڏو هٿ آهي. اوهان ٻڌايو ته غزل ڪهڙن تاريخي مرحلن مان گذريو آهي ۽ ان کي مقبول صنف بنائڻ ۾ اوهان جو ڪهڙيون ڪوششون رهيون آهن؟

**جواب:** بلوچ صاحب، جيئن ته غزل جي باري ۾ مون اڳ ۾ ٻڌايو آهي ته منهنجي سڃاڻپ ئي غزل آهي، غزل جي صنف جيئن ته ايران کان ٿيندي اسان جي سنڌ تائين پهتي.

انهن ڏينهن ۾ جمعيت الشعراءِ پنهنجي جوين ۾ هئي غزل کي اپارڻ ۽ ان جي اوسر لاءِ طرحون ڏنيون وينديون هيون. طرحي مشاعره ڪرايا ويندا هئا. اهوئي سبب آهي جو اسان جو پيدا ڪيل ماحول اڄ به غزل تي حاوي آهي ۽ اسان غزل کي عام ماڻهن تائين پهچايو. ادبي مشاعرن ۾ غزل جي اوليت ۽ افاديت تي ڳالهايو ويندو هو. اهڙا مشاعرا ۽ ادبي محفلون غزل جي

شاعرن لاءِ تربيت گاهون هيون. غزل جي اصلاح ۾ ان تي ڇنڊ ڇاڻ ڪري شاعر کي اڃا بہ غزل سان پيار لاءِ اتساهيو ويو هو.

اسان وٽ گڏيل مشاعرا ٿيندا هئا، جن ۾ اردو، سنڌي، بلوچي زبان جا شاعر حصو وٺندا هئا، انهن ۾ استاد شاعر بہ نظر ايندا هئا، جيڪي غزل تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڳالهائي غزل جي اهميت ۽ افاديت بيان ڪندا هئا، اڄ جيڪڏهن ڪو نوجوان يا ڪو سينيئر اديب غزل تي رڳو لکي ٿو تہ مان چوندس تہ اها جمعيت الشعراء جي ئي پليٽ فارم تان سڀ ڪجهہ ممڪن ٿيو. ۽ اهوئي سبب آهي جو جمعيت الشعراءُ سنڌي غزل جي اوسر ۾ اهم ۽ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو.

**سوال:** اوهان سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

**جواب:** ادبي ڪيتر ۾ سنگت پنهنجي جاءِ تي سٺو ڪم ڪري ٿي. پر جيئن تہ ادبي سنگت هينئر ڪن گروهن جي ور چڙهيل آهي. جيڪي هڪ هٽي ڪيو ويٺا آهن، سنڌي اديب ۽ ادب جي ڪابہ سار نٿا لهن، بس نالي ۾ پورا آهن. تنهن ڪري اسان جي ادبي ڪيتر جي انهن دوستن کي اپيل ٿي ڪجي تہ خدارا! اهڙي خول مان نڪري اچو. سنڌي ادب جي خدمت انهي ۾ ناهي تہ اوهان فقط پنهنجي پذيرائي ڪيو ۽ ٻي ڪنهن اهڙي غريب شاعر تي اوهان جي اک ئي نہ ٻڏي. جنهن پنهنجي سڄي زندگي ادبي خدمتن ۾ ڏينهن رات هڪ ڪري بسر ڪري ڇڏي هجي.

اسان وٽ جڏهن بہ دوست آيا آهن تہ اسان تہ هر وقت تعاون لاءِ تيار هوندا آهيون، جيڪي بہ فرمائيندا آهن قبول ڪندا آهيون.

**سوال:** اوهان جي دور جي ادبي محفلن ۽ هاڻوڪي دور جي ادبي محفلن ۾ اوهان کي ڪهڙو فرق نمايان ٿو نظر اچي؟

**جواب:** اسان جي دور جي ادبي محفلن جي ڳالهہ ڪيان تہ جڏهن مشاعرو شروع ٿيندو هو تہ پنڊال ۾ خاموشي ڇانئجي ويندي هئي. هر شاعر کي غور ۽ توجهہ سان ٻڌو ويندو هو ۽ دل کولي داد ڏنو ويندو هو. پر افسوس! مون کي معاف ڪجو تہ اڄ ائين ناهي، اڄ جي محفلن ۾ بيجا تنقيد ڪئي ٿي وڃي. جنهن کي مهمان ڪري آندو ٿو وڃي، ان جو ئي پٽڪو لاٿو وڃي

ٿو. داد ڏيڻ تہ شاعر کي پري جي ڳالهہ ٿي، مورڳو ئي ان تي گند اڇليو ٿو وڃي، هوٽنگ ڪري، هوڪرا، ڪوڪون ڪري محفل جي ماحول کي بي مزو ٿو ڪيو وڃي. اڄ جي ادبي محفل اسان جي دور جي ادبي محفل کان ڪنهن بہ صورت ۾ بهتر ناهي. ادب جي آڙ ۾ بي ادبي وارو ماحول آهي. ڇڇورائپ آهي. بزرگ اديبن کي انهن جي ادبي پورهئي جي مڃتا تہ نہ ٿا ڏين پر الٽو انهن جي توهين ڪن ٿا. دل آزاري ڪن ٿا. معاف ڪجو منهنجو لهجو شڪايتي ٿيندو ٿو وڃي، پر صحبت صاحب اها حقيقت آهي.

**سوال:** نشتر صاحب جيئن تہ غزل اسان وٽ تمام گهٽ لکيو ويو آهي ۽ لکجندو رهي ٿو. پر ان سان نياءُ تمام گهٽ شاعرن ڪيو آهي، اوهان جي نظر ۾ غزل سان سنو نياءُ ڪرڻ وارا ڪهڙا شاعر آهن، ڇا انهن جا ڪي نالا ٻڌائي سگهو ٿا ؟

**جواب:** سائين منهنجا، اها ڳالهہ بلڪل درست آهي تہ اسان جو شاعر غزل جي ڪري مشهور ٿيو آهي، ڇو تہ هو غزل گهٽ ٿو لکي، ان ۾ سينئر اديب هجي يا اوهان جي نوجوان ٿهي جو ڪو شاعر هجي.

جيئن تہ اڳ جي شاعرن جي کيپ ۾، شيخ اياز، حاجي محمود، خادم، مولوي عبدالله اثر لاڙڪاڻوي، عبدالله عبد "خواب"، اظهر گيلاني، عبد عاقلي، مظفر حسين جوش هي اهي شاعر هئا جن تمام سنو غزل لکيو. جيڪو اڄ بہ اسان جي دلين تي حڪمراني ٿو ڪري. موجوده دور ۾ وري، نثار بزمي، مقصود گل، وفا ناٿن شاهي، محسن ڪڪڙائي، سنڌي غزل جي سچاٽپ آهن، اصل ۾ غزل جي صنف کي جنهن توجهہ، جنهن گهرجن جي ضرورت هئي، سا هن کي موجوده وقت جي شاعرڪان نہ ملي سگهي آهي حالانڪ غزل جي عظمت هينئر بہ عروج تي پهتل آهي، پر اها عظمت بہ پراڻن شاعرن جي صحبت ۾ رهي نون شاعرن برقرار رکي آهي.

**سوال:** اوهان اهو ٻڌايو تہ اوهان ڪهڙن ادبي شخصيتن کان متاثر آهيو؟

**جواب:** سائين، مان جن دوستن کان متاثر آهيان، انهن ۾، عبدالله اثر، علي محمد مجروح، سرشار عقيلي، عبدالڪريم گدائي، طالب المولي،

عبد عاقلي، زيب عاقلي، حاجي محمود خادم، گل حسن گل، جمع خان غريب، ضياءُ الدين بلبل، حافظ محمد احسن چنا، حاجن شاهہ هم وطن سيتائي، غلام محمد گرامي، اظهر گيلاني، عطا در حامي، شيخ اياز نياز همايوني، امداد حسيني، شمشير حيدري، استاد بخاري، محسن ڪڪڙائي، آٿم ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، اسان انهن دوستن کان، انهن جي لکڻين کان، انهن جي روين ۽ محبتن کان متاثر ٿياسين، ڇو تہ اهو هر دوست، اديب عزت ۽ محبت جي لائق آهي، جيڪو هن ڌرتي لاءِ ڪم ڪري ٿو. جيڪو هن ديس لاءِ لکي ٿو، ادب جي افاديت سمجهي ٿو ۽ ان جي مقصد سان سچو آهي.

**سوال:** موجوده دور ۾ اوهان جمعيت الشعراء جا سيڪريٽري بہ آهيو، اوهان اهو ٻڌايو تہ جمعيت الشعراء تنظيم جا ٽڏي ٽي وڃڻ جا ڪهڙا سبب آهن. جيئن تہ جمعيت الشعراء سنڌ ۾ اوهان جون ادبي خدمتون ماضي ۾ نمايان رهيون آهن. سنڌ جي نالي واري ادبي جماعت موجوده وقت بنهہ خاموش آهي ۽ ان جا ڪهڙا اسباب آهن، اوهان وٽ ڪي تجويزون آهن، هن تنظيم کي وري نئين سر جاڳائڻ لاءِ؟

**جواب:** ادا سائين، جمعيت الشعراء هينئر جتي پهتي آهي. ان جا ڪي خاص سبب تہ ڪونهن پر حقيقت کان منهن موڙڻ بہ منافقي ڇئبي سچ تہ اهو آهي تہ اسان جي اديب ۾ جڏهن انائيت جا خچگا عنصر داخل ٿي ويا ۽ هو پاڻ کي جڏهن افلاطون سمجهڻ لڳو ۽ هڪ ٻئي تي تنقيد ڪرڻ سا بہ ٻي جا، انهن نتيجن جي ڪري ئي اهي ادبي سرگرميون گهٽجنديون ويون، چنڊا پٽ وڌي وئي. ۽ هڪٻئي لاءِ عزت ۽ احترام گهٽجي ويا، جڏهن اديب ادب سان پيار ڪرڻ وارا ئي ادب جو دامن ڇڏي ڏين تہ باقي ڇا بچيو. ا سان پوءِ پيلا قوم کي ڪهڙو پيغام ڏئي سگهون ٿا. سو باهمي رسا ڪشين سبب جمعيت الشعراء کي وڏو ڌڪ پهتو.

مون تنظيم جي سلسلي ۾ تنظيم جي صدر اظهر گيلاني صاحب سان ملاقات ڪئي، ۽ ڪيترائي ڀيرا لکپڙهہ بہ ڪئي. پروري بہ جڏهن سرد مهري جو سلسلو ساڳيو ئي رهيو تہ مون اهو بہ چيو تہ مون کان ا ستيفعيٰ وٺو. اهڙي صورتحال ۾ مان ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ناهيان، مان ان کي فعال بنائڻ لاءِ رڙيون

ڪندو رهيس. پر ڪوبہ ڪڙتيل نہ نڪتو. باقي تنظيم کي وري فعال بنائڻ لاءِ ڪيترائي پروپوزل ضرور آهن، پر ان تي جيسين عمل نہ ٿيندو تيسين خالي حوال ڪٿڻ مان ڪجهہ بہ نہ ورندو. پراڻا اديب ڪناره ڪش ٿي ويا آهن، نوان جمعيت جي نالي کان ڇرڪن ٿا.

**سوال:** توهان جيئن تہ عروض جي سٽي ڄاڻ رکو ٿا ۽ عروض تي شاعري ڪيو ٿا ان ڪري علم عروض جي اهميت تي ٿوري روشني وجهو؟

**جواب:** عروض نہ هجي تہ توهان جي شاعري جا پير ئي نہ بيهن ها ۽ نڪا اڇي هيئت ڦهڪو ڪري ها، علم عروض ئي تہ آهي جنهن جي ڪري اسان جي شاعري دائم ۽ قائم آهي، جيڪڏهن اهو فن ۽ علم اسان پنهنجي نئين نسل کي نہ اريپندا سين تہ واقعي مستقبل ۾ اسان جي ادب جي ڪابہ تاريخ نہ رهندي، عروض جي اهميت توهان کي اياز جي غزل ۾ ڏسڻ ۾ ايندي. تنوير جي غزل ۾، امداد حسيني جي شاعري ۾ بہ. جنهن بہ عروض جي پيروي ڪئي آهي. اڇو تہ نہ صرف پنهنجي نئين ٿهي کي پيغام ڏيون تہ اهي خيال سان گڏ فن ۽ فڪر بہ سکن ۽شاعري کي شاعري سمجهي ڪن.

**سوال:** ڇا توهان نثري نظم کي شاعري ۾ جاءِ ڏيو ٿا؟

**جواب:** ادا، هاڻي هڪڙي ڳالهہ تہ واضح آ تہ نثر الڳ شيءِ آهي ۽ نظم ٻي ڳالهہ آهي، نثر ۾ نہ ڪو وزن آ، نہ ئي بحر آ، جڏهن تہ وري نظم ۾ وزن بہ آ، تہ بحر بہ آهي، تہ قافيو ۽ رديف بہ. ان ڪري منهنجي خيال ۾ تہ شاعري اها آهي، جيڪا ڳائي سگهجي ۽ ان موجب نثر کي تہ نٿو ڳائي سگهجي.

**سوال:** سائين هينئر تہ نثري نظم بہ ڳائجي پيو ٿو ۽ ان سلسلي ۾ ڪجهہ شاعرن جو نثري نظم پڻ ڳايو ويو آهي؟

**جواب:** ان سلسلي ۾ مون کي ڪابہ خبر ناهي، پر جيڪڏهن اڄ جو نوجوان ڀرپور نثري نظم لکي ٿو ۽ هن وٽ خيال بہ سٺا آهن ۽ هو پنهنجي فڪر جي گهرائي سان لکي ٿو تہ پوءِ پيلي ان ۾ ڪٿي ڪو نندو شاعر هجي يا ڪو وڏو، مون لاءِ تہ هر شاعر اکين جو نور آ. پر نثري نظم ڳائڻ جي شي ناهي، ائين تہ هر نثري ٽڪرو سُر سان پڙهي سگهجي ٿو.

**سوال:** تنقيد ڇا آهي ۽ تنقيد جو معيار ڇا هئڻ گهرجي؟

**جواب:** تنقيد چنڊ ڇاڻ آهي، غور و فڪر آهي، ڪنهن جي تخليق کي پروڙڻ آهي، اسان وٽ سٺا نقاد آهن، بشرطيڪ اهي اڪين تان تعصب جي عينڪ لاهي تنقيد ڪن، پر اسان وٽ تنقيد جو مطلب تہ ڪنهن جو پٽڪو لاهڻ آهي، نہ تنقيد برائي اصلاح هوندي آهي.

عرض تہ تنقيد جا ٻہ قسم آهن.

1. تنقيد براءِ تنقيد:

هن تنقيد جي قسم کي تنقيد جي زمري ۾ نٿو آڻي سگهجي.

2. تنقيد براءِ اصلاح:

اصل شيءِ اها ئي آهي تہ تنقيد ڪرڻ وقت نقاد ذاتي ڳالهين کان هٽي ڪري، تخليقار جي فن ۽ فڪر تي ڇنڊڇاڻ ڪري، پر اسان وٽ تہ ان جي ابتڙ آهي، اهي نقاد هينئر آهن ئي ڪونہ. جيڪي آهن اهي دوستيون نڀائي رهيا آهن ۽ هوندن بہ جنهن تي تنقيد براءِ اصلاح ٿئي ٿي تہ ان کي صبر ڪرڻ گهرجي، ڪاوڙ ۽ رنج ڪين نہ نٿو سونهين.

**سوال:** اوهان جي شاعري ۾ فارسي جو اثر گهڻو رهيو آهي، اڄ بہ اوهان جي غزل ۾ فارسي جي جهلڪ ڪافي حد تائين نظر اچي ٿي، جڏهن تہ اڄ جو سنڌي غزل هينئر فارسي اثر کان مڪمل طور الڳ ۽ آزاد ٿي چڪو آهي؟

**جواب:** ائين ناهي، فارسي ٻولي جو وڏو پيرڊ آهي، اسان جي تاريخ ۾ فارسي ٻولي اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، جيئن تہ اسان جو ان دور جي فارسي اديبن سان، جنهن جي غزل ۾ فارسي جو رنگ هو ويجهڙائپ رهي آهي، ان ڪري ظاهر آهي، ڪٿي ڪٿي ڪا هلڪي جهلڪ نظر بہ ايندي هوندي، پر مان تہ پوري ڪوشش ڪندو رهيو آهيان تہ پنهنجي غزل کي فارسي رنگ کان آزاد ڪيان، مان فارسي ٻولي جو ڪو عالم تہ ناهيان، پر تنهن هوندي بہ اهڙن دوستن جي صحبت ۾ رهندو آيو آهيان، جيڪي فارسي جا معلم آهن. انهن ۾ ڪي اهڙا فارسي جا عالم آهن، جنجي سنڌي شاعري ۾ تر جيتري بہ فارسي ٻولي جو دخل ناهي، بشير سيتائي جيڪو فارسي ٻولي جي چڱي ڄاڻ رکي ٿو مان ڪڏهن ڪڏهن فارسي لفظن ۾ اصطلاحن ۾ ۽

گرامر ۾ منجھندو آهيان تہ بشير صاحب کان پڇي وٺندو آهيان. باقي فارسي جو اثر هيئنر منهنجي شاعري ۾ تمام گهٽ آهي.

**سوال:** اوهان جي ڪا خواهش ڪا تمنا؟

**جواب:** سائين، مان ڀهراڙي جو هڪ سادڙو ماڻهو آهيان منهنجون ڪهڙيون خواهشون ٿي سگهن ٿيون، بس هيئنر تہ زندگي کي ماٽي چڪا آهيون، ٻہ ٿي شاديون ٿيل آهن، ٻار ٻچا بہ پنهنجن ٻارن ٻچن وارا ٿي ويا آهن سڀ خواب حسرتون بس تڪيمل تي پهچي چڪيون آهن. پوءِ بہ پنهنجي هڪڙي ننڍڙي خواهش آهي تہ پنهنجي ئي حياتي ۾ پنهنجي شاعري جا مجموعا ڇپيل ڏسڻ چاهيان ٿو منهنجي زندگي جو ا ثاثو منهنجي شاعري آهي، اها بچي وئي تہ جڻ مان بچي ويندس. ان سلسلي ۾ ڪو ادارو يا ڪو دوست خلوص سان سهڪار ڪري تہ ان جو ٿورائتو رهندس، باقي ڪنهن جي اڳيان ڪشڪول ڪونہ ڪڻندس. ڇو تہ خوددار رهيو آهيان.

**سوال:** ديس واسين لاءِ ڪو پيغام؟

**جواب:** اڇو تہ سنڌي ادب کي سگهارون بنايون، سنڌي اخبارون ۽ رسالا خريد ڪري پنهنجي ادب کي رچ "Rich" بنايون، ان ۾ ئي اسان جي بقا آهي.

# نواز رڪٽائي



## غزل

ڪل تنهنجا پرين ٿهڪ لڙيل رات کي روڪيندا،
جهٽ پٽ نہ ٿيڻ ڏيندا پريات کي روڪيندا.

هٿ جوڙي ستارن کي ستايان ٿو تہ ترسن،
هي ٿيڙو ڪتيون، باک جي ڪجھہ بات کي روڪيندا.

ٿي صاف ويو اُپ آ هئين چنڊ پڙي آهي،
هي واءُ ڏکڻ جا گُهلي برسات کي روڪيندا.

چانڊاڻ ۾ سرهاڻ ڏئڻ آيون مبارڪ،
ٻيا ڪير آهن، پنهنجي ملاقات کي روڪيندا.

مون پيار جي پڪ ساڻ لکيا گيت ڳلن تي،
ڇا؟ ڏاڍ ڪندڙ منهنجي انهيءَ ذات کي روڪيندا.

هي پردا حجابن جا هٽايو، کِلو خوش ٿيو،
ڇا پردا اهي سونهن جي سوغات کي روڪيندا.

سَسُئي جي سچي سڪ کي سچي شهر هو روڪيو؟.
تڪڙن جي پلا ڪير طلب تات کي روڪيندا.

اڄ ڪيڏي نہ توتي ٿي نوازش او ”نواز“ آ،
احسان اهي اجڙيل حالات کي روڪيندا.

# BRIEF INTRODUCTION

# نواز رڪٽائي

(1930-2007)

| | |
|---|---|
| پورو نالو: | الهه نواز |
| ادبي نالو: | نواز رڪٽائي |
| ولديت: | محمد عرس |
| جنم تاريخ: | 10 جون 1930ع |
| وفات: | 13 فيبروري 2007ع |
| جنم هنڌ: | ڳوٺ رڪڻ، تعلقو دادو |
| تعليم: | اديب فاضل سنڌي |
| نوڪري: | پرائمري استاد 1948 کان 1982ع تائين |
| ڇپيل ڪتاب: | 1. ڇليون منڇر ڇوليون (شاعري)<br>2. نيڻ نه ننڊون ڪن.<br>3. دادو سنڌ جي دل دادو جي باري ۾ تاريخ |
| اڻڇپيل ڪتاب: | 1. ڪوپو ڪلاچيءَ جو (بيت ۽ وايون)<br>2. ٽِڙو (هڪ سئو صفحن جو ڪتاب)<br>3. بيت (جنهن ۾ چار سر آهن. سسئي، مارئي، سورٺ ۽ سهڻي)<br>4. مهراڻ جي ٻولي سنڌي لينگويج اٿارٽي پاران (نثر)<br>5. دريائي جيوت (نثر)<br>6. شاهه جا ست دريائي سر (جنهن ۾ پاڻي جو ذڪر ڪيل آهي) |

7. مون ۾ آهين تون. (ڪهاڻيون ۽ افسانا)

**سوال:** اوهان ادب ۾ ڪڏهن ۽ ڪيئن پير پاتو؟

**جواب:** جڏهن مان پرائمري درجي چوٿين ۾ پڙهندو هوس، تڏهن کان ئي منهنجو لاڙو، سر سنگيت ڏي ٿيو. ان ڪري منهنجي شروعاتي شاعري ڪافين ۽ ڪلامن جي طرزن تي لکيل هئي، ان ڪانپوءِ سال 1944ع کان وٺندي 1951ع تائين مون ڇندوديا جي شاعري ڪئي، ۽ 1951ع کان باقائدي علم عروض مطابق لکڻ شروع ڪيو.

**سوال:** اوهان ڪنهن کان متاثر ٿي شاعري لکڻ شروع ڪئي؟

**جواب:** مون سر سنگيت کان متاثر ٿي شاعري شروع ڪئي. منهنجي شروعاتي شاعري ۾ ڪافي ۽ بيت جو انگ گهڻو آهي. پر جڏهن کان مون لطيف کي پڙهڻ شروع ڪيو تڏهن کان مون لطيف جي واين جي نموني لکڻ جو طريقو اپنايو. اهڙي ريت مان شاهه جي شاعري کان ئي متاثر ٿيس ڇو ته انهن ڏينهن ۾ اسان جي ڳوٺ ۾ ڪو ادبي رسالو يا ڪا اخبار وغيره نه ايندي هئي، ان ڪري مون کي ادبي ڪتاب پڙهڻ لاءِ نه مليا.

**سوال:** اوهان شاعري جي سکيا ڪنهن کان ورتي؟

**جواب:** مون شاعري جي سکيا محترم محمد احسن چنه جن کان ورتي ۽ اهوئي منهنجو ادب ۾ استاد هو. ڇو ته حافظ صاحب عروض جو، پنهنجي دور جي شاعرن ۾ پختو شاعر هو. هن وٽ ڪيئي شاعر اصلاح لاءِ ايندا هئا. انهن ۾ سندس همعصر "محمد خان غني" به هو. جيڪو ان دور جو مشهور شاعر هو. حافظ صاحب جا درسي ڪتابن ۾ شعر ڇپيل هوندا هئا. حافظ صاحب جا ڪيئي مشهور شاگرد پڻ ٿي گذريا ۽ انهن ۾ وري "احمد خان آصف مصراڻي" نالي وارو شاگرد ثابت ٿيو. حافظ صاحب نرم مزاج جو مالڪ هو ان ڪري ڪنهن سان به ڇڙي نه ڳالهائيندو هو.

**سوال:** اوهان جنهن دور ۾ ادبي دنيا ۾ پير پاتو، ان دور جو ماحول ۽ ادبي محفلن جي عڪاسي ڪرڻ فرمائيندو؟

**جواب:** مشاعرن ۾ شامل ٿيندي مون کي 50 سال ٿي ويا آهن، مون عروضي شاعري جي شروعات 1951ع کان ڪئي آهي. انهن ڏينهن ۾ "انجمن آفتاب ادب" دادو جا مشاعره ماهوار ٿيندا هئا. ان کان پوءِ 1952ع

۾ پير رکيل ريلائي ۾ ”بزم طالب المولىٰ“ جو بنياد پيو. جنهن شاخ جو صدر پير علي محمد ”اظهر“ ريلائي هو ۽ جڏهن تہ ان جو سيڪريٽري احمد خان آصف مصراڻي هو. ڪڏهن ڪڏهن پاڻ ۾ بہ مشاعره ٿيندا هئا. 52۔ 1951ع جو عرصو مون منياڻي ٽريننگ ڪاليج ۾ گذاريو ۽ اتي ئي 1951ع ۾ ”بزم ادب“ جو بنياد وڌو سين. جنهن جو پهريون سيڪريٽري ا ستاد بخاري هو ۽ 1952ع ۾ آءُ بہ سيڪريٽري ٿيس, ان وقت اسان جي تر جا ماڻهو يعني دادو ضلعي جا شاعر, جهڙوڪ لونگ خان لائق, بشير سيتائي, نشتر ناٿن شاهي, محمد عابد ابڙو, محمد حنيف ڪابورو, استاد بخاري, محسن ڪڪڙائي, وفا ناٿن شاهي وغيره مشاعري ۾ حصو وٺندا هئا.

ان کان پوءِ سال 1953ع ۾ اسان جي ڳوٺ پيربخش ميربحر ۾ (جيڪو دادو ڪئنال پرسان آهي) بزم طالب المولىٰ شاخ جو بنياد وڌو. انهن بزمن جا ماهوار مشاعره ٿيندا هئا. هر ٽئين مهيني وڏو ميڙاڪو ڪوٺائيندا هئاسين جنهن کي ڪانفرنس جهڙي حيثيت حاصل هوندي هئي. جنهن ۾ دادو شهر جا تقريبن سيئي ناليوارا شاعر بهرو وٺندا هئا.

سيتا روڊ مان پيرل پرديسي, عبدالرئوف پليپوٽو ۽ لونگ خان لائق سيتائي, ايندا هئا. مرحوم جمع خان غريب ”اديب سنڌ“ جي نالي سان ادبي رسالو ڪيندو هو ۽ ان سان گڏ طالب المولىٰ رسالو بہ ڪيندو هو. جمع خان غريب جو ڳوٺ مريد خان لاڪير هو. سيتا کان جڏهن وجي پيو تہ مون کي احمد خان آصف مصراڻي ٻڌايو تہ, ”اهو شخص جمع خان غريب پيو وڃي جيڪو وڏو شاعر آهي.“ سندس مشهور ڪتاب ”رسومات تباهي“ بهترين ڪتاب آهي. اسان کي اهڙي قسم جا سٺا ڪتاب لائبريرين ۾ بہ ملي ويندا هئا پر هاڻي بدقسمتي سان لائبريرين ۾ اهڙا ڪتاب ڳولهي بہ نہ ٿا ملن. سندس پٽ جو نالو رسول بخش دوست هو, جيڪو پاڻ بہ مشاعرن ۾ شريڪ ٿيندو رهندو هو ۽ منهنجو همعصر هو. اهي ماڻهو واقعي ئي تاريخ هئا. جمع خان غريب هن خطي جي ادبي تاريخ هو. اهڙي ريت لاڙ ۾ وري مولوي احمد ملاح جو نالو ڪنيو ويندو آهي.

انهن مشاعرن ۾ امام الدين ضامن بہ شرڪت ڪندو هو. پاڻ مزاح لکندو هو. هو اصل ڳوٺ لونگ تنيو جو رهواسي هو ۽ تنوير عباسي صاحب

جو ســنگ ۾ نانو هو. پوســت آفيس داودءَ جو ڏپالي هو. اســان جي انهن مشاعرن جو خرچ فقط 25 روپيه هوندو هو. جيڪو هو پاڻ ڀريندو هو.

**سوال:** شـروعاتي ادبي ماحول دوران توهان ڪهڙي ادبي شـخصـيتن کان متاثر ٿيو؟

**جواب:** جيئن تہ مون اڳ ۾ بہ عرض ڪيو آهي تہ مان پنهنجي ادبي مـاحول ۾ جن مـاڻهن کـان متـاثر ٿيس، انهن ۾ محترم حـافظ احســن چنـہ صـاحب، احمد خان آصـف مصـراڻي ۽ سـائين طالب المولىٰ کان وڌيڪ متاثر ٿيس، مون انهن صـاحبن جي شـاعري جو مطالعو ڪيو. انهن ڏينهن ۾ اڪثر ڪري طرح تي گهڻو غزل لکيو ويندو هو. جنهن ۾ 10 سـيڪڙو کن نظم بہ شامل هئا.

**ســوال:** ادبي دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ ادبي دوســتن اوهان کي همٿايو يا مايوسي ڏانهن ڌڪيو؟

**جواب:** اســان جي ادبي شــروعاتي دور ۾ اڪثر ڪري نوجوان اڀرندڙ شـاعرن کي، سينئر شـاعر همٿائيندا هئا ۽ Guide ڪندا هئا. اسـان جي نيڪ نيتي سـان اصـلاح بہ ڪندا هئا. جتي تنقيد جي ضـرورت محسـوس ڪندا هئا تہ اتي تنقيد براءِ اصلاح بہ ڪندا هئا.

**سوال:** دادو ۾ ڪو اهڙو تاريخي سنڌي اردو مشاعرو جنهن ۾ اوهان بہ شرڪت ڪئي هجي؟

**جواب:** اهو 1952ع جو سال آهي، جنهن ۾ هڪ سنڌي اردو مشاعرو دادو ۾ ئي ڪرايو ويو هو. جنهن جي صــدارت هري دلگير صــاحب ڪئي هئي. جنهن ۾ ڪراچي کان ڪهي آيل مهمانن ۾ محســن ڀوپالي صــاحب، بهزاد لکنوي بہ شامل هئا. انهن ۾ اسان جي محترم سنڌي معزز شاعرن جا نالا، جهڙوڪ حافظ محمد احســن چنہ، استاد بخاري، لونگ خان لائق، عابد ابڙو ۽ نشـتر ناٿن شـاهي بہ اچي وڃن ٿا جيڪي ان مشـاعري ۾ موجود هئا. ان وقت جڏهن مان شعر پڙهي پورو ڪيو تہ هري صاحب پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي مون کي ڀاڪر پائي همٿايو هو.

**سوال:** اهو ڪهڙو شعر هو؟

**جواب:**

سمايل خنجر قاتل ۾ ڪا بجلي هئي شايد،
جو هر قطر لهو بنجي پيو آتش فشان منهنجو
جلائين ڪنهن جي گهر کي ٿو ڦٽائين ڪنهن جي گهر کي ٿو
مڪان هي پيو سنڌءِ آهي، جو سمجهين ٿو مڪان منهنجو.

انهن ڏينهن ۾ ڏاڍا سٺا مشاعره ٿيندا هئا. خاص ڪري ميهڙ مشاعرن جو مرڪز هوندو هو. پر لاڙڪاڻي ۾ به مشاعره عام جام هوندا هئا. محبت هوندي هئي. ماڻهن ۾ شوق هوندو هو. ۽ ڪم ڪرڻ جو جذبو هوندو هو. ڏاڍو مزو ايندو هو. پر افسوس هاڻي ائين نه آهي. اڄ جو ماحول ان ماحول جي ابتڙ آهي.

**سوال:** شروعاتي ادبي دور ۾ اوهان جو ڪلام ان وقت جي ڪهڙي ادبي رسالن ۾ ڇپيو؟

**جواب:** منهنجو سڀ کان اول ڪلام ان وقت جي هڪ اخبار "المرتضيٰ" ۾ ڇپيو جنهن جو ايڊيٽر محترم مرتضيٰ هو. اهو سال 1948ع آهي ۽ ان وقت مون کي عروض جي بنهه خبر به ڪانه هئي. ان کان علاوه منهنجو ڪلام ماهوار "عام راءِ"، (جيڪو ڪراچي مان نڪرندو هو). "نئين زندگي"، "فردوس حال"، "هالا" ۽ "اسان جي منزل" جيڪو دادو مان نڪرندو هو ۽ ان جي هڪ ساليانی نمبر ۾ پهريون انعام "استاد بخاري" کي مليو هو ۽ ٻيو نمبر مون کي ۽ ٽيون نمبر محترم نياز همايوني صاحب کي مليو هو.

**سوال:** اوهان استاد به رهيو ان ڪري اوهان ماضي جي نظام تعليم جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟

**جواب:** ماضي جي تعليم واري نظام ۾ ڪي نصابي ڪميون پيشيون ضرور هيون به، پر انتظامي لحاظ کان مڪمل مضبوط نظام هو ۽ هاڻي جيڪو تعليم کاتي ۾ غلط رجحان آيو آهي، انهن جو وڏو ڪارڻ، وڏيرا شاهي ۽ آفيسر شاهي آهي. ڇو ته قانون جڏهن کان عمل ۾ نه ٿو اچي، تڏهن کان امن، امان ۽ تعليم تباهه ٿي وئي آهي.

اڳي جا استاد با اخلاق، محنتي ۽ پنهنجي پيشي سان سچا هئا، ۽

هاڻي وارا ا ستاد پنهنجي پيشي، پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ديش سان سچا نہ آهن. ها پر جي اڄ جا ستاد سچا ملندا تہ اهي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا هوندا. مان ڳوٺ پير بخش ميربحر پراڻي رڪڻ ۾ 1948ع ۾ استاد هئس ان وقت 9 روپيہ الائونس ۽ 40 روپيہ پگهار هئي.

**سوال:** استاد بخاري اڪيڊمي دادو جا اوهان انچارج / منتظم رهيو. استاد بخاري اڪيڊمي جي اغراض و مقاصد جا ڪجهہ تفصيل ٻڌايو ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ هن وقت اڪيڊمي جي ڪهڙي صورتحال آهي؟

**جواب:** استاد بخاري اڪيڊمي جو بنياد 12 آڪٽوبر 1992ع ۾ استاد جي وفات جي ٽيجي کان پوءِ پيو. بنيادي انهيءَ اڪيڊميءَ جا 16 ميمبر هئا. ان جي مقاصدن ۾

1. استاد جي شاعري ڇپائڻ، سهيڙڻ
2. استاد ماڻهن کي خط لکيا يا جن استاد کي خط لکيا، اهي گڏ ڪري ڇپرائڻ.
3. استاد بخاري جي نالي لائبريري قائم ڪرڻ (جيڪا 2000ع ۾ قائم ڪئي وئي)
4. اڪيڊمي جي ميمبرن جون ميٽنگون ڪرائڻ

هن اڪيڊمي جو چيئرمين ڊاڪٽر الطاف بخاري آهي. هن اڪيڊمي طرفان استاد جا تقريبن ڪافي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جنهن ۾ ولولو ۽ ووڪ ۽ ميلا ملهالا جا مسودا مون پاڻ لکيا هئا.

**سوال:** سنڌ ۾ ڪيترين ئي ادبي تنظيمون آيون ۽ ويون. پر انهن مان ڪابہ سنڌي ادبي سنگت جيتري مقبوليت نہ ماڻي سگهي، هوڏانهن سنڌي ادبي سنگ جو اهو حال آهي جو سنگت باهمي جهيڙن جو شڪار آهي، اوهان ڪجهہ ادبي تنظيمن جي ڪردار بابت ٻڌايو.

**جواب:** ادا چون ٿا تہ سنڌي ادبي سنگت ايشيا کنڊ ۾ وڏي ۾ وڏي تنظيم آهي، پر ڪافي سالن کان هو پنهنجي مقصد کان هٽي وئي آهي. انهي جو مکيہ ڪارڻ اليڪشن جي چڪتاڻ آهي، چو تہ اليڪشن هڪ جمهوري عمل نہ آهي. پر اسان جا ماڻهو جيڪي ڪرندا آهن سي وري تعاون ئي نہ ڪندا آهن. ان کان علاوه ٻيون ادبي تنظيمون بہ پنهنجن

فرضــن ڪان بخوبي واقف آهن پر عهديدارن جي هڪبئي ســان چڪتاڻ جي ڪري اسري يا عملي ڪم نہ ڪري سگهيون آهن.

**ســوال:** اوهان ماضــي ۾ ڪهڙين ادبي تنظيمن ســان منســلڪ رهيا آهيو؟

**جواب:** مان ڪافي، ادبي تنظيمن ســان لهہ وچڙ ۾ رهيو آهيان. جن ۾ ”بزم ادب“ ضــلعي دادو جو جنرل ســيڪريٽري رهيس، ”بزم طالــب المولىٰ“ شاخ پير بخش جو صدر رهيس، بزم آصف مصراٽي دادو جو صدر، بزم نواز جو ســرپرســت، جمعيت الشــعراءَ دادو ضــلعي جي ڪاروباري ڪميٽي جو ميمبر ۽ سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهيان.

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت ڪان اڳ ۾ جمعيت الشعراءَ سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏي تنظيم هئي، اوهان وٽ ڪي جمعيت الشعراءَ جون اڻوسرندڙ يادون آهن؟

**جواب:** جمعيت الشعراءَ سنڌ واقعي سنڌي ادبي سنگت واري تنظيم ڪان وڏي تنظيم هئي، هن تنظيم ســنڌي ادب جي باقائدي خدمت ڪئي، هو هر ســال ڏار ڏار ادبي، علمي ڪانفرنس ڪوٺائيندي هئي. جنهن ۾ طرحي مشــاعرو هوندو هو. جيڪو 2 يا 3 ڏينهن تائين هلندو هو. اهڙي قســم جو هڪ مشــاعرو اســان جي شــهر دادو ۾ 1952ع ۾ تنظيم پاران ڪرايو ويو. جنهن جي طرح هئي.

وطن سان گڏ سلامت شل رهي سنڌي زبان پنهنجي
صاحب طرح (عبدالحليم جوش)

هن ڪانفرنس جي صــدارت محترم مخدوم طالب المولىٰ ڪئي هئي، ان ڪـان اڳ ۾ يعني ســال 1951ع ۾ خيرپور ميرس ۾ پڻ هــڪ ڪانفرنس منعقد ڪرائي وئي هئي. جنهن جي طرح هن ريت هئي.

پــنهـنجي بــرپــٽ ڪي وري گــلـشــن بنائيندا هلو
صاحب طرح (هري دلگير) درياٽي صاحب

هن محفل ۾ مشاعري ڪان پوءِ استاد منظور علي خان ۽ رسول بخش

پَٽُ ۽ ڪن مقامي فنڪارن پڻ بهرو ورتو هو.

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت جا Senior اديب ۽ شاعر حضرات هينئر فقط ڪناري تي ويهي نظارو ڪري رهيا آهن ۽ ان ۾ عملي طرح حصو نہ ٿا وٺن ۽ اها ڏينهون ڏينهن ناتجربيڪار ۽ انا پسند ماڻهن جي ور چڙهندي پئي وڃي. اوهان پراڻن ماڻهن ڪڏهن ان بابت سوچيو آهي تہ ان جي واڳ وٺي سنگت کي نئين دڳ لائڻ جو ڪو اتساهہ ڏيڪاريو وڃي؟

**جواب:** مون کي ياد آهي تہ مرحوم عادل سخيراڻي پاڻ اسان کي ڳوٺ ۾هلي اچي دعوت ڏيئي ويندو هو. سنڌي ادبي سنگت شروع ۾ تہ ڪم ڪيو پر پوءِ ڪن دوستن ذاتي مفادن خاطر تنظيم کي غلط استعمال ڪيو ۽ نتيجي ۾ ماڻهو هن تنظيم کان خائف ٿي ويا. مون بذات خود نوجوان دوستن کي ويهي سمجهايو تہ ادا وڏن، سينئرن اديبن جي عزت ڪيو. تنظيم کي سٺي نموني تڏهن ئي هلائي سگهون ٿا ۽ توهان وٽ تہ جدت پسندي، قدامت پسندي، رجعت پسندي يا ترقي پسندي جا مهڻا نہ هئڻ گهرجن. اهي طعنہ تنڪا سڀ وساري، سڀن لاءِ هڪڙي پاليسي رکڻ گهرجي، پر ائين نہ ٿيو.

**سوال:** جمعيت الشعراءَ جا موجوده ڪارنده جمعيت الشعرا کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي ان کي سميٽي، سوڙهو ڪري، هڪ ڳوٺ ۽ شهر تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي، موجوده وقت ان جي ڪارڪردگي ٻڙي برابر آهي، ائين سمجهو تہ اها مري چڪي آهي. ان کي جيارڻ جي لاءِ اڄ جا پراڻا نوجوان اديب ڪوشش ڇونہ ٿا ڪن؟

**جواب:** جيئن تہ توهان صحيح چيو آهي تہ جمعيت الشعراءَ ڇڻ مري چڪي هئي. پر ان کي نيئن سر جيارڻ لاءِ اسان جي مرشد گيلاني نشتر ناٿن شاهي ۽ ٻين چند دوستن ڪوشش ڪئي پر انهن برابر ان کي پنهنجي ملڪيت سمجهي ۽ اها ڳالهہ انهن جي ڪنڌ ۾ پئجي وئي ۽ پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب نہ ويا. اڄ بہ جيڪڏهن پراڻي جمعيت الشعرا جي منشور مطابق سڄي سنڌ ۾ ادبي ڪم هلائڻ چاهن، تہ ممڪن آهي ان ۾ ساهہ پئجي وڃي.

ذاتي طور تي تہ مان اهوئي عرض ڪندس تہ مان جڏهن کان عروضي

ڄاڻ ۽ اســتادي ڄاڻ جهڙو ٿيو آهيان تڏهن کان مون کي ياد ناهي تہ مون کنهن نوجوان کي مايوس ڪيو هجي. باقي تنظيم کي ذاتي ملڪيت سمجهڻ بلڪل غلط آهي. مان اهڙن اديبن کي اديب ئي نہ ٿو مڃان.

**ســوال:** شــاعري جي وصــف يا Definition اوهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟

**جواب:** شــاعري انســان جي اڌمن ۽ جذبن جوعڪس آهي. جيڪو اڳتي هلي عشق، محبت، ديس ۽ قوم جي امنگن جو پورائو ڪري ٿي.

**سوال:** اڄ ڪلهہ نوجوان اديبن جو چوڻ آهي تہ نثري نظم بہ شاعري جي زمري ۾ اچي ٿو. جڏهن تہ گهڻا سينئير شاعر ان کي شاعري نہ ٿا مڃن، توهان ڇا چوندوءِ؟

**جواب:** جيئن تہ نثري نظم ۾ بہ جذبن، اڌمن، امنگن جي ڳالهہ ڪري سگهجي ٿي ۽ ان ۾ شــاعرپنهنجي امنگن ۽ جذبن جي ڳالهہ ڪري ٿو ان ڪري مان بہ ان کي شاعري تسليم ڪيان ٿو.

**ســوال:** توهان موجوده ســنڌي شــاعري کان واقف آهيو. توهان اهو ٻڌايو تہ نئين ٽهي ۾ ڪهڙا شاعر سٺو لکي رهيا آهن؟

**جواب:** نوجوانن ۾ گهڻا شــاعر مٿانهون لکي رهيا آهن. جن ۾ امتياز عادل، وسـيم سـومرو، سـعيد ميمڻ، خيال سـنڌي، عبدالحميد آس ٻبر، ابل اداس ٻبر ۽ وفا ڪوڙل چنہ وغيره اچي وڃن ٿا.

**سوال:** شاعر جو معاشري ۾ ڪهڙو ڪردار آهي؟

**جواب:** شــاعر لاءِ يوناني ٻولين ۾ هڪ لفظ "Vehetz" نبي لاءِ ڪم ايندو هو ۽ اهو ســاڳيو ئي لفظ شــاعر لاءِ بہ ڪتب آندو ويندو هو. مان تہ ائين چوندس تہ شاعر اهو آهي جيڪو پنهنجي ڌرتي سان لاڳاپيل رهي ۽ پنهنجي زندگي ۾ انســان ذات جي چڱائي لاءِ لکندو رهي ۽ هو عاشــق ۽ سونهن پرست هجي ڇو تہ مجاز سونهن ۽ عشق انساني قدرن سڃاڻ پيدا ڪري سگهي ٿو.

**سوال:** شاعري جي صنف غزل لاءِ چيو ٿو وڃي تہ هيترن هزار غزلگو شــاعرن جي هوندي غزل لکڻ جو صــحيح حق ادا نہ ٿو ٿئي اوهان ٻڌايو تہ غزل ۾ اهڙيون ڪهڙيون انفرادي خوبيون هئڻ گهرجن ۽ اوهان جي نظر ۾

غزل جي صنف سان ڪهڙا شاعر صحيح نباهه ڪري رهيا آهن؟

**جواب:** اسان وٽ سنڌ ۾ هينئر ڪافي سٺا شاعر آهن جيڪي سٺو غزل لکن ٿا ۽ غزل جي فني لوازمات سان سچائي سان نباهه ڪري رهيا آهن، باقي ڪافي اخبارن ۽ رسالن وارا ته نظم، بيت، گيت کي به غزل جو عنوان ڏيئي هلائي رهيا آهن.

ڪلاسيڪل غزل ان کي چئبو آهي جنهن جي قافئي ۽ رديف جو صحيح نموني سان نباهه هجي، سٺي غزل جون ته ڪيئي خوبيون آهن پر هيٺيون شيون ان لاءِ ضروري آهن.

1۔ غزل ۾ رڳو قافيو به ڪم ايندو آهي ۽ قافيه ۽ رديف وارو غزل به سٺو هوندو آهي.

2۔ سٺو غزل اهو آهي جنهن ۾ رديف سٺو، نئون ۽ قافئي سان ٺهڪندو هجي.

3۔ ڪلاسيڪل غزل ۾ سلسلي سان نباهه ناهي رکڻو بلڪ ان جو هر بند منفرد خيال پيش ڪري.

4۔ فڪري اوسر کان سواءِ غزل اڌورو آهي پوءِ اهو ته وري ڪافي نما غزل ٿي ويندو.

غزل مختلف موضوعن تي لکي سگهجن ٿا، جنهن ۾ عشق جي ڳالهه هجي، مزاحمت جي ڳالهه هجي ۽ ان ۾ دنيا جا سمورا مسئلا سمائي سگهجن ٿا.

**سوال:** اوهان خيال کي اهميت ڏيندا آهيو يا وزن بحر کي؟

**جواب:** اسان عروض کي اهميت ڏيون ٿا ۽ خيال سٺي ڳالهه آهي ۽ جيڪڏهن اهو وزن ۾ پورو ناهي ته عروضي شاعر کي مزو نه ايندو، جڏهن ته ساڪن متحرڪ جون غلطيون به اسان برداشت نه ڪندا آهيون.

**سوال:** ”سونهن“ ‘Beauty’ اوهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟

**جواب:** شاعر اصل ۾ مجاز يا رومانس کي ذهن ۾ آڻي شاعري ڪري ٿو. ان ڪري شاعر کي سونهن پرست به سڏي سگهجي ٿو. مون به سڄي زندگي سونهن جي ثنا ڪئي آهي. سونهن کي توريت، انجيل، زبور ۽ قرآن ۾ الله جي جلون جو عڪس سڏيو آهي. انهن آسماني ڪتابن ۾ ڪائنات

جا اهي سڀ وڻندڙ نظارا سونهن ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا.

”الله سهڻو آهي ۽ سونهن کي پسند ڪري ٿو“

بہ اوهان ضرور ٻڌو هوندو.

**سوال:** اوهان جو پڙهندڙن لاءِ ڪو پيغام؟

**جواب:** منهنجو هر انسان ذات کي اهو پيغام آهي تہ جيڪو دم جيئي پين لاءِ جيئي ۽ امن ۽ محبت جي پرچار ڪري، خاص ڪري پنهنجي سنڌي، نوجوانن کي اهو عرض آهي تہ هو سنڌ جيجل ڌرتي لاءِ پاڻ مان ويڇا ۽ وير وساري هڪ ٿي وڃن.

## غزل

تن ۾ تنهنجي تاڻ وڌي وئي،
ڏاڍي آ چڪتاڻ وڌي وئي.

ڳوڙهن جي روڪڻ سان اُڀري،
اکڙين جي ڳاڙهاڻ وڌي وئي.

مجبورين مايوسين گهوگهيو
ڇهري جي پيلاڻ وڌي وئي.

تون جو مُرڪين گلشن ٻهڪيو
سرهائي سرهاڻ وڌي وئي،

روح وساڻو هانءُ ٻهي پيو
طلب تتي توڪاڻ وڌي وئي،

اچ اچ ساهه نه دير سهي ٿو
سڪ جي چڪ آ هاڻ وڌي وئي.

جسم ”نواز“ ٽڏو ٽيو ڏڪ ڏڪ،
دل جي پو چاڪاڻ وڌي وئي،

# احمد خان مدهوش



## غزل

جڏهن کان اک لڳي توسان تڏهن کان اک لڳي ناهي،
جڏهن کان چاڪ ڪئي دل تو، تڏهن کان چاڪ ٽِڳي ناهي.

ڪيا غم دل ۾ اوتارا، ٽڪا تارا، تڪي تارا،
سڄڻ بيچين دل کي چَين هڪڙو دم گهڙي ناهي.

ڪرين ٿو وارَ ڪولي وارَ، سو سو وارَ او سهڻا!
لڳا ٿم ڏنگَ انگ ونگ جنهن جو دنگُ ئي ناهي.

دلاور، دادِلا، دلدار، دلبر، دلربا، دل ڪش،
دل دِلگير کي هر نامَ تنهنجي کان وِٿي ناهي.

ذرا سرڪي، مون کي ڏي مَئي جي سُرڪي مگر مُرڪي،
سرِ محفل سخِي آڏو صدا ايڏي وڏي ناهي.

ڪڏان ڇاڪاڻ ڪنهن جي ڪارڻ منهنجي ڪارڻ تون ڪافي،
پري ”مدهوش“ کي ڏي جهولَ تو وٽ ڪا ڪمِي ناهي.

# BRIEF INTRODUCTION

# احمد خان مدهوش

(1931-2010)

| | |
|---|---|
| پورو نالو: | احمد خان |
| ادبی نالو: | احمد خان مدهوش |
| ولديت: | حاجی خان سومرو |
| جنم تاريخ: | 5 اپريل 1931 ع، وفات 26 جون 2010 ع |
| جنم هنڌ: | خيرپورناٿن شاهہ لڳ سلطان چانديو ڳوٺ |
| تعليم: | سنڌي فائينل ۽ اديب فاضل |
| پيشو: | رٽائرڊ استاد 1991 ع کان |
| شاعري جي شروعات: | 1960ع کان باقائدي شروعات پهريون شعر "نئين زندگی" ۾ 1960 ع ۾ ڇپيو |
| ڇپيل ڪتاب: | دل جون ڳالهيون 1993ع، نظر ۾ نظر بند 2003ع سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي طرفان ڇپيو ۽ اکين جا سنيها 2010 ع. |
| ڇپائي هيٺ ڪتاب: | دل جون ڳالهيون 1993ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو. |
| اڻڇپيل ڪتاب: | 1. وطن خاطر شعري مجموعو.<br>2. پيار ۾ حياتي آ.<br>3. مقالات مدهوش (نثر)<br>4. منهنجو عشق آتم ڪهاڻی (نثر). |
| انعامات يا ميڊل: | 1. شاهہ لطيف سلور ميڊل 2. قلندر شهباز ايوارڊ 3. استاد بخاري ايوارڊ 4. تنوير عباسی |

ايوارڊ 5. جهاد ايوارڊ 6. شيخ اياز ايوارڊ 7. مجتا ايوارڊ 8. دانش ايوارڊ 9. الهندو شاهہ ايوارڊ 10. گورک ايوارڊ 11. سچل سرمست ايوارڊ 12. مخدوم بلاول ايوارڊ 13. جلال کٽي ايوارڊ 14. نئين زندگي طرفان ۽ ڪافي ٻيا ايوارڊ.

ڪلام جن فنڪارن ڳايو ان ۾ عابده پروين، تعمير حسين، زيب النساء، حميرا چنا، غلام رباني، صاعمہ، منظور سخيراٽي، ٻالڪ سنڌي، شهزادو ڪانڌڙو، قادر ڏاوچ. مرحوم خورشيد علي خان، وحيد علي خان، ممتاز لاشاري ۽ ٻين فنڪارن.

**سوال:** اوهان سنڌي ادبي دنيا ۾ ڪيئن آيو؟ اوهان ڪنهن کان متاثر ٿي لکڻ شروع ڪيو يا عاشقيءَ جي جذبي اوهان کي هن دنيا ۾ آندو؟

**جواب:** ان لاءِ مان تہ ائين چوندس تہ منهنجي اديب هئڻ جو محرڪ سونهن آهي ۽ سونهن پرستي جي ئي ڪري منهنجو پاڻمرادو شاعري ڏي لاڙو ٿي ويو. انهي دنيا ۾ اچڻ کان پوءِ وقت جي حالتن ڏاڍو تنگ ڪيو ۽ دنيا سڄي حريف ٿي بيٺي، ان جي مزاحمت ۾ جيڪا ”آه“ يا دانهن نڪتي سا شاعري بڻجي ويئي، پوءِ ڪجهہ دوستن چيو تہ ”جيڪڏهن شاعري ڪيو تہ ڏاڍا سٺا شاعر ٿي سگهو ٿا“. ۽ مون ائين ئي لکڻ جي شروعات ڪئي.

اهو 1960ع جو زمانو هو. استاد بخاري چيو تہ، ”توهان اديب فاضل جو امتحان ڏيو“ توهان جي شاعري ۾ سٺا خيال آهن ۽ اهڙي طرح مون شعر لکڻ جو آغاز ڪيو. اصل ۾ منهنجي طبيعت جو لاڙو مشڪل پسنديءَ ڏانهن هو. انهن دوران مون کي هڪ قابل استاد منهنجو رهبر سائين فيض بخشاپوري مليو جنهن مون کي سنئين دڳ لاتو. منهنجوخيال هو تہ اهڙو استاد هجي جيڪو عربي ۽ فارسي جو ڄاڻو هجي. منهنجو اهو خواب بہ پورو ٿي ويو. شروع شروع ۾ مون محترم حافظ محمد احسن چنہ کان بہ اصلاح ورتي. پر مان ڪنهن بہ شاعر کان متاثر نہ ٿيس ۽ شاعريءَ مون کي

پاڻ مجبور ڪيو تہ لک لک! اڻ لک مون تو لاءِ ذات جا در کولي ڇڏيا آهن.

**سوال:** مدهوش صاحب! ڇا شاعري جي باقائدي سکيا اوهان ورتي ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ شاعري جو فن سکڻ ڪيتري قدر اهم آهي.

**جواب:** بلوچ صاحب جيئن تہ شعر اصل ۾ هڪڙي فکر ۽ سوچ جو نتيجو آهي يا ڪٿي چئجي تہ جڏهن ڪا سوچ ۽ کو خيال ذهن ۾ سرجي تہ ان کي ترتيب (In order) ۾ رکڻ يا ان کي علم عروض يعني وزن بحر ۾ رکڻ لاءِ استاد جي ضرورت پوندي آهي. ڇو تہ استاد جو ماڻهو جي ڪردار ۾، اٿڻ ويهڻ ۾، لکڻ پڙهڻ ۾ وڏو هٿ آهي. پر تنهن هوندي بہ چوڻي آهي تہ

Some are born great and Some achieve greatness

ان ڪري مان تہ ان نظرئي جو حامي آهيان تہ استاد کان سواءِ انسان انڌو آهي ۽ منهنجي شاعري ۾ مهنجو استاد فيض بخشاپوري صاحب جن هئا. جن کان مون ڪافي ڪجهہ پرايو.

استاد فيض صاحب جو چوڻ هو تہ ”جيسين ڪو شعر پختو ناهي تہ نہ او شعر مشاعري ۾ پڙهو ۽ نہ ئي ڪنهن فنڪار کان ڳارايو ۽ نہ ئي وري ڪنهن رسالي وغيره ۾ ڇپرايو. پر جڏهن اوهان جو ڪو شعر ماڻهن جي انبوهہ ميڙ مان داد وٺڻ ۾ ڪامياب وڃي تہ پوءِ سمجهو تہ اوهان شاعري جي دڳ تائين پهتا آهيو.“

**سوال:** مرحوم فيض بخشاپوري لاءِ ڇيو ويندوآهي تہ هن جيڪا شاعري ڪئي آهي اها سواءِ فارسي دان شاعرن جي ٻئي ڪنهن جي سمجهہ ۾ نہ ايندي هئي. اوهان جو ان باري ۾ ڇا چوڻ آهي.

**جواب:** مان ان حقيقت کي سچي دل سان قبول ڪيان ٿو ڇو تہ سچ سچ آهي ۽ فيض بخشاپوري جي شاعري ۾ سواءِ هڪ ٻن اکرن جي جيڪي سنڌي ۾ هئا باقي تقريبن فارسي هوندي هئي. پر سندس خيال تمام اوچا ۽ اونها آهن ۽ جهڙي تهڙي گهٽ پڙهيل جي سمجهہ کان سندس شاعري مٿاهين آهي.

**سوال:** اهڙي شاعري ڪرڻ مان ڪهڙي مراد آهي جيڪا پنهنجي ٻولي کي بگاڙي ۽ پنهنجي ادب سان مذاق سمجهي وڃي؟

**جواب:** ادا! ادب سان مذاق تہ مان نہ چوندس ڇو تہ منهنجو استاد پاڻ

بہ وڏو اديب هو. ڪو ماڻهو انگريزي ۾ لکي ٿو ۽ ڪو فارسيءَ ۾ لکي ٿو يا وري ڪو اردو ۾ لکي ٿو اهو ادب ۾ شمار آهي. هي سنڌي ادب تي وڏو احسان آهي جو بلوچ قبيلي جو ماڻهو اردو ۾ دسترس رکڻ وارو فارسي زده ئي صحيح، پر سنڌي ادب ۾ اضافو ڪري ويو. ان ڪري مان ڪيس سنو شاعر چوندس.

**سوال:** ماضي ۾ هڪڙو پورو عهد آهي سنڌي شاعري جوجنهن ۾ دانستہ طور تي فارسي لفظن جي ڀرمار ڪئي وئي ۽ اها شاعري پنهنجو جڙون قائم ڪري نہ سگهي. اها ڳالهہ ان وقت جي شاعرن کي بہ جُڪندي هئي تہ اسان جي اها شاعري اڳتي هلي مدي خارج ٿي ويندي. پوءِ بہ اهڙي شاعري جو عزم ڇو ۽ ڇالاءِ هيو؟ ان مان هو پنهنجي علمي ۽ ادبي قد ڪاٺ اوچو ڪري ڏيکارڻ جي شعوري ڪوشش تہ ڪونہ ڪندا هئا؟

**جواب:** منهنجا سائين اها ڳالهہ بہ ٺيڪ آهي ميجون ٿا هڪڙو اهڙو زمانو هو جو سنڌ جا ماڻهو پارسي ۾ لکندا هيا ۽ دفتري ٻولي بہ پارسي (فارسي) هئي جيڪا هاڻي پارسي لهجي کان نڪرندي نڪرندي ٺيڪ سنڌي لهجي تي پهتي آهي. ان ڪري ان ڪڙي کي پنهنجي ادب مان ڪٽي ڌار ڪري نہ ٿا سگهون.

**سوال:** مدهوش صاحب اوهان اهو ٻڌايو تہ اوهان جي پسنديده صنف ڪهڙي آهي ۽ ڇو؟ ان سان گڏ اهو بہ ٻڌايو تہ ان صنف جو خوبيون ڪهڙيون آهن؟

**جواب:** ڏاڍو دل وٽان سوال ڪيو اٿئو سچ تہ منهنجي پسنديده صنف آهي ئي غزل، جيڪو مون گهڻو لکيو آهي، جيئن تہ غزل لکڻ لاءِ اول تہ سڀ کان منهنجي خيال موجب ذاتي مشاهدو هئڻ گهرجي ۽ استاد شاعرن جي ڪلام جو مطالعو ۽ مسلسل مشق ڪرڻ تمام ضروري آهي.

**سوال:** هڪ سٺي غزل جون خوبيون؟

**جواب:** سنو غزل اهو آهي جيڪو جڏهن ٻڌندڙن وٽ پيش ڪيو وڃي تہ اهي ائين محسوس ڪن تہ ڄڻ تہ انهن جي دل جو آواز آهي يا انهن جي دل جي ڳالهہ پئي ڪئي وڃي ۽ بي ساختہ داد حاصل ڪري اهو ٻڌندڙ ائين سمجهي تہ ڄڻ هن جي دل جو آواز آهي. هن جي دل جي ترجماني پئي

ڪئي وجي.

شعر جي اسرڻ جو سبب، جڏهن مون تي ڪانءَ ڪا واردات گذري ٿي، تڏهن ئي ذات جا ڏيئا ٻري روشن ٿي پون ٿا ۽ مان شعر لکي وٺندو آهيان. منهنجي شاعري منهنجي ئي مشاهدي جو نچوڙ آهي. ڪٿي ڪٿي شاعري ڪنهن شاعر سان هم خيال به ٿي ويندي آهي.

اصل ۾ غزل غزال مان نڪتو آهي، يعني هرڻ جي ننڍي ٻچي جو چال، مطلب چال ڏيڻ يا ٽپاڏيڻ. ان ڪري غزل به هر بند ۾ چال ڏئي ٿو نتيجن موضوع متجندو رهي ٿو. مطلب ته محبوب سان گفتگو ان لاءِ اهو ئي چوڻ آهي ته اڇو ته غزل ڪيون. اصل حرڪت عشق جي آهي، غزل جي وسعت تمام وڏي آهي. غزل ۾ اسلامي موضوعات، بک، بدحالي، بيروزگاري جا حالات، مزاح جو رنگ اهي سڀ ئي موضوع انهي ۾ اچي وڃن ٿا.

**سوال:** اوهان سنڌي شاعرن جي پلوڙ شاعرن واري صف تي بيٺل آهيو ۽ يقينن اوهان شاعري کي سمجهو به ٿا ان کي رت جو ريج به ڏيو ٿا، پر اوهان اهو ٻڌايو ته شاعري اوهان جي نظر ۾ آخر ڇاهي؟

**جواب:** شاعري اصل ۾ شعور لفظ مان نڪتل آهي ان ڪري شعور جون ڪيئي معنائون ٿين ٿيون. جهڙوڪ سوچ فڪر، غم، خوشي، وصال، هجر اهي سڀ ڪنهن ردم ۾ پيش ڪجن ته جيئن ڪوئي گنگنائيندڙ يا ڳائيندڙ آساني سان ڳائي سگهي يا وري موسيقي ۾ ئي سمائي سگهي. ٿورن لفظن ۾ مون وٽ اها ئي وصف ٿي سگهي ٿي.

هاڻ ته شاعري منهنجي زندگي ٿي وئي آهي، جيستائين مان پنهنجي اندر جا اڌمان قلم بند نه ٿو ڪيان تيستائين مون کي آرام نه ٿو اچي. آڌي رات جو ڪڏهن اٿي به لکڻو پوي ٿو. سمجهو ته شاعري ۽ مان هڪ ٿي ويا آهيون. شاعري منهنجي وڏ ۾ وڏ سريت آهي.

**سوال:** هڪ سني شاعر ۾ ڪهڙيون خوبيون هئڻ گهرجن؟

**جواب:** سڀ کان اول منهنجي خيال ۾ ته ماڻهو پاڻ سٺو هئڻ گهرجي ۽ جڏهن ماڻهو پاڻ صاف دل هوندو ته هن ۾ آهستي آهستي سڀ خوبيون اچڻ شروع ٿي وينديون. جيئن ته شاعر ويچارڙو زماني جو ڏتڙيل ٿئي ٿو ان ڪري جيڪي به تڪليفون هن کي ملن ٿيون زماني کان ۽ هو برداشت

ڪري ٿو تہ اهو ازخود ئي سنو تي وڃي ٿو. شعر چوندڙ ماڻهو ۾ ڳالهائڻ جو سليقو ٿو اچي وڃي. پيار وٽس گهر ڪري وڃي ٿو. ننڍي توڙي وڏي ماڻهو سان محبت سان پيش اچي ٿو ۽ ان ڪري هو پنهنجي ڄاڻ ۾ مطالعي ۾ اضافو بہ رکي ٿو. ڪيس لغات جي مهارت حاصل ٿئي ٿي ۽ پنهنجي آس پاس جي ڀرارڙي ڪان وٺي شهرن تائين ٻولي ۽ ان جا لهجا، استعارا، اصلاح ڪم آڻي هو هڪ وڏو ٻولي جو ماهر بڻجي سگهي ٿو ۽ هئڻ گهرجي. ان ڪري مان تہ ائين چوندس تہ:

هت روز سبق نئون سکجي ٿو.
۽ پاڻ سبق تي رهجي ٿو.
انسان جهان جي مڪتب ۾،
شاگرد بہ آ، استاد بہ آ.

**سوال:** سنڌي اديبن سنڌي ادب کي سنوارڻ لاءِ ڪهڙو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

**جواب:** اسان جي موجوده سنڌي اديبن وڏي ڪوشش ڪري پنهنجي ادب کي عروج تي پهچايو آهي. البتہ سنڌي ادبي سنگت ۾ لابين وارو رجحان، سنڌي اديبن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ ۾ مصروف آهي، ان ڪري جيڪي بہ پنهنجا ابلاغي ادارا آهن. سنڌي ادبي بورڊ کان وٺي، سنڌي لينگويج اٿارٽي، ريڊيو کان T.V تائين ويڙهہ لڳئي پئي آهي ۽ ان ۾ اقربا پروري جو اهم ڪردار رهيو آهي جنهن اسان کي ۽ اسان جي ڌرتي کي ڇيهو رسايو آهي. ان سان گڏ ڪيسٽ ڪلچر (ڏنن تي شاعري) بہ اسان کي ڪٿان جو بہ نہ رهايو آهي. اسان جي Folk کي بہ نقصان پهتو آهي.

**سوال:** علم عروض جي اوهان وٽ ڪيتري اهميت آهي؟

**جواب:** مان ذاتي طرح تہ وزن بحر کي وڏي اهميت ڏيان ٿو ڇو تہ اها شعر جي تور ۽ ماپ آهي. جيستائين ڪنهن بہ شعر جو وزن نہ ونبويا ڪو سانچو نہ ناهبو تہ پنهنجي فڪر کي ان ۾ سمائي نہ سگهبو. انهي ڪري علم عروض جي ڄاڻ بيحد ضروري آهي. جيڪڏهن علم عروض جي ڄاڻ

نڪري وئي تہ پوءِ سمجھو تہ شاعري جي بہ پڄاڻي آهي.

**سوال:** ادب ڇا آهي؟

**جواب:** ادب عام طور Literature کي چيو ويندو آهي. ان ۾ هر لکڻي اچي وڃي ٿي پر منهنجي خيال ۾ ادب انهي لکڻي کي چئجي جنهن ۾ فهم، فضيلت ۽ احترام هجي ۽ انسان ذات جي ڀلائي وارو جذبو هجي.

**سوال:** چوندا آهن تہ شاعر عاشق مزاج، حسن پرست ۽ محبتي ماڻهو هوندا آهن. ڇا اها حقيقت تسليم ڪري سگهجي ٿي؟

**جواب:** اها ڳالهہ سو فيصد صحيح آهي ۽ انسان ئي انس مان نڪتل، ان ڪري انس جو مطلب آهي ئي محبت. شــاعر تہ حق ۽ پيار جون وڏو پرچار ڪري ٿو. انهي ڪري ان کي وقت جو پيغمبر بہ چوندا آهن.

**سوال:** تنقيد ڇا آهي ۽ تنقيد جو معيار ڇا هئڻ گهرجي؟

**جواب:** تنقيد جو اشــتقاق ٿيندو نقد ڪرڻ، معنيٰ تارازي جا ٻئي پڙ، خامين وارو خوبين وارو. ٻنهي کي تڪي توري تعصــب کان مٿاهون ٿي ڏسڻ، ڪنهن بہ تخليق يا شــخصــيت جي باري ۾ جيڪو ڪجهہ چئبو ان کي تنقيد چئبو. تنقيد ســهڻ جو مادو اســان وٽ تمام گهٽ آهي. جنهن بہ ليڪ جائز تنقيد برداشــت ڪئي آهي. اهو يقينن ســنن لکندڙ مان ٿي گذريو آهي.

اصل ۾ تنقيد سڻي ماحول ۾ ڪجي ۽ سهڻن لفظن ۾ ڪجي تہ جيئن جنهن تي توهان تنقيد ڪيو ٿا ان تي گران بہ نہ گذري، پر پنهنجي ڀلائي محســوس ڪري، تنقيد ڪرڻ مهل ڪجهہ ڳالهين جو خيال بہ ڪيو وڃي. تنقيد ۾ خوبيون، خاميون تعريفي ۽ تنقيدي جملا بہ محبت ۽ ســني ســهڻي انداز سان ڇيا وڃن. مزاحيہ شاعري ۾ تنقيد مختلف ٿئي ٿي ۽ معاشري تي مزاح وارو تنقيد ڪرڻ تمام وڏي ڳالهہ آهي.

تنقيد کي تخليقي ســگهہ ســان ڏٺو وڃي ۽ هر تخليق کي فڪر ۽ فن جي ڪســوٽي ۾ پرکيو وڃي ۽ هروڀرو خوشــامدي بہ نہ ڪئي وڃي ۽ نہ ئي تعصــب رکي تنقيد ڪجي. ان ڪري تنقيد تعصــب کان پاڪ هئڻ گهرجي. هڪ جاءِ تي مون لکيو آ تہ:

تعصب جو وني روپ نہ تنقيد ڪندو ڪر،
جي پاڻ اديب آنهہ تہ اديبن جو ادب ڪر.

تعصب انهي ڪري ٿو مون سان رکي زمانو،
غربت جي ويس ۾ پي عزت وڏي رکان ٿو.

**سوال:** نثري نظم چا شاعري جي زمري ۾ اچي ٿو؟

**جواب:** بلوچ صاحب نثري نظم بہ شاعري آهي چو تہ هو شعور سان تعقل رکي ٿو پر مان ذاتي طور ان کي ايڏي اهميت نہ ٿو ڏيان. جيڪڏهن ڪو ساڳي ڳالهہ نثري نظم ۾ ڪري ٿو پر چو نہ هُو اها ڳالهہ موزون شاعري ۾ ڪري، مون کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ نثر ۽ نظم ڳالهہ ساڳي ڪيئن آهي جو تخليق هڪئي وقت ۾ نثر بہ هجي ۽ نظم بہ......

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت جو ڏينهون ڏينهن پنتي پوڻ جا ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا ۽ اوهان ان لاءِ ڪهڙا Proposals ڏيندؤ؟.

**جواب:** سچ تہ دوست اهو سوال پڇي اوهان منهنجي چتل ڦٽ تي آڱر رکي اٿو. جيڪڏهن ا سان جي ادب ۾ خلوص ۽ نيڪ نيتي هجي ۽ هڪڙي اديب جي ٻئي لاءِ وڏي عزت هجي تہ ادبي سنگت وڏيڪ سٺو ڪم ڪري سگهي ٿي ۽ منهنجي خيال ۾ جيڪڏهن هڪڙو اديب ٻئي اديب دوست کي عزت ۽ مان نہ ٿو بخشي يا هن لاءِ سٺا لفظ استعمال نہ ٿو ڪري تہ ان کي اديب چئي ئي نہ ٿو سگهجي. ان لاءِ تہ اديب سڏرائڻ بہ خراب آهي ۽ جڏهن تہ سنڌي ادبي سنگت ۾ پڙهيل ڳڙهيل طبقو آهي ۽ ان جي باوجود اليڪشن هارائڻ ۽ کٽڻ کان پوءِ بہ هڪٻئي جا چهرا ڏسڻ بہ نہ ٿا گوارا ڪن. اهڙيون ڳالهيون بہ سنڌي ادب کي نقصان پهچائن ٿيون. تنهنڪري ا سان جي ادب جي محاذ تي ٽولا ٽولا پيلي هجن پر سڀ هڪڙي ڏاڪي ۾ پوئل هجن ۽ هڪڙي واڳ ۾، نہ تہ وڙهي مري ويندا سين. انهي معمولي حرڪتن جي ڪري پنهنجو نہ رڳو ذاتي نقصان ٿو ٿئي پر پنهنجي وطن ۽ ٻولي جو بہ نقصان ٿئي ٿو ۽ نتيجي ۾ ا سان پنهنجي قومي سڃاڻپ بہ وڃائي ويهندا سين.

**سوال:** جيئن تہ پيارا سائين اوهان استاد بہ رهي چڪا آهيو. اوهان اڳين تعليمي معيار ۽ هاڻوڪي تعليم معيار جي باري ۾ ڇا ٻڌائيندو؟

**جواب:** سائين اڳ ۾ استاد جوابداري محسوس ڪندو هو. ۽ پنج منٽ بہ ليٽ ڪرڻ برداشت نہ ڪندو هو. پر ان جي برعڪس اڄوڪا استاد پڙهائڻ بدران گسائڻ کي ترجيح ڏين ٿا. ڇو تہ سندن آفيسر پنهنجي آفيسري جي معيار تي ناهن ۽ پنهنجا فرائض ديانتداري سان سرانجام نہ ٿا ڏين ان لاءِ هتي هڪڙو پهاڪو چوڻ چاهيندس تہ:

ڪاٺياري ٻلي، ڪوئي سندي جوءِ!

ٻيو تہ اڳيان استاد ويچارا پنهنجي ٻولي، پنهنجي وطن ۽ سماج سان اٿاهہ الفت ڪندا هئا ۽ شاگردن لاءِ شفقت جو جذبو رکندا هئا. پر هاڻي تہ ائين آهي ئي ڪونہ. اڄ تہ استاد شاگرد گڏجي هڪڙي ڪمري ۾ سگريٽ ٿا پيئن ۽ انهن جو اخلاق بگاڙن ٿا. اڄ جا استاد رڳو ٽائيم پوري ڪرڻ جي چڪر ۾ هوندا آهن ۽ هر مهيني جي پهرئين تاريخ تي اک هوندي اٿن تہ رڳو پگهار ملي، ٻار پڙهن نہ پڙهن.

**سوال:** تعليم جي تباهي جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

**جواب:** تعليم جي تباهي جا تہ تمام گهڻا ڪارڻ آهن، ڳالهائبو تہ هي انٽرويو نہ پر ڪو ڪتاب ٿي ويندو.

**سوال:** سنڌي ادب کان علاوه اوهان ٻي ڪهڙي ٻولي جي ادب جو مطالعو ڪيو آهي.

**جواب:** مطالعو تہ پنهنجي جاءِ تي پر مون اردو شاعري بہ ڪئي آهي، سرائڪي مادري زبان اٿم، پر منهنجي محبت سنڌي ٻولي سان آهي. ان ڪري فقط سنڌي زبان کي ترجيح ڏيان ٿو.

**سوال:** اوهان جون آسائشون ۽ ارمان پورا ٿيا يا اڻپورا ئي رهجي ويا؟

**جواب:** ادا ارمان تہ پورا ٿيندا ئي ناهن، جيڪڏهن ارمان پورا ٿي وڃن تہ مان ايترو لکي ڪڏهن بہ نہ سگهان ها. پر اڃا بہ ڪجھ ارمان رهيل آهن جيڪي مون کي لکرائڻ تي مجبور ڪن ٿا ۽ 74 سالن جي عمر تائين اڄ بہ مان پنهنجي ارمانن، سورن ۽ ڏکن کي ساڻ کڻي مرڪندو ماڻهن سان ملندو وتان ٿو.

**سوال:** اوهان جي زندگي جو ڪو يادگار واقعو؟

**جواب:** زندگي ۾ تہ ڪيئي اڻ وسرندڙ واقعا پيش آيا آهن ۽ ڪيئي گهرا نقش ڇڏي هليا ويا آهن. پر هڪ اهڙو واقعو جيڪو طوفان بنجي منهنجي زندگي جي ڏيئي کي وسائڻ پيو چاهي، پر حياتي هئي بچي ويس، توهان کي ٻڌايان ٿو.

اهو سال 1976ع هو. زوردار مينهن وسي رهيو هو. ڪاڇي جي ڪنڌائي ڳوٺ ۾ ان وقت استاد هئس، مينهن ڇٽي اچ نہ وسان تہ ڪڏهن وسان ۽ مان ڳوٺ پيرين پنڌهلي رهيو هئس، ان وقت نيون سڀ سُڪا ٿي وهي هليو ويون هيون. مينهن تيز ٿي ويو هو. پاڻي جي جهاڳ پهريائين گوڏي جيتري ٿي ۽ پوءِ وري تار ٿي وئي پاڻي مون کي پنجاهين بچاءُ بند کان سڏ پنڌ تي منچر ڏانهن لوڙهي کڻي هليو. منهنجا ڪپڙا، بوٽ ۽ شاعري جو هڪ ڪتاب مٿي سان ٻڌل هو سوبہ غوطا کائيندي لڙهي ويو. اوچتو منهنجو پير هيٺ زمين سان لڳي ويو ۽ بہ اچلون ڏيئي بچاءُ بند تي چڙهي پيس، ڪوهہ پنڌ جو سڪي تي هليو ئي مس هيس تہ منهنجي پنيان بچاءُ بند ٽن چئن ڪوهن تائين لاڳيتو لڙهي ويو ۽ مون کي الله بچائي ورتو ۽ هڪ نئين زندگي ملي ۽ منهنجا سارا خيال جواني جي ٻوڏ جو نذرانو ٿي ويا.

**سوال:** ڇا هن ڪائنات جو نظام اوهان جي سمجهہ ۾ اچي ٿو؟

**جواب:** خداوند ڪريم خالق اڪبر آهي هن جيڪو نظام ٺاهيو آهي، ان کي هو هلائي پيو پاڻ ٿو ۽ سمجهي بہ پاڻ ٿو ۽ اسين جيتامڙا حيرت ۾ گم آهيون.

**سوال:** جدت پسنديءَ ۽ رجعت پرستي مان ڇا مراد آهي؟

**جواب:** بلوچ صاحب! اصل ۾ تہ اهي لفظ قديم ۽ جديد شاعري ۾ ڪتب ئي نہ آڻڻ گهرجن، ڇو تہ هر شاعر جدت پسند آهي. جدت ۽ قدامت جهڙا لفظ ادب جي ويڙهاند کي مچائڻ وارن جا پيدا ڪيل آهن، ڇو تہ ا سان سيئي هڪڙي ئي دڳ جا پانڌيئڙا آهيون.

**سوال:** اوهان پنهنجي بزرگ/ همعصر شاعرن مان ڪهڙن جا نالا ڳڻندو جن کي اوهان Like ڪندا آهيو/ هيو؟

”هر گل را رنگ و خوشبو ديگر است“

**جواب:** حضرت فيض، شيخ اياز، حامي، گدائي، نياز همايوني، طالب لغاري، مقصود گل، استاد بخاري، بشير سيتائي، وفا ناٿن شاهي، محسن ڪڪڙائي، آثم ناٿن شاهي، نواز رڪٽائي، اسحاق راهي، نشتر ناٿن شاهي، اياز گل، ادل سومرو، امداد حسيني، سرڪش سنڌي، راشد مورائي، آڪاش انصاري، احسن الهاشمي، احمد خان آصف مصراڻي، ناظم منگي، دادن فقير، پيرل قمبر، عبدالغفار تبسم ۽ تاجل بيوس صاحب.

**سوال:** نئين ٽهي ۾ ڪيترائي نوجوان شاعر ۽ شاعرائون آهن، جن پنهنجي فن کي منظر عام تي آندو آهي، اوهان ڪهڙن شاعرن ۽ شاعرائن کي پڙهو ٿا؟

**جواب:** نئين ٽهي ۾ ڪافي ساٿي سٺو لکن ٿا، پر سڀ کان اول تہ مان پنهنجي تر جا نالا ٻڌائيندس. انهن ۾ عبدالحميد آس ٻبر، مير محرم لغاري، خليل عارف سومرو، يامين غمگين، تابش بخاري، اسحاق سميجو عاشق دادوي، ابل اداس ٻبر، مظهر لغاري، ساپيا سانگي، رخسانہ پريت چنڙ، فضہ غزل، ساحر راهو، همدرد ڪوسو، مارو جمالي، منصور سيتائي، معصوم بخاري، علي دوست عاجز، ياسمين چنہ، سڪندر سرواڻ، روبينہ ابڙو، ٻاجهي خان لغاري، غلام حيدر گهايل ۽ بينظير عادل سخيراڻي ۽ جانب ناز غوري وغيره.

**سوال:** ادب ۾ نئين ٽهي جي حوالي سان اوهان ڪجهہ چوڻ چاهيندو؟

**جواب:** هينئر بہ نوان ننڍا شاعر سٺي معياري شاعري ڪن ٿا. وٽن فڪر جي آمد ٿئي ٿي ۽ ڪو ڪو خيال ڪنهن سٺي شاعر کان بہ وڌيڪ پيش ڪري سگهن ٿا. پر اصلاح نہ هئڻ ڪري ۽ ٿورڙي خامي جي ڪري سندن ڪلام جي ڪچائي محسوس ٿئي ٿي، جيڪڏهن هو حجاب نہ ڪن يا پيچڻ ۾ عيب نہ سمجهن تہ نئين ٽهي بہ سٺي معيار تائين پهچي سگهي ٿي. چو تہ انهن ننڍن وٽ بہ اهڙي ئي دل آهي جيڪا وڏن وٽ آهي، انهن جا بہ اهي ئي جذبا آهن جيڪي اسان جا آهن.

**سوال:** زندگي اوهان جي نظر ۾ ڇا هي؟

**جواب:** زندگي هڪ انمول تحفو آهي، حسين اتفاق آهي، زندگي کي مان هڪ ناياب شي سمجهندو آهيان جي هڪ پيرو ملي آهي ۽ باربار نہ

ملنديِ، ان ڪري ان جو لمحو لمحو صحيح طريقي سان سٺي نموني سان ڪتب آڻڻ گهرجي، جو بہ جنهن جي حصــي ۾ ذمي جو ڪم هجي پاڻ تي فرض ۾ قرض ســمجهي، زندگي دوران ئي ادا ڪيو وڃي ۾ پنهنجي پويان هڪ امر تاريخ ڇڏي وڃي، تہ جيئن هو زندگي کان پوءِ بہ ماڻهن جي دلين ۾ زندگي ماڻي سگهي.

**سوال:** دوستي جي باري ۾ ڪجھ ٻڌائيندا؟

**جواب:** دوستي هڪ رشتي جو نالو آهي مگر اها پر خلوص ۽ بي لوث آڏارن ۽ بنيادن تي ٻڌل هجي دنيا جي عظيم دانشــورن ۽ اســلام جي عظيم مفڪر حضــرت علي ع جو قول آهي تہ ”دنيا ۾ شــاهوڪار اهو آهي جنهن جا دوســت گهڻا آهن.“ دوســتي جي پرم ۽ نباهہ جي لاءِ ســاڳيءَ عظيم شخصيت ٻي هنڌ فرمايو آهي، ”تہ ماڻهو کي کپي تہ هو پنهنجي دوست کي آزمائش ۾ نہ وجهي“ ان ڏس ۾ مان دوســتي جي باري ۾ اهو بہ چوندس تہ دوستي ڪچي تند آهي ۽ اها اعتمادن جي بنياد تي هلندي آهي. ان ڪري هڪٻئي جي اعتمادن کي ڪڏهن بہ ٺيس نہ پهچائجي، هڪٻئي جي جذبن جو احترام ڪرڻ ئي دوستي جو نالو آهي.

**سوال:** شيخ اياز جي آخري شاعري ۾ ان جي نظرياتي طور تي پوئتي موٽي وڃڻ جي باري ۾ ڪجھ ڳالهائيندا.

**جواب:** شــيخ اياز جي پوئين شــاعري جو لڙهو اســلامي نوعيت ڏانهن نظر اچي ٿو. پر هوئن بہ شيخ اياز صاحب تصوف جي سمورين معاملن کان بخوبي واقفڪار ۽ ســٺي ڄاڻ رکندڙ هو. مگر پوئين عرصــي واري ســندس شاعري فقيراڻي نوعيت جي لڳي ٿي. ا صل ۾ هر شاعر يا عا شق جو رستو مجاز کان حقيقت ڏانهن رهيو آهي. اهوئي ســبب آهي جو پوئين شــاعري ۾ فرق محسوس ٿئي ٿو.

**ســوال:** اوهان اســتاد بخاري جا همدر ســاٿي/ دوســت رهيو بخاري صاحب جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو؟

**جواب:** استاد بخاري اسان جي سنڌ جو سرموڙ شاعر آهي. سندس ٻولي ســليس، عام فهم، هاري ناري جي ســمجهڻ جهڙي آهي، جيئن تہ دادو ضــلعو اهڙي جاءِ تي آهي، جنهن کي اســان ســنڌ جي وچ وارو علائقو چئي

سگهون ٿا ۽ ان لحاظ کان وچ واري ٻولي سڌريل ليکي ويندي آهي، جيڪا اتر توڙي لاڙ تائين سمجهي سگهجي ٿي. وزن بحر ۾ استاد بخاري پڪو پختو شاعر ٿي گذريو آهي ۽ خاص طرح سان اسٽيج تي شعر پڙهڻ جو ڪيس وڏو ملڪو حاصل هو. پاڻ قربائتو ماڻهو هو ۽ مون کي پڻ اديب، عالم، فاضل ٿيڻ لاءِ استاد بخاري ئي همٿايو هو.

**سوال:** جيئن ته اسان وٽ اڄ به اهو رجحان آهي ته شاعري ۾ فارسي لفظن جي ڀرمار ڪجي ۽ ان ڏس ۾ اسان وٽ ڪجهه اهڙا شاعر آهن جن کي پارسي زبان بنهه ڪونه ايندي آهي ۽ نه ئي اهي ڪو فارسي ادب پڙهيا آهن پر پوءِ به اهي فارسي لغت مان وڏا وڏا ڳرا ۽ دير حضم لفظ چونڊي پنهنجي سنڌي شاعري ۾ ٺنبي رهيا آهن، ٻئي پاسي اسان وٽ فارسي زبان جا ڄاڻو ۽ فارسي لٽريچر جو وڏو مطالعو ڪندڙ شاعر به موجود آهن. جهڙوڪ نياز همايوني، مشتاق سچاوري، جوهر بروهي، بشير سيتائي، مگر انهن جي نج ۽ نيٺ سنڌي شاعري پڙهي ائين محسوس ٿيندو آهي ته اهي چڻ فارسي پڙهيا ئي ڪونهن. اسان وٽ سنڌي شاعري ۾ دانسته طور تي فارسي الفاظ استعمال ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو ٿو پوي؟ ڇا ان عمل پويان ڪجهه شاعر پنهنجي مصنوعي علميت ته نه ٿا ڄتائن؟

**جواب:** جي بلڪل نه! مان انهن ڳالهين سان اتفاق نه ٿو ڪيان، اسان جي ٻولي ۾ جيڪي ٻيءِ الفاظ ٻين ٻولين جا مروج آهن. انهن جي استعمال ڪرڻ ۾ ڪهڙو حرج آ يا دقت محسوس ٿئي؟. شاهه عبداللطيف پاڻ به عربي ۽ فارسي جا لفظ ڪتب آندا آهن. انهي تي اعتراض ڪنهن کي ڪونهي پر هاڻي وارن تي اعتراض ڇو؟ شاعري ۾ جڏهن ڪو سنڌي جو لفظ وزن ۾ نه ٿو اچي سگهي ته ان جي جاءِ تي عربي يا فارسي لفظ عام فهم آڻجي ته شعر جو تخيل برقرار رهي سگهندو.

**سوال:** اوهان سنڌ ليول تي ڪم ڪندڙ آڳاٽي ادبي جماعت جمعيت الشعراء جي ڪارڪردگي کان ڪيترو مطمئن هيو. ڇا اڄ سنڌي ادبي سنگت ان جيترو ادبي ڪم ڪري ٿي يا ان کان به وڌيڪ. اوهان ٻنهي ادبي جماعتن جو ٿورڙن لفظن ۾ موازنو ڪندوءِ؟

**جواب:** سائين منهنجا جمعيت الشعراء جي پليٽ فارم تان ٿورڙي عرصي ۾ تمام چوٽي جا شاعر مشاعرن ۾ ڀرو وٺي اڀري آيا. پر سنڌي ادبي سنگت جي ڪلاسن ۾ تفرقي ۽ انا سبب، اديب اڀري نہ سگهيا آهن ٻيو اهو بہ سبب آهي جو سنڌي ادبي سنگت ۾ ”تون مون کي قاضي چئو ۽ مان توکي حاجي چوان“ وارو رجحان عام آهي جنهن کي اسان لاٻي سڏيندا آهيون ۽ اسان پاڻ ۾ اجان تائين وڙهندا پيا اچون. جڏهن تہ جمعيت الشعراء اهڙين حرڪتن کان پاڪ هئي ۽ خالص علم ۽ ادب جو ڪم هلندو هو.

**سوال:** آخر ۾ منهنجا سائين! ديس واسين کي ڪهڙو پيغام ڏيندؤ؟

**جواب:** مان تمام نماڻو عرض ڪندس تہ نفرتون ڇڏي محبتون ملهائي، انسانيت کي جياري ڇڏيو.

انسان جي تعظيم ڪرڻ آهي عبادت،
هن ڳالهہ کي تسيلم ڪرڻ آهي عبادت،
احمد خان مدهوش

# شمشير الحيدري



## غزل

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو،
جڻ تہ سنڌوءَ جي ٻئي ڪناري ويو.

پيار جي گهرج ناهي دنيا کي،
وقت اڄ واڳ پنهنجي واري ويو.

اهڙو مخلص نہ ڪنهن ڏٺو هوندو،
هڪ دل سا بہ ڪٿ وساري ويو.

هڪڙو "شمشير" هو زماني ۾،
سو دنيا کان اڄ گذاري ويو.

شمشير الحيدري

## غزل

اسين حالَ هيڻا، اوهان جي خُدائي- وڏي ڳالهہ آهي،
هلي پئي اجا زند گيءَ جي لڙائي- وڏي ڳالهہ آهي.

انڌيرن ۾ پَلجي پئي روشنائي- وڏي ڳالهہ آهي،
اجا وقت کي پئي ڳولي سچائي - وڏي ڳالهہ آهي .

اوهين حسن تي پنهنجي نظرن جا پهرا اجا تيز ڪريو
ڪريون پيا اسين عشق جي رهنمائي - وڏي ڳالهہ آهي.

اسان عشق وارن جا ارواح آزاد آهن ازل کان،
ابد تائين آهي اسان جي رسائي- وڏي ڳالهہ آهي.

زماني جا منصور آهيون اسين، خوب مشهور آهيون،
اسان سُورين تي نہ گردن جهڪائي - وڏي ڳالھہ آهي.

اِتي ئي هئي منهنجي خوابن جي جنت، ستارن جي ڌرتي،

وڏي ويئي عرش برين جي اوچائي- وڏي ڳالهہ آهي.

نگاهون کڻي داد جي لاءِ مُرڪڻ جي ڪهڙي ضرورت،
اوهين آهيو سهڻا، اوهان جي اهائي- وڏي ڳالهہ آهي.

# BRIEF INTRODUCTION

# شمشير الحيدري

(1931-2012)

| | |
|---|---|
| ادبي نالو: | شمشير الحيدري |
| اصل نالو: | شمشير علي |
| ولديت: | رسول بخش |
| جنم تاريخ: | 15 سيپٽمبر 1931ع وفات 10 آگسٽ 2012ع |
| جنم جو هنڌ: | ڳوٺ ڪيڙ، ضلعو بدين، سنڌ |
| تعليم: | بي-اي (آنرس)، ايم-اي، ڊي-آءِ-ايم-ايس (طب). |
| ڌنڌو: | لکڻ (هن وقت) سرڪاري ادبي ۽ صحافتي نوڪريون (اڳي) |
| ادبي ابتدا: | چوڏهن سالن جي عمر ۾ |
| ادبي سجاڳپ: | ادب، شاعري، صحافت، ناٽڪ، تاريخ، ادبي تنقيد |
| ڇپيل ڪتاب: | (1) انسان ڪامل (2) ڪاروانِ ڪربلا (3) سجاڳ سانگھڙ - گذيٽيئر، (4) سنڌي آزاد نظم جي اوسر، (5) سنڌي شاعريءَ جو اڀياس، (6) بهترين سنڌي افسانا - ترتيب (7) تاريخ جو ڪچرو - شاعري، (8) لاٽ - شاعري (9) فلوٽ ائنڊ فليم - ترتيب، انگريزي (10) سوڪڙي - ترتيب (11) پيار جا 9 گيت - جرمني گيتن جو منظوم ترجمو. |
| اڻ ڇپيل ڪتاب: | (1) 50 سنڌي ۽ ڍاٽڪي گيتن جو پوربي لهجي ۾ ترجمو (2) لاٽ - شاعريءَ جو مڪمل مجموعو (3) سنڌ ايڊيٽ - ترتيب، سنڌ جو گزيٽيئر انگريزي (4) روشن تارا گيت - ٻارن لاءِ گيت. |
| اوارڊ: | (1) سونو ٻلو - سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئشن (2) صدارتي ٻلو - پرائيڊ آف پرفارمنس (3) پاڪستان |

ٽيليويزن- 3 اوارڊ (4) سنڌي اڪيڊمي، دهلي (5) مارئي، دهلي، (6) راشٽريه سنڌي ڀاشا وڪاس بريشد جئپور (7) سنڌي ادبي سنگت، (8) نئين زندگي، (9) ٽاپ ٽين (99) اورينٽ انٽرنيشنل پاڪستان (10) سنڌ گريجوئيٽس ائسوسئيشن – شيلڊ (11) سمبارا اوارڊ (12) پاڪستان حُڪماءَ ڪائونسل 2 اوارڊ، طبي خدمتن تي.

**سوال:** پنهنجي نندپڻ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟

**جواب:** آئون اصل بدين جو آهيان، جيڪو لاڙ جو مشهور ۽ مرڪزي شهر رهيو آهي. منهنجو ڏاڏو محمد هاشم هاري هو، بدين ضلعي جي تعلقي ٽنڊي باگي جي ڳوٺ ڪوچايون ۾ رهندو هو. اتان پوءِ بدين آيو ۽ پنهنجي ذاتي صلاحيتن جي ڪري هن حڪمت ۾ وڏو نالو پيدا ڪيو بدين ۾ هن جو تمام وڏو پسارڪو دڪان هو، حڪمت وارو ڌنڌو. پوءِ منهنجي والد صاحب وٽ آيو. پسارڪي دڪان تي ڪم ڪندي والد صاحب ۽ پوءِ پنهنجي مامي نذير حسين حيدريءَ جي ڪري، جيڪو پنهنجي وقت جو وڏو حڪيم، قومي سياسي اڳواڻ، هاري ڪميٽي جو وائيس پريزيڊنٽ هو. هن جون جيڪي علمي لياقتون هيون شاعري ادب، حڪمت، صحافت، اهي سڀ مون کي جڻ ته ورثي ۾ مليون. منهنجي والد ٽي شاديون ڪيون، ان ڪري منهنجي پرورش پنهنجي مامي وٽ نا ناڻڪي ڳوٺ ۾ ٿي. منهنجو نانو حاجي غلام علي پنهنجي وقت جو وڏو تونگر ماڻهو هو هن جون چمڙي جون ڪوٺيون ڪڇ ڀڄ ۾ به هيون، "رحمڪي" بازار ۾ رهندو هو. بعد ۾ هو ننڊي شهر ۾ آيو جيڪو بدين ضلعي جو چڱو موچارو پڪو ڳوٺ آهي، ان ڪانپوءِ آءٌ پنهنجي اباڻي گهر آيس، جتي منهنجي ابتدائي تعليم شروع ٿي، ا سان جو گهر بدين شهر جي غريب آباد محلي ۾ هو. اتي ئي پا سي ۾ مولوي حاجي احمد ملاح جو مدرسو هو. ڪتاب هو جتي مون کي ڇڏيو ويو ۽ اتان مون قرآن شريف جي تعليم ورتي، ان زماني ۾ تڏن تي ويهي پڙهبو هو. ڪاٺ جي تختيءَ/ ڦٽي تي ميٽ هڻي، ڪوئلن جي مس ۽ ڪانهن جي

قلم/ڪِلڪ سان لکبو هو.

ان کان پوءِ مون کي پرائمري اسڪول بدين ۾ ويهاريو ويو. جتان مون چار درجا سنڌيءَ جا پاس ڪيا. پوءِ چار درجا انگريزي اسڪول ۾ پڙهي سنڌ مدرسي ڪراچي ۾ داخل ٿيس. پر آءُ ميٽرڪ ڪري نہ سگهيس، ڇاڪاڻ تہ مون کي اسٽرائيڪ ڪرائڻ جي سزا طور ڪيڊي ڇڏيو ويو هو. ان بعد گهڻي دربدريءَ کان پوءِ تعليمي سلسلو پيهر شروع ڪري سگهيس. ان وچ ۾ ملازمتون شروع ڪيم. ٽي مهينا "اين جي وي" (N.J.V) هاءِ اسڪول ڪراچي ۾ پڙهيس، اسٽرائيڪ جي ڪاوڙ جي ڪري سنڌ مدرسي وارن سرٽيفڪيٽ ڪونہ ڏنو. ٽن مهينن تائين وري حيدرآباد جي نور محمد هاءِ اسڪول ۾ بنا سرٽيفڪيٽ جي پڙهيس. نيٺ انهن بہ ڪيڊي ڇڏيو. هڪ سال بعد جڏهن سرٽيفڪيٽ مليو تہ ٽنڊي باگي جي لارينس اسڪول ۾ PRELIMINARY جو امتحان ڏنم ۽ اڳتي هلي ميٽرڪ جي امتحان ۾ ويٺس، فيل ٿي پيس. وري سپليمينٽري ڏنم،فيل ٿي پيس، تنهن بعد تعليم ڇڏائجي وئي ۽ مون نوڪريون ڪرڻ شروع ڪيون. پهرين نوڪري مون رائيس مل تي بدين ۾ 60 روپيہ پگهار تي ڪئي ان کان پوءِ مامي جي معرفت آبپاشي کاتي ۾ ٽيليفون آپريٽر ملي، ايس ڊي او احمد خان پرڪڙي صاحب مهربان هو جنهن انهيءَ سان گڏ اتي ئي مون کي هوا ماپ شعبي ۾ آبزرويٽر ڪري رکيو. اتي بہ 60 روپيہ پگهار ملندي هئي. ان وچ ۾ ايس ڊي او صاحب روينيو آفيسريءَ جي جاءِ ڏني، ان وقت بہ مون وٽ اجان ميٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ ڪونہ هو. بدين ۾ ان وقت صورتحال اها هئي جو آءُ ميٽرڪ پاس نہ هوندي بہ تعليم يافتہ سمجهيو پئي ويس. ان کان پوءِ ايس ڊي او صاحب مون کي ڊويزنل ڪلرڪي جي جاءِ ڏياري. جيڪا تنهن وقت ۾ تمام اهم پوسٽ ليکي ويندي هئي. ان وچ ۾ بدين ۾ ايگريڪلچر ڪو آپريٽو ڪريڊٽ بينڪ جي برانچ قائم ڪئي وئي. منهنجو مامو ان جو هڪ ڊائريڪٽر هو. پڙهيل ماڻهو هئا ڪونہ. مون کي ان جو مئنيجر ڪري رکيو ويو. ٽن سالن تائين اتي رهيس. 1954ع کان پوءِ حيدرآباد آيس. جتان منهنجي ادبي زندگي جي باقائدي شروعات ٿي.

**سوال:** سائين توهان کي ادب سان لڳاءُ ڪڏهن پيدا ٿيو ۽ اهو بہ تہ

توهان کي ڪھڙن ادبي ۽ صحافتي ادارن ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ ان دوران ڪھڙن ڪھڙن ماڻھن سان گڏجي ڪم ڪيو؟

**جواب:** مامي جي سرپرستي ۾ ساڻس گڏ رهڻ جي ڪري ننڍي هوندي کان ئي ادب سان لڳاءُ پيدا ٿيو. جيئن تہ منهنجو مامو ڪامريڊ نذير حسين حيدري پنهنجي دور جو تمام وڏو اديب، عالم ۽ مذهبي اڳواڻ، وڏي پايي جو مقرر ۽ صحافي هو. هن تنهن وقت ۾ اعلان حق“ جي نالي سان اخبار ڪڍي هئي، جنهن ۾ آءُ ساڻس پانهن ٻيلي هوس، ان ڪري مون کي ا ها لغار بہ تڏهن ئي هئي، منهنجا ترجمو ڪيل ليک ۽ طبعزاد لکڻيون تڏهن کان ڇپجڻ لڳيون.

توهان کي هڪ دلچسپ ڳالھ ٻڌايان تہ جيتوڻيڪ گھر ۾ ان وقت بہ سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. سنڌي امڙ جي ٻولي هئي، ابي جي ٻولي هئي، اسان جو سڄو خاندان اهائي ٻولي ڳالهائيندو هو. تنهن هوندي بہ منهنجي پڙهائي جو سرچشمو اردو هئي، انگريزي ڪانہ ايندي هئي، تمام گھڻا ڪتاب ۽ رسالا پڙهيم، جيڪي لڳ ڀڳ سڀ اردو ۾ هوندا هئا. ان وقت مون کي سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪو گھڻو اون ۽ فڪر ڪونہ هو تہ اها ڪا وڏي ٻولي آهي. ايتري قدر جو مون شاعريءَ ۾ لکڻ جي شروعات بہ اردوءَ سان ڪئي، مون ان وقت تائين شاهہ، سچل، سامي يا اسان جي جديد شاعرن کي نہ پڙهيو هو، ڪنهن ڪنهن مهل ڪا شيءِ پڙهي ونبي هئي. اسڪول ۾ انعام طور سنڌي جا ملندڙ ڪتاب منهنجي ذهني سطح کان وڏا هئا، تنهن ڪري ڏيان سان پڙهي ڪونہ سگھيا هئا.

1954ع کان ٿورو اڳ ۾ مون سنڌي پڙهڻ لکڻ شروع ڪئي، اهو بہ مامي جي صحبت جي ڪري ٿيو. مامي وٽ تمام وڏي لئبريري هئي، جنهن ۾ هر قسم جا، مختلف مذهبن ۽ ملڪن بابت وڏن عالمن جا لکيل ڪيترائي ڪتاب موجود هوندا هئا. مولانا مودودي جي ترجمان القرآن جهڙا ڳرا ڳرا ڪتاب مون پڙهيا، هضم ڪيا، سندس لائبريري ۾ ڪارل مارڪس، لينن، هيگل، ۽ ٻين پرڏيهي مفڪرن ۽ عالمن جو وڏو ذخيرو هو. ايلو پيٿيءَ بابت ڪيترائي ڪتاب پڻ سندس لائبريري ۾ هوندا هئا. ان ڪري مون نہ رڳو انهن موضوعن تي ڪتاب پڙهيا پر مامي سان گڏ باقائدي

پريڪٽس بہ ڪئي. اهي سڀ شيون مون کي جڙڻ تہ ورثي ۾ مليون.

جيتري قدر شاعري جي ڳالهہ آهي تہ اها مون تمام ننڍي عمر ۾ بدين مان ئي شروع ڪئي. نثر لکندو هوس، ”هلال پاڪستان“ ۾ ان وقت مون باقائدي لکڻ شروع ڪيو ۽ منهنجو وڏيڪ شغف مزاح سان هو. ان وقت آءُ سنڌيءَ ۾ لکڻ جي باقائدي شروعات ڪري چڪو هوس. هلال پاڪستان ۽ ٻين اخبارن ۾ مضمون وغيره ڇپجڻ جي ڪري ماڻهن تائين نالو پهتو. صحافت جي دنيا ۾ منهنجي ٿوري گهڻي واقفيت آهي. اها بہ ان وقت جي ادبي ۽ صحافتي سرگرمين جو نتيجو آهي، پوءِ آءُ حيدرآباد آيس، بيروزگار هوس، هلال پاڪستان ۾ محترم محمد بخش جوهر ايڊيٽر هوندو هو. منهنجي هڪ لکڻي ڪٽي وٺس ويس پر ڪيس اهو ڪونہ ٻڌايم تہ آءُ شمشير الحيدري آهيان، بهرحال پوءِ هڪ ٻئي سان ويجهڙائي وڌندي وئي، هڪ پيرو اتي مولانا غلام محمد گرامي صاحب آيو اها 1955ع جي ڳالهہ آهي، گرامي صاحب مامي جو گهاٽو دوست هو. پوءِ جڏهن محمد بخش جوهر صاحب ساڻس منهنجو تعارف ڪرايو تہ هو تمام گهڻو خوش ٿيو. مولانا صاحب مون کي آفر ڪئي، پوءِ جويي صاحب سان بہ ملاقات ٿي. هو سنڌ مدرسته الاسلام ۾ منهنجو انگريزيءَ جو استاد هوندو هو. جيئن تہ مون سنڌ مدرسي ۾ پهريون ڀيرو بزم سنڌي ادب قائم ڪئي هئي. جنهن جو آءُ سيڪريٽري ۽ جويو صاحب صدر هو جيتوڻيڪ بزم جي پليٽفارم تان ڪو خاص ڪم نہ ٿي سگهيو پر اسان جي پاڻ ۾ ويجهڙائي پيدا ٿي. نہ رڳو جويي صاحب سان واقفيت ٿي، پر هوشيار هجڻ ڪري ٻيا استاد بہ مون کي تمام گهڻو پائيندا هئا ۽ فارسي فقہ ۽ سنڌي جا ڪچا پيپر سارڻ (چيڪ ڪرڻ) لاءِ مون کي ڏيندا هئا. عادت منهنجي اها هوندي هئي جو ڪتاب ڪونہ وٺندو هوس، هڪڙي ڪاپي رکندو هوس. جنهن ۾ رف فيئر ٻئي ڪم ڪندو هوس. حسن علي هائوس واري هاسٽل ۾ رهندو هوس، پنهنجي هم ڪلاسين کان ڪتاب وٺي رات جو پڙهي امتحان ڏيئي ڇڏيندو هوس ۽ پاس ٿي ويندو هوس.

**سوال:** شاعري جي ابتدا ڪيئن ٿي؟ ۽ اهي ڪهڙا محرڪ هئا جن اوهان کي لکڻ تي مجبور ڪيو؟

**جواب:** پنھنجي مامي مرحوم ڊاڪٽر نذير حسين حيدريءَ جي پرورش هيٺ ننڍي هوندي کان ادب ۽ شاعريءَ جو ذوق پيدا ٿيو. چوڏهن – پندرهن سالن جي ڄمار ۾ اڙدو تان ترجمان ڪرڻ ۽ پنھنجي ڪچي ڦڪي شاعري ڪرڻ لڳس. سنڌ مدرسي ڪراچيءَ ۾ شاگرديءَ دوران پھريون پيرو وڏو اصلوڪو نظم سنڌ مدرسته الاسلام تي لکيم. جيڪو مدرسي جي 1949ع واريءَ ڪرانيڪل ۾ شايع ٿيو.

**سوال:** اوهان علم عروض جي باقائدي سکيا ڪنھن کان ورتي؟ ۽ علم عروض تي روشني وجھڻ فرمايو؟

**جواب:** عروض جي باقائدي سکيا ڪنھن کان بہ نہ ورتم. شاعريءَ جي مطالعي سان عروض سمجھ ۾ آيو. گھڻو پوءِ عروض بابت ڪتاب پڙهيم. ابتدائي دور ۾ ڪراچيءَ جي دوست، غلام عباس ”قيصر“ قزلباش کان اصلاح ورتم. جيڪو سنڌيءَ جو سٺو شاعر، فارسيءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ عروض جو ماهر هو.

عروض عربي علم آهي، جنھن مان شاعريءَ ۾ وزن ۽ بحر پيدا ٿئي ٿو. اسان وٽ اهو فارسيءَ ۽ پوءِ اڙدو ٻوليءَ ذريعي رائج ٿيو. اڳي اسان وٽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جو موسيقيءَ تي ٻڌل ۽ هنديءَ جو ڇند تي ٻڌل وزن رائج هو. عربي عروض جي رواج سان اسان وٽ وزن سان گڏ ”بحر“ جو نظام بہ رائج ٿيو. اهو نظام اسان وٽ پھرين غزل سان شروع ٿيو ۽ اڳتي هلي اهو هاڻي ٻين صنفن ۾ بہ رائج آهي، عروض جي علم تي سنڌيءَ ۾ ڪجھ ڪتاب ڇپيل آهن. جيڪي نئين ٽھيءَ جي شاعرن کي ضرور پڙهڻ کپن.

**سوال:** توهان امداد جو غزل بہ پڙهيو هوندو ۽ يقينن وفا جي غزل کان بہ آشنا هوندا؟ توهان کي امداد جي غزل ۽ وفا جي غزل ۾ ڪھڙو فرق محسوس ٿئي ٿو.

**جواب:** فرق فن جو بہ آهي، خيال ۽ موضوع جو بہ آهي، امداد منھنجي نظر ۾ نظم جو خاص شاعر آهي، جيتوڻيڪ هن غزل بہ تمام سٺا لکيا آهن. پر وفا غزل ئي لکيا آهن. تمام گھڻا لکيا آهن ۽ منھنجي خيال ۾ هو سنڌي غزل جو بادشاهہ آهي.

**سوال:** توهان اڄ جي غزل کي ڪيئن ٿا محسوس ڪيو– ڇا اڄ جو

غزل رومانس ڏانهن جهڪي نہ ويو آهي؟

**جواب:** اول تہ رومانس جو مطلب محدود ڪونهي، ۽ ان جي معنيٰ رڳو عشق محبت نہ آهي. هڪڙي شاعر لاءِ ڪنهن سُڪل وڻ يا ڪنهن پوڙهيءَ عورت جي نراڙ تي وقت جي پيدا ڪيل گهنجن ۾ بہ رومانس آهي. هونئن بنيادي طرح غزل تہ آهي ئي عورت سان يا ان بابت بيان ڪرڻ جي صنف، ۽ شاعرن انهيءَ ئي موضوع تي گهڻي ۾ گهڻو لکيو آهي. قدرت جي سونهن، فطرت جي اسرارن ۽ سماجي معاملن جا موضوع غزل ۾ گنجائش حاصل ڪندا رهيا آهن، ۽ اسان وٽ هاڻي قومي موضوع بہ غزل۾ آندا پيا وڃن. پر منهنجي خيال ۾ اهي ڳالهيون غزل جي ”نازڪ خياليءَ“ کي ڇيهو رسائين ٿيون. غزل ۾ اهڙين ڳالهين لاءِ وڏي مهارت کپي، تہ جيئن غزل جي مزاج ۾ بگاڙو نہ پيدا ٿئي. نئين ٿهيءَ ۾ غزل جا ڪي سٺا شاعر پيدا ٿيا آهن، پر اڪثريت سطحي شاعري ڪري ٿي، جيڪا فن توڙي خيال جي لحاظ کان غزل جي ضرورتن کان پري آهي.

**سوال:** توهان ڪهڙن ادبي نالن کان متاثر آهيو يا هيو؟

**جواب:** متاثر ٿيڻ لاءِ سڄي دنيا جو شعر ۽ ادب پيو آهي، اثر وٺڻ جا بہ طريقا آهن. هڪ طرح، ڪنهن اديب يا شاعر جي خيال، فن ۽ انداز کي پاڻ تي حاوي ڪرڻ، ۽ ٻيءَ طرح ان جي فقط رمز کي جذب ڪرڻ. چڱو فنڪار اهو آهي، جيڪو تنقيد کان پاسو ڪري، عظيم تخليقڪارن جي تجربن کي ساڻ کڻي، پنهنجا نوان گس گهڙي ۽ پنهنجي الڳ سڃاڻپ پيدا ڪري.

مون جيڪو بہ عظيم ڪلاسيڪي ادب ۽ شعر مطالعو ڪيو آهي، ان جي فقط خوشبو سان پنهنجي ذهن کي تازو ڪيو آهي. انهيءَ سلسلي ۾ ڪي بہ خاص نالا نٿو ڳڻائي سگهان، ڇو تہ مون سنڌي، انگريزي، فارسي ۽ اڙدو جي گهڻن اديبن ۽ شاعرن کان ڪجهہ نہ ڪجهہ پرايو آهي، ۽ منهنجي ذهني پرورش ۾ انهن سڀني جو حصو آهي.

**سوال:** اسان وٽ ڪيترائي شاعري جا ڪتاب روز ڇپجن ٿا ۽ اڄ جي نوجوان جو لاڙو بہ تحقيق ۽ تاريخ کان هٽي ڪري شاعري ڏانهن وڌيڪ آهي، ان جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟

**جواب:** ڪنهن بہ شعبي ڏانهن لاڙو، مطالعي ۽ مشاهدي توڙي ذاتي

رغبت ۽ طبيعت تي مدار رکي ٿو. تنهن کان سواءِ، تحقيق جو شعبو وقت ۽ محنت گهري ٿو. اسان جون تمام تيزيءَ سان بدلجندڙ سماجي حالتون به اثر رکن ٿيون. جن اسان جي نوجوانن کي نفسياتي انتشار ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. اسان جا اخلاقي قدر ۽ روايتون تيزيءَ سان تبديل ٿي يا وڃائجي رهيا آهن. اهڙيءَ گڏيل صورتحال ۾، اسان جو نوجوان "ذوق" بدران "شوق" جو شڪار ٿي رهيو آهي، ادب ۽ شعر جي عالمي اُپت ۽ قدرن جو اڀياس هو خير ڪو ڪري ٿو. ڪائنات جي اسرارن، فطرت جي قائدن ۽ اصولن جو مشاهدو، انساني نفسيات جو اڀياس، عالمي ۽ مڪاني معاملن جي ڇنڊڇاڻ، سنجيده ادب جي اُپت ۽ اوسر لاءِ ضروري آهن. حالتن جي تيزيءَ سان تبديلن اسان جي نوجوان جي ذهنن تي اٿلاٽائيءَ جو ڪوهيڙو چاڙهي ڇڏيو آهي. نتيجي ۾ هو سهل پسند ٿي پيو آهي. رواجي شاعريءَ جا موضوع هن جي آس پاس، ويجها پکڙيل آهن. پر تحقيق لاءِ پري جي نظر کپي، هزارين سالن جي پاڻ اوندهه جي اگهور کي اورانگهڻ لاءِ ڄاڻ جي برقي نگاهه کپي، تنهن ڪري، انهيءَ ميدان ۾ اسان وٽ کوٽ نه آهي، پر ڪي جوان پڙ ۾ پير پائي رهيا آهن، جن کان مايوس نه ٿيڻ کپي.

**سوال:** توهان شيخ اياز جي ويجهو رهيو. توهان شيخ اياز جي پوئين/ پڇاڙي واري پلٽي کي ڪهڙو نالو ڏيندو ۽ اوهان جي نظر ۾ اهي ڪهڙا ڪارڻ هيا. جن جي ڪري اياز پنهنجي شاعري تان دستبردار ٿيو؟

**جواب:** منهنجي ڄاڻ ۾، اياز کان سواءِ ٻيو ڪو به شاعر دنيا ۾ ڪونهي، جيڪو پنهنجي تخليق جي هڪ وڏي حصي کان دستبردار ٿيو هجي، تنهن هوندي به، اهو هڪ شاعر جي ذهني ۽ شعوري اوسر جو هڪ مرحلو آهي، جيڪو شيخ اياز جي حالت ۾ عمر جي آخري ڏينهن ۾ پيش آيو. سوچ جون اهي منزلون اسان کي ڪيترن ئي وڏن اديبن، شاعرن، انقلابين ۽ سياستدانن ۾ نظر اچن ٿيون، جن ۾ اصولن ۽ نظرين کان هٽڻ جا مثال ملن ٿا. جيتوڻيڪ پنهنجيءَ تخليق کي پاڻ رد ڪري ڇڏڻ جو مثال رڳو اياز وٽ ڏسون ٿا. پوءِ به سندس رد ڪيل تخليقي ڪارناما اسان وٽ هڪ تمام قيمتي سرمايي جي صورت ۾ محفوظ رهجي ويا آهن. اها وڏي ڳالهه آهي.

اياز جيڪي ڪجهه پوءِ لکيو سو اختلافن هوندي به، فني ۽ فڪري

لحاظ کان شاهڪار آهي، ۽ اياز ان ۾ به ڀرپور نموني نظر اچي ٿو.

اياز پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ مضبوط حواسن جو مالڪ نه هو عمر جي وڌندي رهڻ سان، هو موت جي ڏپ ۾ وٺبو ٿي ويو. ڪيترا ڀيرا هن موت کي ڏمڪين جا جيڪي نظم لکيا، سي انهيءَ احساس جو نتيجو هئا. سندس شعور جو آخري ڦيرو به موت کي وجهڙائپ جو روپ هو.

**سوال:** چون ٿا ته شاعري عشق جي پيداوار آهي ته پوءِ اوهان به شاعري ڪئي آهي. ٿورو محبتن جي باري ۾ ٻڌايو؟

**جواب:** چوڻ وارن کي چوڻ ڏيو. منهنجي شاعري عشق جي پيداوار نه آهي، شاعريءَ جو ڍانچو اڳ موجود ٿيو ۽ عشق پوءِ ٿيا.

محبتن جا معاملا ذاتي ٿين ٿا، انهن تي ڳالهائڻ سان واسطيدارن جي عزت مجروح ٿئي ٿي، هونئن به محبت جو پهريون اصول رازداري آهي تنهن ڪري معافي.

**سوال:** توهان مهراڻ ۾ به رهيو. ان جو ڇا ته معيار هو اڄ جڏهن وري هڪ دفعو مهراڻ جو واڳون سنڌي ادب جي ڀلوڙ شاعر امداد حسيني جي حوالي ڪيون ويون آهن، پر اڄ جو مهراڻ ايترو معيار برقرار رکي نه سگهيو. جيڪو غلام محمد گرامي، طالب المولىٰ يا وري اوهان جي دور ۾ هو ڇو؟

**جواب:** ”ڇو“ جو جواب ڏاڍو ڏکيو آهي، اها هڪ دور جي کهاڻي آهي. ايتري تفصيل جي هتي گنجائش ڪانهي، حياتي آهي ته اهو چٽو آءُ پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ پيش ڪندس.

**سوال:** زندگيءَ مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

**جواب:** بيحد مطمئن آهيان.

**سوال:** اوهان جي اهڙي خواهش جيڪا چاهڻ جي باوجود پوري نه ٿي هجي؟

**جواب:** مون اهڙيءَ ڪنهن به خواهش کي دماغ ۾ نه رکيو آهي، جيڪا پوري نه ٿيڻ سان ڏک ڏئي.

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي کان ڪيترو مطمئن آهيو؟

**جواب:** اهي ڏينهن، اهي شينهن!

**سوال:** توهان سگريٽ تمام گهڻا ٿا پيئو! سگريٽ ڪڏهن کان شروع ڪيو ۽ "Smoking" جو ڪهڙو ڪارڻ هو؟

**جواب:** سگريٽ جو آءُ "چين سموڪر" آهيان، تمام ڪچيءَ ڄمار ۾ پتي جي ٻيڙي پيئڻ ياد آهي. منهنجي ناناڻڪي ڳوٺ ۾ هڪڙي پوڙهي مائٽياڻي گهر ۾ پتي جون ٻيڙيون وڪڻندي هئي. ڪيترا ننڍا ٻار به ان کان ٻيڙيون وٺي، لڪي لڪي پيئندا هئا. آءُ به، هڪ ٻن دوستن سان، پوڙهيءَ کان ٻيڙي وٺي پيئندو هو ڪنهن جي اچڻ جي ڊپ کان، پويان گهوڙي ٻڌڻ واريءَ جاءِ ۾ وڃي پيئندا هئاسين.

گهڻو پوءِ، 1947ع ۾، آءُ ڪراچيءَ سنڌ مدرسي ۾ پڙهڻ آيس، تي دوست، هڪڙي دوست جي گهر رات جو امتحان جي تياري ڪندا هئاسين، ٻڌو هوسون ته سگريٽ پيئڻ سان ننڊ نٿي اچي، سو هڪڙو هڪڙو سگريٽ وٺي اچي پيئندا هئاسين، اهو "پليئرس نيوي ڪٽ" سگريٽ هو. جيڪو اڄ "گولڊ ليف" جي نالي سان اوچو سگريٽ آهي. تڏهن، "گولڊ ليف" واري هاٿوڪي پاڪيٽ تي "پليئرس" جي لڳل گول ٽڪلي، سڄي پاڪيٽ تي چپيل هوندي هئي. هوريان هوريان عادت پئجي وئي. پوءِ ڳوٺ موٽي آيس ته پتي جي ٻيڙي شروع ڪيم. 1965ع جي جنگ ۾ انڊيا کان ٻيڙي جو پتو اچڻ بند ٿيو ۽ ڦاڙون ۽ گيدوڙيءَ جا پتا استعمال ٿيڻ لڳا ته وري سگريٽ پيئڻ لڳس، جيڪو اڄ تائين ساهه سان سانديندو اچان.

**سوال:** سونهن ڏسندي ڇا محسوس ڪندا آهيو؟

**جواب:** پاڻ کي سهڻو محسوس ڪندو آهيان.

**سوال:** عشق ۾ جيڪو ڏک، رنج، الم، پيڙاءُ محبوب طرفان ملي ٿو، ان کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

**جواب:** مڙئي مناڻي، پريان سندي پار جي!

**سوال:** سنڌ ڌرتي ۾ خاص ڪري ڪراچي ۾ ڌارين جي ڪاهه وڌي وئي آهي، پر اسان جو سياستدان ان کان بي خبر ٿي ڪن لاٽار ڪيو، پيجارو ۾ گهمي ٿو. ان جا ڪهڙا منفي اثر پوندا ـ ۽ اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟

**جواب:** اثر ته ڏاڍا ٻُڇڙا هينئر ئي پئجي رهيا آهن. اسان کي سنڌ لاءِ

قومي حيثيت حاصل ڪرڻ ڪيپي، پر ”اسين“ ڪير؟ اڃو تہ پهرين پاڻ کي ڳوليون.

**سوال:** جيڪا شاعري ڇپجي ٿي ڪتابن ۾، رسالن ۾، اخبارن ۾، انهن جي ڇنڊ ڇاڻ، ٽيڪ ٽپڻي ڪرڻ ٿيڻ گهرجي؟ جي ها تہ پوءِ اهو اسان جي سينيئر اديب جو فرض ٿو ٿئي تہ هو نوجوانن کي علم عروض سيکاري سنڌي دڳ لائي. پر اڄ جو سينئر اديب گوشہ نشين ٿي گهر ويٺو نندون ڪري.

**جواب:** نہ رڳو شاعري، پر سموري ادب جي وقت بوقت ڇنڊڇاڻ ٿيڻ گهرجي، پر اهو ڪم نقادن جو آهي، سينئر اديبن ۾ سڀ نقاد نہ آهن. رڳو علم عروض سيکارڻ بہ سينئر اديبن جو ڪم ڪونهي. ڪنهن بہ سينئر اديب باقائدي علم عروض جي تعليم نہ ورتي هئي. نوجوانن کي ڪپي تہ هو شاعريءَ جي فن جا ڪتاب پڙهن. اهي سنڌي ۾ اڙدو ۾ موجود آهن. ڪين پاڻ سينئر اديبن کان صلاحون وٺڻ ڪپن. ڪوبہ سينئر اديب گوشي نشين نہ ٿي ويٺو آهي: امر جليل، قمر شهباز، امداد حسيني، ابراهيم جويو، سراج، عبدالجبار جوڻيجو، غلام علي الانا، ڪامريڊ سوڀو، تاج بلوچ، آغا سليم يا اڃا ڪي بہ ٿي نالا بيا بہ هوندا، پر جيڪي بہ سينئر اديب يا شاعر اڱرين تي ڳڻڻ جيترا موجود آهن، اهي سڀ اڃا لکي يا ڳالهائي رهيا آهن. گهر تہ هرڪو نندون ڪري ٿو پر انهن مان ڪوبہ ڇپ هٽي لڪي نہ ويٺو آهي.

**سوال:** شمشير صاحب نئين ٿهي جي شاعري تي روشني وجهو ۽ اهو بہ فرمايو تہ سگهاري شاعري ۾ ڪهڙيون خوبيون هجڻ گهرجن؟

**جواب:** اسان جو نوجوان جيڪو شاعري ڪري پيو، ان کان جيتوڻيڪ اسين پوري طرح سان مطمئن نہ آهيون، ڇاڪاڻ جو ان جو ڪو متعين رخ ڪونهي، هونئن تہ شاعري شاعر جي پنهنجي ذاتي ملڪيت آهي، جيڪا هو پنهنجي مشاهدي، مطالعي، تجربي ۽ فڪري لاڙن سان پيدا ڪري ٿو پر تنهن جي باوجود اسان جي سماج ۾ ان جا جيڪي شروعات کان وٺي بنياد رهيا آهن اهي ٿورڙي وقت کي ڇڏي ڪري هميشہ مزاحمتي رهيا آهن، جيئن تہ سنڌ شروع کان وٺي ٻاهرئين جبر ۽ دٻاءُ هيٺ رهندي آئي آهي، تنهن ڪري جيئن هت بزم جا وڏا داستان سرجيا ويا آهن. تيئن اسان وٽ رزم جا بہ وڏا سلسلا رهيا آهن. اسان وٽ شعر جو جيڪو اڳاٽو ذخيرو آهي،

جيئن دودي چنيسر جو داستان. اسان جا ڪلاسيڪي شاعر صوفي بزرگ ته هئا. روحانيت جو درس به هنن ڏنو آهي، اندر اجارڻ جي تلقين به ڪئي اٿن پر ساڳئي وقت تي هنن مزاحمت جو به ڀرپور مظاهرو ڪيو آهي. فارسي زده شاعري جي روايتي دور کان سواءِ جديد دور تائين شاعرن جو وڏو مزاحمتي ڪردار رهيو آهي. اهڙي ريت اوهين ڏسندا ته شاعري جي هر دور ۾ ان جو مقرر رخ رهيو آهي ۽ جيڪي به شاعر آهن تن جيئن مون اڳ ۾ چيو ته ڪنهن نه ڪنهن نظريي جي ماتحت تخليقون ڏنيون آهن. جديد دور جي شاعري به حالتن جي پيداوار آهي. هر مسئلي تي هر دور ۾ شاعرن ماڻهن جي رهنمائي ڪئي آهي. هن وقت جيڪو ادب تخليق ٿي رهيو آهي. اهو ڏاڍو سٺو آهي. نون شاعرن جون ڪاوشون ساراهڻ جوڳيون آهن. ڪين سلام پيش ڪريان ٿو. جو هنن سٺو پورهيو ڪيو آهي. پر تنهن جي باوجود سندس شاعريءَ ۾ ڪو خاص ربط ناهي. مقرر رخ ناهي ۽ اهو جيڪڏهن مقرر ٿي وڃي ته ڏاڍو سٺو.

**سوال:** توهان ڇا ٿا چوڻ چاهيو؟ ۽ اهو به ٻڌايو ته سگهاري شاعريءَ ۾ ڪهڙيون خوبيون هجڻ گهرجن؟

**جواب:** مقصد اهو آهي ته سموري شاعري جو مجموعي لاڙو يڪجا هجي ته جيئن ان ۾ زور ۽ پائداري پيدا ٿي سگهي، جيئن ون يونٽ ۾ هو. توهان ڏسندوءِ ته ڪيترن سالن کان اسان وٽ ناول، شاعري، افساني ۾ ڪا اهڙي شيءِ نه آئي آهي، جيڪا هن دور جي تاريخ ۾ نمائندگي ڪري. جيڪا اڄ کان ڏهه پندرهن سال پوءِ پڙهجي ته ان ۾ هاڻوڪي دور جو آئينو نظر اچي، اهڙي ڪابه شيءِ نه آئي آهي. جنهن جي باري ۾ چئي سگهجي ته اها هن دور جي نمائنده شاعري آهي. نمائنده ناول آهي يا اهڙي ڪابه شيءِ پيدا نه ٿي سگهي آهي. ان ڪي آءُ رخ ٿو چوان. ان رخ سان اسان جي اجتماعي نمائندگي وارو ڪو ڪم نه ٿيو آهي، اسان جا شاعر ڀلا آهن. ڪم ڪن پيا. انهي سلسلي ۾ انهن جو ڏوهه به ڪونهي، ڇاڪاڻ ته حالتن جي تيز رفتاري کي گرفت ۾ آڻڻ ڏکيو آهي.

سگهاري شاعري جي خوبين بابت بحث تمام ڊگهو آهي، ان باري ۾ منهنجو نقط نظر اهو آهي ته شاعري ٻن قسمن جي ٿيندي آهي، هڪ داخلي،

اندر جي اڏمن جي – ۽ ٻي آهي خارجي، جيڪو ڪجھہ نظر اچي ٿو ان کي بياني طور جيئن آهي تيئن بيان ڪري ڇڏجي. دائميت داخلي شاعري کي آهي ۽ جيڪڏهن داخلي ۽ خارجي ٻنهي کي ملائي پيش ڪجي تہ اهڙي تخليق وڏيڪ جٽادار هوندي، جيئن شاهہ لطيف جي شاعري آهي، جنهن ۾ داخلي جذبا بہ آهن تہ خارجي اثرات بہ آهن. ٻاهرين صورتحال کي ڏسي ان کي ڪئميرا وانگر چٽي ڇڏڻ واري اظهار ۾ جٽاءُ نہ آهي. اسين جيڪا صورتحال ڏسون ٿا. ان کي جذب ڪري پنهنجي انداز ۾ پيش ڪريون تہ پوءِ ان کي شاعري چئبو ۽ اهڙي اظهار کي ئي جٽاءُ هوندو آهي.

**سوال:** شيخ اياز لطيف ثاني آهي، اياز کان پوءِ وڏو شاعر ڪير آهي؟

**جواب:** هن وقت اهو چوڻ تہ اسان وٽ شيخ اياز کان پوءِ وڏو شاعر ڪهڙو آهي؟ اهو بحث ئي اجايو آهي. ايليٽ جو چوڻ آهي تہ ڪو شاعر پنهنجي وقت ۾ گهڻو مقبول آهي، ڪيس پڙهيو ۽ پسند ڪيو وڃي ٿو. پر اهو اڳتي هلي نا مقبول بہ ٿي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ تہ سماج جيئن اڳتي وڌي ٿو ترقي ٿئي ٿي، تيئن ان جو ذهن وڌي ٿو. آئيندي جي ترقي ڪيل ۽ سڌريل ذهن جي پنهنجي وڏيڪ سڌريل ۽ نئين گهرج هوندي. تنهن ڪري ٿي سگهي ٿو تہ اڄ جو مقبول شاعر اڳتي هلي نامقبول ٿي وڃي. مقبوليت معيار ناهي. هن وقت، مثال طور ڪئسٽي شاعري ڏاڍي مقبول آهي، پر سنجيده طبقوان کي پسند نٿو ڪري ۽ اهو سنجيده طبقو اڳتي هلي اڃا بہ وڌندو. ممڪن آهي تہ شيخ اياز ٻڏي وڃي ۽ اهو بہ ٿي سگهي ٿو تہ ڪيسٽ جا شاعر مشهور ٿي وڃن. هي سڀ معاملا ايندڙوقت طئي ڪندو. اسين طئي نٿا ڪري سگهون. هن وقت اهڙا بحث شروع ڪري شيخ اياز، استاد بخاري، تاجل بيوس، غفار تبسم يا ٻين شاعرن کي مٿي چاڙهيندن جي سوچ ئي غلط آهي.

**سوال:** نئين ٽهيءَ کي سينيئر اديبن کان شڪايت آهي تہ اهي سندن صلاحيتن ۽ اهليت تي آڱريون تہ کڻن ٿا، پر جونيئرن کي پڙهن ڪونہ ٿا. توهان ٻنهي مان ڪنهن کي حق بجانب ٿا سمجهو؟

**جواب:** پنهنجي جاءِ تي نئين ٽهي جي شڪايت جائز آهي تہ اسين کين پڙهون ڪونہ ٿا، آءُ پاڻ مڃان ٿو تہ ڪيترن نون شاعرن کي پڙهي نہ

سـگهيو آهيان. ڪڏهن رسـالي، اخبار وغيره ۾ پڙهون ٿا پر باقائدي پڙهي، انهن جي چِنبَ چاڙ ڪرڻ، ڪين رسـتو ڏيڻ جو فرض سـينيئر اديب ادا نـہ ڪري سـگهيا آهن. مون جيترو پڙهيو آهي تہ نئين ٿهيءَ ۾ تمام گهڻا سـنا شـاعر اديب آهن. شـاعر رياضـت ۽ مطالعي سـان وڌندو آهي. مشـاهدي ۽ تجربي سان وڌندو آهي. ا سين پر اميد آهيون، نئين ٿهيءَ مان ئي ا سان ڪي وڏا شـاعر، عالم، اديب ۽ دانشـور ملندا، وقت هميشـہ ماڻهو ڏيندو رهي ٿو، ان ڳالهہ کان ڪوبہ انڪار ناهي.

**سوال:** زندگي جو يادگار واقعو؟

**جواب:** منهنجو موت هوندو، جڏهن آءُ زنده نہ هوندس.

**سوال:** پڙهندڙن لاءِ پيغام؟

**جواب:** پڙهندڙن لاءِ پيغام "پڙهڻ" جو ۽ لکندڙن لاءِ پيغام "لکڻ" جو.

تنهنجي نيڻن ۾ جو نهاري ويو
چڻ تہ سنڌوءَ جي ڀئي ڪناري ويو
هڪڙو "شمشير" هو زماني ۾،
سو دنيا کان اڄ گذاري ويو.
شمشير الحيدري،

# غالب ملڪاڻي



ساڄي ڪان ويٺلن ۾: علي محمد سولنگي، بشير سيتائي، هارون برهماڻي، غالب ملڪاڻي ۽ الهنواز رڪٽائي. بيٺلن ۾: عبدالستار ڪوسو، عاشق دادوي ۽ تابش بخاري

# BRIEF INTRODUCTION

# غالب ملڪاڻي

(1932-2008)

| | |
|---|---|
| پورو نالو: | احمد مجتبيٰ |
| ادبي نالو: | غالب ملڪاڻي |
| ولديت: | مخدوم غلام احمد |
| جنم تاريخ: | 15 مئي 1932ع وفات: 21 جنوري 2008ع. |
| جنم هنڌ: | ملڪاڻي شريف دادو |
| تعليم: | فارسي، عربي، مئٽرڪ |
| ڌنڌو: | زميندار، مفتي ۽ عالم |
| شاعري جي شروعات: | 1945ع |
| ڇپيل ڪتاب: | ماڪ ڦڙا، (شاعري ۽ شاعري تاريخ) شهاب ثاقب (اردو ۾)، برڪات نقشبندي (اردو ۾) |
| ڇپائي هيٺ ڪتاب: | انوار قدسيه فلسفي جي تاريخ ۽ ٻيا تقريبن 50 ڪن سنڌي ڪتاب (يادگيريون) منهنجي آتم ڪهاڻي |
| انعام ۽ اڪرام: | ڊاڪٽر علامه عمر بن محمد دائود پوٽي، شاهه صاحب جي بيت تي پنج سو روپيه انعام ڏنو. |

**سوال:** پنهنجي ننڍپڻ جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو؟

**جواب:** مان ننڍي هوندي کان ئي پنهنجي والد محترم مخدوم غلام احمد جي شفقت جي سائي هيٺ هوندو هوس، هو اڪثر ڪري پنهنجي خانگاهه ۾ ئي هوندو هو. سندس مريد ۽ خليفا گهڻا هوندا هئا، جيڪي هر وقت هن جي خدمت ۾ حاضر هوندا هئا. مان به انهن ۾ شامل هوندو هوس، منهنجي اها خواهش هوندي هئي ته بابا سائين جي خدمت گهڻي کان گهڻي

ڪيان ۽ ثواب حاصل ڪيان. مونکي ڇهن سالن جي عمر ۾ حافظ محمد ابراهيم وٽ ويهاريو ويو جنهن کان مون سال کن ۾ ئي قرآن جي تعليم مڪمل ڪري ورتي، ان کان پوءِ منهنجي والد ڇاٽي شاهه آباد محلي جي هڪڙي عالم نالي مولوي جمال الدين کي منهنجو استاد مقرر ڪيو. جنهن کان مون، فارسي سکي ۽ مون فارسي سڪندر نامي تائين مولوي صاحب وٽ ئي پڙهي ۽ ان کان پوءِ فارسي جا ٻيا ڪتاب مون پنهنجي والد کان پڙهيا. عربي بہ مولوي جمال الدين وٽ پڙهيم. ان کان علاوه ان وقت حافظ محمد احسن چنہ محمدن اسڪول ملڪاڻي شريف ۾ هيڊ معلم جون خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو هو ۽ ان ئي اسڪول ۾ سنڌي بہ سکي ورتم. اهڙي ريت هڪ ٻجي تائين اسڪول ۾ سنڌي پڙهندو هئس ۽ وري ٽين وڳي کان ڇهين وڳي تائين عربي جا ڪتاب پڙهندو هئس. ان وقت شرح جامي ۽ نورالانوار عربي گرامر جا مشهور ڪتاب هوندا هئا، خير ان کان پوءِ بہ جڏهن منهنجي علم جي پياس نہ اجهي تہ مون سجاول جو رخ رکيو. جتي مولوي حامد الله صاحب سجاولي جي وڏي هاڪ هوندي هئي. ان وٽ پڙهڻ لڳس. اتان فارغ ٿي گهر واپس ورڻ بدران علم جي پياس اجهائڻ لاءِ اجان بہ اڳتي ڪاهيم ۽ ان وقت جي مشهور عالم مولوي تاج محمد وٽ وڃي نڪتس مولوي تاج محمد بدين شهر پرسان "رپ" نالي شهر کان چار ڪوهہ پري هڪڙي ڳوٺ ۾ رهندو هو. اتان فارغ ٿي پنهنجي ڳوٺ "ملڪاڻي شريف" آيس ۽ باقي تعليم محترم محمد سليمان ميمڻ وٽ وٺڻ لڳس.

**سوال:** جڏهن توهان ايڏا ڪشالا ڪاٽي، پري پري علم جي تلاش ۾ ويو تہ پوءِ توهان ڪي تہ ٻاهرئين ملڪ (ولايت) بہ وڃڻ گهربو هو؟

**جواب:** منهنجي والد صاحب جي خواهش هئي تہ مان ولايت وڃي علم پرائي اچان، نہ فقط ايترو پر ڪجھ ملڪ ڏسي، گهمي اچان ۽ ان کان علاوه اتان جي عالمن کان علم جا خزانا ڪٺي اچان، پر اصل ۾ وقت ۽ حالتن اجازت ئي نہ ڏني، جو ٻاهر نڪري سگهان.

**سوال:** توهان جي تعليم جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ، اوهان جي دستار بندي ڪنهن ڪئي؟

**جواب:** منهنجي تعليم جي مڪمل ٿيڻ بعد، منهنجي والد صاحب ئي پنهنجي هٿن مبارڪن سان منهنجي دستاربندي ڪئي، جيڪو يادگار ڏينهن اڄ بہ مون کي ياد آهي.

**سوال:** اوهان جي شاعري جي ابتدا ڪيئن ٿي؟ ۽ اهي ڪهڙا محرڪ هئا، جنهن اوهان کي شاعري جي دنيا سان روشناس ڪرايو؟

**جواب:** اصل ۾ جنهن وقت مان محمدن اسڪول آف ملڪاڻي شريف ۾ پڙهندو هوس، ان وقت حافظ محمد احسن چنہ صاحب بہ اتي هئو، ان ڪري مون تي حافظ صاحب جو وڏو اثر رهيو آهي، حافظ صاحب سنڌ جو ناميارو شاعر هو. جنهن وٽ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ جا شعرا اڪرام ايندا رهندا هئا ۽ ان وقت هر هفتي ادبي مشاعرو منعقد ٿيندو هو ۽ مجلسون ٿينديون هيون، ان کان علاوه جمعي جي ڏينهن ڪونہ ڪو ميڙاڪو متل هوندو هو. اسڪول جو نائب معلم علي حيدر (حيدري) هيو ۽ هي بہ سنو شاعر هو. جهڙي ريت انهن شاعرن جي رغبت ڏيارڻ تي مون کي شاعري جو شوق جاڳيو ۽ مان ٻن ٽن سالن تائين، ڪافي ڪلام چيو ۽ چڱيرو شاعر ٿي ويس، پر اڃا علم جو پنڌ پري هيو. انهي ئي دور ۾ حيدرآباد جي برک شاعر استاد محمد بخش ”واصف“ سان ڏيٺ ويٺ ٿي.

**سوال:** اوهان جو شاعري ۾ ڪو استاد ۽ رهبر تہ هوندو؟

**جواب:** شاعري ۾ منهنجو استاد ۽ رهبر محترم محمد بخش واصف ئي هيو. جنهن کان مون گهڻو ڪجهہ پرايو.

**سوال:** اوهان پنهنجي دور ۾ ڪهڙيون ادبي تنظيمون هلايون؟

**جواب:** 1953/1952ع ۾ حافظم محمد احسن چنہ ۽ قاضي محمد قاسم جن ”انجمن آفتاب دادو“ جو بنياد وڌو، ان جو پهريون جنرل سيڪريٽري حافظ صاحب هو ۽ جڏهن ٻن سالن کان پوءِ حافظ صاحب حج تي ويو تہ اها خدمت مون کي ڏيڻي پئي. اسان جو صدر ”ضيا الدين ”بلبل“ هو. ان وقت شهر دادو جي ٻن گهرن دوستن علي احمد قريشي ۽ تاج ”صحرائي“ سنڌي ادبي سنگت دادو جو بنياد وڌو ۽ اهڙي ريت مان بہ سال ادبي سنگت دادو جو جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي رهيس ۽ ڪافي مشاعرا ۽ محفلون بہ ڪرايم، انجمن آفتاب، سنڌي ادبي سنگت ۽

ان کان علاوه هڪڙي تنظيم ”جوهر ادب“ لاءِ بہ خدمتون سرانجام ڏنم.

**سوال:** چيو ٿو وڃي تہ توهان ڪجهہ سال گوشي نشيني اختيار ڪئي ۽ سڀ مصروفيتون ڇڏي ويا؟

**جواب:** اهو بلڪل سچ آهي، ڇو تہ مون کي ياد آهي تہ اهو جنرل ايوب خان جو دور هو ۽ ماڻهن جو لاڙو سياست ڏانهن وڌي ويو هو ۽ علم ۽ ادب ڏانهن ماڻهن جو ڪو خاص ڌيان نہ رهيو هو. ان ڪري قدر ناشناسي کي ڏسي مون 14/12 سال سبڪدوش ٿي گوشي نشيني ۾ گذاريو. پر بعد ۾ وري ڪن دوستن جي مشوري سان بزم غالب جي نالي سان ادبي تنظيم جو بنياد وڌو، جا اڄ تائين قائم و دائم آهي.

**سوال:** ”ادب“ جي معنيٰ ڇا آهي؟

**جواب:** عربي مستند ڪتابن ”ادب“ جي هيٺين وصف لکي آهي، تہ ادب اهو علم آهي جنهن سان اديب لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ خطا کان محفوظ رهي.

**سوال:** شاعري ڇا آهي؟

**جواب:** شاعري جي معنيٰ آهي، ”صاحب شعور“ شاعري دل جي وندر آهي ۽ شاعر جي طبيعت جي لاڙن جي خبر بہ پوي ٿي، شاعري اصل ۾ عربن جي ميراث آهي. پهريون شاعر ڏاڏو آدم عليہ السلام هو. جنهن پنهنجي پٽ هابيل جي قتل تي مرثيو لکيو هو. مولانا شبلي نعماني جي قول موجب تہ:

”شاعري عرب جي ميراث آهي“

عرب جي اٺيڙهيل ماڻهن ۾ سٺا شاعر پيدا ٿيا. جن اهڙا شعر چيا جو عقل دنگ رهيو وڃي، انهن ۾ المتنبي، امرالقيس، اڇي وڃن ٿا. عرب کان پوءِ شاعري ايران ۾ آئي ۽ بعد ۾ وري سنڌ ۽ هند اندر اچي پهتي.

اصل شاعري تفريح طبع جو نالو ناهي. پر شاعري سان جاهل ۽ ڪمزور قوم کي بہ مٿي ڪٽي لائق ۽ معزز بڻائي سگهجي ٿو.

**سوال:** اوهان جي پسنديده صنف ڪهڙي آهي؟

جواب: منهنجي پسنديده صنف غزل آهي، ان حساب سان توهان کي هتي وضاحت سان ٻڌائيندو هلان تہ فارسي جا شاعر، اصل ۾ شاعري

جا استاد آهن. فارسي هڪ سلوڻي ۽ سهڻي ٻولي آهي، ان فارسي جي ميناج کي ڏسي منهنجي دل بہ غزل ڏانهن راغب ٿي.

**سوال:** اسان وٽ غزل تمام گهڻو لکيو ٿو وڃي، ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

**جواب:** ان جا ڪيئي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا پر منهنجي نظر ۾ غزل جي شاعري ٻي شاعري کان عروض جي بندشن اندر آهي ۽ غزل بحر ۽ وزن کان سواءِ نہ ٿو لکي سگهجي ۽ ٻي شاعري بغير وزن جي لکي سگهجي ٿي، جيئن نثري نظم، آزاد نظم وغيره.

**سوال:** موجود دور جي شاعري اوهان جي نظر مان گذرندي هوندي، اوهان اهو فرمايو تہ اڄڪلهہ سينيئر اديبن ۾ ڪهڙا شاعر سٺو لکن ٿا؟

**جواب:** ادا سٺو لکڻ وارا تہ هاڻي آهن ئي ڪونہ. پر اجا بہ ڪي ڪاپڙي آهن، جيڪي لکن ٿا ۽ سٺو لکن ٿا. انهن ۾، تاجل بيوس، شمشير الحيدري، امداد حسيني، تاج بلوچ، سرڪش سنڌي، احسن الهاشمي ۽ الهنواز رڪٽائي اڃي وڃن ٿا.

**سوال:** ڇا اوهان ڪهاڻيون يا ڪو ناول لکيو آهي؟

**جواب:** نہ ادا، نہ ئي مون ڪا ڪهاڻي لکي آهي ۽ نہ ئي وري ڪو ناول، مون لاءِ اهي شيون ڪابہ حيثيت نہ ٿيون رکن، ۽ مون جهڙي عالم کي زيب نہ ٿيون ڏين.

**سوال:** شاعري لکڻ ويل اوهان ڪهڙِي ڪيفيت مان گذرندا آهيو يا اوهان ڇا محسوس ڪندا آهيو؟

**جواب:** جڏهن مان ڪاغذ ۽ قلم کڻي شعر لکندو آهيان تہ خبر ڪانہ پوندي آهي ۽ مان شعر لکندو آهيان. ان ويل قافيہ ۽ رديف منهنجي اڳيان ڦرندا رهندا آهن ۽ نتيجي ۾ مان گهڻو لکي ويندو آهيان ۽ وقت جي خبر ئي ڪانہ پوندي آهي.

**سوال:** علم عروض جي اهميت جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو؟

**جواب:** علم عروض بلڪل شاعري لاءِ ضروري آهي، جهڙي طرح هر فن ۾ علم جا قائدا قوانين مقرر ٿيل آهن. اهڙي طرح علم عروض بہ قوانين ۽ قائدن ۾ هوندو آهي، علم جي بندش کان ٻاهر چيل شعر کي مان شعر نہ

ٿو چئي سگھان.

**سوال:** ”تنقيد“ جي صحيح معنيٰ ڇا آهي؟ ڇا صحيح تنقيد جو اسان وٽ پورو حق ادا ٿئي ٿو؟

**جواب:** ”تنقيد“ جا ٻه قسم آهن.

1. تنقيد براءِ اصلاح، 2. تنقيد براءِ تخريب.

اصلاحي تنقيد تمام ضروري آهي. پر ان لاءِ نقاد کي علم جي ضرورت پوي ٿي. جهڙو تهڙو پڙهيو تنقيد براءِ اصلاح نہ ٿو ڪري سگهي. باقي تنقيد براءِ تخريب تہ هر ڪو پنهنجي مخالف لاءِ ڪري سگهي ٿو.

**سوال:** اوهان کي فارسي سان ڪافي لڳاءُ آهي ۽ رهيو ٻہ؟ اوهان ڇا فارسي ۾ ڪجهہ لکيو آهي ۽ ڇا اوهان جي فارسي شاعرن سان ڪا خط و ڪتابت رهي آهي؟

**جواب:** جي ها! منهنجو فارسي سان بيحد لڳاءُ آهي ۽ ان ۾ پورو ديوان لکيو اٿم.. منهنجي خواجہ حاجي هاشم جان سرهندي، خواجہ محمد حسن جان سرهندي رح عليہ جي نندي ڀاءُ سان خط و ڪتابت رهي آهي.

**سوال:** زندگي جو ڪهڙو واقعو جيڪو اوهان جي ذهن مان نہ نڪرندو هجي؟

**جواب:** منهنجي زندگي جو دردناڪ واقعو ۽ ايذائيندڙ اهو ڏينهن هو جنهن ڏينهن منهنجو والد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. جنازي کي غسل ڏيڻ وقت مان پيرن ۾ چنبڙي، پيرن کي بوسا ڏيندو رهيس. وفات جي ان واقعي مون کي گهرو صدمو ڏنو.

**سوال:** زندگي جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو؟

**جواب:** زندگي هڪ خواب آهي، پيو تہ زندگي زنده دلي جو نانءُ آهي. انسان زندگي ۾ جيڪڏهن زنده دل ناهي تہ اهو مردي کان بہ وڌيڪ بيڪار آهي. زندگي جو مقصد، خلق خدا جي خدمت ڪرڻ، ڇو تہ انسان هتي، هن زماني ۾ مسافر ٿي آيو آهي، الله جو بہ اهوئي فرمان آهي تہ ”مون جن ۽ انسان عبادت واسطي خلقيا آهن.“

**سوال:** ڪائنات ڇا آهي؟

**جواب:** ڪائنات الله جي اها پراسرار تخليق آهي جنهن جي متعلق

ڪنھن ڏاھي چيو تہ: من مي دانم ڪہ من نمي دانم.

يعني: ”مان اھو ٿو ڄاڻان تہ مان ڪجھہ بہ نہ ٿو ڄاڻان“ باقي ايتري اسان کي خبر آھي تہ اسين مسلمان آھيون ۽ ھن ڪائنات جو خالق، وحده لاشريڪ ھڪ الله آھي.

**سوال:** جيڪڏھن شاعر نہ ھجو ھا تہ ڇا ھجو ھا؟

**جواب:** مان فطري شـاعر آھيان، پر جيڪڏھن فطرت ۾ شـاعري نہ ھجي ھا تہ مان مذھبي عالم ھجان ھا ۽ ھن وقت بہ آھيان، منھنجي فتويٰ دور دراز جي ملڪن تائين ھلي ٿي، خاص ڪري ورثي جي علم ۾ مون کي خاص مھارت حاصل آھي.

**سوال:** اوھان جي رھجي ويل تمنا؟

**جواب:** منھنجي ھڪڙي خواھش آھي سـا ھي آھي تہ مون جيڪي ڪتاب لکيا آھن. پنھنجي حياتي ۾ شايع ڪرائي وڃان. مون تقريبن 50 کن ڪتاب لکيا آھن ۽ منھنجي شاعري ۾ ديوان الف – ب وار ترتيب ڏنل آھن.

**سوال:** اوھان کي سنڌي قوم جو آئندو ڪيئن ٿو نظر اچي؟

**جواب:** مان پوري اعتماد سـان چوان ٿو تہ سـنڌي قوم جو مسـتقبل روشـن آھي. ھينئر وقتي اسـين مشـڪلاتن جي شـڪار آھيون، پر جيڪڏھن سـنڌي پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ھڪ فڪر ڪري ھلندا تہ سـنڌ کي ڪير بہ لوڏي نہ ٿو سـگھي. اسـان جا اوليا، سـچل، ڀٽائي، قلندر اسـان کي مردانگي جو سـبق ڏين ٿا. اسـان تـہ اھا قوم آھيون. جيڪا عربن کي پڙھائيندي ھئي. بايزيد بسـطامي جو اسـتاد / مرشـد سـيوھڻ جو ابو علي سنڌي ھو.

**سوال:** شاعري لاءِ عشق ڪيترو ضروري آھي؟

**جواب:** شاعري جا ٽي قسم آھن.

1. صوفيانہ شاعري، 2. قومي شاعري، 3. مجازي شاعري

مجازي شـاعري ۾ مجاز عشـق جي ضـرورت پوي ٿي ۽ وري صـوفيانہ شـاعري ۾ حقيقي عشـق جي ۽ جڏھن تہ قومي شـاعري ۾ قوم کي سـجاڳ ڪرڻ لاءِ ڪجھہ سياسي سرگرمين جي بہ ضرورت پوندي آھي، اھي ماڻھوءَ

کي اتساهيندڙيون آهن، ان ڪري عشق تہ هر صورت ۾ ضروري آهي.

**سوال:** اوهان جو ڪو پيغام؟

**جواب:** حقوق الله ۽ حقوق العباد جي پوئواري ڪئي وڃي.

## غزل

زمانو زيب پنهنجو اڄ ڇڏي بي زيب ٿي ويو آ،
پريشان حال انسان اڄ ڏسو لاريب ٿي ويو آ.

زمين ۾ آسمان ساڳيا، ستارا ڪهڪشان ساڳيا،
مگر دنيا جو چرخو بدنما ازغيب ٿي ويو آ.

شرافت ناهي شاهن ۾، گداگر گند ۾ آهن،
شريفن ڪي شرافت سان گذارڻ عيب ٿي ويو آ.

گڏهه گهگير ۾ گهوڙا، سڏائين سيٺ ٿا اڄ ڪلهه،
ڇڳن چوڪن جو اڄ پئسي ڪان خالي جيب ٿي ويو آ.

نہ ٿو ڪنهن کي سڃاڻي ڪو وطن ۾ اجنبي آهيون،
وطن پنهنجو اسان لاءِ گويا سرانديب ٿي ويو.

چوڻ سچ شان آ شاعر جو "غالب" هر زماني ۾،
چوڻ سچ پنهنجي پيرن جو سدا پازيب ٿي ويو آ.

# آٿم ناٿن شاهي



# BRIEF INTRODUCTION

# آٿم ناٿن شاهي

(1937-2006)

**ادبي نالو:** آٿم ناٿن شاهي

**اصل نالو:** غلام رسول

**ولديت:** الله بخش سولنگي

**جنم تاريخ:** هڪ اسڪولي سرٽيفڪيٽ مطابق 2 جنوري 1937ع اصل ۾ اها تاريخ فرضي آهي، هن وقت منهنجي عمر اندازن 72 سال آهي، انهيءَ حساب سان منهنجو جنم 1933ع ۾ ٿيو هوندو. وفات: 6 آڪٽوبر 2006ع.

**جنم هنڌ:** ڳوٺ ڪاٺڙي، ضلعو دادو

**تعليم:** پنج درجا سنڌي/ فارسي (پورو ڪورس) / ڪجهه دڪانداري، هن وقت هر ڪم کان فارغ.

**لکڻ جي شروعات:** 10 سالن جي عمر ۾ / باقائدي ادبي ابتدا 1962ع کان

**ادبي سڃاڻپ:** شاعر / اديب: مضمون نگار

**ڇپيل ڪتاب:**
1. ”جڏهن الا اپ ۾“ (شاعري) 1994ع
2. ”لهرون لهرون لاٽ“ (شاعري) 1998ع
3. چا چيس آئين
4. ڇُلڪيا نيڻ ڪٽورا
5. سميرين جي شهر ۾

**مڃتا ايوارڊ:** ڪينجهر ايوارڊ 1994ع (واپس ڪيل) ماهوار ڪينجهر حيدرآباد طرفان
مرڪزي سنڌي ادبي سنگت طرفان ايوارڊ سال 1999ع ۾ ڪجهه نقد انعام

## تفصيل اڻ ڇپيل ڪتاب

| | |
|---|---|
| 1. اداسيون – اڏما (رباعيون –قطعا) | شاعري |
| 2. مکڙ – ماڪيون (گيت ۽ ڪافيون) | شاعري |
| 3. پنکڙيون (قِسم قسم جي) | شاعري |
| 4. ڪنڊُ: مقابل ڪاٺ | شاعري |
| 5. سپنا منھنجي ساھَہ جا | شاعري |
| 6. "شاعري" (مکس) | شاعري |
| 7. سامرين جي شھر ۾ (مکس) | شاعري |
| 8. گُلن واسيا گس (شاعراڻو نثر) | شاعري |
| 9. ڳوڙھن ڀنا ڳلَ (شاعراڻو نثر) | شاعري |
| 10. ڪنول ترِّن تا (غزل) | شاعري |
| 11. ھِڪُ نئون خيال مان | شاعري |
| 12. سوچون – لوچون (نظم) | شاعري |
| 13. نيڻ اوھان جا خواب اسان جا | شاعري |
| 14.اُڏارون (اخباري قطعا ۽ ٻي) | شاعري |
| 15. ٻہ روپ (حافظ شيرازيءَ جي خاص شعرن جو ترجمو) | نثر |
| 16. ماٺ ڪيان مشرڪ ٿيان ادبي، تنقيدي مضمون | نثر |
| 17. محفل ۾ ذڪر تنھنجو شاعر/ شاعري/ شخصيت | نثر |
| 18. سونا گيڙو خط، مضمون وغيره | نثر |
| 19. ڪيڏا سمنڊ سمايل آھن خط/ مقالا/ مھاڳ | نثر |
| 20. ھي جو سنسار جرڪڻو آھي (مختلف قسمن جو) | نثر |
| 21. مان بہ تخليقيان ٿو ڪجھہ وينو | نثر |
| 22. ڪَکَ ھيٺان لک (نوٽ بڪ) | نثر |
| 23. پنھنجا نيڻ پراوا خواب (نوٽ بڪ) | نثر |
| 24. چمڪي ٿو ناءُ مِٽي جو (آٿر بابت لکڻيون) | نثر |
| 25. چو طرفو چوٻول (آٿر بابت لکڻيون) | نثر |
| 26. چوڏاري چمڪات (آٿر بابت لکڻيون) | نثر |
| 27. ڪنھن ڪيئن سمجھيو ڪنھن ڪيئن سمجھيو | نثر |

28. عتاب آيو خطاب آيو (سنڌ – هند جي اديبن جا خط) نثر
29. سلام آيو پيام آيو (سنڌ – جي اديبن جا خط) نثر
30. مگر خط جو جواب آيو (سنڌ – هند جي اديبن جا خط) نثر
31. ۽ سچ لهي ويو (صرف وفا ناٿن شاهيءَ جا خط) نثر
32. الائي ڇا نہ ڇا آيو (اوري پري جي دوستن/شاعرن جا خط) نثر

**سوال:** آڻم صاحب پنهنجي ننڍپڻ جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو؟

**جواب:** ڳوٺ ڪاٺڙيءَ کان سٺ پنڌ جي اولهہ طرف اسان جا گهر هئا، پنهنجو ويڙهو – پنهنجو پاڙو. مان انهيءَ ويڙهي ۾ الائي ڪهڙي سال جي، ڪهڙي مهيني ۾ ڪهڙي تاريخ، ڪهڙي ڏينهن تي پيدا ٿيس، ڪا بہ خبر ڪانهي. (پوءِ جا جنم ڏڻ/ تاريخون سڀ فرضي آهن)

مان ڇائس تہ بہ نالا رکيائون، هڪ عبدالواسع، ۽ ٻيو غلام رسول، جن مان جلدي ئي عبدالواسع هارائي ويو ۽ غالب اچي ويو غلام رسول. پر مون کي، منهنجي وڏي پيڻ (مرحوم)، کِدي سڏيندي هئي، ۽ منهنجو نانو مولوي فيض محمد (مرحوم) پيار مان ”گولو“ چوندو هو. منهنجو نانو پنهنجي وقت جو مشهور حڪيم (معالج) بہ هئو ۽ شاعر بہ. هو شاعريءَ ۾ تخلص ”پريشان“ رکندو هئو. منهنجي ڄمڻ کان بہ سال کن پوءِ منهنجو ڀاءُ غلام قادر ڄائو هن جي ڄمڻ کان پوءِ ڇهين ڏينهن تي امڙ الله کي پياري ٿي وئي ۽ هو ”ڇنيءَ جو ڇورو“ ٿي ويو. پوءِ غلام قادر کي ناني سائينءَ کڻي وڃي ٻي گهر واريءَ جي جهوليءَ ۾ وڌو. (سڳي ناني اڳ ۾ وفات ڪري وئي هئي) اسان جي اُن ٻي نانيءَ (ويڳي) غلام قادر کي تاتيو نپايو محترمہ هن کي پنهنجي ٿَڄُ بہ پياريندي رهي ۽ مان پنهنجي ابي وٽ رهيس.

امڙ جي نہ هجڻ ڪري بابي سان ڏاڍا انگل ڪندوهوس. ڏينهن هجي، رات هجي، اڌ رات هجي ڪيڏي مهل بہ ”شيءِ“ جي گُهرَ ڪري ويهندو هو. گهر ۾ پيل شيءِ ملندي هئي تہ نہ وٺندو هوس: ”اها نہ، تاري، مل جي دڪان تان هلي وٺي ڏي“ پوءِ پيلي رات چو نہ هجي، بابو کڻندو هو ڪُلهي تي ۽ ايندوهو ”تاري مَلَ جي گهر ۽ ڪندو هو سَڏ. واڻيو (هندو) ويچارو بہ ايڏي اويلي مهل دَر کولي ٻاهر نڪري ايندو هو: ”الله بخش! ڇاهي، خير تہ آهي!؟

ھا سيٺ! ڇوڪري ضد ڪيو آھي، ھن مھل شيءِ گھرجي“ واٽيو بہ اھڙو ديالو جو اُن مھل دڪان کولي ڪَنڊ – پڳڙا يا ريوڙيون آڻي ڏيندو ھو يا وري گھران موٽيون، لڏويا ٻي ڪا گھر جي ٺھيل شيءِ (مِنائي) آڻي ڏيندو ھو. ھڪ دفعي سانجھيءَ ٽاٽي بابو ڳئون ڏھڻ ويٺو تہ مون شيءِ جو انگل ڪيو پر بابو ڳئون ڏھي پوري ڪرڻ کان اڳ اٿيو ڪون، منھنجو تيسو ڇوٽ چڙھي ويو. ڪرڙيون پيون لڳن، پوءِ تہ بابي اچي ڪنيو پر مان بس ڇو ٿو ڪيان! ”ڳئون اڳ ۾ ڇو ڏُڌئي، مون کي شـيءِ ڇو نہ وٺي ڏنئي، ھاڻي اھو کير ڳئون جي ٿڻن ۾ واپس وجھہ. پھريان ھلي شيءِ وٺي ڏي، پوءِ اچي ڳئون ڏُھہ.“

گھر – ڀاتي سڀ پريشان، نيٺ سياٽپ ڪري، اک ٻچائي کير ڪنھن ٻئي ٿانو ۾ لاھي، خالي گھاگھر اچي مون کي ڏيکاريائون، ڇي: کير ڳئون جي ٿڻن ۾ وجھي ڇڏيوسـين. اڳ ۾ توکي شـي وٺي ٿا ڏيون پوءِ ڳئون ڏھندا سين.“ تڏھن وڃي ماٺ ڪئي ھئم. ا سڪول ۾ انھيءَ عمر ۾ ويھاريو ھئائون جو پيشاب جي موڪل وٺڻ ڏانءُ بہ ڪونہ ايندي ھئي. ھڪ پيري تہ ٻئنچ تي وٺي، سُٿڻ ۾ پيشاب خطا ٿي ويو ھئو. مان شروع شروع ۾ پنھنجي جنم – ھنڌ ڳوٺ ڪاٺڙيءَ جي اسڪول ۾ داخل ٿيو ھوس. اتي ماستر ھوندو ھئو سائين، ”خوبچنہ“ ھي ھندو ماستر ڏاڍو قابل ۽ مھربان ماڻھو ھئو. ھن جا کوڙ – سارا شاگرد وڏو مقام ۽ مانُ – مرتبو ماڻي چڪا آھن. ا سان جي وڏن کي لڏ – لاھہ جو گھڻو شـوق ھوندو ھئو (شـوق نہ پر روزگار جون مجبوريون ۽ مسـئلا ھن کي لڏ – پلاڻ تي مجبور ڪندا ھئا) پوءِ ڪاٺڙيءَ مان لڏي گرڪڻ ڳوٺ ۾ آيا تہ اتي جي اسـڪول ۾ اسـان جو ماسـتر ھوندو ھئو سـائين ”لوڪو مل“ ۽ اتان ٻيو وري جڏھن ”لڏي ڳوٺ ”حاڪم ڏيپر“ ۾ آيا تہ پرسـان ”ڳوٺ الھہ رکئي جلباڻيءَ“ ۾ مدرسـو بہ ھوندو ھئو ۽ سـنڌي مُلا اسـڪول بہ، اتي مدرسـي ۾ اسـان کي محترم مولوي عبدالڪريم جلباڻي فارسي – عربيءَ جي تعليم ڏيندو ھو ۽ اسڪول ۾ سائين عبدالواحد شاھہ ما ستر ھئو ان کان پوءِ وري سائين محمد حسن بروھي ما ستر ٿي آيو. اتي ئي ڳوٺ ”حاڪم ڏيپر “ ۾ منھنجي نانا مولوي فيض محمد صـاحب جو انتقال بہ ٿيو پوءِ وري اسـان جا وڏا موٽي وري گرڪڻ ۾ آيا تہ اتي قاضـي امان الله چانديو جو مدرسـو بہ ھئو ۽ مُلا – اسـڪول بہ مون وري اتي بہ

اسڪول ۾ ڪجھ وقت تعليم ورتي ۽ ماستر هوندو هئو سائين ”محمد بخش چانڊيو.“

بابو سائين پورهيت هئو ٻني – ٻاري جي ڪم تي هليو ويندو هئو. پيڻ (عمر ۾ مون کان وڏي ته هئي، پر ا جا ننڍي هئي) سا ناني جي گهر ماسيءَ ڏي هلي ويندي هئي. مان گهر ۾ پيو چدن (بلورن) سان کيڏندو هوس. هڪ ڏينهن ڪنڌيءَ (ڪکاوان گهر – ڇپر هوندا هئا) جي پاڙ ۾ هڪ سوراخ ۾ بلور هليو ويو. اندر آڱر وجهي ان کي ڪڍڻ جي ڪوشش پيو ڪيان، ته اندران ڪنهن ساهدار آڱر ۾ چڪ هڻي ڪڍيو. سَٽ ڏئي هٿ ٻاهر ڪڍيم. ته ٻن هنڌن تي رت جا ٻه ننڍڙا ٽُبڪا نهيل هئا. خبر ناهي ڇا هئو. ڪو ڪُئو/ ڪُئي، ٽنبڻ ٽنبڻي، ڪو نانگڙو يا ڪجھ پيو!؟ چوندا آهن: ”نانگ کائي، ڏيڏرُ ڏيکاري ڏئي ته ماڻهوءَ تي اثر گهٽ ٿيندو آهي، پر جي ڏيڏر چڪ پائي ۽ نانگ ڏيکاري ڏئي ته اڌ ساهه ماڻهوءَ جو هراس ۾ ئي نڪري ويندو آهي، ايترو اثر ٿيندو اٿس جڻ سچ پچ نانگ کاڌو هجيس“ (اهو سڀ نفسياتي خوف جو نتيجو هوندو آ) مون کي ٻه جيئن ته ڪجھ ڏسڻ ۾ ڪونه آيو هئو. سو ٿيو ته ڪجھ ٻه ڪونه. پر اڳتي لاءِ سوراخن ۾ هٿ وجھڻ ڇڏي ڏنا هئم.

ٻئي دفعي ٻه ائين گهر ۾ اڪيلو هوس، سو اچي نڪرن جي (ڪُنيون، پارا، لوٽا) تلاشي وٺڻ شروع ڪيم. هڪڙي لوٽي ۾ ڳاڙها مرچ (ثابت) رکيل هئا. اهي کنيم. مرچ ڳاڙها چمڪدار وڻن پيا. سو ويهي انهن سان راند ڪرڻ لڳس. ڪجھ گهڙين کانپوءِ اچي ٿا هٿ ڪُرڻ لڳن. ناسون، واڇون، سڄو منهن پيو سڙي. آڱريون ڪرونڊڙيون ٿي ويون. گگ پئي وهي، ٽپن ۾ اچي ويس. وٺي رڙيون ڪيم. ماسي ۽ ادي اچي نڪتيون. ”الائي ڇا ٿي ويو ڇوڪري کي؟ ڪو غيب جو آسيب ٿي ويس. سُڃي گهر ۾ ڪنهن جِنَ ورتس!“ آخر لوٽي ۽ مرچن تي نظر پيون. سمجهي ويا. ٿڌي پاڻي سان ڪافي وقت تائين، هٿ، ڪرايون، نوڙين تائين ڌوتائون ۽ پوءِ مکڻ جو مَکُ ڏئي ڇڏيائون. تڏهن وڃي هٿ نريا ۽ آڱريون سڌيون ٿيون ۽ سامت ۾ آيون. اوهان کي اهو ٻه ٻُڌايان ته اهو ننڍپڻ وارو گڏي. گولو غلام رسول“ اڳي هلي ”ڏهن سالن جي عمر ۾ ”غلام رسول سولنگي آٿم“ بڻجي

ويو ۽ ان کان 19 کن سال پوءِ (1962ع ۾) آئم ناٿن شاهي“ جي نالي سان مشهور ٿيو پر اجا تائين بہ ”هُو“ پنهنجي هاٺوڪي شهرت، سنجيدگي، سوچ ۽ وڏي عمر کي پاسي تي رکي، پنهنجي ٻاروتڻ جي عجب جهڙين حرڪتن /شرارتن کي ياد ڪندو رهندو آهي.

مان جنهن ڏينهن ڄائو هوندس، انهيءَ ڏينهن منهنجي ماءُ — پيءُ، منهنجي ڀن ڀينرن (جن مان هڪ وڏي کان ٻي ننڍي ڀيڻ کي جڏهن هوڙ ۾ سُور پوندو هئو، تہ پڇندي اڇي منهنجي مٿان ٻيهي، مُنهن رکيءَ تي پيل ڪپڙي جو پلئہ هٽائي چوندي هئي: ادا — ادا! اج مون کي هوڙ“ ۾ ڏاڍو سُور پيو آهي، دعا ڪر تہ جلدي ڇڏي وڃي) ۽ ٻين مائٽن کي ڪيڏي نہ خوشي ٿي هوندي، سهراڇيا هونداڻون، تارن جُهمريون هنيون هونديون، هوائن گيت ڳايا هوندا، وڻن جي پنن تاڙيون وڄايون هونديون ۽ پوپٽن رنگ نچاور ڪيا هوندا، نيٺ تہ مستقبل جي هڪ مشهور ڪويءَ جو جنم ٿيو هئو نہ!! پر خبر ناهي واقعي ائين ٿيو بہ هوندو، يا اُن جي اُبتڙ ئي مٿان ڪجهہ ٿيو هجي، ها! ”اُبتڙ يا سُبتڙ“ ڪجهہ نہ ڪجهہ تہ ضرور ٿيو هوندو.

فطرت جا ڪم ۽ قانون بہ عجيب آهن: ٻاروتڻ ۾ هر نظارو وڏيڪ سهڻو لڳندو آهي، وڻ وڏيڪ ڇُهچ ساوا ڏيکاربا آهن، آسمان وڏيڪ نيرو ڏسبو آهي، تارن جا چمڪات وڏيڪ چٽا نظر ايندا آهن، ڪاڏو — پيتو (ڇهرو يا مِٺو) وڏيڪ مزو ڏيندو آهي. مائٽن جي خوشيءِ غم، تڪليف ۽ راحت جي ڳٽڻي ئي ڪانہ هوندي آ، پنهنجي بادشاهي/ پنهنجا حڪم هلايا ويندا آهن. پوءِ جوانيءَ جي حد ۾ داخل ٿيندي ئي، هوري هوري هر ڪاڏي جو سواد گهٽبو ويندو آهي، سڀ رنگ ڏنڌلا ٿيندا ويندا آهن ۽ نظارن مان سونهن ختم ٿيندي نظر ايندي آهي. ڏاهن /عالمن جو چوڻ آهي: ”ننڍپڻ گُناهن کان پاڪ/ معصوم هوندو آهي، تنهن ڪري انسان جون پنجئي حسون (قوتون) پنهنجي پوري اصليت سان ڪم ڪنديون رهنديون آهن. انسان کي سندس خلقڻهار طرفان پنج هواس (حسون) عطا ٿيل آهن:

(1) ڏسڻ جي حس (قوت باصره)

(2) ٻڌڻ جي حِس (قوت سامعہ)

(3) سنگھڻ جي حِس (قوت شامہ)
(4) چَکڻ جي حِس (قوت ذائقہ)
(5) ڇُهڻ جي حِس (قوت لامسہ)

پر ڪتابن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته هڪڙي 6 ڇهين حِس بہ ماڻهوءَ ۾ موجود هوندي آهي، جنهن کي ڳُجهي حِس خفيہ حِس يا (قوت خفيہ) چيو وڃي ٿو (انهيءَ حِس جو ڪم آهي اڳواٽ ڪنهن خطري، حادثي يا نقصان جي خبر ڏيڻ ۽ هوشيار ڪرڻ) پر جڏهن ماڻهو جوانيءَ ۾ داخل ٿيندو آهي، تڏهن ان کان ٿورا – گهڻا ننڍا – وڏا گناهہ ٿيڻ لڳندا آهن. تنهن ڪري انهن قدرتي مليل قوتن جي اصـليت، انهن گناهن جي غبار ۾ لتجڻ لڳندي آهي ۽ پوءِ ڪنهن شـيءَ رنگ منظر ۽ ڪاڏي مان ڪو ساءُ – سواد يا گهٽ ايندو يا بنهہ ڪونہ ايندو آهي. ”(انهيءَ کي اصطلاح ۾ حواس بتـال ٿي وڃڻ“ بہ چئبو آهي) ۽ پوءِ جيئن جيئن گنـاهن ۾ واڌارو ٿيندو ويندو آهي، تئين تئين انهن قوتن (حواسن) جي اصليت ۾ بہ وڏيڪ گهٽتائي ٿيندي ويندي آهي. مون کي بہ ننڍپڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. هر ڳالهہ مان، هر سوال مان، هر راند مان، هر کهاند (شرارت / کيچل) مان، هاڻي تہ اهي مزائي الائي ڪاڏي ويا؟ پر اهي سـڀ تہ ڳالهہ پٺيان ڳالهيون نڪرنديون ويون آهن ۽ مان ان ڪري اوهان کي ٻڌائيندو ويو آهيان جو انهن جو ڪنهن نہ ڪنهن طرح ٻاراڻي دنيا سان لاڳاپو آهي.

مان رهندو تہ بابا وٽ هوس. پر جيئن تہ منهنجو نانو ان وقت جو مشـهور طبيب / حڪيم هئو. سو ڪئي ماڻهو هن وٽ مريضن جي علاج لاءِ ايندا هئا ۽ نانو جڏهن بہ پري – اوري مريضن جي علاج لاءِ ويندو هئو تہ مون کي بہ پاڻ سـان گڏ گهوڙي تي وٺيون ويندو هو. رسـتي ۾ ڪنهن وڻ تي يا ٽيليگـرام جي ڪنهن تارَ تي ڪـا سُـهڻـن رنگـا رنگي ڪنيـن واري ”چانهہ“ (پکي) ڏسـندو هوس تہ پڇندو هوس: ”نانا! اها ڇاهي؟“ نانو ٻڌائيندو هو: ”اها چانهہ آهي“ ائين هر دفعي پُڇندي پُڇندي، هڪ دفعي ناني سائينءَ مذاق ۾ يا بيزاريءَ وچان چئي ڏنو هئو: اها حرامزادي آهي، ان کان پوءِ جڏهن بہ چانهہ ڪٿي ڏسڻ ۾ ايندي هئي تہ مان پاڻ ئي چئي ڏيندو هوس: سـائين مولوي صـاحب! ”اها اٿو حرامزادي“ ان زماني ۾ ڪچا ڏگ

هوندا هئا، تڏهن بہ انهن ڏڳن تي ۽ وڏن واهن ۽ شاخن جي ٿاپ (ڪڙ) تي بہ پنڌ – ماپ جا پٿر ڪوڙيل ڏاڍا عجيب لڳندا هئا. ذهن ۾ سوال اُڀرندو هئو. اهي ڇو آهن، ڇا لاءِ آهن!؟ پڇندو هوس: اهي اڇا پٿر ڪنهن ڪوڙيا آهن ڇا جي ڪري ڪوڙيا اٿن؟“ مولوي صاحب جواب ۾ پنڌ – ماپ جي جدول سمجهائيندو هئو:“ اهي ڪوهن – ميلن جا نشان آهن ۽ هر ميل جي وچ ۾ ننڍا پٿر آر – ڊي آهن، انهن مان پنڌ جي مفاصلي جي خبر پوندي آهي“ مشڪل معاملو هئو. سو ان وقت جي عمر کي سمجهہ ۾ نہ پيو اچي ۽ منهنجي پُڇا بہ ختم ڪانہ پئي ٿئي، هڪ ڀيري مولوي صاحب پوڳ ۾ چئي ويٺو: ”بابا! اها اڇي آهي بيلدار جي ڳُئي“. جواب ڀڏي مزو اچي ويو. بس پوءِ تہ جتي بہ ڪا اهڙي ”آر – ڊي“ نظر ايندي هئي، شروع ٿي ويندو هوس: سائين مولوي صاحب! اها اٿو بيلدار جي ڳُئي“ ۽ منهنجو نانو سائين مولوي صاحب“ مرڪي پوندو هئو.

صحبت صاحب! مان ان حوالي سان ڏاڍو بد نصيب ماڻهو آهيان، امڙ جيجل منهنجي ان عمر ۾ گذاري وئي جو ان جا مُهاندا بہ ياد ڪونهن تہ اها ڪيتري خوبصورت هئي، رنگ ڪهڙو هوس گوري يا سانوري، بابا سائين جا ڏنڌلا مهاندا/ نشان ڪجهہ ياد پون ٿا، زماني جي سختين ۽ محنتن/ جفا ڪشين جا نشان چهري تي چٽيل هئس ۽ مولوي صاحب بہ تڏهن ئي ٻئي جهان ڏانهن راهي ٿي ويو هئو. جڏهن ا جا اسان ٻئي ڀائر بلوغت جي سن کي بہ ڪونہ پهتا هئاسين ۽ پوءِ ”سير جي بلا سر سان“ وارو معاملو ٿيو اهي ڳالهيون ياد اچن ٿيو تہ اکين ۾ پاڻي ڀرجي ٿو اچي!

**سوال:** ادبي شروعات ڪهڙي عمر ۾ ٿي ۽ شاعري ڪرڻ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟

**جواب:** ادبي شروعات ڏهن – ڪن سالن جي عمر ۾ شروع ٿي هئي. ان عمر ۾ مون ڪجهہ بيت لکيا هئا، جيڪي صوفياڻي رنگ ۾ هئا. پوءِ ان وقت جي مشهور سنڌي ڪلامن ۽ ڪافين جي طرزن تي مون بہ ڪافيون لکيون، جيڪي ان وقت بہ چڱيون مشهور ٿيون، جيڪي تر جا شوقيہ ڳائڻ وارا (ڏنبي – نوڪ)اچي مونکان اهي ڪافيون لکرائي کڻي ويندا هئا ۽

وڃي محفلن / شـــادين وغيره ۾ ڳـائيـنـدا هـئـا. يـا پـاڻ ۾ ويهي راتين جو ڪچهريون ڪندي بہ ڳائيندا هئا.

اهو غلط آهي تہ شـــاعري ڪرڻ جا ڪي "ڪارڻ" ٿيندا آهن. هي هڪ قدرتي جذبو آهي / ڏات آهي / جنهن کي ڏاتار عطا ڪري، اهو هُنر، اهو جذبو اها ڏات سڀ ڪنهن کي نصيب ڪونہ ٿيندي آهي، ڪِن ٻين ماڻهن کي وري ڪي ٻيا هُنر قدرت عطا ڪندي آهي، ڪو ڊکڻ بڻجي ٿو وڃي، ڪو لوهر، ڪو شڪاري بڻجي ٿو وڃي، ڪو "آهيڙي"، ڪو مصور، ڪو مجسـمہ سـاز، ڪو سـنگتراش تہ ڪو ڪُنڀار بہ ٿي ٿو وڃي، ادب، شاعري وغيره ڄمندي کان ئي ڪن ڪن ماڻهن جي خون ۾، ضمير ۾، وجود ۾ قدرت طرفان موجود هوندي آهي ۽ شعور جي واڌ - ويجهہ سان گڏ ان ۾ پختگي ايندي ويندي آهي. ڪي ماڻهو چوندا آهن، "اسان کي عشق لڳو تہ شاعر بڻجي پياسين، تہ اهو هُو سچ ڪونہ ٿا چون، لڪين ماڻهو آهن دنيا ۾ جيڪي عشق ڪن ٿا، پوءِ اهي سڀ شاعر ڇو نہ ٿا بڻجي پون؟ عشق (هر طرح جو) ڪنهن ڇوڪريءَ سـان، ڇوڪري سـان، قوم سـان، وطن سـان، شآعريءَ سان، پنهنجو پاڻ سان يا وغيره وغيره سان، ادب شاعريءَ لاءِ غذا جو ڪم تہ ڏئي سگهي ٿو، ڪارڻ نہ ٿو بڻجي سگهي، اها الڳ ڳالهہ آهي تہ هر هُنر، هر ڏانءَ جا ڪجهہ "ڪارج" ضرور هجڻ گهرجن قوم وطن سان جي سجاڳيءَ ڀلائيءَ لاءِ سوچڻ / لکڻ انسانيت جي احترام ۽ خوشحاليءِ جو پرچار ڪرڻ، امن ۽ آزاديءَ لاءِ پنهنجي ڏات ۽ فن کي وقف ڪري ڇڏڻ ۽ ٻيا اهڙا ڪم جن مان دنيا ۽ دنيا وارن جي ڀلائي ۽ انهن جي حقن جي حفاظت ٿيندي هجي، شاعريءَ جا اهي ئي / اهڙا ئي ڪارج هجڻ گهرجن.

مون ڏهن ســالن جي عمر ۾ شــاعري ڪئي، تہ ان عمر ۾ مون کهڙو عشق / ڪيئن ڪنهن آدم – ڄائيءَ سان ڪيو هوندو؟ عشق بعد جي ڳالهہ آهي / جوانيءَ جي خواهش ۽ ضـرورت هوندي آهي ۽ اُن وقت جو عشـق بہ شاعريءَ لاءِ رڳو غذا، مواد / موضوع بڻجندو آهي ۽ بس!

**سوال:** ادبي دنيا ۾ اوهان جي رهنمائي ڪندڙ يا استاد؟

**جواب:** شـاعر تہ مان 10 سـالن جي عمر کان هئس، ڪچي – ڦڪي شـاعري بيتن، ڪافين ۽ ڪلامن جي صـورت ۾ ڪندو رهندو هئس، ادب

سان دلچسپي بہ هوندي هئي، ننڍي عمر کان ئي وٽي، من پسند ڪافيون/ ڪلام پنهنجي بوڪن ۾ نوٽ ڪري رکندو ويندو هئس. پوءِ خيرپورناٿن شاهہ ۾ جڏهن ا سان اچي آباد ٿيا سين، تہ اتي سيد نياز علي شاهہ مُحسن ڪڪڙائي کي ايندي ويندي ڏسندو رهندو هئس، ان وقت منهنجي عمر 25 – 26 سالن هئي، محسن صاحب جو ڳوٺ تہ ”چوڪنڊي“ تعلقو خيرپورناٿن شاهہ هئو پر هُو خيرپور جي آس – پاس جي ا سڪولن: ڳوٺ فتح پور ۽ ڳوٺ ميوو چانڊيو ۾ پڙهائڻ لاءِ ايندو رهندو هئو. محسن صاحب تڏهن سنڌي ما ستر هوندو هئو پوءِ تہ محسن صاحب انگريزي ما ستر ٿي ويو هئو. محسن صاحب جي هٿ ۾ اڪثر ڪري ڪونہ ڪو ڪتاب هوندو هئو ۽ ساڳيءَ طرح منهنجي هٿ ۾ بہ ڪتاب هوندا هئا. انهيءَ حوالي سان اسان جي پاڻ ۾ ڏيٺ – ويٺ ٿي، سڃاڻپون ڪرايون ويون، انهيءَ کان اڳ ۾ مان محسن صاحب جي شاعري مختلف رسالن/ اخبارن ۾ ڇپيل ڏسندو رهندو هئس، ۽ پڙهندو بہ هئس، محسن کي بہ خبر پئي تہ مان شاعري بہ ڪندو آهيان، هڪ – ٻن ڪتابن جو ترجمو بہ (اردوءَ – مان سنڌي) ڪري رهيو هوس، ڪجهہ مضمون بہ ڪن اخبارن ۾ ڇپجندا رهندا هئا، ۽ پوءِ هڪ ڏينهن مون پنهنجي شاعري محسن صاحب کي ڏيکاري، محسن صاحب چيو هئو: يار! تو ۾ ڏاڍا جوهر ٿا ڏيکارجن، پر تنهنجي شاعري عروض جي قائدن مطابق ناهي، ڇُڙواڳ/ بنا نا ڪيليءَ جي اُٺ وانگر آهي، تون جيڪڏهن عروض سکي پوين ۽ ان مطابق شاعري ڪرين تہ، وڏو نالو ڪمائي سگهين ٿو. خاص ڪري منهنجي اڪرن کان تہ محسن صاحب ڏاڍو متاثر ٿيو هئو.

پوءِ مون کي محسن صاحب عروض جي سکيا ڏيڻ شروع ڪئي، شاعريءَ جي اصلاح ڪئي ۽ تمام ٿوري ئي وقت ۾ منهنجو ادبي دنيا ۾ ناما چار ۽ مشهوري ٿيڻ لڳي، سال کن جي اندر مون علم عروض چڱي طرح سکي ۽ سمجهي ورتو تہ محسن صاحب مون کي فارغ التحصيل ڄاڻائي، منهنجي اصلاح ڪرڻ بند ڪئي ۽ ٻار شاعر منهنجي حوالي ڪري ڇڏيائين، چي: ”بابا! هاڻي توهان وٽي آٿم کان اصلاح وٺو. اُنهن شاعرن ۾ وفا ناٿن شاهي، رزاق ناٿن شاهي، عاجز ناٿن شاهي، جوهر ناٿن

شاهي (ابن "آزاد" ميمڻ) ستار ناٿن شاهي، (حڪيم محمد صادق صاحب، طالب عباسي / جيڪو هڪ پختو ۽ استاد شاعر هئو) جو پوٽو ۽ پيا بہ ڪافي شاعر منهنجي ڪنڌ ۾ وجهي چڙهيا هئا. اهڙيءَ طرح شاعريءَ ادبي دنيا ۾ منهنجي واڳ وننڊڙ/ استاد سائين محسن ڪڪڙائي بڻيو ۽ مان محسن صاحب جي آخري دم تائين سندس عزت ۽ احترام ۾ ڪا بہ ڪوتاهي نہ ڪئي. محسن صاحب مون سان ڏاڍو پيار ڪندو هئو ۽ هر ميڙاڪي ۾ منهنجي ۽ منهنجي شاعريءَ جي تعريف ڪندو رهندو هئو.

**سوال:** اوهان شاعري کي پنهنجي سڄي عمر ڏني، واپسي ۾ اوهان کي ڇا مليو؟

**جواب:** اهو سوال ناهي، طعنو آهي، شاعريءَ کي بہ شاعر کي بہ، نيڪيءَ جو صلو (عوض) نہ ملڻ چاهبو آهي، نہ گهرڻ گهربو آهي، توهان اها چوڻي تہ ٻڌي هوندي "نيڪي ڪر دريا ۾ اڇلي ڇڏ" تہ شاعري بہ هڪ نيڪي آ، جنهن سان قوم جي سجاڳي، معاشري (سماج) جي اصلاح ۽ وطن سان وفاداري ۽ محبت جو حق ادا ڪرڻ ڪوشش ڪئي ويندي آهي. ۽ هر طرح شاعري جي اڳيان شاعريءَ جا اهي ئي ڪارج هوندا آهن/ هئڻ گهرجن، ان لاءِ ڪنهن صِلي ۽ عوض جي تمنا رکڻ چريائي ٿيندي.

شاعري: ڪنهن ڪمپنيءَ ۾ ناڻي جي سيڙپ بہ ناهي، جتان وڏو ڪو فائدو ملڻ جي اميد هجي. شاعريءَ: دڪانداريءَ بہ ناهي جنهن ۾ رڳو نفعو ئي نفعو هجي، شاعري ڪا بئنڪ بہ ناهي، جتي پنهنجو اڪائونٽ کولڻ سان هر مهيني مُور تي وياج ملندو هجي، شاعري فطرت جي طرفان مليل هڪ فن آهي ۽ ان کي نيڪ ڪمن جي ڪارجن ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي.

صحبت بابا! مان ٽئين درجي جي معاشرتي خاندان جو هڪ شخص آهيان، مون وٽ دنياوي ڪنهن بہ قسم جي ڪا دولت ڪانهي، پر توهان منهنجو نالو کهڙي بہ ماحول ۾ کهڙي بہ چوياريءَ ۾ وجي ڪڍندا تہ مون لاءِ احترام ۽ عزت سان ڳالهايو ويندو. مان اڪثر وڏين وڏين بيمارين جو شڪار ٿيندو رهيو آهيان ۽ وڏين وڏين اسپتالن جا چڪر لڳائيندو رهيو آهيان ۽ اتي جڏهن بہ منهنجو نالو "آٿم ناٿن شاهي" ٻڌايو آهي تہ،

وڏن وڏن ڊاڪٽرن اٿي بيهي اخلاق ۽ احترام سان منهنجي آجيان ڪئي آهي، پوري توجہ ۽ ڌيان سان منهنجا آپريشن ۽ علاج ڪيا اٿن. تہ اهو سڀ ڇاهي؟ ان کان سواءِ مون کي پوري سنڌ ۾ بيحد عزت جي نظر سان ڏٺو ٿو وڃي، پُرخلوص پيار ۽ عقيدت سان ياد ڪيو ٿو وڃي. ان کان وڏيڪ ٻي ڪهڙي دولت مون کي گهرجي / ڪانہ گهرجي!

**سوال:** اوهان محسن ڪڪڙائي جي ويجهو رهيو. محسن جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو؟

**جواب:** سائين لطيف فرمايو:

"ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنجهہ،
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهہ، آهي بُوءِ بهار جي"

تہ سائين محسن ڪڪڙائي (رب سائين کيس جنت ۾ جايون ڏنيون هونديون) اهو ماڻهو هئو جنهن ۾ هميشہ بسنت ۽ بهار جي بوءِ (خوشبوءِ) موجود هوندي هئي. شاعريءَ جي سندس شاگردن سان هن جو رويو سدائين دوستاڻو رهندو آيو. خوش طبع، کِل – مُک، خوش لباس ۽ قدري خوش خوراڪ بہ هوندو هئو ان سان گڏ فقير منش (هن پنهنجي هر تحرير جي آخر ۾ پنهنجو نالو لکندو هئو "فقير محسن ڪڪڙائي") صلح پسند – قوت برداشت ۾ پهاڙ گفتگو (ڳالهہ – ٻولهہ) ۾ پُر اعتماد، دليل، مثال ۽ حوالا ڏئي پنهنجي موقف کي درست ثابت ڪرڻ چاهيندو هئو.

جڏهن خيرپورناٿن شاهہ ۾ اسان ڪجهہ دوستن محسن جي نگرانيءَ ۾ "ادارهء فلاح و بهبود" قائم ڪيو ۽ ان سان گڏ هڪ لئبريريءَ جو بنياد بہ رکيو تہ محسن صاحب اڪثر ڪري اتي اداري ۾ ئي ٽِڪي پوندو هئو. پنهنجي ڳوٺ چوڪنڊيءَ گهٽ راتيون گذاريندو هئو. خيرپور جي پرسان جتي بہ هن جي ڪنهن اسڪول ۾ ڊيوٽي هوندي هئي، اتان موٽندي خيرپورناٿن شاهہ ۾ ئي اچي اداري جي آفيس ۾ رهندو هئو. ۽ مون ڪيترا سال محسن صاحب جي ڪاڏي – پيتي، هنڌ ٻستري ۽ لٽن – ڪپڙن جي پنهنجي گهران ڏئارڻ جي خدمت جا فرض فراخدليءَ سان ادا ڪيا. بهر حال محسن صاحب وڏي معيار، مضبوط شخصيت وارو پيارو ماڻهو بہ هئو

۽ پنهنجي همعصـــرن شـــاعرن ۾ وڏو شـــاعر بہ. اهڙا ماڻهو ڪي ورلي پيدا ٿيندا آهن، ”خدا بخشش کند این عاشقانِ پاک طینت را.“

**ســوال:** وفا ناٿن شـاهي جي غزل کي سـنڌي ادب ۾ سـني مڃتا ملي، جڏهن تہ اوهان وفا جي غزل جي شروع شروع ۾ ا صلاح بہ ڪئي، پر پوءِ بہ اوهان جي غزل کي ايتري مڃتا نہ ملي؟ ان جا ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا؟

**جواب:** بلوچ صـاحب! پهرين ڳالهہ اها تہ جيڪڏهن ”وفا“ جي غزل کي سـنڌي ادب ۾ سـني مڃتا ملي ٿي / ملي آهي، تہ اها پين کان وڌيڪ مون لاءِ خوشـيءَ جي ڳالهہ آهي، ڇو تہ مون وفا جي شـاعريءَ ۾ خود وفا کي غزل جو بادشـاهہ بڻايو وفا کي منفرد غزل لکڻ وارو مون ڇيو. تہ پوءِ ان کي جيڪڏهن ڪا مڃتا ملي آهي تہ اصل ۾ اها منهنجي مڃتا آهي، باقي اهو توهان کي ڪنهن غلط ٻڌايو آهي، يا خود وفا پنهنجي حيثيت کي ”آٿر“ جو محتاج ٺهرائڻ کان بچڻ لاءِ غلط بيانيءَ کان ڪم وٺندي ائين چيو آهي / هوندو تہ آٿر سندس ابتدائي شـاعريءَ جي رڳو اصـلاح ڪئي هئي. سـچ اهو آهي تہ ”سـائين محسـن“ ئي وفا جي ابتدا اصـلاح ڪئي هئي، ۽ پوءِ منهنجي حوالي ڪري ڇڏيو هئائين وفا کي، ۽ وفا 92_1990ع تائين مون کان اصلاح وٺندو رهيو. 64_1963ع کان وٺي هن جا ڪوڙ سارا رجسٽر ۽ ڊائريون مون وٽ اصلاح لاءِ پيل هونديون هيون (ان جو ثبوت وفا جا اُهي ڏيڍ سـئو کان مٿي لکيل مون ڏانهن موڪليل خط آهن، جن ۾ هن تقريباً هر خط ۾ شاعريءَ جي اصـلاح لاءِ مون کي لکيو آهي) وفا هن وقت اسـان جي وچ ۾ موجود ڪونهي (ڌڻي ڪيس بهشـت نصـيب ڪري) پر ان جا خط شـاهيءَ طور مون وٽ موجود آهن. پر بلوچ صـاحب انسـان ايترو ”انا پرسـت“ سـاهوارو آهي، جو پاڻ کي گهٽ ڏسـڻ / گهٽ ڪرڻ نہ چاهيندو آهي، ۽ وفا بہ هميشـہ ائين ئي ڪندو رهيو. پنهنجي ڪنهن بہ ”محسن“ (چڱائي ڪرڻ وارو) جي دل سان مڃتا نہ ڪندو هئو.

بي ڳالهہ تہ اوهان رڳو ”وفا ناٿن شـاهيءَ“ جي غزل جي سـنڌي ادب ۾ مڃتا جي ڳالهہ ڪئي آهي، جڏهن تہ شـاعري رڳو غزل جي صـنف تائين محدود ناهي، شاعريءَ جون بيون بہ ڪيئي صنفون آهن، جن ۾ وفا کي ڪا گهڻي (بلڪ ڪا بہ) مڃتا نہ ملي آهي. وفا جي غزل جي مڃتا بہ هڪ

مخصوص گروپ جا فرد ٿي ڪندا رهيا آهن، ۽ اوهان جو گهڻو اُٿڻ ـ ويهڻ بہ شايد رڳو انهيءَ ئي گروپ جي ماڻهن سان هئو/ آهي. سنڌ جي ٻين پاسن (علائقن) تي بہ نظر وجهي ڏسو تہ اُتي منهنجي نہ رڳو غزل ڪي، وفا جي غزل جيترو مڃيو ٿو وڃي، پر منهنجي ٻي شاعريءَ: نظم، وائي، سنڌيجا ۽ تہ ـ سِريون ڪي بہ گهڻو پسند ڪيو ٿو وڃي ۽ وڏي مڃتا ملندي رهي آهي. اُن جو ثبوت اُهي هزارن جي تعداد ۾ خط آهن، جيڪي سنڌ جي مختلف (سِري ڪان لاڙ تائين جي) هنڌن تان مون ڪي پهچندا رهيا آهن ۽ مون وٽ موجود آهن. پر شاعريءَ جي اهڙين ڪي ٻين صنفن ۾ وفا جي مڃتا نہ جي برابر آهي، هڪ ڳالهہ هي بہ آهي، تہ وفا ڪي گُهري وٺڻ جي عادت بہ هئي. هو پنهنجي مڃتا لاءِ پوري سنڌ ۾ خط لکي ۽ روبرو ماڻهن سان ملاقات ڪري، پنهنجي لاءِ مضمون، مقالا لکرائڻ ۽ زباني مڃتا (تعريف) ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهندو هئو. جڏهن تہ مون ڪي گُهري وٺڻ بُرو لڳندو آهي. بلڪہ مان ان ڪي پنهنجي گهٽتائي سمجهندو آهيان. منهنجو هڪ شعر آهي:

”گهمي گُهر، رکي ڪنهن گڏهہ تي ٻني،
وتو نانءُ ناهي، مون ڪنهن کان پنَي.“

۽ وڏو سبب اهو بہ آهي، جو مان 72ـ1970ع کان تقريباً 1980ع تائين پنهنجي ڪن گُهرو ۽ سماجي حالات سبب ادبي دنيا کان ڪٽيل رهيو هوس. مون شاعري لکڻ/ ڇپرائڻ ۽ مشاعرن ۾ وڃڻ بلڪل بند ڪري ڇڏيو هئو ۽ وفا ڪي کُليو ميدان ملي ويو هن مشاعرا اٽيند ڪيا، شاعري لکي/ ڇپرائي ۽ ائين هن ڪي اُڀرڻ جو موقعو ملي ويو. 1980ع کان پوءِ مان وري جڏهن ادبي ميدا ۾ لٿس تہ وفا جي اُها پوزيشن برقرار نہ رهي، جيڪا وچ ۾ هن ڪي ملي هئي. بهرحال پوءِ بہ مان وفا جي مڃتا تي هميشہ خوش ٿيندو رهيو آهيان، مون ڪي ان ڳالهہ تي نہ تہ ڪو اعتراض رهيو آهي، نہ ڪوئي حسد. ها هڪ شيءِ اِها بہ آهي، تہ منهنجي غزل ۾ ڪلاسڪ گهڻي آهي، تنهن ڪري پڙهندڙ ان تائين پهچي نہ ٿا سگهن، ۽

مان پانيان ٿو تہ وفا جي غزل ۾ ايتري ڪلاسيڪت ڪانهي، صرف بيانيہ انداز آهي جيڪو عام ماڻهن کي سمجھہ ۾ اچي ٿو وڃي.

**سوال:** اوهان ادبي ڪچهريون ۽ ادبي ميڙاڪن کان پاسيرا ٿي ويا آهيو. ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

**جواب:** انهيءَ سوال جو جواب مان ڪيترن ئي انٽريوئن ۾ ڏئي چڪو آهيان، خاص ڪارڻ اِهي آهن تہ مون پنهنجي گهريلو ذميوارين ۽ اولاد جي ڪفالت تي وڌيڪ توجهہ ڏنو آهي/ معاشي حالات اهڙا ڪڏهن بہ نہ رهيا آهن، جو ادبي ڪچهريون ۽ ميڙاڪن ۾ وڃڻ جو خرچ افورڊ ڪري سگهجن ۽ تمام ڊگهي عرصي کان مان مختلف وڏين وڏين بيمارين ۾ جڪڙيو رهيو آهيان، ان ڪري مان پنهنجي مشڪوڪ صحت کي ساڻ کڻي، پري — اوري جي ادبي گڏجاڻين/ مشاعرن ۾ وڃڻ ترڪ ڪري ڇڏيو آهي.

هونءَ بہ مشاعرن ۽ ميڙاڪن ۾ وڃڻ ڪا فرض ڪيل بندگي، يا لازمي واجب ٿيل شيءِ تہ ڪانهي، جو ماڻهو ضرور حاضري پرائيندو رهي. ان جي بر خلاف مان گُهر ۾ ويهي وڌيڪ ادب جي خدمت ڪري سگهان ٿو/ ڪيان ٿو پيو. ۽ مان پنهنجي اِن عمل کان تمام گهڻو مطمئن آهيان.

**سوال:** اوهان شاعرجي اک سان هڪ سٺي غزل ۾ ڪهڙيون خوبيون ڏسو ٿا؟

**جواب:** اکر اکر مان موسيقي ڇَلڪندڙ نظر اچي، جملن جي پوچ ۽ ترتيب نو لکي هار وانگر هجي، رديف ۽ قافيا پاڻ ۾ ائين لاڳاپيل هجن، جيئن رخصتيءَ (نڪيتيءَ) وقت، گهوٽ جي بوچڻ سان ڪنور جي پوتيءَ جو پلئہ ٻڌل هجي، بي قيمتا ۽ پرتي جا لفظ نہ ٽُنبيل هجن لهجن ۾ سنڌين جو ساءُ ۽ سياءُ هجي، ڪوشش ڪري صاف سُهڻي ۽ بار محاورا پنهنجي سنڌي ٻولي استعمال ڪرڻ گهرجي. جماليات بہ، گَن رَسُ سان گڏ مَنَ رَسُ بہ هجي تہ مان ان کي سُٺو غزل سمجهندس/ چوندس.

**سوال:** اسان جو اديب پنهنجي ذميوارين کان ڪيترو واقف آهي؟ يا هو رڳو واهہ واهہ جي ڏيڏ ۾ گتو پيو آهي؟

**جواب:** صحبت! اڄ جو اديب پنهنجي ذميوارين کان ڪافي حد

تائين واقف تہ آهي، پر هو انهن ذميوارين کي نباهڻ ۾ يا سُستيءَ کان ڪم وٺندو رهي ٿو يا ڪن مصلحتن سبب اُهي پوريون ڪرڻ کان لنوائي ٿو وڃي.

ٻي ڳالهہ تہ هڪڙا ڪل وقتي ۽ فطرتي اديب/ ليکڪ آهن، اهڙن اديبن/ شاعرن کي هر وقت پنهنجي ذميوارين جو احساس آهي، ۽ ڪنهن حد تائين اُهي پنهنجون ذميواريون پوريون بہ ڪن ٿا ۽ ٻيا وري نمائشي ۽ ريسارا شاعر آهن، جيڪي رڳو پنهنجي نمائش لاءِ يا وري پاڻ کي شاعرن ۾ شمار ڪرائڻ لاءِ ڪجهہ جائز/ ناجائز ستون لکي وٺن ٿا. اهڙن شاعرن وٽ پنهنجي ذميوارين کي محسوس ڪرڻ ۽ انهن کي پوري ڪرڻ جي ڪا چنتا/ ڳڻتي ڪانہ ٿي هجي. اهڙا اديب واقعي بہ ذميوارين ادا ڪرڻ کان وڌيڪ ”واهہ واهہ“ جي پوبان لڳا پيا وتن.

**سوال:** تنقيد تي ڪجهہ روشني وجهو؟ اڄ جي نقادن کان ڪيترو مطمئن آهيو؟

**جواب:** ادا سچ اهو آهي تہ، تنقيد ادب لاءِ ائين آهي، جيئن سونارو، سون کي ڪوناريءَ ۾ ڳاري، انهيءَ مان مِٽ، مَرَ ۽ ٻي ملاوٽ ڪڍي، ان کي نِجُ صاف بڻائيندو آهي، ٻين ملڪن جي ادب ۾ تنقيد جو وڏو قدر ۽ مانُ آهي. اتان جا تنقيد نگار (نقاد) بہ انصاف پسند ۽ غير جانبدار هجن ٿا. هو هر شيءِ جي ڪوٺي ۽ کري جي پَرک، دليلن، ثبوتن ۽ حوالن سان ڪن ٿا/ اوت تي ٿاقوڙا ڪونہ ٿا هڻن. غلطين جي نشان ڏهي ڪَن ٿا، غلطين کان بچڻ جون هدايتون ۽ صلاحون ڏين ٿا. اُنهن جو پنهنجو توڙي انهن جي تنقيد جو معيار تمام مٿانهون آهي.

اسان جي ادب ۾ بہ ڪافي وقت اڳ سُنيون سُنيون ۽ با مقصد تنقيدون ٿينديون رهيون. توڙي جو انهن ۾ بہ گروپ بنديءَ کي بنياد بڻايو ويندو هئو. پر پوءِ بہ انهن جا ڪجهہ چڱا ڪارج بہ هئا. هاڻي تہ بابا! توبهہ پيو ڪر، تنقيد جو نالو ورتُئہ تہ جڻ ڪَکر ۾ ڪَڙو هنيئہ. ڪنهن تي تنقيد ڪيئہ تہ جڻ ان کي لَٺ هڻي ڪڍيئہ. مان ڏاڍو ٿڌي دل، دماغ ۽ ڏيرج وارو ماڻهو آهيان، پر سچ پچين تہ مان بہ تنقيد تي ذري گهٽ ناراض ٿي پوندو آهيان، سنڌي ادب جو جيڪو اڄوڪو دور آهي، ان ۾ تہ تنقيد جو نانءُ

نشان ئي ڪونهي، تنقيد جي نالي تي يا ته ڪنهن جي غير ضروري تعريف/ حد کان اڳتي وڌي ڪئي پئي وڃي. يا وري ڪنهن جي ناجائز حد تائين تنقيد ۽ هتڪ آميز حد تائين اُن تي طنز ڪئي پئي وڃي. اديب/ شاعر ٽولن/ گروهن ۾ ورهائجي ويل آهن. هر ٽولو پنهنجي گروپ جي ساراهه ۾ پبلڪلي ۽ مخالف ڌر جي گهٽتائي پيو ڪري، جاڻ ڪانه پوءِ به تنقيد نگار، تنقيد جي علم کان ڪورو پوبه نقاد. بس وَهي نه وَهي وٺ رينگٽ ڪي" هُن جي شيءِ سُني آ ته ڪيئن سُني آ، نه ان تي ڪو بحث نه وضاحت. جي هن جي شيءِ خراب آ ته ڇو خراب آ؟ ان جي لاءِ نه حوالہ نه ثبوت. نه تفصيل نه تشريح. مقصد هو اُن کي هيٺ ڪرڻ سو ڪيو ويو. "الله الله خير صلح!!" مون تي به ڪن دوستن تنقيدون ڪيون ۽ اڳتي به ڪندا، پر مان اُهي سڀ ڪوڙا/ ڪسارا ڍُڪ صبر ۽ بردباريءَ سان ڳيتي ويو آهيان ۽ ڳيئندو رهندس.

"شپره گر نورِ آفتا نه خواهد،
رونقِ بازارِ آفتاب نه کاهد"

چمڙي کي جي سج جو نُرُ (روشني) نه ٿي گُهرجي، ته سج جي روشنيءَ جي اهميت ۽ رونق گهٽجي ڪا نه ويندي! خدا انهن دوستن کي خوش رکي!! پاڻ ته هر انسان لاءِ دعاگو آهيون.

**سوال:** سائين هيل تائين توهان جي شاعري جا ڪافي مجموعا ٿي ويا آهن. جڏهن ته اوهان جو هڪڙو مجموعو مارڪيٽ ۾ نه آيو آهي ۽ جڏهن ته اوهان جي شاگردن جا ڪيئي ڪتاب به اچي ويا آهن.

**جواب:** توهان کي شايد خبر ناهي، منهنجا هن وقت تائين شاعريءَ جا به مجموعا: (1) "جڏهن الا اُپ ۾" (1994) ۽ (2) "لهرون لهرون لاٽ" (1998ع) ڇپجي مارڪيٽ ۾ اچي چُڪا آهن. جڏهن ته نثر ۽ نظم ۾ منهنجا 32 – 33 مجموعا ڪتابي صورتن ۾ ترتيب ڏنل مون وٽ موجود پيا آهن. منهنجي ٻنهي ڇپيل ڪتابن تي مون کي ايوارڊ به ملي چڪا آهن. پهرين مجموعي اچڻ تي، ماهوار ڪينجهر حيدرآباد جي ايڊيٽر ناز

سنائيءِ ”مون کي“ ڪينجهر ڪوتا ايوارڊ ڏنو هئو جيڪو پوءِ مون ڪِن اختلافن سبب ”ناز“ کي واپس ڏئي ڇڏيو هئو. ۽ ٻئي مجموعي تي مون کي مرڪزي سنڌي ادبي سنگت (سنڌ) طرفان بہ ايوارڊ ڏنو ويو. ان کان سواءِ منهنجا بہ — ٽي شعري مجموعا مسودَن جي صورتن ۾ بہ ڪن دوستن وٽ اٽڪيا پيا آهن.

منهنجا شاگرد، جن جو تعداد ٽيهارو کن آهي ۽ اهي سڀ سنڌ جي ڪُنڊ — ڪُڙڇ ۾ پکڙيل آهن، انهن مان صرف وفا ناٿن شاهيءَ جا بہ مجموعا، سرور نواز ٻُگهئي جو هڪ مجموعو، ممتاز عبا سيءَ (جنهن ڪجهہ وقت ”لهرون“ ماهوار رسالو بہ جاري ڪيو هئو) جو هڪ مجموعو ۽ زاهد راڄپر جو هڪ مجموعو ڇپيو آهي. سو اوهان جو اهو چوڻ تہ ”منهنجي شاگردن جا ڪيئي ڪتاب اچي ويا آهن“ محض هڪ وڏاءُ آهي.

اوهان کي خبر آهي تہ اڄ ڪلهہ ڪتاب (خاص ڪري شعري مجموعا) اڪثر شاعر پنهنجي خرچ تي ڇپائن ٿا. جن ماڻهن وٽ پئسا آهن، اهي پنهنجا ڪتاب آڻيندا رهن ٿا، پوءِ اهي ڪهڙا بہ هجن. باقي اسان پارا غريب شاعر / ليکڪ ڪوڙ وتن ٿا چپٽيون وڄائيندا. تہ هاڻي ڪوئي پبلشر / ڪو ناشر منهنجو ڪو ڪتاب نہ ٿو آڻي، تہ منهنجہ انهيءَ ۾ ڪهڙو ڏوهہ؟ پنهنجي ڀاڱ ۾ تہ ڄمندي کان ئي غريبي هئي، ۽ اڄا تائين پئي هلي. تنهن هوندي بہ بلوچ صاحب! اُميد کان نا اميد ڪانہ ٿي آهي، ڪڏهن نہ ڪڏهن اُهي ڪتاب ضرور ڇپبا. شڪايت ڪنهن پبلشر کان ڪانهي، صرف افسوس آ تہ پَرک ناهي؟ پارکُو ڪونهن!!.

**سوال:** عشق، پيار، محبت، جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌايو ۽ پنهنجي پريم ڪهاڻي ٻڌايو؟

**جواب:** فارسيءَجي ڪنهن شاعر چيو آ:

”عشق اَوَل در دِل معشوق پيدا جي شود“

(عشق اڳ ۾ معشوق جي دل ۾ پيدا ٿيندو آهي) سو جي ڪنهن خوبصورت ماڻهوءَ جي دل ۾ منهنجي لاءِ عشق جو جذبو پيدا ٿيو هوندو، تہ يقينن مون بہ ان سان عشق ضرور ڪيو هوندو. ۽ سائين لطيف فرمايو:

”عشــق نـاهـي رانـدِ، جـيـئـن كـيـڏن ڳـيـرُ
سِــســي نـيـزي پـانـد، اڇـل تــ اَڏ ٿـئـي.“

لطيف جي فڪر ۾ فلسفي مطابق، عشق اهڙو هڪ بي اختيارانہ جذبو آهي، جيڪو از خود دل ۾ پيدا ٿي پوندو آهي ۽ پوءِ اهڙي عشــق ۾ ســر ۽ ســاهَہ وڃڻ جي پرواهہ نہ ڪرڻ گهرجي، پر، اتفاق ســان ڪلهہ ٿي — وي ڏِســندي تہ هڪ چينل تان مائي فرزانہ پروين“ جي وڊيو ڪيســٽ ٻُڌڻ جو موقعو مليو: هونءَ تہ فرزانہ ڏاڍي سيبتي ڳائڻي (فنڪاره) آهي، آواز بہ پيارو اٿس، تہ اُن جي واتان هڪ شاعر پنهنجو هي ڪلام ڳائرائي رهيو هئو:

”ڏئي صــلاح عشــق ســنـدي توکي ڪنهن مـارايو آ،
هي جوانيءَ ۾ ڪـارو وڳو توکي ڪنهن پـارايو آ!“

هاڻي سائين پُڇو! اڄوڪا شاعر / عاشق چوڻ لڳا آهن تہ: ”عشق جي صلاح ڏئي توکي ڪنهن دشمن مارائڻ جي ڪوشش جو ڪردار ادا ڪيو آهي،“ تہ اهو عشق ناهي هَوس آهي مطلب پَر ستي آهي، ۽ مون اهڙو عشق ڪرڻ نہ چاهيو ڪڏهن، نہ ڪيو ئي هئو ڪڏهن، عشــق ڪيو ضــرور، پر اهو ڪنهن هڪ ماڻهوءَ سان ڊگهي عرصي تائين ڪونہ هليو هئو. ڪجهہ پيارا ماڻهو منهنجي زندگيءَ ۾ آيا، مون کي اُنهن موهيو ۽ مون خاموشــيءَ سان انهن جي پوڄا ڪئي ۽ بَس، انهن مان هڪ ماڻهو جيڪو مون کي زور وڻيو هئو ان زماني ۾ مون هڪ نظم ۾ هي سِٽون لکيون هيون:

”شــاعري، ســنـڌ ۽ هِـڪَ سِـنـڌ جو سُـهڻو مـاڻهو،
منهنجي دل ۾ ٿـا هـڪ ئي وقـت رهن ٿي محبوب.“

انهيءَ مان توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا تہ منهنجو عشق رڳو ان هڪ حَســين نـازنين ســـان ڪونہ هئو پر شــروع ڪـان وٺي ئي منهنجون بہ محبوبائون ٻيون بہ هيون هڪ ”سنڌ“ ٻي شاعري“، صحبت سائين عشق

رڳو ڪنهن ڇوڪريءَ يا ڇوڪري سان ئي ڪونہ ڪبو آهي عشق قوم سان، ٻوليءَ سان، وطن سان، انسان ذات سان، پنهنجي گهر واريءَ سان، اولاد سان ۽ پنهنجي پاڻ سان بہ ڪبو آهي ۽ مون انهن سڀني شين سان عشق ڪيو آهي، ڪنهن صِلي جي لالچ ۾ عوض جي تمنا ڪئي بنا پُرخلوص عشق، ۽ اهائي منهنجي پريم ڪهاڻي بہ آهي.

**سوال:** پنهنجي دور جي ادبي ميڙاڪن جي خوبصورت ماحول جي عڪاسي ڪرڻ پسند ڪندو؟

**جواب:** مشاعرن/ محفلن ۾ سنجيدگي هوندي هئي، بردباري هوندي هئي، سانت ۾ سليقي سان مشاعرا ٻڌا ويندا هئا، ننڍي- وڏي شاعر جو هڪ جيترو آدر ڀاءُ ٿيندو هئو هڪ ٻئي کي احترام جي نظر سان ڏٺو ويندو هئو عزت ڪئي ويندي هئي.

ان دور ۾ ادبي ڪچهرين ۾ الغوزن وارا، نڙ- بيتن وارا ۽ راڳي بہ گهرايا ويندا هئا. ٻُڌڻ وارا سڀ ڪنهن کي هڪ جهڙي چاهہ ۽ شوق سان ٻڌندا هئا. واه واه ٿيندي هئي، تاڙيون وڄنديون هيون شاعر کي ”داد“ صرف معياري شعر تي ملندو هو نہ تہ خاموشي هوندي هئي، وڏو رنگ لڳندو هئو. پري پري مشاعرن تي (جوءِ- تر جي مشاعرن کان علاوه) بہ وڃبو هئو. جيڪب آباد/ خيرپور ميرس کان وٺي ڪراچي/ حيدرآباد تائين جي وچ وارن شهرن ۾ بہ مشاعرا/ ادبي گڏجاڻيون اٽينڊ ڪندا هئاسين، مون کي خانگي نوڪري هوندي هئي، مشاعرن تي وڃڻ جي موڪل نہ ملندي هئي، تہ بنا موڪل هليو وڃبو هئو ائين پنهنجون بہ- ٽي نوڪريون بہ وڃائي ويٺو هوس، مشاعرن تي ويندي سائين مُحسن ڪڪڙائيءَ جو خصوصاً ۾ وفا ناٿن شاهيءَ جو بہ ڪڏهن ڪڏهن ڀاڙو خرچ مان ڀريندو هوس.

هاڻي جي مشاعرن ۾ اهو ساءُ، اُهو نظم ۽ ضبط ڪونهي. ماڻهو رڳو مشاعرن ۾ گهرا يل راڳين جو راڳ ٻُڌڻ اچن ٿا، شاعر کي تہ صرف مجبوريءَ کان برداشت ٿا ڪن. گروپ بنديون آهن. هڪ ٻئي جي مخالف شاعر/ گروپن جا حامي/ حمايتي مخالف ڌُر جي شاعر لاءِ اهڙا رَويا ٿا رکن ۽ اهڙا ريمارڪس ڏيندا آهن جو شاعر کي مائيڪ ڦٽي ڪري اسٽيج تان لهي وڃڻ تي مجبور ٿيڻو ٿو پوي، اڄ مشاعرن جي اها اهميت نہ رهي آهي.

دل ڪَٿي ٿي وئي آهي.

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي کان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

**جواب:** نَهڪر ۾ گنڊ جي ڏوُڙ/ صرف ٻہ جُملا (انٽرويوئر) صحبت سائين! وات نہ کولراءِ منهنجو.

"پردے میں رہنے دو......................

**سوال:** اوهان جيترو لکيو اوهان جو سنڌي ادب ۾ هڪڙو وڏو نانءُ آهي، پر پوءِ بہ سنڌي اديبن اوهان کي ايتري مڃتا نہ ڏني، جنهن جا توهان مستحق آهيو؟

**جواب:** مون هينئر تائين، توهان جي سوالن جا جيڪي جواب توهان کي ڏنا آهن. انهن ۾ ڪوبہ تڪلف ۽ تڪليف مون کانہ ڪئي آهي. نہ انهن ۾ پنهنجي ڪا علمي لياقت ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي نہ مصنوعيت کان ڪم ورتو آهي، نہ پاڻ پسنديءَ جو اظهار ڪيو آهي. مون پنهنجي ٻوليءَ جي روزمره جي ڳالهہ ٻولهہ مطابق ٽُڙ ۽ سڌا سنوان جواب ڏنا آهن، ڪابہ هيرڦير انهن ۾ نہ ڪئي آهي، جيئن عام طرح سان پنهنجي گهر/ پنهنجي دوستن ۾ فري ٿي ڳالهائبو آهي، ائين ئي اوهان سان بہ ڳالهايو آهي. ۽ اوهان جي اڳلن سوالن جا جواب بہ ساڳي طرح بلڪل سچائيءَ ۽ حقيقت پسنديءَ سان ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس، خبر ناهي منهنجي ڳالهائڻ جو اِهو انداز توهان کي وڻندو يا نہ/ قبول ڪندءُ يا نہ! پر منهنجي مجبوري اِها آهي تہ:

> "ڏينهُن: جنهن ۾ نہ سچ چيم ڪنهن کي،
> مون تي آٿم! عذاب ٿي گذريو"

ميجوتي (مڃتا) اوهان الائي ڇاکي ٿا چئو؟ مان تہ سمجهان ٿو/ بلڪ مان مطمئن آهيان تہ منهنجي پوري سنڌ ۾ "گجو (لاڙ) کان وٺي گهوٽڪي" (سيرو) تائين کوڙ ساري مڃتا آهي. مون کي پيار سان پڙهيو وڃي ٿو ۽ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ٿو وڃي. اوهان داڏوءَ جا رهاڪو آهيو،

تہ ڇا دادوءَ جا سڀ اديب/ليکڪ مون کي/ منهنجي شاعريءَ کي ڪونہ ٿا مڃن؟ اهڙي طرح توهان سنڌ جي ڪنهن بہ شهر ۾ وڃو منهنجي شاعريءَ بابت معلومات وٺو/ ادبي برادريءَ کان راءِ وٺو. مون کي يقين آ تہ سڀ اوهان کي مون بابت بهترين راءِ ڏيندا. انفرادي طور تي اوهان شمشير الحيدريءَ کان پُڇو/ امداد حسينيءَ وٽ وڃو/ تاجل، تاج بلوچ، سرڪش سنڌي، ادل سومرو، اياز گل وغيره جهڙن اديبن کان بہ راءِ وٺي ڏسو سڀ منهنجي شاعريءَ بابت مثبت راءِ ڏيندا. ۽ هيءُ جو سنڌ جي ڪُنڊ ڪُڙڇ کان مون وٽ هزارن جي تعداد ۾ خط پهتل آهن/ پهچندا رهن ٿا، تہ اُهي ڪي اجايا تہ نہ هوندا نہ! انهن ۾ بہ منهنجي شاعريءَ لاءِ سُٺا رايا ئي تہ آهن. تہ ڇا اِها مڃوتي ناهي؟ باقي اديب ويچارا (ڪن ٿورن کان سواءِ) سڀ غريب لڏو آهن، سي مون کي ڪار يا بائيڪ تہ ڪونہ وٺي ڏيندا نہ، بنگلو يا ماڙي، تہ نہ ٺهرائي ڏيندا نہ! هونءَ بہ ڪنهن شخص يا ان جي فن جي سُٺي – ڪسي هجڻ جي خبر تہ تڏهن پوندي نہ. جڏهن ان بابت ڪو ماڻهو/ ڪن ماڻهن کان پڇي ڏِسندو. ائين تہ ماڻهو/ اديب شهر ۾ منادي (پڙها) تہ ڪونہ ڏيندا وتن نہ.

ها! البت هڪ مخصوص ٽولو آهي، جن جو هڪ نانيءَ ويڙهو ٺهيل آهي، اهي پنهنجي لکيٽين ۾ رڳو هڪ ٻئي جي تعريف لکندا آهن، پر انهن کان بہ اوهان زباني طرح منهنجي لاءِ/ منهنجي شاعريءَ لاءِ پُڇندا تہ اُهي بہ سُٺن خيالن سان/ سهڻن لفظن ۾ منهنجو ذڪر ضرور ڪندا، تہ صحبت صاحب! مون کي ان طرف کان ڪابہ کوٽ محسوس ڪانہ ٿي ٿئي، باقي جيڪڏهن مڃتا مان اوهان جي مراد آهي ڪتابن جو ڇپجڻ تہ پوءِ ان پاسي کان مان اجا تائين واقعي بہ محروم آهيان.

**سوال:** وفا جا اوهان وٽ خط آهن، ان لاءِ مون بہ اوهان کي پيشڪش ڪئي تہ اهي خط ڏيو تہ جيئن سڀ سهيڙي هڪ هنڌ گڏ ڪري ڇپائجن، توهان جو وفا سان اختلاف بہ رهيو. ان تي ڪجھہ نظر ثاني ڪيو؟

**جواب:** مون اوهان کي ان ڏينهن ٻڌايو هئو تہ مون وٽ وفا جا تقريباَ 150 خط آهن ۽ اُهي وفا جي انهن خطن مان چونڊيل آهن، جيڪي ڪافي تعداد ۾ مون کي پهتا هئا. انهن کي مون تاريخ ۽ مهيني وار ترتيب ڏئي

هڪ ڪتاب (مسودي) ۾ اُتاري رکيا آهن. انهيءَ ڪتاب جو نالو بہ مقرر ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان تي مهاڳ بہ لکيو آهي.

مون اوهان کي چيو هئو تہ سڀ خط, جيئن ڪتابي صورت ۾ مون وٽ موجود آهن, تئين ئي اوهان بيشڪ ڪٽي وجي ڇپرايو. انهن ۾ مان گهٽ – وڌائي ڪرڻ جي اجازت ڪنهن کي نہ ٿو ڏيئي سگهان. پر اُهو ڪتاب لڳ ڀڳ ساڍا ٽي – يا چار سو صفحن جو آهي, اکر ڪاغذ جي ٻنهي پاسي لکيل آهن. ۽ انهن ۾ اختلافي ڳالهين تي مون بہ وڏا وڏا فُٽ نوٽ لکيا بہ آهن. انهن خطن مان ڪي خط وفا جي هٿ اکرن ۾ لکيل 15 کان 25 صفحن جا بہ هئا, جن کي مون پنهنجي اکرن ۾ سميٽي/ سوڙهو ڪيو آهي, نہ تہ اهو مسودو پنج ـ ڇهہ سو صفحن جو ٿي وڃي ها. مان اهو مسودو توهان کي ڇپائڻ لاءِ ڏيڻ کان انڪار نہ ڪيو هئو/ نہ ڪيان ٿو پر اهو جيئن ترتيب ڏنل آهي, تيئن ئي ڇپجڻ گهرجي, هڪ تجويز اها بہ آهي تہ اهو ڪتاب ٻن حصن ۾ ڇپرائي سگهجي ٿو.

وفا هينئر اسان ۾ موجود ڪونهي, خدا مرحوم کي جنت نصيب ڪئي هوندي! ان سان اختلاف پنهنجي جاءِ تي, پر مون کي وفا سان ڪابہ ذاتي رنجش يا ڪدورت اڄ بہ ڪانهي/ اڳ ۾ بہ ڪانہ هئي, باقي جيتري قدر اختلافن جو سوال آهي تہ, اُهي تہ وفا جا خط پڙهڻ ۽ انهن تي منهنجي اختلافي/ وضاحتي نوٽن جو مطالعي ڪان پوءِ, ڪنهن کي (اوهان کي بہ) پتو پوندو تہ معاملو (معاملا) ڪهڙو هئو (۽ ڇو هئا). بهرحال اهو ضخيم ڪتاب ڇاپڻ چاهيو اٿم, جي بسم الله.

**سوال:** اوهان ڪافي عرصي کان بيمار آهيو ـ ڇا, ان سلسلي ۾ ثقافت کاتي وارن, سنڌي لينگويج اٿارٽي وارن, سنڌي ادبي بورڊ وارن يا وري سنڌي ادبي سنگت وارن اوهان جي ڪا سار لڌي آهي؟

جواب: آءٌ پاڻ ڪنهن جي دَر تي سوالي بڻجي ڪونہ ويو آهيان, تہ منهنجي مدد ڪئي وڃي, منهنجي دوستن/ همدردن/ قدردانن اهڙيون ڪوششون پنهنجي مرضيءَ سان ازخود ئي ڪيون آهن: سنڌي ٽي – وي چينل K.T.N جي مهربان دوستن (خاص ڪري صفدر کوهاري) ڏاڍي ڪوشش ورتي بہ – ٽي دفعا منهنجي بيماريءَ جي خبر نشر ڪيائون.

هڪڙو ائن – ڏهن منٽن جو پروگرام بہ ان حوالي سان ٽيليڪاسٽ ڪيائون. روزاني سنڌي اخبار ”خبرون“ جي ايڊيٽر محترم ظهير ميراڻيءَ، اخبار ۾ تصويرن سان خبرون هلايون، ايڊيٽوريل لکيا، اديبن، شاعرن ڪالم بہ لکيا، خط بہ ڇپيا، هڪ مڪمل فائيل ٺهيو ۽ اهو سنڌ جي وزير اعليٰ جناب ارباب غلام رحيم وٽ پيش بہ ٿيو. وزير اعليٰ سرڪاري خرچ تي علاج ڪرائڻ لاءِ سول اسپتال ۾ موڪلڻ بہ چاهيو پر منهنجو جيئڻ تہ جناح اسپتال ۾ ڇهن – ستن مهينن کان علاج ٿي رهيو آهي، ان لاءِ مون کي مالي امداد جي ضرورت آهي، ٻي اسپتال ۾ منتقل ٿيڻ سان وري بہ ٽي مهينا نيون ٽيسٽون ڪرائڻيون پونديون ۽ انهن جون رپورٽون حاصل ڪرڻيون پونديون. جناح مان بہ نڪري اچجي هتي بہ وقت لڳي وڃي ٽيسٽائين منهنجو الائي ڪهڙو حال ٿئي. K.T.N وارا ويچارا تہ ميڊم مهتاب اڪبر راشدي صاحبہ سان بہ مليا ۽ مون لاءِ مالي مدد جي درخواست بہ ڪيائون، انهن ثقافت کاتي وارن تہ پُڇيو ئي ڪونہ تہ ڪيئن آهين.

هوڏانهن منهنجي پياري ساٿي، اياز جانيءَ، منهنجي بيماريءَ سان لاڳاپيل سڄي فائيل جون فوٽو ڪاپيون ڪرائي، سنڌي ادبي سنگت (مرڪزيءَ) جي سيڪريٽري جنرل محترم تاج جويي جي حوالي ڪيون، تاج بہ جانيءَ کي دلاسا ڏنا، پر ٿيو اڄ تائين ڪجهہ بہ ڪونہ. انهي سال جي عرصي ۾ بيماريءَ تي پنهنجا اندازً بہ لک کن رپيا خرچ اچي ويا آهن، گهٽ ۾ گهٽ ٽي سؤ روپيا روزانہ خرچ آهي، هاڻي تہ ٽڪجي پيا آهيون/ کُهجي پيا آهيون. سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ وارن جي تہ ڳن تي جُون ئي ڪانہ چُري آهي، توڙي جو اخبارن ۾ ٽي ويءَ چينلن تان اهڙيون خبرون بہ نشر ٿي چڪيون آهن. پر هو جو چوندا آهن تہ:

”يَر ۾ مَري پاءُ تہ ٻاجهہ نہ ٻُرڙي کي پوي.“ واري ڪارِ آهي يا ٻين لفظن ۾ ائين تہ: هَڻُ تہ گُٿو آنءِ!“

**سوال:** اوهان پنهنجي بيماري جي سلسلي ۾ ڪنهن ڊاڪٽر سان مشورو ڪيو آهي. اوهان کي ڪهڙي بيماري آهي ۽ ان تي ڪيترو خرچ ايندو؟

**جواب:** مون هڪڙي ڊاڪٽر سان نہ، لياري جنرل اسپتال ۾ ڪُتيانہ

ميمڻ اسپتال/ سول اسپتال کان وينديجناح اسپتال جي ڊاڪٽرن کان چيڪ اپ/ ٽيسٽون ڪرايون آهن. آخر جناح اسپتال جي ريڊيو ٿراپي (برقي شعا) واري شعبي ۾ ڊاڪٽرن ڳلي جو ڪينسر ڪنفرم ڪيو آهي ۽ اُن جو علاج ڪن پيا. اهو علاج ٿي سگهي ٿو عام/ سادو علاج هجي، ۽ ڪنهن شاهوڪار ماڻهوءَ لاءِ ڪو ٻيو علاج هجي. بهرحال مون چيو نہ تہ هينئر تائين بہ – ايڊائي لک رپيا خرچ ٿي ويا آهن. اڳتي لاءِ جو ڪو اندازو ڪونهي تہ ڪيترو عرصو علاج هلندو ۽ ان تي اجا ڪيترو وڌيڪ خرچ لڳندو؟ شفا نصيب ٿيندي يا راهہ رباني وٺي پوندي! هونءَ اها واٽ تہ روان – دوان آهي، هڪڙي ڏينهن وڃڻو تہ پوندو ئي پاڻ کي بہ!

مَرڻ ناهي مِٺو پرٽو ناهي گار،
ڏٺي نگهبان!

**سوال:** اوهان جي زندگي جو اهڙ وسرندڙ واقعو؟

**جواب:** مينهوڳيءَ جي مُند ۾، مينهن وسي بس ٿيڻ کان پوءِ جهرڪڙيون ويچاريون، وڻن مان اٿي ايندڀون هيون، گهرن ۾ چوڻو – پاڻي تلاش ڪرڻ. گهرن جي چوڌاري ڏنل لوڙهي تي جهرڪين جا ولرن جا ولر اچي ويهندا هئا. (ٻهراڙي ۾ گهرن جي چوڌاري پناهہ ۽ حفاظت لاءِ ڊنگهرن جا لوڙها ڏنل هوندا آهن). هڪ دفعي گهر – آڱر تي جهرڪين جو ولر چُڳي رهيو هئو. تہ مٿان "باز" جهاتو هنيو هڪ جهرڪيءَ جي مُنڍي پٽجي وئي اها چنبن ۾ کنيون هليو ويو (باز جي چنبن ۾ تمام طاقت هوندي آهي) ۽ هيٺ ڌَڙُ ڌَڪي ڌَکي چپ ٿي ويو. مون کي ڏاڍو ايذاءُ پهتو ۽ رحم آيو ان جهرڪيءَ تي، سوچيم، ويچاريءَ جا ٻچڙا هوندا الائي ڇا! انهن جو ڇا ٿيندو!؟ اهو واقعو مون کان اجا تائين نہ وسريو آهي/ نہ وسري سگهندو.

هونءَ ان کان اڳ: هڪ ڪانو بہ هڪ جهرڪيءَ جو اهڙ – اڏا مڪ ٻچڙو جهٽيو هئو ۽ ان ٻچڙي ڏاڍيون دانهون ڪيون هيون، پر مان يا ڪو ٻيو بہ ان ٻچڙي کي بچائي نہ سگهيو هئو. تڏهن مون هڪ غزل ۾ هيءُ شعر لکيو هئو:

"ڪانو جَهَٽيو جهرڪئي جو ٻچڙو،

## چير ڏئي وئي ”چين – چين“ هُنجي.

**ســوال:** هيئنر ســنڌي ٻولي ســان هٿ چرا ند ڪئي پئي وڃي، ان سلسلي ۾ ڇا ٿيندو؟

**جواب:** سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان ڪابه جاڙ برداشت ڪرڻ واري هر شــخص کي مان حلالي ٻار نه چوان ته ڪنهن کي به ڪاوڙ نه لڪڻ گهرجي. ســنڌي ٻولي اســان جي امڙين جي، اســان کي ٻاروتڻ جي عمر ۾ ڏنل لولي آهي. ا ها لولي ڪهڙو نياڳو ماڻهو وســاري وينو هوندو؟ ڪوبه نه! جي وســاريندو ته خدا ان کي پنهنجو نه ڪندو!! هونءَ ســنڌ ڌرتيءَ تي اڳ ۾ به غدار جنم وٺندا رهيا آهن، هاڻي به منهنجي اک ڏسي پئي ته:

”ســنڌ سُــهاڳڻ! توکي ٻيي، ڪي –
ســـســـئـيءَ وارا ڏيـر مـلـيـا هِـن“

الله سائين ڪندو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا مندا ڪڏهن به سُک نه ماڻيندا!

**سوال:** پڙهندڙ لاءِ پيغام

**جواب:** امن ۽ آزاديءَ لاءِ پــاڻ پتوڙو، ايٽمي اوزارن جي ايجــادن ۽ جنگين/ جهيڙن جي مخالفت ۾ ســر – ڌڙ جي بازي لڳائي ڇڏيو. پاڻ به خوش رهو ٻين کي به خوش رهڻ ڏيو. ڪنهن به آدميءَ جي حقن تي ڌاڙا نه هڻو ڪنهن به جيون/ ۽ جيو ڪان خوشيون کسڻ لاءِ ڪڏهن به نه سوچيو/ نه ســوچجو!! مســڪينن/ محتاجن جي ســار – ســنڀال لهندا رهو دعائون ڪَٽو/ ڪٽندا رهو!.

## ترائيل

ڪنهن جي معصوم دل جي اجڙي ٿي،
هو متان آسمان ڦاٽي ٿو
۽ هتان هي زمين اجڙي ٿي،
ڪنهن جي معصوم دل جي اجڙي ٿي.

هاڻي ڇاٽو ڳولهين رک ۾؟
باهہ لڳائي منهنجي گهر کي،
دم نہ رهيو آ ڪنهن بہ ڪک ۾،
هاڻي ڇاٽو ڳولهين رک ۾؟

تون سياڻي مان چريو آهيان،
منهنجو توسان مقابلو نہ آهي،
تنهنجي ڪارڻ تي مان خريو آهيان،
تون سياڻي مان چريو آهيان.

# محسن ڪڪڙائي



## غزل

جسم جي معجزي جون چند گھڙيون،
ساري دنيا جون دل پسند گھڙيون.
موت ۾ هن ڏنيون مٺيون مُرڪون،
مون جو آچيون نياز مند گھڙيون.
پر لڳا ها گُداز جذبن کي،
عشق آيو ڪڍي بلند گھڙيون.
منهنجي تاريخ منهنجو سرمايو
ذهن جي ڪيميرا ۾ بند گھڙيون.
جيڪي گذرن حسين ماڻهن سان،
سيئي محسن جون من پسند گھڙيون.

# BRIEF INTRODUCTION

# محسن ڪڪڙائي

(1937-2005)

پورو نالو: سيد نيازعلي شاهه

ادبي نالو: مُحسن ڪڪڙائي

ولديت: سيد احمد شاهه

جنم تاريخ: 4 جولائي 1937ع وفات: 2 اپريل 2005ع.

جنم هنڌ: ڪڪڙ – تعلقه خيرپورناٿن شاهه – ضلعو دادو

تعليم: ايم.اي. بي. ايڊ – اديب سنڌي ۽ اديب عالم ۽ فاضل

ڇپيل ڪتاب: 1. اُمنگون 2. سونهن جي ساڃهه 3. ليليٰ جا خط 4. سوريءَ چڙهيو سچ. 5. ڪنهن جي مٽ ميار

سال 1937ع ۾ دادوءَ ضلعي جي شهر ڪڪڙ ۾ جنم وٺندڙ سيد نياز علي شاهه محسن ڪڪڙائيءَ جي نالي سان سڃاڻپجڻ لڳو. ڪيترن ئي ڪتابن جي خالق محسن ڪڪڙائيءَ جو شاعري ۾ هڪ الڳ مقام آهي. هونئن ته محسن ڪڪڙائيءَ شاعريءَ جي مڙني صنفن کي ڇهيو آهي، پر غزل سندس سڃاڻپ آهي، انتهائي نرم مزاج محسن ڪڪڙائي نه رڳو شاعري پر نثر تي به چڱي خاصي طبع آزمائي ڪئي آهي. هن دنيا جي مختلف ٻولين جي ادب کي تمام گهڻو پڙهيو آهي. پر سال 2005 ۾ هي پلوڙ شاعر اسان کان وڇڙي ويو. هي انٽرويو سندس ايام زندگي ۾ ورتو ويو هو. محسن اڄ هن دنيا ۾ ناهي پر سندس تخليقون اڄ به سندس ياد کي تازو ڪيو ٿيون اچن. اچو ته محسن جو انٽرويو پڙهون.

**سوال:** محسن صاحب! شاعريءَ طرف ڪيئن لاڙو ٿيو؟

**جواب:** شاعري جڻ مون کي ورثي ۾ ملي، ڇو ته منهنجو والد صاحب به شاعر هو مان ننڍي هوندي اسڪول ۾ گيت به ڳائيندو هيس. ان کان

پوءِ منهنجي ملاقات حافظ احسن چنا سان ٿي ۽ شاعري ان کان سکيس.

**سوال:** اڄ جي اديبن ۾ تنقيد جي سهپ گھٽجي ڇو وئي آهي؟

**جواب:** اديبن ۾ ذات تہ آهي پر ڏانءُ ڪونهي، علم گھٽ آهي، انهيءَ ڪري اهي جائز تنقيد برداشت نہ ٿا ڪن ۽ منهنجو ذاتي خيال آهي تہ توهان مون تي ڀل جائز تنقيد ڪريو ۽ مان برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيان.

**سوال:** حسن توهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟

**جواب:** حسن منهنجي نظر ۾ خدا جو جلوو آهي.

**سوال:** شاعري تہ قدرتي ڏات آهي پوءِ ان لاءِ استاد ضروري ڇو آهي؟

**جواب:** اهو ان لاءِ ضروري آهي: جيئن سونَ هڪ قيمتي ڌاتو آهي جيڪڏهن ڪو سنو ڪاريگر / سونارو ڪو هار ناهي ٺوءِ اهو هار ڪنهن سهڻي ڳچيءَ جو سينگار بڻجي ٿو پوءِ وري اهڙي طرح منڊي ناهي ٿو. چوڙيون ناهي ٿو تہ سون وڌيڪ نکرجي ٿو. ائين ڪنهن ماڻهوءَ جا خيال سٺا آهن پر شاعريءَ جي فن کان پري آهي تہ پوءِ ان کي شاعر مجبوئي ڪونہ هوندي بہ دنيا ۾ اهڙي ڪابہ شيءِ نہ آهي جيڪا ڪنهن سيکارڻ واري کان سواءِ سکي سگھجي.

**سوال:** زندگي توهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟

**جواب:** زندگي منهنجي نظر ۾ مٺي بہ آهي ڪڙي بہ آهي، آسان بہ آهي تہ مشڪل بہ.

**سوال:** ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ ڀارت ۾ توهان جي شاعري مختلف ٻولين ۾ ترجمو ڪئي وئي آهي. ڇا اهو صحيح آهي ۽ اهي ٻوليون ڪهڙيون آهن؟

**جواب:** اهو بلڪل سچ آهي، هند ستان ۾ 14 ٻوليون سرڪاري طور تسليم ٿيل آهن جن ۾ هندي، تامل، تلگو، سنڌي، گجراتي، مليالم، پنجابي وغيره اچي وڃن ٿيون ۽ منهنجي شاعري انهن ٻولين کان علاوه ٻين ڪيترن ئي ٻولين ۾ ترجمو ٿي آهي.

**سوال:** ڇا اوهان وٽ ان جو رڪارڊ وغيره آهي؟

**جواب:** نہ ادا، مون وٽ ڪا بہ اهڙي شيءِ نہ آهي، پر مون کي دوستن جي وا تان ٻڌايو ويو تہ منهنجي شاعري 14 ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪي آهي.

**سوال:** جيئن تہ توهان جي هم عمر شاعرن شهرت گهڻي ماڻي، جيئن شيخ اياز، استاد بخاري وغيره؟

**جواب:** شيخ اياز کي تمام گهڻا ساٿي مليا هئا، جن سندس ڪتاب ڇپرائڻ ۾ تمام گهڻي دلچسپي ورتي، اهڙي طرح استاد جا ڪتاب بہ ان جي چاهيندڙن ڇپريا. مون سان اهومسئلو آهي تہ مان هڪ ڳوٺ ۾ رهان ٿو ۽ هو شهرن ۾ رهندا هئا، جڏهن تہ مون کي اڃ تائين ڪوبہ اهڙو ساٿي نہ مليو آهي جيڪو منهنجا ڪتاب ڇپرائي.

**سوال:** محسن صاحب! ٻڌو آهي تہ توهان شيخ اياز کي هڪ ڇوڪريءَ جي نالي سان خط لکيا هئا، ۽ اهي بعد ۾ ڪتاب "شيخ اياز هڪ عاشق شاعر" جي نالي سان ڇپرايا ويا آهن. ڇا اها ڳالهہ صحيح آهي؟

**جواب:** اها ڳالهہ بلڪل غلط آهي، اهو مون مٿان اجايو الزام آهي. باقي شيخ صاحب کي علي محمد گاڏهي (مينڌري گاڏهي) جي فرضي نالي سان خط لکيا ويا هئا. جيڪي خط مون کي مرحوم علي محمد گاڏهي جي پياءُ رئيس خان محمد گاڏهي ڏنا هئا، اهي خط منهنجي وڏي پٽ انجنيئر اعجاز محسن هاشميءَ کان جامي چانڊئي پڙهڻ لاءِ ورتا هئا. جنهن کان پوءِ اهي خط ناز سنائي صاحب کي هٿ آيا. جنهن اهي خط ڪتابي صورت ۾ آڻي ڇڏيا. حقيقي ڳالهہ اها ئي آهي.

**سوال:** توهان جي نظر ۾ عورت ڇا آهي؟

**جواب:** عورت خدا جي خوبصورت تخليق آهي، عورت نہ هجي ها تہ هن دنيا ۾ ڪجهہ بہ نہ هجي ها.

**سوال:** توهان جي نظر ۾ پيار ڇا آهي؟

**جواب:** پيار ماڻهوءَ جو پنهنجو پاڇو آهي، پيار ڪائنات جي تخليق جو سبب آهي، پيار کان سواءِ ماڻهو اوڳوءِ موڳو نظر ايندو آهي.

**سوال:** هيستائين اوهان ڪيترن مجموعن جي شاعري ڪري چڪا آهيو؟

**جواب:** منهنجي شاعري جا تقريبن 4_3 مجموعا ٿي چڪا آهن. پر جيئن تہ هڪ سني پبلشر جي نہ ملڻ ڪري منهنجي شاعري جا مجموعا

عام ماڻهن جي هٿن تائين پهچي نہ سگهيا آهن. جڏهن بہ ڪي جيئن ئي ڪو سنڌو پبلشر منهنجي شاعري کي ڇپرائڻ لاءِ تيار ٿيندو تہ ڪتاب ان کي ڏئي ڇڏيا ۽ تازو منهنجو شعري مجموعو ”سونهن جي ساجاهہ“ منظر عام تي اچي چڪو آهي.

**سوال:** توهان شاعريءَ جي ڪهڙي صنف کي پسند ڪيو ٿا؟

**جواب:** مان غزل کي گهڻو پسند ڪندو آهيان ۽ غزل ئي منهنجي سڃاڻپ آهي، شاعري جيڪڏهن اک آهي تہ مان غزل کي اک جي ماڻڪي سڏيندو آهيان. وائي کي سنڌي ادب جي ڪنوار سمجهندو آهيان. غزل مرد جي جذبن جي نمائندگي ڪندو آهي، جڏهن تہ وائي عورت جي جذبن جي نمائندگي ڪري ٿي. اهڙي طرح وري اردو ۾ گيت. ان ڳالهہ کان ڪوبہ انڪار نٿو ڪري سگهي تہ غزل ئي سڀني صنفن کان ڏکي صنف آهي، پر مان تہ ائين چوندس تہ هڪ سٺو شاعر ئي هر صنف تي لکي سگهي ٿو.

**سوال:** هڪ سٺي غزل جون ڪهڙيون خوبيون هئڻ گهرجن؟

**جواب:** هڪ سٺو غزل جنهن ۾ نہ رڳو غم جانان هجي، پر غم دؤران بہ هجي. ڇو تہ شاعري آهي ئي اشارن جي ٻولي ۽ ان لاءِ ان ۾ فني بندشون تمام ضروري آهن. هتي بندش کان سواءِ غزل، غزل نٿو چئي سگهجي. غزل لاءِ ائين چوندس تہ غزل ئي سڀني صنفن جو روح آهي.

**سوال:** اوهان ڪهڙين ادبي تنظيمن ۾ سرگرم رهيا آهيو؟

**جواب:** مان ڪافي ادبي تنظيمن ۾ سرگرم رهيو آهيان. انهن ۾ بزم طالب بہ هُئي، جيڪا مرحوم محمد صادق طالب جي نالي 1962ـ63 ۾ ٺاهي وئي هئي.

**سوال:** اوهان جي شاعري ڪرڻ جو محرڪ عشق هو يا ٻيو ڪجهہ؟

**جواب:** اها حقيقت آهي تہ ڪافي تعداد ۾ اهڙا شاعر آهن، جن جي شاعري ڪرڻ جو محرڪ عشق ئي رهيو آهي ۽ منهنجي شاعري جو محرڪ بہ عشق آهي. پر اصل ۾ مون کي ننڍي هوندي کان ئي راڳ رنگ سان لڳاءُ رهندو هو. ان ڪري منهنجي شاعري جو تعلق عشق سان نہ آهي.

**سوال:** سونهن اوهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟

**جواب:** عام چوڻي آهي تہ سونهن ماڻهن جي اکين ۾ هوندي آهي، منهنجي شاعري پوري سونهن جي حوالي سان پري پئي آهي، جيڪڏهن خدا آهي ۽ خدا کي مڃون ٿا تہ خدا جو جلوو ئي سونهن آهي. منهنجا سونهن لاءِ شعر آهن تہ:

ترسجو مان حسن کي چاهي وٺان،
زندگيءَ جو قرض آ لاهي وٺان.
زندگيءَ جو سرور سمجهون ٿا،
سونهن کي رب جو نور سمجهون ٿا.
سونهن ڏسندي سرور ملندو آ،
چڻ تہ انڌي کي نور ملندو آ.

**سوال:** هڪ شاعر جي حيثيت ۾ اهو ٻڌايو تہ هي ڪاسٽ ۽ ڪلاس سسٽم وارو معاشرو اسان کي ڪيتري قدر مهانگو پيو آهي؟

**جواب:** ادا انهن ئي تہ اسان کي ساڙي ماريو آهي، مون کي ڏک آهي تہ اسان جا ماڻهو اڃا تائين اهڙي ڪريل سوچن مان نہ نڪري سگهيا آهن، پر مان اهڙين ڳالهين جو بلڪل قائل ناهيان، مان تہ ڀالي (سوئيپر) سان بہ هٿ ملائي ڀاڪر پائي ملڻ لاءِ تيار آهيان ۽ ملندو آهيان، انهن سان گڏجي ماني بہ کاڌي آهي ۽ جيڪڏهن ڪو ٽوڪيندو آهي تہ ان کي ويهاري آسانيءَ سان ڪلاڪ ڪن ليڪچر ڏيندو آهيان ۽ ان جي ذهن مان گند ڪڍندو آهيان، هو بہ آخر انسان آهي ۽ انسان کان ڪهڙي نفرت.

**سوال:** اسان جي معاشري ۾ مير، پير، شاهہ ۽ مڙني مٿين طبقن سان لاڳاپيل فردن بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟

**جواب:** اها حقيقت آهي تہ اسان کي مظلوم بڻايو ئي اهڙن ماڻهن آهي، سنڌي قوم تي انهن ظالمن ڏاڍا جبر ڪيا آهن ۽ قوم کي پوئتي ڌڪڻ ۾ انهن جو وڏو هٿ آهي، ليڪن اهو سڀ ڪجهہ هاڻي انهي ليول تي نٿو ڪري سگهجي، جيڪو 25_30 سال اڳ ۾ هو. تعليم وڏو انقلاب آندو آهي، وڏيرن، جاگيردارن جو هينئر اهو دٻدٻو بلڪل ناهي رهيو.

هيئنر هر ماڻهوءَ کي انهن جي ڪنن ڪرتوتن جو پتو پئجي چڪو آهي، وڏيري جو کيل ختم ته بلڪل ناهي ٿيو ليڪن ايندڙ ڪجهه سالن ۾ انهن جو اهو رهيل کيل به پڄاڻيءَ تي اچي ويندو. جڏهن کان ڳوٺن ۾ اسڪول کليا آهن، تڏهن کان جهالت جي اونداهي ۾ روشني جا چراغ ٻريا آهن.

**سوال:** ڇا اسان جو نظم سياسي تحريڪن جي پيداوار آهي؟

**جواب:** توهان بلڪل صحيح چيو آهي، ان حوالي سان ڪافي شاعري ڪئي به وئي ۽ ٿيندي به رهندي، خاص ڪري نظم، سياسي تحريڪن جي پيداوار ئي آهي، جنهن ۾ اياز صاحب معاشري ۾ ذهني تبديلي آڻڻ پيو چاهي، پر نه آئي، نظم به تبديلي نه آڻي سگهيا. ليڪن اسان ائين نٿا چئي سگهون ته نظم واري شاعري سني نه آهي، نظم تمام سٺا لکيا ويا آهن ۽ لکجندا رهندا، پر معاشرتي ڍانچي کي بدلائڻ لاءِ وقت لڳندو.

**سوال:** اسان وٽ ترقي پسند ۽ رجعت پسند به ادبي محاورا آهن، اوهان واضح ڪري ٻڌايو ته اديب ۽ شاعرن ۾ اها واضح ڪهڙي لڪير آهي، جنهن سان هو رجعت پسند ٿئي ٿو يا ترقي پسند؟

**جواب:** رجعت پسندي کي مان جاهليت سمجهان ٿو. شاعري ته اها آهي ته توهان ماڻهوءَ جي ڳالهه ڪريو، ماڻهن جي مسئلن جي ڳالهه ڪريو ۽ ماڻهن جي اندر جي ڳالهه ڪريو.

**سوال:** توهان ڪهڙين ٻولين جو ادب پڙهيو آهي ۽ ڪهڙن موضوعن تي؟

**جواب:** مان سنڌي، اردو، انگريزي ۽ فارسي ٻولين جي ادب جو مطالعو ڪيو آهي، جنهن ۾ منهنجي پسند جو موضوع دين، تاريخ، فلسفو ۽ سيڪس وغيره اچي وڃن ٿا.

**سوال:** پڙهندڙ لاءِ ڪو پيغام؟

**جواب:** مطالعي سان محبت ڪريو ۽ سني صحبت ۾ رهو، سونهن سان دل لڳايو.

سونهن تہ منهنجي سائڻ آهي
باقي دنيا ڏائڻ آهي.

چڏيو حسن جي هڪ جهلڪ ڏسي تہ وٺان،
خدا جو نور اکين سان چمي تہ وٺان.

## غزل

اسان تي پاڪ صحيفي مثال پيار لٿو
جهان سونهن سان آباد ٿيو ڏڪار لٿو.
گهٽو گهٽو اڳ هڪ شڪل بي مثال ڏٺم،
اجا بہ ذهن تان ناهي اهو خمار لٿو.
ڳيا ڳيا ٿي وئي، پر نہ پنهنجي ضد تان لٿي،
چون ٿا، سر ڏئي، ڦاسيءَ تان هو يتار لٿو.
سڄي ڄمار وئي، ٻن ڏڪن ۾ پوري ٿي،
نہ ڪائي آس پُني ۽ نہ انتظار لٿو.
گهڙيءَ گهڙيءَ جا جهلي گهاو پيو جئي محسن،
تڏهن بہ دل تان وفا جو نہ ٿس بخار لٿو.

# تاجل بيوس



# BRIEF INTRODUCTION

## تاجل بيوس

(1938-2008)

پورو نالو: تاج محمد سمون

ادبي نالو: تاجل بيوس

ولديت: مرحوم محمد جعفر (لاڏاڻو 1946ع)

ماءُ جو نالو: پناهه خاتون (لاڏاڻو 1990ع)

جنم تاريخ: 22 سيپٽمبر 1938ع وفات: 13 ڊسمبر 2008ع.

جنم هنڌ: درگاهه پير حيات شاهه، تعلقو صوبو ديرو ضلعو خيرپور.

تعليم: ايم-اي، (اڪنامڪس) سنڌ يونيورسٽي

ڇپيل ڪتاب

سنڌي:

1. جڏهن پونءِ ٻٽي (شاعري) 2. انبن جهليو ٻور (نثري نظم) 3. سنڌ منهنجي امان (شاعري) 4. ڪاڇي مٿان ڪونج (نثري نظم) 5. ڪنڌيءَ ڪوئنر ترن (شاعري) 6. ڪنڌيءَ اڪ ڦُلاريا (شاعري)7. ڏور ٻه اوڏا سپرين (سفرنامو) 8. صحرا سترجن (ٽر بابت شاعري) 9. ڏوريان ڏوريان مر لهان (ڇپيل نون ڪتابن جو شعري مجموعو) 10. وڏا وڻ وٽڪار جا (شيخ اياز ۽ تاجل بيوس جي شاعري) 11. آريجن ڪان الهاس نگر (هند ۽ سنڌ جي مهربانن جا تاجل بيوس ڏانهن لکيل خط) 12. اديون! ڙي اوهان ڇا ڏنو (سفرنامو) 13. چپ انجيل جي حاشين جهڙا (هڪ سوءُ غزل) 14. ڏک سکن جي سونهن (آتم ڪهاڻي – ڀاڱو پهريون) 15. ڏس سکن جي سونهن (آتم ڪهاڻي

ياڱو ٻيون) 16. ڏک سکن جي سونهن (آتم ڪهاڻي ياڱو ٽيون) 17. سامي سودو پريم جو (ساميءَ جي سلوڪن مان جوڙيل 52 وايون ۽ بيت) 18. سچ چنڊ تارا ڪتيون (ادبي، سماجي ۽ سياسي شخصيتون) 19. پکي ساڳي پار جا (شيخ اياز ۽ تاجل بيوس جي شاعري) 20. سون سريکا چار سين (نثرۍ شاعري) 21. جهجان پسي جهوڪ (ڪهاڻين جو مجموعو) 22. سرجيندڙ ساڻيهه جا (500 بيت) 23. انگريزي شاعريءَ جي مختصر تاريخ، 24. تنهنجا نيڻ غزل (هڪ سوءُ غزل).

ڇپيل ڪتاب اردو:

1. انداز بيان اور (غزل) 2. سرخ گلابون ڪي موسم ۾ (سنڌي شاعري جو نثري ترجمو) 3. انداز بيان اور (سيڪنڊ ايڊيشن).

ڇپائي هيٺ

ڪتاب:

1. شاهه جي ٿر جي تاريخ، 2. شاهه ۽ شاهه جي شاعريءَ جو تاريخي پس منظر، 3. سنڌ جي تاريخ جو ڪيڏارو 4. هارمونيم ۽ راڳ سکڻ جو رهنما، 5. تاجل بيوس جون هڪ سوءُ ڪافيون ۽ ڏوهيڙا، 6. آچيندي لڄ مران (اخباري ڪالم ياڱو پهريون).

اڻڇپيل ڪتاب:

1. آچيندي لڄ مران (اخباري ڪالم – ياڱو ٻيون) 2. سونهن، سڳنڌ جا سرجڻهار (شعري ۽ نثري مجموعن جا مهاڳ) 3. سچ چند تارا ڪتيون (ادبي، سماجي ۽ سياسي شخصيتون – ياڱو ٻيون) 4. آچيندي لڄ مران (اخباري ڪالم – ياڱو ٽيون) 5. The flowery Work Pictures of my pen 6. ڏک سکن جي سونهن (آتم ڪهاڻي – ياڱو چوٿون) 7. هند جا سنڌي شاعريءَ جي آئيني ۾ 8. تحقيقي اڀياس (سنڌ ۽ عالمي صورتحال) 9. پُسيون گُولون، پلڙا) (نثري نظم) 10. آچيندي لڄ مران (اخباري ڪالم ياڱو چوٿون) 11. هٿ توريت جي ورقن جهڙا (شاعري) 12. زلف زبور جي اکرن جهڙا (شاعري)

**ڪتابن جو ڪل تعداد:**
45 ڪتاب (ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل)

**مجتا ايوارڊ:**
1. فرسٽ آدمجي ميڊل 2. ڪينجهر ايوارڊ (1994) 3. نارائڻ شيام ايوارڊ 4. سگا گولڊ ميڊل 5. پروفيسر رام پنجواڻي ميڊل 6. سگا گولڊ ميڊل.
(13) ڏور ٻه اوڏا سپرين ( شاهه ايازَ ۽ تاجل بيوس تي پارٽ ۾ ڇپايل فلمي اسڪرپٽ)
(14) (1) تاجل بيوس لئبريري ڪمب (خيرپور) (2) تاجل بيوس ڪارنر، گل حيات انسٽيٽيوٽ خير محمد آريجا (لاڙڪاڻو) (3) تاجل بيوس اڪيڊمي، ڪراچي (4) ذولفي اينڊ بلاول لائبريري، ڪراچي.

**سرڪاري ۽ خانگي نوڪري:**
1. چيف ۽ رجسترار آف ڪمپنيز (گريڊ 20) منسٽري آف فنانس، فيڊرل گورنمينٽ 2. ائڊوائيزر شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور 3. چيف ايگزيڪيوٽو (پبلڪ لميٽيڊ (پبلڪ لميٽيڊ ڪمپني).

**سوال:** تاجل صاحب! اوهان زندگيءَ جو ادبي سفر ڪٿان ۽ ڪيئن شروع ڪيو؟

**جواب:** منهنجي شاعر ٿيڻ جا سبب، پنهنجي ڳوٺ ۾ سيدن جي هڪ روايتي درگاهه جو هجڻ آهي، جتي هر مهيني جي پهرئين سومر تي سڄي رات فقيراڻو ۽ صوفياڻو راڳ ڳايو ويندو آهي، صبح تائين نوجوانن ۽ پوڙهن جي وچ ۾ وينل پنجاهه واري ڏهاڪي ۾ هڪ ئي ڇوڪرو هوندو هو جيڪو پوءِ تاج محمد سمي مان ڦري ”تاجل بيوس“ بڻجي ويو. جڏهن بابا سائين حيات هوندو هو ته صبح جو اکيون مهٽيندو ڪتاب ڪڇي اسڪول روانو ٿيندو هوس.
1946ع ۾ بابا سائينءَ جي لاڏاڻي ڪري مجبوريءَ ڪان اسڪول

چڏي، ڏ نارڪي لٺ ڪلهي تي رکي، 3 سال ڪچي پڪي تي مينهون چارڻيون پيون، اهوئي سبب آهي جو ڪچي ۽ پڪي جي ڪري فطرت کي تمام ويجهڙائي کان ڏٺو اٿم. جيئن ته ڍنڍيون، ڍورا، ڳٽڻگون، واهه، جهانگيلي، باهڻي، درياءُ، واهڙ وغيره وغيره.

مان ڪچي ۽ پڪي جو ذاتي طور تي شڪر گذار آهيان، جنهن پنهنجي ٽن سالن سان گڏ، 30 سالن جي ڄمار تائين خوبصورتي ۽ فطرتي سونهن سوڀيا پسائي.

جيئن ته ڳوٺ درگاهه پير حيات شاهه ۾ هڪ درگاهه آهي، ان ڪري جيڪي عقيدتمند، مريد ۽ خادم ايندا هئا. انهن سان ڪچهري ڪرڻ ڪري وٽانئن ڪيترائي ڏاهپ جا نقطا نصيب ٿيا. ائين ڪٽي چئجي ته اهڙين هيرن سان جهول ڀريندو رهيس.

**سوال:** اوهان شاعري جي رهنمائي ڪنهن کان ورتي؟

**جواب:** حڪيم الهندو جتوئي، منهنجو ادب ۾ استاد رهيو آهي، جنهن کي لطيف ۽ مرزا غالب جي حوالي سان هڪ جيئري جاڳندي تاريخ سڏيو ويندو هو ۽ ادب وچان تر وارا کيس استاد سڏيندا هئا. مون کي جيڪو ڪجهه پڙ پيو اهو سڀ جو سڀ حڪيم استاد الهندي جتوئي طرفان مليل سوکڙي آهي.

ڇاڪاڻ ته استاد محترم مون کي ۽ درگاهه جي ننڍڙي حيات شاهه کي ننڍڙي هوندي ئي ڀٽائي جا سهڻا سُر جيئن ته، سُر سامونڊي، سُر سارنگ ۽ سُر ڪاهوڙي سمجهائيندو هو. منهنجو اَڄ به اهو عقيدو آهي ته ماڻهو ڪتابن کان وڌيڪ ڪنهن داناءَ يا ڏاهي وٽان گهڻو ڪجهه پرائي سگهي ٿو.

Self knowledge is better than bookish knowledge

**سوال:** تاجل صاحب! اوهان اهو ٻڌايو ته اها ڪهڙي شي هئي جنهن اوهان کي شاعر ڪري ڇڏيو؟

**جواب:** ڀٽائي جي شرح سمجهڻ ۽ درگاهه تي ڏاهن جي ڪچهرين ۽ راڳ ٻڌڻ مون کي شاعر بڻايو. شاعر ٿيڻ کان سواءِ مان بيو ڪجهه ٿي به نه سگهان ها. اڄ به اهي درگاهه جا يڪتارا، چپڙيون ۽ ڍولڪ جي وڄٽ ذهن

۾ ٻُري رهي آهي، ان سان گڏ، استاد محترم جي حڪم موجب اسان ادبي رسالا، جهڙوڪ "نئين زندگي" نوابشاهه مان نڪرندڙ رسالو "رهنما" هالن مان نڪرندڙ رسالو "فردوس"، پڙهندا هئاسين، جنهن ذوق مون کي شاعريءَ طرف آندو. مشاهدي ڪانسواءِ بہ شاعري بيڪار آهي. هڪ ماٺهو غربت جا بد صورت نظارا ڏسندو آهي ۽ ٻيو وري اهي نظارا ڏسڻ سان گڏ غربت جي ڪيفيت مان بہ گذرندو آهي. مون سان ٻئي ڪيفيتون لاڳو آهن.

امان سانئڻ، بابا سائين جي لاڏاڻي کان پوءِ جيئن تہ ذات جي سمياڻي نہ پر سيالڻ هئي، ان ڪري مڙس کان پوءِ ڏاري هٿڻ ڪري، منهنجي مائٽن جي جهيڙن سان بہ منهن ڏنائين تہ مون کي ۽ منهنجي ننڍڙي ڀيڻ کي بہ کير پت ڪارائي هيستائين آندائين، جا 1990ع ۾ اسان کان هميشہ لاءِ جدا ٿي وئي ۽ اهو ئي سال منهنجي ادب جي استاد جي لاڏاڻي جو بہ آهي.

**سوال:** اوهان جي پسنديده صنف ڪهڙي آهي. غزل جي ارتقا جي باري ۾ ٿورو ٻڌايو؟

**جواب:** منهنجي پسند جون اُهي سڀ صنفون آهن، جن جو سنڌي ادب سان صدين جو ڳانڍاپو رهيو آهي، جي بيت، وائي ۽ ڪافي آهن. ڇو تہ اُهي ئي اسان جي ڪلاسيڪي يا اساسي شاعريءَ جون صنفون آهن، جي قاضي قاضن کان وٺي هلنديون پيون اچن، جيتري قدر غزل جو تعلق آهي تہ اهو اسان وٽ فارسي ۽ اردوءَ مان آيو جنهن کي تجرباتي طور اسان اکين تي رکيو. غزل جو اوج مير عبدالحسين سانگي، والي رياست خيرپور جي سرپرستيءَ کان ٿيندو، مشاعرن کان هلندو، لاڙڪاڻي جي جمعيت الشعراء سنڌ کان ٿيندوهت پهچي ٿو جنهن ۾ تغزل جي معنيٰ ۽ مقصد جي مطابق سهڻن، محبوبن بابت شاعري هئي، جنهن ۾ محبوبن جون وفائون، ادائون، خمدار زلف، صراحي، مينا، گل ۽ بلبل جا داستان هوندا هئا. جنهن کي ٽوڙي، مروڙي، درٻاري ماحول جي ڏيڻ کان ٻاهر ڪڍڻ، جو سهرو ترقي پسند شاعر ڪشنچند بيوس جي سر تي ٿو سونهين، جنهن شاعرن کي فارسي جي درٻاري ماحول ۽ مجازي ڏيڻ مان ٻاهر ڪڍي، هارين ۽ مزدورن جي جهوپڙين تائين پهچايو آهي، جيڪو اثر اڄ بہ شاعريءَ ۾ موجود آهي ۽ اسان جا نوجوان شاعر بہ گهٽي پاڳي قومي ۽ سماجي سوچ ويچار

بابت غزل تخليق ڪري رهيا آهن. اڄ غزل ۾ محبوب جي خمدار زلفن کان وڌيڪ، بک ۽ بيروزگاري جي نشـانـدهي ۽ پيٽ پرڻ جي ڳالهه ڪيل آهي. جنهن ۾ ســاٽيهه جا نظارا بـه اچي وڃن ٿا. منهنجو غزلن جو هڪ ڪتاب 1996ع ۾ ”تنهنجا نيڻ غزل“ جي عنوان سان ڇپيو. جنهن ۾ پورا 100 غزل آهن. ڪجهه سـال اڳ، سکر کان سـنڌي ادبي سـنگت پاران لبِ مهراڻ تي ڪالاباغ ڊيم جي خلاف هڪ احتجاجي تقريب ۾ مشـاعرو ٿيو هو. ان ۾ جڏهن مان غزل جو مطلع پيش ڪيو تـه ڪيترن نوجوان شـاعرن غزل جا لفظ ٻڌي نمازين واري پوزيشن ۾ سنڌو درياءَ کي سجدو ڪيو هو. اهو مطلع هي آهي:

مـان ســنـڌ جي اجرڪ وارو احرام بـڌان ٿو،
ســنـڌو آهي ڪعبو هي ســرعـام چوان ٿو.

اڄ غزل کي سـنڌي شـاعرن ايترو تـه پنهنجو ڪيو آهي جو غزل بـه ڄڻ سنڌ جي روايتي شاعريءَ ۾ داخل ٿي چڪو آهي.

**ســوال**: جيڪڏهن ســنو غزل ڪو شـاعر لکڻ چاهي تـه ان ۾ ڪهڙِين ڳالهين جو خيال رکي؟ ۽ ان ۾ ڪهڙيون خوبيون هئڻ گهرجن؟

**جواب**: خوبي غزل جي منهنجي نظر ۾ اها آهي تـه غزل آرٽ براءِ آرٽ نـه هجي، پر ترقي يافتـه ملڪن کي ســامهون رکندي غزل جو ســماجي، فني، فلاحي ۽ ســياســي تبديلين يا انقلاب لاءِ هئڻ گهرجي، جنهن ۾ وندر جو عنصر گهٽ پر انساني ترقي ۽ خوشحاليءَ لاءِ وڌيڪ هئڻ گهرجي.

**ســوال**: جـڏهن اوهـان تي تنقيـد ٿيـنـدي آهي، ان ويـل اوهـان جون ڪهڙيون Feelings هونديون آهن، ڇا اسان وٽ تنقيد جو صحيح حق ادا ٿئي ٿو؟

**جواب**: نـه منهنجا ســڄڻ! تنقيد جو صــحيح حق ڪٿي ٿو پورو ٿئي. اســان وٽ اســتاد، پارکو ۽ نقاد رهيا بـه اٿي ۾ لوڻ برابر آهن. اڄ جو نوجوان شاعر يا نثر نويس تـه تنقيد جي تاريخ پڙهي ئي نـه ٿو. ايتري قدر جو شاعريءَ جي علم ســان گڏ، ڪين هڪ حرفي ۽ بـه حرفي رڪنن جي بـه خبر ڪانهي،

علم عروض کي تہ ڇڏيو پر چند وديائي گر ماترا ۽ لگ ماترا جي بہ يارن کي خبر ڪانهي. منهنجو مطلب آهي تہ شاعري ڪرڻ لاءِ شاعريءَ جي صنفن ۽ شاعريءَ جي علم جي ڄاڻ ئي ادب ۾ وڏا نالا پيدا ڪري سگهي ٿي.

**سوال:** ادب جي سائنسي وصف اوهان وٽ ڪهڙي آهي؟ ۽ اهو بہ ٻڌايو شاعر لکي ڇو ٿو؟

**جواب:** ڪِنهن زماني ۾ ادب براءِ ادب تخليق ڪيو ويندو هو. جنهن ڪان پوءِ ادب براءِ زندگي وارا استاد ۽ پارکو ادب جي پهرئين قطار ۾ اچي بيٺا. هن وقت دنيا جي ترقي يافتہ ملڪن، جي ترقيءَ کي ڏسي اسان هن نتيجي تي پهتا آهيون تہ ا سين سنڌ وا سي جنهن جاءِ تي اج ڪان اڌ صدي اڳي بيٺا هئاسون ان ڪان بہ بہ قدم پٺتي هليا ويا آهيون. ان ڪري منهنجي خيال ۾ تہ ادب تخليق ڪرڻ جي سائنسي وصف هن طرح هئڻ گهرجي:

”ادب جو سماجي، سياسي، فني ۽ فلاحي، انقلاب يا تبديلين لاءِ هئڻ“ شاعر ڇو ٿو لکي؟ ان لاءِ مان چوندس تہ خارجي ۽ داخلي اثرن ڪري شاعر جي دل ۾ آنڌ مانڌ، هلچل ۽ يونچال جهڙيون حالتون يا ولوڙ پيدا ٿئي ٿي، جنهن ڪري شاعر جا جذبا لفظن جو روپ وٺي ڪاغذ تي منتقل ٿين ٿا. ائين ڪٿي سمجهو تہ انسان آزاد زندگي گذارڻ لاءِ قانون ٺاهيندو آهي. جنهن ذريعي اسان زندگيءَ کي سينگاري، سنواري ۽ اڇو اجرو ڪري سگهون ٿا. جيئن هڪ ڏنار ڊورو يا گٽنگ اڪرندي، ڪن تي هٿ رکي آلاپيندو آهي يا بانسريءَ جا سر چيري اندر جو آنند ۽ ڪلياڻ حاصل ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح هڪ ڪامل شاعر داخلي ۽ خارجي اثرن واري ولوڙ کي ڪاغذ تي منتقل ڪري اندر جو آنند ۽ ڪلياڻ حاصل ڪري ٿو. ائين سرجڻهار ۽ پڙهندڙ يا ٻڌندڙ جماليات جي هڪ ڏاڳي ۾ پوئجي هڪ ٿيو وڃن ۽ پوءِ ”راڻو ئي راڻو ريءَ راڻي پيو نا هہ ڪي“ واري منزل ملي ٿي وڃين.

**سوال:** ڪي شاعر 24 ڪلاڪ شاعري ڪندا رهن ٿا. ڇا شاعري ڪرڻ لاءِ ڪو خاص وقت مقرر هوندو آهي؟ اوهان جي نظر ۾ شاعري ڇا آهي؟ ۽ اوهان ڪهڙي ڪيفيت ۾ شعر لکندا آهيو؟

**جواب:** منهنجي لاءِ ڪابہ مٿان ڪان آمد Intuition نہ ٿيندي آهي، اهو سڀ شاعر جي مطالعي، مشاهدي ۽ تجربي تي دارومدار رکندڙ آهي. يعني سندس ڪثرت ئي شاعريءَ جو ماحول پيدا ڪندي آهي، جنهن کي گهڻي ڀاڱي ”آمد“ چيو ٿو وڃي. منهنجي لاءِ سڄ لهڻ ڪان پوءِ وارو وقت شاعريءَ ڪرڻ لاءِ سٺو آهي ۽ مان ٿورو جهونگاري ۽ پڙهائي جا ٻہ چار بيت پڙهي يا ڪي پنهنجون وايون، ڪافيون جهونگاري شاعريءَ جو ماحول پيدا ڪندو آهيان ۽ لکڻ شروع ڪندو آهي ۽ اجان تائين لکندو رهان ٿو. اها حقيقت آهي تہ خلقڻهار انسان کي اشرف المخلوقات بڻائي، علم ۽ شعور جي هٿيارن سان هن دنيا ۾ظاهر ڪيو آهي. ان ڪري مان تہ ائين چوندس تہ سڀ انسان خدا جي نظر ۾ هڪجهڙا آهن. اهو انسان ئي تہ آهي جيڪو پنهنجي علم ۽ شعور واري ذات تي لکي سگهي ٿو.

**سوال:** اها ڳالهہ توهان جي ڄاڻ ۾ هوندي تہ اسان جا ڪجهہ اديب ۽ سياستدان استاد بخاري کي ايشيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر ڪري پيش ڪن ٿا. ڇا واقعي ئي بخاري اياز ڪان وڏو شاعر هو؟ اوهان جي نظر ۾، استاد بخاريءَ جي شاعريءَ اياز جي شاعريءَ ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

**جواب:** اياز کي لطيف ڪان پوءِ بيت ۽ وائي جي حوالي سان اوچو مقام حاصل آهي. مون جيڪڏهن ڪن شاعرن ڪان اثر وٺي لکيو آهي تہ اهي فقط ئي فقط شاهہ ۽ شيخ ئي ٿي سگهن ٿا، جن جو اسان ننڍي هوندي استاد محترم حڪيم الهندي جي رهنمائي ۾ آسماني ڪتابن وانگر دور ڪندا هئاسون. مان ننڍڙو حيات شاهہ (سجاده نسين) شيخ اياز جا چيپل بيت پڙهي وڃي استاد الهندي خان کي ٻڌائيندا هئاسون، اها ٻي ڳالهہ آهي تہ، جيئن تہ ٻوليءَ جا اصطلاح ۽ استعارا، علامتون، تمثيلون ۽ تشبيهون، ٻهراڙيءَ ۾، يعني ڳوٺن ۾ ٿهنديون، ڌهنديون، نئون روپ وٺنديون آهن ۽ نہ ئي شهرن ۾، ان ڪري، جيئن تہ شيخ اياز شهر ۾ جميو نپنيو هو. ان ڪري، سنڌي ٻولي ۾ مشاهداتي، محاوري ۽ لفظن جون ڪيتريون ئي غلطيون ملن ٿيون. جڏهن تہ استاد بخاري عوامي شاعر آهي.

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي ڪان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

**جواب:** هن وقت، اونداهيءَ ۾ هڪ ڪرڻو نظر اچي ٿو، جو آهي، ذوالفقار سيال جو سيڪريٽري چونڊجڻ، جيئن ته هي دوست هڪ غير متنازعہ شخصيت آهي، چڱي خاصي سڃ رکندڙ آهي، ان ڪري اسان کي اميد آهي ته سندس ڪپتانيءَ هيٺ، سنڌي ادبي سنگت جو ٻيڙو منزل تي پهچندو.

**سوال:** اڄڪلهه اوهان جون ادبي سرگرميون ڪهڙيون آهن؟

**جواب:** بلوچ صاحب! مان دراصل سنڌ جي هڪ منظوم تاريخ لکڻ ٿي چاهي، جيئن Opera نموني اسٽيج تي نظم ۾ پيش ڪري سگهجي، پر ويجهن دوستن، شاعرن همٿائڻ بدران صلاح ڏني ته هيڏي ادبي رٽا ۾ هٿ نہ وجهہ، ان ڪري، اهو ارادو تقريبن ختم ڪري چڪو آهيان. هن وقت تائين، 27 ڪتاب ڇپجي چُڪا آهن، 7 ڪتاب ڇپجن پيا ۽ 11 ڪتاب ڇپائڻ لاءِ تيار ڪري رکيا اٿم، جن ۾ ”راڳ ۽ هارمونيم سکڻ جو رهنما“ ۽ سنڌ جي تاريخ جو ڪيڏارو“ بہ شامل آهن.

**سوال:** اوهان پنهنجي ڪارنامن ۾ سنڌ جي ڪن شهرن ۾ پنهنجي نالي قائم ٿيل ڇهہ ادارا ۽ ڪجهہ لائبريرين بابت ڄاڻ ڏني آهي جن مان ڪن لائبريرين جو انهن شهرن ۾ وجود ئي ڪونهي. اوهان ڪڏهن بذات خود وڃي جائزو ورتو آهي؟

**جواب:** هن وقت راڌڻپور پرسان ڳُنبن ۾ قائم ڪيل لائبريري بهترين نموني ڪم ڪري رهي آهي، جا وڏ ۾ وڏ فعال آهي ۽ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ پاران، لاڙڪاڻي ضلعي ۾ گل حيات انسٽيٽيوٽ ”آريجن ۾ قائم ڪيل تاجل بيوس ڪارنر بہ فعال آهي.

**سوال:** ناز سنائي اياز جا خط ڇپرايا آهن، جيڪي اصل ۾ علي محمد گاڏهي (مينڌري گاڏهي) ڏانهن لکيا ويا هيا. بعد ۾ محسن ڪڪڙائي صاحب کان ٿيندا، جامي چانڊئي کان وڃي ناز سنائي وٽ پهتا. اها ڳالهہ محسن ڪڪڙائي صاحب پاڻ ڪئي ۽ سندس پٽ نثار محسن پڻ هڪ ڪالم ۾ ذڪر ڪيو آهي. اوهان جو ان خطن جي باري ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟

**جواب:** مون کي ان بحث ۾ نہ وڃڻ ڏيو ته بهتر ٿيندو، ڇو ته مامرا ۽ جهڳڙا جيئرن سان هوندا آهن. پر جيڪو اڪيون بند ڪري هڪ اهڙي پار

ڏي وڃي ٿو جتان ڪو واپس نہ وريو آهي، تہ اهڙي شخصيت سان جهيڙي جهٽي بجاءِ قرب ۽ همدردي پيدا ڪرڻ کپي، جنهن ۾ شيخ اياز بہ اچي وڃي ٿو. تنهنڪري، شيخ اياز لاءِ مونکي هڪ وڏي سرجڻهار جي حوالي سان احترام آهي، باقي جيڪو ڪنهنجي لاءِ جو ڪجهہ ڪري ٿو ان لاءِ بہ ڪا رڪاوٽ نہ هجڻ گهرجي.

**سوال:** اسان جي سنڌي ادب جي تاريخ تي هندستان جي ڪن اديبن ڪم ڪيو آهي، جهڙوڪ پوپٽي هيرا ننداڻي، ان جو ڪتاب (History of Sindhi Literature) ۽ ٻيو ديال آشا، جنهنجو ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ آهي. پر ٻنهي جي ڪتابن پڙهڻ سان اهو محسوس ٿيو آهي تہ هنن کي اسان جي سنڌي ادب جي ماضي توڙي حال جي 25 سيڪڙو بہ ڄاڻ ناهي، ادب جي حوالي سان سندن سهيڙيل تاريخون بلڪل اڌوريون بلڪ نامڪمل ۽ غير معياري لڳن ٿيون. جڏهن تہ اوهان انهن جي رابطي ۾ آهيو تہ پوءِ اوهان هت سنڌ ۾ ادب جي تاريخ ڪان انهن کي مڪمل ڄاڻ ڪان آگاهہ ڇو نہ ڪيو؟

**جواب:** تازو دهليءَ جي امر لعل رام پنجواڻيءَ سنڌ بابت هڪ ڪتاب لکيو آهي، جنهن لاءِ سنڌ بابت مون گهٽ ۾ گهٽ ڪيس زخيم چار پنج ڪتاب موڪليا، جنهن لاءِ هن لکيو آهي تہ منهنجن ڪتابن کي پنجواڻي صاحب Appreciate ڪيو آهي، پر جيڪي نالا توهان ٻڌايا آهن، اهي پارت ۾ جيڪڏهن ڪنهن ڪنڊ ۾ ويهي سنڌ بابت ڪو ڪتاب لکندا، جنهن ۾ اڻپوري ڄاڻ ڏنل هوندي تہ اسان سنڌ وارن کي معيار ڏيڻ اجائي آهي.

**سوال:** عشق اوهان جي نظر ۾ ڇاهي؟ ماڻهو چون ٿا تہ عشق بہ هڪڙي قسم جي بيماري آهي؟

**جواب:** (ٿهڪ ڏيندي) عشق مون لاءِ ماڻهن ۾ روح ۽ جان پيدا ڪندڙ آهي، عشق ڪانسواءِ هر ڪم بي معنيٰ نظر ايندو آهي، ڇو تہ اڳتي وڌڻ لاءِ مجازي عشق ڏاڪڻ جو پهريون ڏاڪو ٿئي ٿو. جنهن ڪان پوءِ عشق جي منزلن کي ماڻڻ لاءِ خود عشق 32 ڏيا ٻاري رهنمائي ڪري ٿو. اهو سبب آهي، جو صوفين پهرئين منزل "فنا في المحبوب" مقرر ڪئي آهي، ان ڏس

۾ مون ۾ گهڻائي عشق ڪيا آهن ۽ اهو سلسلو ان وقت تائين هلندو، جڏهن متي ماءُ پنهنجي گود ۾ لولي ڏيئي سمهاري نه ڇڏي.

**سوال:** زندگي اوهان جي نظر ۾؟

**جواب:** زندگي مون لاءِ اهو عطيو آهي، جنهن کي فقط انسان جي خدمت ڪرڻ، بک بيروزگاري ڪيڏڻ ۽ سچ جي واٽ روشن ڪرڻ جو نالو ڏئي سگهجي ٿو. ڇو ته ان زندگيءَ کي اسان جي خدمت ڪرڻ مان ئي عبادت واري رستي تي هلائي سگهجي ٿو. منهنجو يقين آهي ته اهي هٿ، جيڪي ڪنهن جي مدد ڪن ٿا يا ڪنهن جي ڪم اچن ٿا اهي هٿ انهن چپن کان وڌيڪ بهتر آهن، جي عبادت ڪن ٿا، مان تڏهن ته سنڌماتا جي باري ۾ هن طرح چئي سگهيو آهيان.

”ڪو توکي گدرو سمجهي قارون ٿو ڪري، ته ڪو توکي ڪاري سڏي تنهنجي ڇاتيءَ کي بمن سان اڏائڻ جي ڪوشش ٿو ڪري، تون پوءِ به مومل ۽ قلوپطرا بڻجي اسان تي سونهن نڇاور ڪندين رهين ٿي، صدين جي سفر ۾ تنهنجا پيير ٿورا ميرا ٿي ويا آهن. اوري آ، اجان به اوري آ، ڏرتي منهنجي ماءُ! ته لڪيءَ جي چشمن ۾ گلابن جو پاڻي ڇڻڪائي، تنهنجي پيرن کي ڌوئي صاف ڪيان“.

**سوال:** سائين پڌڻ ۾ آيو آهي ته اڄڪلهه اوهان مختلف ڊرامن جو تقابلي مطالعو ڪري رهيا آهيو ۽ اهو به پڌڻ ۾ آيو آهي ته هندستان ۾ هڪ وڊيو فلم اسڪرپٽ نالي سان ڪتاب ڇپايو ويو آهي. جنهن کان پوءِ فلم بندي ڪئي ويندي. جا فلم بندي، سنڌ جي ٽن شاعرن بابت آهي ۽ اهي ڪهڙا شاعر آهن؟.

**جواب:** صحبت! توهان جو ڪجهه پڌو آهي اهو درست آهي، مان واقعي اڄڪلهه ڊرامن ۽ فلمن بابت لکيل ڪتابن جو مطالعو ڪري رهيو آهيان، ته جيئن مون کي ان فن جي چڱي ريت خبر پئجي وڃي، ته جيئن مان ذهن ۾ وينل چار ڊراما لکي سگهان. جي آهن، 1. سنڌوءَ جو گهاءُ، 2. شهيد دودو سومرو، 3. شاهه عنايت شهيد ۽ موهن جو دڙو. توهان کي خوشي ٿيندي ته ”سنڌو جو گهاءُ“ مان لکي چڪو آهيان. جنهن ڊرامي جي ڪردارن جي گفتگو سنڌ ۽ سنڌوءَ بابت آيل پراڻن ڪتابن جيئن ته رگ

ويد، مها ڀارت، را مائڻ، توريت، زبور، انجيل ۽ ڪشمير جي تاريخ (راج ترگنٽي) ۾ آيل حوالن مطابق آهي. دعا ڪيو تہ اهو ڊرامون سنڌ سان گڏ هند جي دهلي ۾ رڪارڊ ٿئي، توهان سوال ۾ هند ۾ ڇپيل ڪتابن بابت بہ پڇيو آهي، جو توهان جي صحيح معلومات آهي. ان ڪتاب جونالو ”ڏور بہ اوڏا سپرين“ رکيوويو آهي. جنهن کي ڀارت جي الهاس نگر مان وڊيو فل اسڪرپٽ جي ماهر جگديش لچاڻي ڇپائي هندستان سان گڏ سِنڌ ۾ بہ پهچايو آهي. جيڪو سنڌ جي ٽن شاعرن شاهہ، شيخ اياز ۽ مان تاجل بيوس بابت آهي. توهان کي اهو معلوم ڪندي بہ خوشي ٿيندي تہ فلم جو نالو منهنجي سفرنامي ”ڏوربہ اوڏا سپرين“ تان کينو ويو آهي جيڪو مون ۽ شيخ اياز ڀاران 1990ع هندستان جي سفر ڪرڻ کان پوءِ 1991ع ۾ ڇپايو هو. مون کي ان لڙيءَ ۾ پوتو ويو آهي جيڪا منهنجي لاءِ هڪ فخر جي ڳالهہ آهي، جڏهن تہ مان شاعريءَ جي حوالي سان پاڻ کي ڀٽائي جي پيرن جي مَٽُ سمجهندو آهيان.

**سوال:** اوهان جو سنڌ واسين لاءِ ڪو پيغام؟

**جواب:** اڇو تہ سنڌ جي وڪيلن، ڊاڪٽرن، سياستدانن، سنڌ پرست شخصيتن، سماجي اڳواڻن ۽ اديبن تي ٻڌل هڪ ڪاميٽي قائم ڪري تربيلا ۾ قيد ڪيل پاڻيءَ ونڊ لاءِ سنڌوءَ جي پاڻيءَ تي نهنڊڙ ٽل ڪئنال ۽ ڪالا باغ ڊئم خلاف، انٽرنيشنل ڪورٽ آف جسٽس، هيگ ۽ اقوام متحده ۾ ڪيس داخل ڪيون، ڇو تہ پاڻيءَ ونڊ جو فقط اهو ئي وسيلو رهجي ويو آهي. وفاق ۽ پنجاب قانون جا سڀ ليڪا لتاڙي چُڪا آهن.

## غزل

سنڌ درياهہ کي ڪاري چاڙهي پچائي ڏي،
منهنجا مولا سُندرتا موٽائي ڏي.
غربت جي اوندهہ مان جيئن سج اڀري پوي،
تئن ڪاچي ۾ اهڙي جوت جلائي ڏي.
ويد، رسالا سنڌوءَ ڪناري لکيا رهن،
حرفت جو ڪو اهڙو هنر هلائي ڏي.
ڀٽ ڌڻي جي واين جا ورلاپ ٽين،
شاهہ جي راڳين جي ڪا تند تپائي ڏي.
ڪچي، پڪي تي سنڌوءَ ڪنارن جي پر ۾،
ڪانهن، پيرن وارا گهر جوڙائي ڏي.
گنگا، جمنا، سرسوتي جا سڏ سڻي،
ويدن واريءَ سنڌوءَ کي سرچائي ڏي.
سو بيجل سرن کان پل محروم رهن،
ڪنهن بہ ڏياج جو ڪنهن کان نہ ڪنڌ ڪپائي ڏي.
سنڌوءَ کي پيو لوڏيان لال هندوري ۾،
”بيوس“ کي ڪو اهڙو سبب بڻائي ڏي.

# امداد حسيني



کاٻي کان عبدالحڪيم جاکرو وڪيل، محترم امداد حسيني،
بلوچ صحبت علي ۽ اي رحمٰن ملڪ

# BRIEF INTRODUCTION

## امداد حسيني

نالو: سيد امداد علی شاهہ

پيءُ جو نالو: سيد فضل محمد شاهہ

ادبی نالو: امداد حسينی/ سانول

ڄم جی تاريخ: 10 مارچ 1941

ڄم جو هنڌ: ٽکڙ (وسين ملوک شاهہ)

پرائمري تعليم: ڪتاب (مکتب) ٽکڙ

نوڪري: لوڪ ادب رٿا (پارٽ ٽائيم)، لائبريرين (س اب) ريسرچ فيلو (سنڌ الاجي)، سبجيڪٽ اسپيشلسٽ (سنڌي) سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ايڊيٽر ٽہ ماهي "مهراڻ"، سيڪريٽري (انچارج) سنڌي ادبي بورڊ.

صنفون: شاعري، ڪهاڻي، ناٽڪ، ڪالم، گيت، ڪهاڻي، فيچر (ريڊيو).

فلمن لاءِ گيت: ڌرتي لال ڪنوار، حاضر سائين، سهڻا سائين، جانيئڙا.

ترجما: (1) زينت (ناول) جو اردوءَ ۾ ترجمو: اڪادمي ادبيات اسلام آباد پاران ڇپايل.
(2) دودو – چنيسر جو اڙدوءَ ۾ ترجمو، لوڪ ورثہ، اسلام آباد پاران ڇپايل.

تصنيفون: "امداد آهہ رول"، "شهر"، "هوا جي سامهون"، "ڪِرڻي جهڙو پل" 2012ع، "دهوپ ڪِرن" 2014ع ۽ "هوءَ" 2016ع.

ايوارڊ: ”طلوع پرائيز“، ”پرائيڊ آف پرفامنس“، ”نارائڻ شيام اوارڊ“، KTN لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ“ ۽ ٻيا ڪيترائي.

**سوال:** جڏهن توهان هوش جي حدن ۾ داخل ٿيو ته توهان ڇا محسوس ڪيو هن سلسلي ۾ پنهنجي ننڍپڻ جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو؟

**جواب:** پڙهڻ جهڙو ٿيس ته مون کي ڪُتاب (مڪتب) ۾ ويهاريو ويو. جتي منهنجي پڙهڻ سان دل نه لڳي، ڇو ته اُتي پڙهائي هئي ڪانه. ڪتاب ڇوڪرين لاءِ هو. پر اتي سيدن جا ڇوڪرا به پڙهندا هئا. منهنجو ننڍپڻ ڳوٺ جي گهٽين ۾ گهمندي، رانديون ڪيڏندي، ڏاڏيءَ کان آکاڻيون ٻڌندي - گذري ويو. پرائمري تعليم کان پوءِ انگريزي پڙهڻ لاءِ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد سنڌ ۾ داخل ڪيو ويس ۽ هاسٽل ۾ رهايو ويس. اتان پڄڻ جي هير پئي. هوٽل تي وڃي رڪارڊ نگ ٻڌڻ، حيدرآباد سنڌ جي گهٽين ۾ رلڻ، فلمون ڏسڻ — ڍنڍون، واهن، ڦليلي، جُون واهه، سنڌو ۾ وهنجڻ، جهنگن ۾ رُلڻ. ڳوٺ ۾ سهاين راتين ۾ لڙئي چنڊ تائين ونجهه وڃي ڪيڏڻ، اونداهين ۾ گراڙا ڪيڏڻ - ۽ ڳوٺ جي تار ڪڏ مان وهنجي، پٽ ٽپي گهر ۾ گهڙڻ - ۽ ڏاهي هيٺان ڪير پٽ ڪٽي، ڪائي، سمهي رهڻ — ائين ماءُ مون کي جٽيو ۽ فطرت پاليو.

**سوال:** اُها ڳالهه شاعري سان منسوب ڪئي ٿي وڃي ته شاعري عشق جي پيداوار آهي؟ ڇا اوهان جي شاعري ڪرڻ جو محرڪ به عشق، پيار ۽ محبت آهي؟

**جواب:** Pain is protoplasm of poetry هاڻي اهو Pain اهو ڏک، اهو سور، اهو درد ڪيئن ٿو پيدا ٿئي؟ ڪٿان ٿو ملي، عشق مان، دنيا کان، دوستن کان، وقت ۽ حالتن کان، ملڪي يا عالمي صورتحال کان! اهو ڇٽي نٿو سگهجي. ”هوا جي سامهون“ جو مهاڳ توهان جو پڙهيل هجي ها ته توهان جي سوال جي نوعيت به مختلف هجي ها، ڇاڪاڻ ته ان ۾ سحر، منهنجي ”شاعريءَ جو Nucleus پورو وچ ”پيار“ کي قرار ڏنو آهي - پر اهو به سچ آهي ته گهڻن شاعرن کي عشق نصيب نه هوندو آهي. بلڪل

ائين جيئن گهڻا عاشق بہ شاعر نہ هوندا آهن. مون وٽ عاشقي ۽ شاعري ڌار ڌار نہ آهن:

جيستائين عاشقي ٿيندي رهي،
تيستائين شاعري ٿيندي رهي.

۽ انهن سيني – عاشقي، شاعري ۾ شاعر کي – انهيءَ ڪلا جي پَٽ – تند کي – ڏک جي ”اميري“ جوڙي رکي ٿي، سوال اهو آهي تہ انهيءَ عاشقيءَ، انهيءَ شاعريءَ ۽ انهيءَ ڏک مان شاعر ڪم ڪهڙو ٿو وٺي؟ هو انهيءَ ڏک کي طاقت ۾ ڪيئن ٿو تبديل ڪري؟ عاشقيءَ کي شاعريءَ ۾ ڪيئن ٿو اظهاري؟ منهنجي نظم ”روٽس“ (جنهن جو ترجمو سليم نور حسين انگريزيءَ ۾ ڪيو آهي) جي ابتدائي بند ۾ ڏک جو اهڙو ئي ورنن آهي، اهو نظم ”ادب“ جي ”امداد حسين نمبر“ ۾ ڇپيل آهي، نيم ڪلاسيڪي دور جي هڪ ڪافيءَ جو هي ٽل ڪيڏو نہ خوبصورت ۽ معنيٰ خيز آهي:

ڇڏي ڏي ملڪ دنيا کي وِيهي ٻڌ عشق جون ڳالهيون!

”هوا جي سامهون“ جي انر بئڪ ٽائيٽل جي فليپ تي آخر ۾ هي دوهو آهي:

توڙي جو ڪاوا ايا، توڙي پٿر پُٽ،
اوءِ ڪويتا پريمڪا، هٽ ۾ رکجان هٽُ!

عشق بہ ڏات وانگر ئي وديعت ٿئي ٿو:

دين دنيا نہ ملي ڏات نڪو ڏانءُ مليو،
عشق ئي عشق وديعت ٿيو توکي مون کي.

عشق ذات توڙي ڏات کي محدود مان ڪڍي لامحدود ۾ ٿو آڻي ۽ سموريون ڪائناتون (داخلي / خارجي) ۽ سمورا عصر (ماضي / حال / مستقبل) ان ۾ سمائجي ٿا وڃن. عشق ذات سان، عشق ذات حق سان، عشق (مخالف / هم) جنس سان، عشق وطن سان، ان جو ڏس ڪنهن بہ ڪويءَ جي ڳِوتا مان ئي

ملي سگهي ٿو. منهنجي هڪ سٽ آهي:

ميت بنان ڪو گيت نہ آهي!

۽ مون کي عشق آهي ڪويتا سان، مون کي عشق جو اهو سروپ وڏيڪ موهي ٿو. مون کي تہ لڳندو آهي تہ من ميت منهنجي ئي ڪُوتا مان نڪري منهنجي آڏو اچي ويندو آهي ۽ منهنجو اُن سان عشق ٿي ويندو آهي.

**سوال:** ڪي ماڻهو جڏهن ڪنهن دوشيزا جي قرب ۾ ڪسجي ويندا آهن تہ اهي شاعري جي دنيا ۾ داخل ٿي ويندا آهن. ڇا عشق لاءِ شاعري ضروري آهي يا شاعري لاءِ عشق ۽ عشق بابت اوهان جو Concept ڇا آهي؟

**جواب:** منهنجي خيال ۾ توهان جي هن سوال جو جواب، سوال 2 جي جواب ۾ اچي ويو آهي.

**سوال:** اوهان باقائدي لکڻ جي شروعات ڪڏهن کان ڪئي، ۽ ان دور جي ادبي ماحول تي بہ ڪجھ روشني وجهو؟

**جواب:** ياد نہ اٿم تہ باقائدي لکڻ ڪڏهن کان شروع ڪيم. هونئن ٻارهن سالن جي ڄمار کان منهنجون لکڻيون (نثر / شاعري ملن ٿيون اهي لکڻيون پهرين ٻارن جي ”گلستان“ ۾ ڇپيون. جڏهن مان حيدرآباد انگريزي پڙهڻ آيس. پهرين تہ مون کي هاسٽل ۾ رکيو ويو پر اُتان ڀڄڻ جي ڪري، پڪي قلعي ۾ پنهنجي پڦيءَ جي گهر رهايو ويس. پڙهڻ جي چُوس تہ پهرين ئي هئي. ڇو تہ بابا وٽ اخبارون، رسالا ۽ ڪتاب ايندا هئا. محمد هاشم ”مخلص“ جي لائبريري بہ هئي — سو پڪي قلعي کان نور محمد هاءِ اسڪول واريءَ واٽ تي دينوءَ جي پڙ ۾ ”گلستان“ جي آفيس هئي. عبدالله ”خواب“، مقبول ڀٽي سنڌي ادبي سنگت جو سيڪريٽري جنرل) ۽ مرتضيٰ ڀٽي (”گلستان“ جو ايڊيٽر) بہ دينوءَ جي پڙ ۾ رهندا هئا. اسڪول ڏانهن ويندي، گهر ڏانهن ايندي ”گلستان“ جي آفيس ۾ ضرور وڃبو هو. چوٿين انگريزيءَ ۾ اسان جي ڳوٺاڻي ماستر سر عبدالڪريم ميمڻ (الله مرهيس) وٽ مان، منهنجو سوٽ ۽ ٻيا مائٽ ٽيوشن وٺندا هئاسين. هڪ ڏينهن منهنجي ڪاپيءَ تي سر عبدالڪريم منهنجا لکيل شعر ڏٺا ۽ مون

ڪان منهنجو تخلص پڇيائين. تڏهن مون کي تخلص جي ڪا خبر نہ هئي! مئٽرڪ ۾ هڪ ٻيو ماستر (شايد سر احمد!) مون کي حسابن جي ٽيوشن ڏيڻ ايندو هو. اهو منهنجي شعرن جي ڪاپي جيئن پڙهڻ لاءِ کڻي ويو، تيئن اڄ تائين واپس نہ ڪيائين. تن ڏينهن ادبي ماحول مانو نہ پر متحرڪ هو. هڪڙي پاسي قبلہ طالب المولىٰ جي مڪتبۂ فڪر هو تہ ٻئي پاسي ڊاڪٽر ابراهيم خليل جو روايتي حلقو هو تہ ٽئين پاسي ترقي پسند لڏو هو. خود ٽکڙ ۾ ان وقت ڪيترائي شاعر ها. جيئن سعيد ٽکڙائي، محمد ابراهيم، محمد شاهہ "مير" ۽ منهنجا سوٽ حافظ شاهہ حسيني (شاعر، ڪهاڻيڪار، ناول نگار)، ڊاڪٽر اسد الله شاهہ بيخود حسيني (شاعر ۽ عالم) ۽ شبير هاتف جهڙا شاعر ۽ نثر نگار موجود هئا. سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون ٿينديون هيون، انهن ۾ وڃڻ لڳس. انهن گڏجاڻين ۾ لکڻين تي، چٽي تنقيد ٿيندي ٿئي. پوءِ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي حقن جي بحاليءَ جي تحريڪ هلي جيڪا اڳتي هلي ون يونٽ مخالف تحريڪ بڻجي وئي، تڏهن ان ۾ ڀرپور ڀرو ورتم، حميد سنڌيءَ جي "روح رهاڻ" ۾ ٻانهن ٻيلي رهيس. لغت آفيس" ۾ "لوڪ ادب رٿا" ۾ هڪ ڪارڪن رهيس. اهي سڀ سکيا جا مرحلا هئا، جيڪي طئي ڪيم. طالب المولىٰ، سائين ميران محمد شاهہ، گدائي، گرامي، شيخ اياز، بردو، نياز، تنوير، شمشير .... مون کان سينئر هئا. پر ان دور ۾ سينئر جونيئر جو ڪو جهيڙو نہ هو— نہ ئي نئين ٿهيءَ جي نالي ۾ اڳهاڻ جي ڪاريت هئي. ان دور ۾ ڏاريئن، پاروٿي، اوڳاڇيل بدران پنهنجي، تازي توانائي، نئين کي اهميت ڏني وئي. ائين لوڪ – ڪلاسيڪل سان ناتو جوڙيو ويو. ائين ادب ۽ شاعريءَ جو هڪ مقصد متعين ٿيو. انهيءَ مقصد ماڻڻ لاءِ "سنڌيت" جو نئين سر اهاءُ ٿيو. جيڪو وسري چڪو هو ۽ هاڻي وري وسري چڪو آهي!.

**سوال**: ون يونٽ جي دور ۾ سنڌي شاعري ۽ سنڌي اديبن جو ڪهڙو ڪردار هيو ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ ان ڏس ۾ اوهان ڪهڙي نموني ڀرو ورتو؟

**جواب**: منهنجي خيال ۾ هن سوال جو جواب بہ سوال نمبر 4 جي جواب ۾ اچي چڪو آهي.

**سوال**: سچي زندگي شاعري ڪئي اٿو ۽ ان ۾ بہ منهنجي خيال

۾ اوهان غزل ڪجهه وڌيڪ لکيو. يقينن توهان غزل جي داءُ پيچن، فن فڪر ۽ هئيت کان چڱي طرح واقف آهيو پر پوءِ به اوهان جو نظم اوهان جي غزل تي حاوي آهي ائين ڇو؟

**جواب:** هر صنف جي الڳ اهميت آهي، ڪنهن به صنف کي مٽي ڪرڻ لاءِ ٻي صنف کي هيٺ ڪرڻ صحيح نه آهي. انهيءَ پيٽا پيٽيءَ جي چڪر مان ٻاهر نڪرو. ڪن دوستن وٽ منهنجي غزل جي مڃتا وڌيڪ آهي، ته ڪِن وٽ نظم جي. بهرحال اهو فيصلو مان نٿو ڪري سگهان. هونئن به شاعريءَ کي مجموعي طور تي ڏسڻ ۽ پرکڻ گهرجي. تخليقي سطح تي جيڪي تجربا ٿي ويا آهن. انهن جي ملهه – ڪٿ ڪرڻ کپي ۽ اهو ڪم نقاد جو آهي ـ ۽ مان نقاد ناهيان.

**سوال:** منهنجي خيال ۾ جتي هيئنر سنڌي شاعري ۾ اسان جو سينيئر شاعر غزل لکي ٿو (ٻين صنفن جي پيٽ ۾) اتي اڄ جي نئين ٽهي) جو زور به غزل تي آهي توهان اهو ٻڌايو ته غزل جي گهٽي لکڻ جي باوجود اڄ به فقط چند سٺا غزل پڙهڻ لاءِ ملن ٿا ڇو؟ ۽ هر ڪو شاعر غزل ڇو ٿو لکي؟

**جواب:** تخليقي سطح تي هر صنف ايڏي سولي به ناهي، جيڏي سمجهي وڃي ٿي. هڪڙو ٻيو به ٿورو ڪريو ته تخليقڪارن کي تهين ۾ نه ورهايو. اهو مارڪيٽ جو اصول آهي ته جڏهن به ڪنهن جنس جي رسد وڌندي آهي ته ان جي طلب گهٽجي ويندي آهي، ان جو ملهه به ڪري پوندو آهي، شاعريءَ ۾ نه رڳو غزل جو پر سڀني صنفن جو حال بدحال آهي. مثال طور عروضي وائيءَ جي ڪهڙي اهميت آهي؟ سُر ڪيڏانهن ويو؟ هاڻي ته سسٽم، اصول، لوازمات کان بچڻ لاءِ هر ماڻهو نثري شاعريءَ تي لهي آيو آهي، ڇو ته اها سولي ٿي لڳين، جڏهن ته نثري شاعري سڀني کان وڌيڪ ڏکي آهي. ڳالهه رڳو ڪوي/ اڪوي، شاعر / اڻ شاعر جي آهي. لاشعوري طور جيڪا سِٽ اچي ٿي، اها ٽيڪنڪ سميت اچي ٿي، پوءِ ڪا سٽ غزل، ڪنهن نظم، وائيءَ، گيت، بيت جي سِٽ ٿي سگهي ٿي، ڪنهن به صنف تخليق ڪرڻ کان پوءِ به ان تي محنت / نظر ثانيءَ جي ضرورت پوندي آهي. جيڪا نٿي پُڄي، غزل جي ٻوٽي کي پنهنجي ڌرتيءَ ۾ هٽڻو پوندو. سهل پسنديءَ ۽ فئشن پرستيءَ کي ٻن ڏيڻو پوندو، وڌيڪ اپياس، گهٽ لکڻ

۽ گهٽ ڇپائڻ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. تجربي جو ساهس ضروري آهي.

**سوال:** ڇا اسان جديد سنڌي شاعري جي پيٽ ٻين ٻولين جهڙوڪ، اردو، انگريزي ۽ فارسي ٻولين واري شاعري سان ڪري سگهون ٿا؟ ۽ ان موازني سان اسان جي شاعري ڪٿي بيهي ٿي؟

**جواب:** پهرين اهو واضح ڪريو ته جديد شاعري ڇاکي ٿا چئو؟ ڇو ته اڄڪلهه ته هرڪو جديد شاعر آهي؟

**سوال:** جڏهن اوهان شاعري جي شروعات ڪئي هئي، ان دور جي غزل ۽ اڄ جي غزل ۾ اوهان کي ڪهڙي نواڻ نظر اچي ٿي ۽ ڇا ان دور جو غزل اڄ جي غزل کان وڌيڪ صحتمند هو يا نه؟

يا وري هڪ ٻيو سوال آهي.

**سوال:** هڪ سنڌي شاعر جي حيثيت سان اوهان کان پڇجي ٿو ته شاعري جي Suitable وصف ڇا هئڻ گهرجي ۽ اوهان جي نظر ۾ ڇا آهي ۽ اوهان وٽ هڪ خوبصورت غزل کي پرکڻ جا ڪهڙا معيار آهن؟

**جواب:** توهان جي هنن سوالن جا جواب سوال نمبر 7 جي جواب ۾ اچي چڪو آهي. هونئن مجموعي طور تي شاعري زوال پذير ٿي رهي آهي جنهن ۾ غزل به اچي وڃي ٿو. ڪٿي چڱي شاعري به پڙهڻ لاءِ ملي ٿي وڃي، پر اها گهاٽي جهڙ ۾ تارن وانگر آهي.

**سوال:** ولي محمد وفا پلي جي شاعري تي اوهان ڀرپور نموني سان تنقيد ڪئي، جيڪا ڪافي حد تائين شخصي، غير ادبي ۽ بي جان هئي. جڏهن ته اوهان پنهنجي دوست اسحاق سميجي جي شاعري جي ڪتاب تي جيڪو مهاڳ لکيو آهي ان جي تنقيدي جائزي کي پاسي تي رکي صرف اوهان ساراهه جائي ڏُڪ ڀريا آهن. جڏهن ته وفا پلي هڪ پخته ڪلام شاعر آهي ۽ توهان جي مهراڻ ۾ ايڊيٽري کان به اڳ ۾ ڇپجندو رهيو آهي. ٻئي پاسي اسحاق سميجي جي شاعري ۾ پڻ ڪيئي ساڪن، متحرڪ ۽ عروض جي حوالي سان غلطيون آهن. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته هو شاعري جي فني لوازمات کان به اڻ واقف آهي. ان باري ۾ توهان جو ڇا چوڻ آهي؟

**جواب:** وفا پليءَ جي ڪتاب جو مهاڳ به مون لکيو هو. ان ۾ ساراهه

جا ڏُڪ ئي پريا ويا هئا. مهاڳ ۾ شيخ اياز جي گيڙو ويس غزل جي حوالي سان بہ ڪجهہ چيو هئم. ساڳئي ڪتاب ۾ ان تي مخالفت ۾ لکيو ويو ۽ ڏاڍو اگرن لفظن ۾ لکيو ويو. ”وفا“ سان ان تي ڳالهايم. هن چيو تہ اهو هن نہ لکيو آهي، جڏهن تہ اتي نالو ”وفا“ جو ڏنل هو. ڳالهہ آئي وئي ٿي وئي. پوءِ هڪ رسالي ۾ ان ڪتاب تي تبصرو ڇپيو شايد ”اصلاح“ ۾! ان ۾ ان ڳالهہ کي ڪٽي اڻ سونهائيندڙ لهجو اختيار ڪيو ويو - ۽ مون ان جو جواب ڏنو. توهان شايد اهو جواب پڙهيو بہ ناهي. توهين ان کي هڪ پاسي پرپور تنقيد چئو ٿا تہ ٻئي پاسي ان کي ”شخصي“ غير ادبي ۽ بي جان چئو ٿا! ائين توهين پاڻ کي ئي رد ڪيو ٿا. اسحاق سميجو بہ منهنجو همعصر آهي. اتي بہ اهو ساڳيو توهان وارو مسئلو هو تہ ڪتاب ڪمپوز ٿيو پيو آهي. رڳو مهاڳ لاءِ ترسيل آهي. ان صورتحال ۾ مان ڪجهہ شعر بند چونڊيندو آهيان ۽ انهن جي حوالي سان پنهنجي راءِ ڏيندو آهي. مهاڳن ۾ گهڻو ڪري ساراهہ جا ڏُڪ ئي پريا ويندا آهن. شعر ۾ غلطيون هونديون آهن تہ انهن کي سڌارڻ جي ذميواري شاعري جي آهي تہ هو انهن تي نظر ثاني ڪري، ”وفا“ پلي بہ منهنجو همعصر آهي ۽ ان لاءِ منهنجي دل ۾ عزت آهي. اختلاف راءِ رکڻ جو اسان سيني کي حق آهي.

**سوال:** اوهان سونهن جي دنيا جي ويجهو رهيا آهيو سونهن جي کهڙن لفظن ۾ تعريف ڪندوءِ؟

**جواب:** سُونهن (Balance) جو نالو آهي، جنهن ۾ صورت کان وڌيڪ سيرت جو عمل دخل هوندو آهي.

**سوال:** اوهان ڪنهن دور ۾ شيخ اياز تي تنقيد ڪئي هئي ۽ ان جو جواب شيخ اياز تہ ڏيڻ مناسب نہ سمجهيو هو پر هاٽي وري اوهان جي دوست اسحاق سميجي رات پيٺ ۾ وڏن نالن تي تنقيد ڪري شهرت جو شارٽ ڪٽ رستو اختيار ڪيو ۽ اوهان جي تنقيد جي زدم پنهنجي ڪتاب ”شاعريءَ سان دشمني“ ۾ تنقيد ڪئي آهي، جنهن ۾ هن جيڪا ٻولي استعمال ڪئي آهي اها بنهہ غير معياري ۽ دل آزاريندڙ آهي ڪيتري قدر اوهان تي اها تنقيد بجاءِ آهي؟

جواب: اسحاق سميجي جو اهو ليک منهنجي هڪ ليک جي جواب

۾ هو جيڪو ”مهراڻ“ ۾ ڇپيو هو. اسحاق جو ليڪ به مان ”مهراڻ“ ۾ ڇپي رهيو هوس. پر هن کي ڪجهه ڳالهين جي ڪڙڪ پئجي وئي ۽ هن اهو ليڪ بئي هنڌ ڇپائي ڇڏيو. ان ۾ ڪجهه ڳالهيون درست هيون، جيئن اصغر گونڊوي ۽ رياض حيدرآبادءَ واري ڳالهه. پر ڪيترييون ڳالهيون صحيح نه هيون. جن تي لکڻ کپي، اُهي رڪارڊ تي ضرور اچڻ کپن. اهو ياد رکڻ کپي ته ڪنهن به شاعر کي هيو ڪوبه نه. صرف ان جي شاعري ئي بچائي سگهي ٿي. اسحاق سميجي وٽ شيخ اياز جي عظمت جا پنهنجا دليل آهن ۽ مون وٽ پنهنجا! رهي ڳالهه ٻوليءَ جي ته اهو به اسان سڀني جو پنهنجو وڙ آهي.

**سوال:** شمشير الحيدري پنهنجي انٽريو ۾ چيو آهي ته هو شاعر ناهي، ماڻهن کي غلط فهمي آهي؟ ڇا اها ان جي ڪسرنفسي آهي يا سچ آهي، اوهان جي ان سلسلي ۾ ڪهڙي راءِ آهي؟

**جواب:** اهو سوال ته شمشير کان ڪرڻ گهرجي. جنهن کان توهان انٽرويو به ورتو آهي. اڄ جڏهن ڪيترائي ”اڪوي“ پاڻ کي ”ڪوي“ سڏي/ سڏائي رهيا آهن، تڏهن هڪ ”ڪوي“ پاڻ کي ”اڪوي“ ئي سڏيندو نه. هونئن ان بابت به مان ”پيغام“ ۾ لکي چڪو آهيان، جنهن ۾ شمشير جو اهو انٽرويو ڇپيو هو. جنهن ۾ هن اهڙي ڳالهه ڪئي هئي. شمشير تي گهٽ، بلڪ لکيو ئي نه ويو آهي، اسان وٽ حالت اها آهي ته جڏهن اسحاق سميجو غزلن جو ڪتاب ”دل جو رستو“ سهيڙي ٿو ته ان ۾ شمشير جو غزل نٿو ڏئي! ڪارڻ؟ اهو ته (1) اها هن جي پسند جي چونڊ آهي، (2) ته شمشير غزل گهٽ لکيو آهي. جڏهن ته منهنجي راءِ ۾ اهو ڪتاب شمشير جي غزل کان سواءِ مڪمل نه آهي. اعليٰ شاعري جي جڏهن به ڳالهه نڪرندي تڏهن شمشير جي فن ۽ فڪر جي ڳالهه به ضرور نڪرندي:

سدا ظلم جي مات چوندا رهياسين
سرِ عام هر بات چوندا رهياسين
اوهان ڪيتروئي دٻايو ڏتاريو
اسين رات کي رات چوندا رهياسين
(شمشير)

**سوال:** ادب ڇا آهن. ادب جا سياسي ۽ سماجي ڪهڙا ڪارج هئڻ

گهرجن، اسان جو اڄ جو ادب ڇا ڪالهہ جي ادب کان وڌيڪ سگهارو آهي؟

**جواب:** اسين سماج ۾ رهون ٿا. ان کان اثر وٺون ٿا. ساڳئي وقت ان تي اثر ڇڏيون بہ ٿا. ادب ۽ شاعري سماج ۾ رهندڙ ماڻهن لاءِ ئي آهي، خلا ۾ پيدا نٿي ٿئي. ان ڏس ۾ تي ايس ايليٽ جو شاعريءَ جو سماجي ڪارج "پڙهڻ ڪپي، جيڪو "مهراڻ" ۾ ڇپجي چڪو آهي.

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو، سنگت ڇا پنهنجو ڪردار صحيح ادا ڪري پئي. جڏهن تہ سنگت جي حياتي وڏي آهي ۽ تنهن جي باوجود سنگت فقط پنهنجي تاريخ سهيڙي ان کي ڪتاب صورت بہ نہ ڏيئي سگهي آهي؟ ۽ اڄ ڏينهن تائين ان جي ڪا مرڪزي آفيس ڪانہ آهي ۽ سالن جو رڪارڊ هر سيڪريٽري پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهي ٿو.

**جواب:** ڇا توهين سنڌي ادبي سنگت جا ميمبر آهيو؟ جي ها، تہ پوءِ اهڙو سوال س ا س جي پليٽ فارم تان ڪريو جي نہ، تہ پوءِ اهڙو سوال بہ نہ ڪريو. س ا س وري بہ سنڌ جي مسئلن تي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري رهي آهي. س ا س جو رڪارڊ سيڪريٽري جنرل جي قبضي ۾ نہ رهندو تہ ڇا توهان جي قبضي ۾ رهندو؟ س ا س تي ادل سومري ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري ورتي آهي.

**سوال:** امداد صاحب: پيار ڇا آهي؟ ۽ وڇوڙي هجر ۾ ڪهڙو مزو آهي؟

**جواب:** هن سوال جو جواب بہ مٿي ڪٿي ڏئي آيو آهيان، جنهن ۾ Pain جي، ڏک جي، درد جي ڳالهہ ڪئي اٿم ۽ پنهنجي هڪ نظم "رُوئَس" جو حوالو ڏنو اٿم، هتي ان نظم جون صرف بہ سٽون ڏيان ٿو:

ڏکُ تہ آهي پارس ڪوئي
جنهن سان ماڻهو سون ٿئي ٿو

شرط اهوئي آهي تہ اهو "ماڻهو" هجي، "ڪُماڻهو" نہ هجي، شايد اهو ڏک، اهو درد، اها پيڙ — ان وڇوڙي، ان هجر مان ئي پيدا ٿئي ٿي - ۽ روح جي الاءِ ڪهڙي پاتال مان ست ڏئي نڪري ٿي ۽ پين تي سِٽ جي سروپ ۾ پلتجي وڃي ٿي.

**سوال:** اوهان جو تازو ڪتاب "هوا جي سامهون" منظر عام تي آيو آهي، جنهنجو طويل مهاڳ ذري گهٽ ڪتاب جي شاعري جيترو آهي ۽ جيڪو

اوهان جي گهر واري محترمہ سحر امداد لکيو آهي. ان ۾ ادبي چند چاڻ گهٽ پر تعريفي پهلو وڌ ۾ وڌ آهي، ان لاءِ ادبي حقن ۾ ڪافي چوٻول اٿيو تہ اها امداد جي نئين ٽيڪنڪ آهي جنهن ۾ هن پنهنجي پذيرائي ڪئي آهي؟ ايڏو طويل مهاڳ سوبہ پنهنجي گهرواري کان لکرائڻ جو ڪهڙو جواز هو؟

**جواب:** ساهت ۾ ٻُڌ سُڌ تي ڪم ٽپائڻ ڪار نہ آهي. توهان انهن ”ادبي حلقن“ جي ”ڪافي چوٻول“ تي ڳنڍ ٻڌي، ساڳيو فيڊ ڪيل سوال ٻيهر پڇيو آهي، جنهن جو جواب ”ادب“ (امداد حسيني نمبر) ۾ ”اڏام“ ۾ ڏئي چڪو آهيان. اهي جواب توڙي ”هوا جي سامهون“ جو مهاڳ/ اپياس توهان جو پڙهيل هجي ها ۽ ان حوالي سان پڇو ها تہ بهتر ٿئي ها — گهٽ ۾ گهٽ مون لاءِ بہ. تہ پڙهندڙن لاءِ بہ. مهاڳ/ اپياس نہ پڙهڻ جو ثبوت خود توهان جو هي جملو آهي ”طويل مهاڳ ذري گهٽ ڪتاب جي شاعريءَ جيترو آهي“ جڏهن تہ مهاڳ/ اپياس 15 کان 91 صفحي تائين آهي. ڪل 76 صفحا! شاعري 93 کان 346 صفحي تائين آهي. ڪل 254 صفحا. ائين شاعري مهاڳ/ اپياس کان ٽِيڻ کان بہ وڌيڪ آهي. ائين هڪ تہ توهان اهو ”سچ“ نہ چيو آهي، ٻيو تہ اهو ڪهڙي ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ مهاڳ/ اپياس هيترا ڪي هيترا صفحا هئڻ کپي! ايم ڪمل جي مجموعي ”باهہ جا وارث“ جو مهاڳ لال پشپ هڪ شعر ڪي کٽي لکيو آهي. ”هوا جي سامهون“ کان بہ ٿوري ڪلام تي مونو گراف، ٿيسز ۽ ڪتاب لکيا ويا آهن. سحر، شيخ اياز (”توجا سمجهي سِٽ سا“ شاهہ عبداللطيف يونيورسٽيءَ جي اياز چيئر پاران ڇپايل ڪتاب ۾ ڇپيل)، نارائڻ شيام (”سرجڻهار شيام “سنڌ يونيورسٽيءَ پاران سڏايل بين الاقوامي ۽ ”ڪونج“ ۾ ڇپيل)، هري دلگير (”هري دلگير“ تہ — ماهي ”مهراڻ“ اونهارو 2004 ۾ ڇپيل جيڪو هند ۾ ”سنڌو جوت“ ۾ ٻيهر ڇپجي رهيو آهي)، تنوير عباسيءَ ”اصل ڏانهن مراجعت“ ۾ ٻيهر ڇپجي رهيو آهي) تنوير عباسيءَ (”اصل ڏانهن مراجعت“ سنڌي ڊپارٽمنٽ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي ريسرچ جنرل ”ڪينجهر“ ۾ ڇپيل)، ايم ڪمل (”ايم ڪمل — باهہ جو وارث ”جيڪو ”ڪونج“ جي ”ايم ڪمل نمبر“ ۾ ڇپجي رهيو آهي تي تہ لکي سگهي ٿي، پر امداد حسينيءَ تي نٿي لکي سگهي! سحر منهنجي

همعصر ليکڪ، شاعر ۽ عالم آهي، رهي ڳالهہ پذيرائيءَ جي تہ سحر نہ تہ مون کي ”لطيف ثاني“ چيو آهي، نہ ئي هن مون کي ”شهنشاهِہ غزل“ يا ”گيتن جو بادشاهہ“ چيو آهي، نہ وري سحر منهنجي هڪ defective شعر تان ”سانگيءَ جي سڄي ديوان قربان ڪري ڇڏڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، بهرحال ”پذيرائي“ جو هڪ اڌ مثال ڏيڻ کپندو هو توهان کي، ادبي چند چاڻ جو توهان وٽ ڪهڙو تصور آهي اهو بہ لکڻ کپندو هو. سحر تہ منهنجي شاعريءَ بابت سڀ کان پهرين بيگم زينت عبدالله چنا، غلام محمد گرامي، حميد سنڌي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي ۽ تنوير عباسيءَ جي راءِ ڏئي پوءِ پنهنجي راءِ تي ڏنئي. ساڳئي وقت سحر عالمي ادب جا بہ حوالا ڏئي، معاف ڪجو مان بولڙين پيدا ڪرڻ واري ٽيڪنڪ ۾ يقين نٿو رکان، نہ ئي پاڻ تي فرمائشي ليک لکرائيندو آهيان. توهان جي نيڪ اطلاع ”هوا جي سامهون“ جو مهاڳ/ اپياس Neo_Classical جُڳ جو بلڪ پنهنجي جاندار شاندار لوڪ، ڪلاسيڪل، ان مهاڳ/ اپياس کي سنڌ – هند جي ساهتڪارن ساراهيو آهي، هتي اوهان کي نہ پڙهندڙن کي (مونکي چونہ) اها چاڻ ڏيڻ ٿو چاهيان تہ ”هوا جي سامهون“ جي مهاڳ/ اپياس جي انفرادي اهميت آهي ۽ ان اهميت جو ڪاٿو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ هند جو هڪ ساهتڪار ان مهاڳ/ اپياس کي ڌار ڪتابي صورت ۾ ڇپائي رهيو آهي.

بهرحال، توهين پاڻ يا توهان جا اهي ادبي حلقا ڪجهہ بہ چون، مون کي ان سان ڪوبہ فرق نٿو پئي! ڇاڪاڻ تہ مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻو آهي ۽ هڪ ڪويءَ جو ڪم / ڪرتوبہ وِهُہ کي امرت ڪرڻ ۽ لوڪ کي آڇڻ آهي، پوءِ ڪير ان کي ٺُڪي ٿو ڇڏي تہ اُهو ان جو وڙ آهي؟

امرت سمجهي ڪنهن وِهُہ پيتو
وِهُہ سمجهي ڪنهن امرت هاريو.

هوا جي سامهون جي مهاڳ/ اپياس ۾ منهنجي شاعريءَ جي جيڪا چند چاڻ، ويا کياڻ ۽ ملهہ ڪٿ ڪئي وئي آهي، اُها يقيناً توهان يا توهان

وارن ادبي حلقن کي نہ آئڙڻ ڪپي، چاڪاڻ تہ اهو هالو چالو ناهي، چاڪاڻ تہ اها هالو چالو شاعريءَ تي بہ ناهي!

**سوال:** توهان مهراڻ ڇڏي ويو ۽ وري آيو ۽ اعزازي ايڊيٽر ٿيا، مگر اڄ بہ جڏهن اوهان جي زير ادارت نڪتل پرچن جو موازنو غلام محمد گرامي جي دور ۾ نڪتل پرچن سان ڪجي ٿو تہ ان جي ڀيٽ ۾ اڄ جو مهراڻ انتهائي غير معياري ٿو لڳي. ان ڏس ۾ توهان رسالي جي پڙهندڙن کي خواب تہ وڏا ڏيکاريا پر ان جو معيار اتي جو اتي آهي ۽ ان ۾ بہ ساڳي اقربا پروري نظر اچي رهي آهي؟ ائين ڇو؟

**جواب:** پهرين توهان جي سوال تي ٿا اچون، پهريون جملو آهي: ”توهان (توهين مهراڻ ڇڏيو ويو ويو ۽) ۽ وري آيو (آيو ۽) ۽ اعزازي ايڊيٽر ٿيا. جڏهن ويو (ويو ۽)، آيو (آيو ۽) ٿا لکو تہ پوءِ ٿيو (ٿيو ۽) لکڻ ڪپي. جيڪڏهن ٿيا، لکو ٿا تہ پوءِ ويا آيا لکڻ ڪپي، جڏهن ويو (ويو ۽) يا آيو (آيو ۽) لکو ٿا تہ پوءِ توهين بہ نہ لکڻ ڪپي. ائين توهان جي ٻولي، صورتخطي، سٽاءُ، لهجو....... درستي گهري ٿو.

درست لفظن، ٻولي، لهجي جو لاڳاپو ”بهترين خيالن“ سان آهي ۽ اُهي ظاهر آهي تہ توهان کي پاڻ درست ڪرڻا پوندا. هاڻي پڇاڻي جي ورندي: ”توهان مهراڻ ڇڏيو ويو ۽ وري آيو ۽ اعزازي ايڊيٽر ٿيا“ اهو توهان ڪهڙي آڌار تي چيو؟ صحيح هيئن ٿيندو تہ مون کي سڏيو ويو ۽ هڪ ذميواري ڏني وئي، توهين ”اڄ جي مهراڻ“ کي ”غلام محمد گراميءَ جي دور جي نڪتل پرچن جي ڀيٽ ۾ ”انتهائي غير معياري هئڻ“ جو نپوٽا هڻو اها راءِ انتهائي بدنيتيءَ تي ٻڌل آهي. توهان تہ ”اڄ جو مهراڻ“ پڙهيو ئي ناهي، ان جو ثبوت اهو آهي تہ مان ”مهراڻ“ جو اعزازي ايڊيٽر“ نہ پر ”چيف ايڊيٽر (اعزازي) آهيان گرامي صاحب جي دور ۾ ”مهراڻ“ مان تخليقي ادب (شاعري/ ڪهاڻي) جو پاڳو ئي ختم ڪيو ويو هو! مون ان بابت 1977ع ۾ ”مهراڻ“ جي ڪنهن پرچي ۾ ايڊيٽوريل لکيو هو ۽ جنهن تي ”مهراڻ“ مون کان ڇڏايو ويو هو. 1992 ۾ س ا ب ۾ سيڪريٽريءَ جي ذميواري ڏني وئي. تڏهن ”مهراڻ“ جو ڪوبہ ايڊيٽر نہ هو ان ڪري سنڀالڻو پيو ۽ سال ۾ بهترين چار پرچا ڏنم. ان کان علاوه گرامي صاحب جي دور ۾ ”مهراڻ“ مان

خطن وارو پاڳو بہ ختم ڪيو ويو آهي! پڇڻ تي ان جو ڪارڻ اهو ٻڌايو ويو تہ خطن ۾ تنقيد هوندي آهي، جنهن تي اديب سڳورا ناراض ٿا ٿين. توهين اڄ جي مهراڻ کي، ٻنان ڪنهن دليل، ثبوت ، مثال ۽ حوالي جي انتهائي غير معياري سڏيو ٿا تہ ساڳئي وقت تہ "ان جو معيار اتي جو اتي آهي، گرامي صاحب جي دور جي مهراڻ جي يقيناً اهميت آهي. هتي اهو سوال بہ ڪري سگهجي ٿو تہ خود توهان وٽ پرک جو ڪهڙو معيار آهي؟ توهان کي جهٽ لاءِ بہ اهو احساس ٿيو تہ " اڄ جي مهراڻ کي انتهائي غير معياري " سڏي توهان سنڌ، هند ۽ دنيا جي اديبن، ڪهاڻيڪارن، شاعرن ۽ عالمن جي انتهائي اعليٰ معيار جي تحريرن کي غير معياري سڏيو آهي! اهو تہ ائين آهي جيئن اکيون ٻوٽي چوڻ تہ سج ناهي! هاڻي "مهراڻ" باقاعدگيءَ سان نڪري رهيو آهي. ان جو ڪوبہ ٻتو پرچو نہ نڪتو آهي. "مهراڻ" جي پڙهندڙن جو حلقو وڌيو آهي. ان ۾ خطن جو ڀرپور پاڳو اختلاف راءِ، کي اهميت ڏيڻ جو ثبوت آهي. اڄ جي مهراڻ جي اعليٰ معيار جو ڪرئڊٽ بہ اديبن، شاعرن، ڪهاڻيڪارن ۽ عالمن کي وڃي ٿو. پڙهندڙ توڙي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ ڪهاڻيڪارن جي اڄ جي "مهراڻ" بابت راءِ، توهان جي ابتڙ راءِ جي بلڪل سُبتڙ آهي، انهن "مهراڻ" کي ساراهيو آهي، هاڻي اچون ٿا توهان جي هڪ ٻي تهمت تي، توهان جي سڄي پلٽي جي تان اقربا پروريءَ تي اچي ٽُٽي ٿي. اسان جي هڪ "اديب برادري آهي، جيڪا سڄي دنيا ۾ آهي ۽ سموري دنيا جا سمورا اديب منهنجا اقربا آهن، منهنجا مٽ آهن، ذاتيات تي لهي آيا آهيو تہ توهان جي ملاحظي لاءِ "مهراڻ، اونهارو 2005 ۾، حميد شهيد هالائيءَ (جيڪو موجوده دور جو هڪ اهم شاعر آهي) جي ڇپيل خط مان هي سٽون ڏيان ٿو:

"سحر امداد بہ هڪ اهم باشعور شاعر آهي، مگر شايد
امداد جي گهروريءَ هئڻ باعث امداد جي اقربا ۾ شمار
ٿئي ٿي، جڏهن تہ سحر جي پنهنجي الڳ حيثيت آهي."

ان خط جون هي سٽون:

”امداد جي اقربا ۾ شايد شبير ”هاتف“ بہ اچي سگهي ٿو. جيڪو هڪ خوبصورت جمالياتي شاعر آهي، مگر شبير ”هاتف“ تہ گذريل 50 سالن کان لکندو اچي ٿو ۽ سالن کان ”مهراڻ“ ۾ ڇپجندو اچي ٿو.“

(ص 195)

جيڪڏهن شبير ”هاتف“ ۽ سحر امداد، گرامي صاحب جي دور جي ”مهراڻ“ ۾ ڇپجن تہ اهو ٺيو معياري، پر جي منهنجي دور جي ”مهراڻ“ ۾ ڇپجن تہ اهو ٺيو غير معياري ۽ اها ٿي ”اقربا پروري“ اهو تہ عجيب منطق آهي. اجا تہ منهنجي ڳوٺ جا شاعر ”مهراڻ“ ۾ نہ ڇپيا آهن، جيڪي گهڻن ”صاحبان ڪتب“ کان سٺو ٿا لکن. ڇا انهن کي رڳو ان ڪري نہ ڇپجي تہ اهي منهنجا ڳوٺائي آهن؟!

**سوال:** شيخ اياز جي اڳين شاعري ۽ آخري دور واري شاعري جي وچ ۾ چڱو خاصو تضاد آهي. ان لاءِ ادبي حلقن مان مختلف رايا ۽ ويچار ايندا رهندا آهن، ان باري ۾ اوهان جي پنهنجي ذاتي راءِ ڪهڙي آهي؟

**جواب:** ان/ اهڙي سوال جو جواب بہ مان ”اڏامر“ ۾ ڏئي چڪو آهيان. وري وري ساڳئي سوال پڇڻ جو ڇا مطلب آهي؟ ڇا شيخ اياز جهڙي سرجڻهار لاءِ توهان وٽ ٻيو ڪوبہ سوال ناهي؟! مختصر توهان جي پڇاڻي جي ورندي اها ئي آهي تہ شيخ اياز اسان جي دور جو هڪ وڏو ساهتڪار آهي، هن نثر/ نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب ڏنا آهن، هن گهڻو ڪجهہ لکڻ/ ڏيڻ ٿي چاهيو. جڏهن بہ ڪنهن شاعر پاران، گهڻي لکڻ جي شعوري ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ پوءِ اهو ”ورجاءُ“ جو شڪار ٿي ويندو آهي. ان ورجاءُ کان بچڻ لاءِ هو مختلف صنفن، موضوعن ۽ هيئتن ڏانهن ويندو آهي، ان عمل ۾، اصل تخليق جي ظهور پذير ٿيڻ تائين، گهڻو ڪجهہ Trash هوندو آهي، شيخ اياز سان بہ ائين ٿيو آهي. هڪ وڏو شاعر زندگيءَ جي مختلف مرحلن مان گذرندو آهي ۽ انهن جو اولڙو هن جي شاعريءَ ۾ اچي ويندو آهي. ناستڪ کان آستڪ ٿيڻ تائين اياز جي شاعريءَ جا مختلف Shades آهن، جن کي توهين تضاد ٿا سڏيو. انهن Shades انهن تضادن تي گهڻو ڪجهہ لکيو ويو ۽ اڃا بہ لکيو ويندو.

**سوال:** جيئن تہ سنڌي ليکڪن کي عام رسالن طرفان تہ ڪو اعزازيو نہ ٿو ملي پر مهراڻ جهڙي زخيم سرڪاري رسالي طرفان بہ نہ ٿو ڏنو وڃي، اديبن جي ان حقير سهائتا لاءِ اوهان ڪي اپاءُ ورتا يا نہ؟

**جواب:** اصولي طور تي مان ان سان سهمت آهيان تہ ”مهراڻ“ ۾ ڇپجندڙ لکڻين تي اجورو ملڻ کپي.

**سوال:** جيئن تہ اوهان سنڌي ادبي بورڊ جي اختيارن وارن جي ويجهو رهيا آهيو ۽ اوهان ان ڳالهہ کان بہ واقف آهيو تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڪيترن ئي نالي وارن اديبن ۽ ٻين جا مختلف موضوعن تي لکيل ڪتاب، ڪلمي صورت ۾ اڏوهين جو کاج بڻجي رهيا آهن ۽ ڇپائي جا ڳاتي توڙ خرچ هئڻ ڪري اهي پنهنجا ڪتاب نہ ٿا ڇپائي سگهن. ڇا اوهان اختياري وارن کي ڪو اهڙو پروپوزل ڏنو آهي، تہ جيئن ان ادبي اثاثي جي طباعت لاءِ ڪا رٿا بندي ڪئي وڃي ۽ اهڙو قيمتي اثاثو بچايو وڃي؟

جواب: ڇپجڻ جوڳا اسڪرپٽ ڪنهن وٽ بہ آهن تہ ان کي س ا ب جي پبليڪيشن ڊپارٽمينٽ سان لهہ وچڙ ۾ اچڻ گهرجي.

**سوال:** تنقيد کي ڪولي سمجهايو؟

**جواب:** تنقيد ڪنهن بہ فنپاري جي ملهہ — ڪٿ آهي، اها ئي ان جي مختصر ۽ جامع ويا کياڻ آهي، ڄاڻ، ايمانداري ۽ اڻ ڏُريائپ تنقيد لاءِ بنيادي اصول آهن.

**سوال:** اوهان شاعر آهيو ۽ يقينن اوهان محبت بہ ڪئي هوندي؟

**جواب:** محبت ڪئي نہ ويندي آهي، پر ٿي ويندي آهي ۽ مون کي بہ ٿي وئي آهي.

**سوال:** علم عروض کي اڄ جي نئين ٿهي جا ڪجهہ دوست فضول سمجهن ٿا، اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

**جواب:** ”ڪجهہ دوست“ مان ڇا ملطب آهي؟ توهان کي نالا کڻڻ کپن، ڇا اهي دوست/ ادبي حلقا .پرده نشين“ آهن؟ ساڳئي وقت اهو بہ ٻڌائڻ کپيو تہ اهو هنن لکت ۾ چيو آهي يا زباني؟ هونئن منهنجي راءِ اها آهي تہ عروض/ ڇند/ مِيٽر/ ردم/ لئہ/ سُر .... فضول ناهي، ڪيرائين سمجهي ٿو تہ اها ان جي اڻڄاڻائي آهي ۽ ان جي اهڙي سمجهہ جي ادب ۾ ڪابہ اهميت ناهي.

سوال: اوھان جو ڪو پيغام؟
جواب:.........................

وري يـاد آئـي اهـا ئـي گـهـتـي،
اسان سون ڀانئي ٿي جنهن جي مٽي.

***

نمـاشـــام گهر گهر ٻريـا جيئن ڏيـا،
ڪـلـيـا يـاد جـا ريشـــمي تـاڪـيـا.

## امداد حسيني جي
## طويل نظم ”روٽس“ جو هڪ بند

روٽس ڏسي محسوس ٿئي ٿو
ڏک ٻه آهي جڻ ڪو ڏيئو
جنهن ۾ رت جو تيل ٻري ٿو
سنڌ ٻه آهي جڻ ڏک ڪوئي
ان ڏک ۾ آ ڄڻ سک ڪوئي
ڏک آ جوئي سک آ سوئي
ڏک جهڙي ان سُک ڪارڻ
سک جهڙي ان ڏک ڪارڻ
چار ڏسائون، تاڙيل آهي،
لاک رتي، مارل جي لوئي،
توڙي ليڙون ليڙون لوئي
پوءِ ٻه ان جو رنگ اهو ئي
جن من جو اتحاث انهيءَ ڪي
پيرن هيٺان پوري ڌرتي
سر ڇٽ نيل، آڪاش انهيءَ ڪي
پولارن ۾ چيخ انهيءَ ڪي

# تاج بلوچ



## غزل

چيٽ چانڊوڪيون سرخرو ٿينديون
گل پريون جڏهين روبرو ٿينديون
پوپٽن جي اڏام تان صدقي
چاهتون پاڻ جستجو ٿينديون
عڪس ڍهندا ۽ نهندا لفظن جا
سونهن ۽ مُرڪ واهرو ٿينديون
چنڊ بي ربط وصل جون راتيون
هجر منهنجي جي آبرو ٿينديون
آءُ تنها ۽ دربدر منظور
تنهنجون رسوايون چارسو ٿينديون
تنهنجي چوڙين جون سڏڪندڙ مرڪون
منهنجي چاهت جي آرزو ٿينديون
زرد چهرن جون پيليون چانڊوڪيون
تاج ڪڏهين ته ماهرو ٿينديون.

# BRIEF INTRODUCTION

## تاج بلوچ

| | |
|---|---|
| ادبي نالو: | تاج بلوچ |
| اصل نالو: | مير تاج محمد خان جتوئی |
| ولديت: | مير نور احمد خان جتوئی |
| جنم تاريخ: | 25 مئی 1942 |
| جنم هنڌ: | ڪوٽ ٻُلا پنو عاقل سکر |
| تعليم: | ايم. اي صحافت |
| ڪرت: | اڳ سرڪاري آفيسر، هاڻ صحافی |
| لکڻ جی شروعات: | 1962-63 |
| ڇپيل ڪتاب: | 1. درد جو صحرا 1970ع<br>2. خوشبو جو زهر 1979ع<br>3. لفظن جو ماتم 1994ع<br>4. دل جزيرو اداس سپنن جو 2002ع<br>5. ڇڇريون ڇڇريون خواب 2011ع<br>6. جديد ادب جو تجزيو 2014 ع |
| اڻڇپيل ڪتاب: | 1. چندبچاڻ تنقيدي مضمون<br>2. نئون شعري مجموعو<br>3. انگريزي ترجمو (لطيف نوناري) |
| مڃتا ايوارڊ: | (لطيف ايوارڊ مليل) اڪيڊمي آف ليٽرس طرفان، ايڏا گهڻا جيڪي نہ ياد آهن نہ سنڀاري رکيم |
| موجوده پتو: | بنگلو 177 گل هائوسز بلاڪ 7 گلستان جوهر ڪراچي |

**سوال:** پنھنجي جنم ۽ تعليمي ماحول ۽ پنھنجي ننڍپڻ جي باري ۾ تفصيل سان ٻڌائڻ فرمايو؟

**جواب:** ننڍپڻ وڏيرڪي مڳي ۽ بيخودي ۾ گذريو. ڏاڍو ڏنگو ۽ سرڪش ڇوڪرو ھوس. ڇھون ڪلاس ھاءِ اسڪول پنو عاقل مان پاس ڪيم تہ مونکي ڪراچي پڙھڻ لاءِ اماڻيو ڇا پڇايو ويو. ڪراچيءَ منھنجي ٽڪ مان وز ڪڍي ڇڏيو. ھتي ننڍپڻ ۾ اندر ۾ دٻيل لکڻ پڙھڻ وارو شوق، لائبريرون ۽ ڪتاب ڏسي ۽ پڙھي اوج تي رسيو ۽ پوءِ اڄ تائين ڪتابن سان گھاٽي ياري آھي ۽ جڏھن نوجوانيءَ ۾ پير پاتم تہ پھرين عشق جي ناڪامي باده خوار بڻايو ۽ ھاڻ خبر نہ پوندي آھي تہ آءُ شراب پيئان ٿو يا شراب مون کي پيئي ٿو. ھاڻ آءُ ۽ شراب جاڙا ڀائر ٿي ويا آھيون. منھنجي دور جو تعليمي ماحول ڏاڍو اتساھيندڙ ۽ ٻار کي بازياب ڪندڙ وايو منڊل ھو.

**سوال:** تاج صاحب! شاعري جي شروعات ڪيئن ٿي؟ ڪڏھن ٿي؟ ڇا واقعي اھا ڳالھہ صحيح آھي تہ شاعري اندر جو اوبر آھي ۽ جذبن جو اظھار آھي؟

**جواب:** آءُ پئدائشي شاعر آھيان. وڏا چوندا آھن تہ ننڍپڻ ۾ ٽرپل فائيو جي خالي دٻي ۾ مٽي پريندي ۽ مٽي لاڙيندي آءُ لفظيات کان سواءِ عجيب آھنگ ۽ ردم ۾ جھونگاريندو ھوس. شاعري مطالعي ۽ مشاھدي سان، عروج ماٽي ٿي ۽ دل جي ڪچن جذبن ۾ پختگي ۽ رس آڻي ٿي. علم سان، وجدان طاقتور ٿئي ٿو ۽ شاعر جو ادراڪ تيز ٿئي ٿو.

**سوال:** اوھان شاعري جي باقائدي سکيا ڪنھن کان ورتي؟ علم عروض جو فن اوھان ڪنھن کان سکيو؟

**جواب:** مون ڪنھن کان بہ ڪجھہ نہ سکيو- ڄڻ مون کي سڀ ڪجھہ ايندو ھو. علم عروض ٻاھرين شيءِ آھي، جيڪو مَنَ جي ترنم مان ڦٽي ٿو.

**سوال:** اوھان سنڌي ادب جا وڏا نالا آھيو. اوھان جي شاعري عروض جي بندشن ۾ سمايل آھي. ڪجھہ دوستن جو خيال آھي تہ ھن دور ۾ خيال کي اھميت آھي فعولن فعولن ڪجھہ ناھي. اوھان صرف ايترو فرمايو تہ اوھان عروض کي ڪھڙي نظر سان ڏسو ٿا؟

**جواب:** متشاعر لاءِ علم عروض لازمي آھي. پئدائشي شاعر علم

عروض ۾ چند ودیا جو ڳیجهو ناهي. خيال کان اڳ، شاعر جو جذبو اهميت جوڳو آهي، جنهن کي پختو خيال ۾ زورائتو ٻڪشن وڌيڪ نمايان ڪري ٿو.

**سوال:** تاج صاحب! چيو ٿو وڃي تہ شاعري عشق جي پيداوار آهي، ڪي وري چون ٿا تہ شاعري حالتن جي پيدوار آهي، جيڪڏهن شاعري عشق جي پيداوار آهي تہ اوهان پنهنجي شاعري کي ڪهڙو نانءُ ڏيندو؟

**جواب:** اهي ٻئي شيون شاعريءَ کي هٿي ڏين ٿيون. عشق جي ڪاميابي يا ناڪامي، حالتن جي محتاج آهي، حالتن جو جبر ۾ اندر جي پيچ ڊاهہ ۾ تڙپ، جيڪو جذبو اُڀاري ٿو اهو جذبو ئي شاعريءَ جو سرچشمو آهي، جنهن کي مطالعو ۾ مشاهدو شاعر طور سجاڻ بخشي ٿو.

**سوال:** اهو ورڻ ناهي، جنهن کي واءُ نہ لڳو هجي. اها جواني ناهي جيڪا عشق جي آڙاهہ ۾ داخل نہ ٿي هجي؟ توهان منهنجو مطلب تہ سمجهي ويا هوندوء؟!!!

**جواب:** منهنجي دل جي وڻ کي سو کان مٿي هوائن لوڏيو آهي. مون سو کان مٿي عشق ڪيا آهن ۾ هر عشق، مون پهرين جذبي، جوش، جولان ۾ جنون سان ڪيو آهي. ”عشق هڪ پيرو“ واري ٿيوري غلط آهي.

**سوال:** پنهنجي همعصرن مان ڪهڙين جي شاعري مان متاثر آهيو؟

**جواب:** ڪنهن کان بہ نہ، منهنجي همعصرن جو الميو اهو آهي تہ ڪنهن وٽ طاقتور جذبو آهي تہ ان جو خيال موچڳو ۾ ٻڪشن جوڳو ناهي. ڪنهن جو ٻڪشن جادو ڪندڙ آهي، جيئن شيخ اياز. پر هن وٽ جذبو پرايو ۾ خيال اوڌارو آهي. هن جي شاعري (گهٽي تٽي)کي سولو ڪنهن بہ ٻوليءَ جي نثر ۾ پلٽيو تہ بي معنيٰ لڳندي. البتہ نوجوان شاعر ۾ شاعرائون، ڏاڍو سٺو لکي رهيا آهن.

**سوال:** اڄ جي ادبي محفلن/ مشاعرن ۾ ان دور جي ادبي گڏجاڻين جنهن ۾ اوهان جي شاعري پروان چڙهي، ۾ ڪهڙي خامي محسوس ڪيو ٿا؟

**جواب:** اڳ هرڪو سکڻ چاهيندو هو ان ڪري خلوص هو. پنهنجائپ هئي. هڪ ٻي لاءِ احترام هو ۾ هاڻ هرڪو آپي خان ۾ عظيم ٻڄي پيو آهي. تڪو پنجو ۾ اٽڪلون ڪري، هر ڪو ليڪڪ وڏو قلمڪار

ٻڌجي پوڻ جي سڌ رکي ٿو. جڏهن تہ رڳو سڌ ڪرڻ سان ڪوبہ وڏو قلمڪار نٿو بڻجي سگهي، انگريزيءَ جو پهاڪو آهي،

If the wishes would have been horses
the beggers should have ridden.

”جيڪڏهن خواهشون گهوڙا هجن ها تہ رڳو فقير ئي سواريون ڪن ها.“

**سوال:** مان سمجهان ٿو تہ اوهان ون يونٽ واري دور کي چڱي طرح ڏٺو، ڇا اوهان اهو ٻڌائي سگهو ٿا تہ، ان دور ۾ سنڌي شاعرن / اديبن (ڪهڙن ڪهڙن) ڪهڙو ڪردار نڀايو؟

**جواب:** اسان ڏنو ڪٽي، اسان پوڳيو لٺيون ڪاڏيون سين، لاڪپ ڏٺا سون، مار ۽ موچڙا ڍو تي ڪاڏاسين، سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن، خاص طرح سان سنڌي ادبي سنگت جي دوستن تاريخي ڪردار ادا ڪيو. جڏهن تہ هاڻي اها ساڳي سنگت، قوم پرستن جي سياسي نعري بازيءَ جو آرگن بڻجي پئي آهي، اهو سنڌي قوم جو وڏي ۾ وڏو الميو آهي.

**سوال:** اسان وٽ غزل گهڻو لکيو ويو ۽ لکيو وڃي ٿو. اوهان بہ سٺو غزل لکيو آهي ۽ لکيو پيا. اوهان وٽ سٺي غزل جو پيمانو ڇا آهي؟ ۽ اهو بہ ٻڌايو تہ ڇا اسان جو غزل حالتن جي پيدوار آهي؟

**جواب:** سٺو غزل ڪالهہ بہ لکيو ويو. اڄ بہ لکجي پيو. اڄوڪو غزل وجداني سمجهہ تي عروج ماڻي رهيو آهي. غزل ۾ سولي عبارت، غنائيت ۽ ڇهڪ ڏيندڙ جذبو ۽ جذبي کي ملندڙ سٺو خيال ئي غزل جي صنف لاءِ سڀاويڪ آهي، زمان ۽ مڪان جون ڪيفيتون شاعر جي وجدان ۾ تڪائي ضرور پيدا ڪنديون آهن، پر ان جو دارو مدار شاعر جي Conceive ڪرڻ تي آهي.

**سوال:** آڻم ناٿن شاهي ”وفا“ ناٿن شاهي کي غزل جي ”مارشل“ جو خطاب ڏنو. تازو محترم شمشير الحيدري صاحب پنهنجي انٽرويو ۾ چيو آهي تہ، ”وفا غزل جو بادشاهہ آهي“. جڏهن تہ منهنجي ناقص خيال ۾ تہ محسن ڪڪڙائي، بشير سيتائي، امداد حسيني، راشد مورائي، تاج بلوچ، تاجل بيوس، ۽ احمد خان مدهوش سٺا غزل لکيا آهن، پوءِ انهن جي غزلن

ڪي ڪهڙي خاني ۾ فٽ ڪيو ويندو؟!!

**جواب:** اهڙي قسم جا لقب القاب ڏيڻ ۽ وٺڻ جاگيرداراڻي سماج جي هيٺاهين قسم جي سوچ آهي، اسين پاڻ کي آزاد خيال ۽ جمهوريت پسند سمجهون ٿا، پوءِ به ”مارشل“، ”بادشاهه“، ۽ ”شهنشاهه“ جهڙا ڏيارا لفظ/ لقب تجويز ڪيون ٿا. اصل ۾ هڪ ٻي سان پيار ۽ محبت ۾ يا هڪ ٻي جي لاءِ ڪا عقلي راءِ ڏيڻ جي سگهه نه سارينديءَ، اهڙي نوعيت جي ”خرافات“ تخليق ڪري، پنهنجي پنهنجي لاءِ علميءَ کي لڪائي، ٻين کي يا دوستن کي خوش ڪري، ”حلقئہ احباب“ ۾ واڌاري واري خوشي محسوس ڪيون ٿا ته اڳلو به اسان کي اهڙي نوعيت جي تعريفي لفظن سان نوازيندو. هر شخص پنهنجي پنهنجي دائري ۾ پنهنجو پنهنجو هنر آڇي ٿو. قبول يار ڪرڻ واري خلق (نقاد) جي غير موجودگي هڪ خلفشار کي جنم ڏنو آهي ان ڪري هر ڪو شخص پنهنجي وات سان، ”منو ميان“ ٿيو هلي.

**سوال:** منهنجي خيال ۾ اڄ جي اديبن وٽ تنقيد براءِ اصلاح جي ڪا شي ناهي رهي، هتي فقط دوستيون ۽ ياريون ٿيون هلن. جيڪڏهن ڪنهن منهنجي غزل جي تعريف ڪئي ته مون تي اهو فرض ٿي ويو ته مان به ان جي غير معياري غزل جي تعريف جا گيت ڳايان. جڏهن ته ڪو ٽولو اهڙو به آهي، جيڪو فقط انڌي منڊي تنقيد ڪري، پاڻ کي نقادن جي لسٽ ۾ زوري فٽ ڪرڻ جي ڪوشش به ڪرندو رهي ٿو. ڇا تنقيد براءِ اصلاح واقعي اڄ به ٿئي ٿي؟

**جواب:** سنڌ جي شاعرن جي گهڻائي حرف شناس ماڻهن جي آهي. انهن عالمي سطح تي گذريل صديءَ جي ادبي ڏارائن جو مطالعو ئي نه ڪيو آهي. مطالعو ڇا، ڪين اها ٻولي ئي نه ٿي اچي، جنهن ٻوليءَ ۾، علم جو نور آهي. وڏي ڪهاڻي، وڏو ناول، وڏي شاعري ۽ وڏي تنقيد وڏو فلسفو ۽ ڏاهپ پري پئي آهي. بقول اوهان جي رڳو ياريون باشيون ملهائڻ لاءِ مٽ ۾ مانڌاڻي پئي ڦري، ڪنهن سنسني پڪيڙيندڙ اخبار جي ايڊيٽوريل پيج جو پروف ريڊر به پاڻ کي وڏو عالم ۽ نقاد ٿو سمجهي، ٽين دنيا جي ننڍي ڪنڊ ۾ رڳو سنڌ ئي بدنصيب خطو آهي، جتي علم دشمني جو ڪاروبار هلي ٿو. جيڪو شخصي ۽ رياستي سطح تي موجود آهي، جڏهن علم جي روشني

عام ٿيندي تہ ڏيندا ماڻهو اهڙي روش شايد تبديل ڪن، پر لڳي نٿو!!

**سوال:** اسحاق سميجي جو ڪتاب ”شاعري سان دشمني“ آيو آهي، جنهن ۾ اوهان تي بہ هو تنقيد ڪري ويو آهي. اوهان ان ڏس ۾ ڇا چوندو؟ ۽ ان کان علاوه اوهان نوجوان ڪهاڻيڪار مشتاق پربڙي جو ڪتاب ”لفظ نہ آهن کيڏوڻا“ بہ ڏٺو هوندو، جنهن ۾ هن اهو مضمون ناليو ”خدارا منافقت ڪرڻ بند ڪريو“ هلايو آهي جيڪو اوهان جي ”سوجهري“ ۾ هلي چڪو آهي. هن جو چوڻ آهي تہ اوهان ان مضمون ۾ وڏاءُ ڪيو آهي؟

**جواب:** جنهن ماڻهوءَ کي پنهنجي ذات لاءِ Complex هجن!! يعني ”مهاڻي“ مان ”ميربحر“ ۽ ”ميربحر“ مان ”سميجو“ بڻجي ويو ۽ جيڪو هڪ سنڌي خواندو آهي. جنهن جو مطالعو پڙهڻ ۽ تجربو Nil جيڪو تازو سنڌيءَ جو ليڪچرار بڻيو آهي، سو بہ پرچي سسٽم جي بنياد تي، ان جي تنقيد، ايمٽا جو مٽ آهي، جيڪو تيل نہ ٿو بڻجي سگهي، باقي مشتاق پربڙي کي تہ سنڌي بہ لکڻ نہ ٿي اچي. هو ان ڪري بہ مون تي ڪاوڙيل آهي جو مون سندس چوڻ نہ ڪيو. هن نسيم کرل جي فن بابت پنهنجي مضمون اچڻ کان پوءِ مون کي چيو تہ، ”آءُ هن بابت بہ اهڙي تناظر ۾ مضمون لکان“، حالانڪ هن جو فن يا لکڻيون اڃا ٻاراڻي اوستا ۾ آهن. ياري دوستي نہ نڀائڻ بہ مون لاءِ نقصانده ثابت ٿيو آهي.

**سوال:** منهنجي خيال ۾ ڪجهہ اديب وڏن ناليوارن اديبن کي تنقيد جو نشانو بڻائي، رات پيٽ ۾ ادب جي آڪاش تي اڏرڻ چاهين ٿا ۽ اهي شايد شارٽ ڪٽ ڪري جلدي منزل ماڻڻ چاهين ٿا، ڇا ڪنهن وڏي اديب جو پٽڪو ڏوڙ ڪري، پاڻ اهو پٽڪو پائي سگهجي ٿو؟

**جواب:** ان جو زنده مثال، اهو ٽين پيج جو پروف ريڊر آهي، ڪم علم ماڻهو هڪ وڏي نالي جي اجائي سجائي واڪاڻ ڪري، پاڻ کي نيشانبر ڪرڻ چاهيندو آهي. يا ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي پٽڪي ۾ هٿ وجهي بہ پائيندو آهي تہ مون سوپ ماڻي آهي. حالانڪ ڪنهن جي علمي ساک يا رتبو زمان ۽ مڪان ئي مقدر يا رد ڪندا آهن. ڏيندا ماڻهو يا گهٽتائي جي احساس جا ماريل ماڻهو پيرن هيٺيان وڏين ڪڙين وارا بوٽ پائي وقتي طور تي قداور ڏيکارجي سگهجن ٿا، پر هلي يا ڊوڙي نٿا سگهن. فطرت جا نيم

اورانگهڻ سان، ماڻهو معتبر نٿو بڻجي سگهي.

**سوال:** هينئر ”سوجهرو“ سڄي سنڌ ۾ پڙهيو وڃي ٿو. هر ڪو سوجهري جي معيار کان به واقف آهي، پر پوءِ به ڪن جو چوڻ آهي ته سوجهرو تاج بلوچ ۽ سندن دوستن يارن جي اردگرد گهمي ٿو. جن مان ته ڪي اهڙا شاعر به آهن جيڪي شاعري جي ”ش“ مان به واقف ناهن، پر اهي سوجهري ۾ ڇپجندا رهيا آهن؟

**جواب:** ڪالهه به ڪيئي لکندڙ هئا، جيڪي ادب جي ”الف“ ۽ شاعريءَ جي ”ش“ کان واقف نه هئا. پر انهن کي پرچن ۾ جوڳي يا اجوڳي جاءِ ملي. انهن جي همت افزائي ٿي ۽ انهن به مطالعي جي سگهه ۽ مشاهدي جي قوت سان اڳيرائي حاصل ڪئي ۽ اڄ پهرين قطار جا لکندڙ ڇپيا وڃن ٿا.

”سوجهرو“ ۾ گهٽ معيار جو مواد ضرور آيو هوندو. پر اهي اسان جا دوست ته ٿهيو واقف به ناهن، اسان ته همت افزائيءَ جي لحاظ کان انهن جون ڪچيون ڦڪيون شيون ڇاپيون ٿا جيئن اهي جاکوڙي اڳتي وڌن. ڊيندي پروف ريڊر هڪ غزل ۾ ”جهونگارڻ“ بدران ”گنگنايو“ هو. اهو لفظ سڌاريون سون ته همراهه ڏمرجي پيو. اهڙي تجربي کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن سنگين غلطين کان سواءِ، گهڻو تڻو اصلاح نه ڪندا آهيون ۽ مامرو پڙهندڙن تي ڇڏيندا آهيون، جنهن جا سٺا نتيجا آڏو آيا آهن ۽ همراهن ۾ تبديلي جا امڪان پيدا ٿيا آهن.

**سوال:** اوهان شيخ اياز جي ويجهو رهيا آهيو اياز صاحب جي فن ۽ فڪر جي حوالي سان ڪجهه ٻڌايو؟

**جواب:** شيخ اياز جو علم محدود ڏيکاءَ وارو آهي، هن دنيا جي مختلف علمي ۽ ادبي تحريڪن جو مطالعو ڪيو هجي ها ته اهڙن تضادن ۽ گند جو مظاهرو نه ڪري ها. هن جو فن ٻوليءَ جي ردميٽڪ جادوءَ کان سواءِ، ڪنيار جو ڪچو دلو آهي. هن وٽ ڪنهن وڏي شاعر جيان موضوع ئي ڪين آهن، رڳو ”سنڌ“، ”سنڌ“ ڪئي اٿس، جنهن سان به سچو نه رهيو. جڏهن جيئي سنڌ جي قومي تحريڪ عروج تي هئي ۽ تنهنجو آواز منهنجو آواز– شيخ اياز“ جو نعرو پئي گونجيو تڏهن، شيخ اياز، پٽو جي معمولي رشوت تي

تحريڪ کي نگھوسار ڪيو ۽ ان وقت جي ظالم پٺو جي قدمن ۾ ڪري پيو ۽ سنڌ جي پٺيءَ ۾ خنجر لاهي ڇڏيو.

جڏهن ظالم پٺو مظلوم ٿيو تہ ساڳيو شيخ اياز ظالمن جي شهنشاه آمر ضياءُ الحق، بزدل ماڻهو هو. فيشن ۽ شوق خاطر لکيل ڪيترين شين کي ان ڪري disown ڪيائين تہ طالبان مون کي گهر ويٺي کهي ويندا. مذهب ڏانهن، مولوي غلام مصطفيٰ خان ۽ موسيٰ پٺو جي معرفت موٽ بہ قتل ٿي وڃڻ جي ڊپ کان هئي، هو اول درجي جو ٻٽاڪي، ڊاڙي، ڪوڙو ۽ ڪم ظرف شخص هو. جيڪو ماڻهو پنهنجي ٻچن سان سچو نہ هجي، ان جي وفاداري ٻيو ڪنهن سان ٿي سگهي ٿي، هن جي بدڪرداريءَ جو شڪار سندس هڪ پٽ، سرمد، ان جو زنده مثال آهي.

**سوال:** چون ٿا تہ اياز موت جي ڊپ کان پنهنجي شاعري (اڳين) کا دستبردار ٿي ويو ۽ آخري ڏينهن ۾ تہ هو مذهبي ٿي ويو هو ۽ ”شاعري جو سجدو“ جهڙن ڪتابن ۾ دعائون لکيون هئائين. توهان هن جي پوئين لاڙي/ ڦيري کي ڪهڙون نانءُ ڏيندو؟

**جواب:** مون ان جو اڳ توهان کي مفصل جواب ڏنو آهي، اصل ۾ ڪم علم ماڻهو ايندڙ وقت جي هر قسم جي حالتن جو ادراڪ ڪرڻ کان وانجهيل هوندو آهي. جيڪو ماڻهو وقت جي هنگامي لهر ۽ فيشن ۾ گرفتار رهندو آهي يا خاص حلقہ احباب جي ڪري گليمئر ۽ مڳي ۾ ورتل هوندو آهي، اهو اعتدال پسند نہ هوندو آهي. جڏهن تہ جنهن کي فنڪار چيو ٿو وڃي اهو تہ پٽ جي پوئين پاسي واري ماجرا کي سمجهي وٺندو آهي. ميلان ڪنڊيرا، گنٽر گراس، فيض احمد فيض، نديم قاسمي يا احمد فراز جو ئي مثال وٺو. اهي خراب سياسي حالتن ۾ بہ بازياب ۽ سوڀارا ٿيا ۽ پڙهندڙ وٽ اڄ بہ ڪيترن تضادن ۽ سياسي ڪوتاهين جي هوندي بہ انهن جي عزت آهي.

**سوال:** تاج صاحب شاعري اصل ۾ آهي ڇا؟

**جواب:** شاعري اٿاه جذبن جو ساگر آهي، جيڪو علم جي ادراڪ جي ڇولين ۾ نکري نروار ٿئي ٿو. ان جو زنده ۽ پائينده مثال، پٺائي آهي، صرف پٺائي.

**سوال:** ادب جي سهڻي وصف ڇا ٿي ٿي سگهي؟
**جواب:** جيڪو ماڻهن جو ۽ ماڻهن لاءِ هجي.
**سوال:** زندگي مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟
**جواب:** ايترو جيتري قدرت
**سوال:** زندگي جو ڪو يادگار واقعو؟
**جواب:** هوءَ مون وٽ آئي، مون کي چيائين، ”پاڻ ائين نه ملي سگهنداسين، هل ته ڀڄي هلون.“

مون چيو، ”اهڙي ريت ملڻ سان، هن سماج ۾ پنهنجي زندگي دوزخ جو نمونو بڻجي ويندي ۽ پنهنجي محبت کي ڪو سائبان نه ملي سگهندو، ڏتڙجي ويندا سين.“

هوءَ سو مهڻا ۽ سو گاريون ڏئي ڪاوڙجي هلي ويئي، پر هوءَ اڄ پنهنجي ور ۽ گهر سان ڏاڍي خوش آهي. مون کي ڏاڍيون دعائون ڏي ٿي ۽ منهنجي حد کان وڌيڪ عزت ڪري ٿي.

ٽيهه سال اڳ، پنهنجي اهڙي فيصلي تي سرهائي محسوس ڪندو آهيان.

**سوال:** نئين ٽهي جي شاعري کان ڪيترو مطمئن آهيو؟ ۽ ڇا ڪي نالا ڪڻڻ پسند ڪندو؟

**جواب:** نئين ٽهيءَ ۾ غزل، نظم ۽ ڪهاڻي ۾ سنا ۽ وڏا نالا آهن، ڪراچي، دادو، سکر، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، خيرپور، قنمبر، سڪرنڊ، گهوٽڪي، روهڙي، پنو عاقل، نواب شاهه ۽ ٻيا انيڪ شهر ڳوٺ ۽ واهڻ آهن، جتي خوبصورت تخليقي پورهيو ٿئي پيو. نالا نه ڪڻندس، ڇاڪاڻ ته ڪو رهجي ويو ته دوست ڏک ڪندا.

**سوال:** ڪالا باغ ڊئم جي خلاف سڄي سنڌ سراپا احتجاج بڻجي وئي آهي، اوهان جو ڪهڙو موقف آهي؟

**جواب:** اوهين جيڪڏهن سوجهرو پڙهندا هجو ها ته اهڙو سوال نه ڪيو ها، ”سوجهرو“ انهيءَ اشو تي جنهن سچائي، بيباڪي سان حقائق کي پيش ڪيو آهي، ڪنهن روزاني اخبار به اهڙي جرئت نه ڏيکاري هوندي.

**سوال:** پڙهندڙن لاءِ ڪو پيغام؟

**جواب:** پيغام وڏا ماڻهو ڏيندا آهن، آءُ اڄ بہ هڪ قومي ڪارڪن آهيان، دوستن کي گذارش آهي تہ جنهن بہ فيلڊ ۾ هجو ان بابت مڪمل ڄاڻ رکي، پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ڪم ڪيو.

# وفا ناٿن شاهي



## غزل

الاهي خود ڪري پيدا اسان کي
ڪرين ٿو هاڻي ڇو رسوا اسان کي

***

رهون ٿا پاڻ اسان ٻه ڪونه هاڻي
ڪري ويو ايترو تنها اسان کي

***

هنيوسين نيهن جو هر موڙ نعرو
ڪنو هر چونڪ ۾ دنيا اسان کي

***

وفا! حيرت کي ٿي وئي آ
جون چريا ٻه ٿا چريا اسان کي

***

روحن مان روشني وئي، چمن مان دلڪشي وئي،
ڪيئن پيار جي اڱڻ تي دل جا تڏا وڇايون،
عشق سان وفائون، ڪجهه حسن سان وفائون،
درد سان ٻه پيا نڀايون، توسان ٻه پيا نڀايون،
گهر آ نه گهات يارو، وک وک چمات يارو،
ڪجهه نينهن جون پيالايون، ڪُجهه سنهن جون پيالايون

***

# BRIEF INTRODUCTION

## وفا ناٿن شاهي

(1943-2005)

| | |
|---|---|
| ادبی نالو: | وفا ناٿن شاهی |
| اصل نالو: | مشتاق علی |
| ولديت: | خيرات علی قريشی |
| جنم تاريخ: | 15 مئی 1943ع وفات: 28 ڊسمبر 2005ع. |
| تعليم: | ايم اي، وٽنري ۾ ڊپلوما |
| ڌنڌو: | سرڪاري ملازم |
| ادب ۾ ابتدا: | 1962 کان |
| ادبی سڃاڻپ: | شاعر، نثر نگار |
| ڇپيل ڪتاب: | 1. اکين ۾ الماس، 2. وفا ۽ 3. اوجاڳن جو انت. |
| اڻ ڇپيل ڪتاب: | ويهارو کن |

**نوٽ: وفا ناٿن شاهي اسان کان جسماني طور تہ وڇڙي ويو آهي، پر روحاني طور گڏ آهي ۽ هن جون لازوال تخليقون ساروڻيون بڻجي اسان جي سامهون ايئديون رهيون آهن. وفا غزل جو وڏو شاعر هو ۽ هن جو غزل سنڌي شاعري جي جان آهي. هي انٽرويو سندس ئي حياتي ۾ ورتو ويو هو. جيڪو سنڌي ادب جو قيمتي اثاثو آهی. (ب۔ص۔ ع)**

**سوال:** پنهنجي جنم، ننڍپڻ ۽ تعليمي ماحول بابت ڪجهہ ٻڌايو؟

**جواب:** منهنجو جنم 15 مئي 1943ع ۾ انڊيا جي ”بنڊيالا ڪڙان والا“ امرتسر ۾ ٿيو. منهنجو نالو مشتاق علي رکيو ويو. ورهاڱي کان پوءِ 1948ع جي شروعات ۾ اسان جا وڏا هندستان مان لڏي، سڌا سنڌ ۾ آيا ۽

اچي خيرپورناٿن شاهہ ۾ مستقل رهي پيا. منهنجو والد نهايت غريب هو. ان جو ڪو وڏو ڪاروبار ڪونہ هو ۽ هو گڏهہ تي ڳڙ، مٺائي تيل تماڪ ۽ ٻيون شيون کڻي ڪاچي جي ڳوٺن ۾ وڪڻندو هو ۽ اتان جيڪو ڪجهہ ٿيندو هو ان مان ئي گهر هلائيندو هو.

مون پرائمري ڪلاس جو پهريون درجو گوزي ۾ پڙهيو ۽ باقي تعليم پرائمري اسڪول خيرپورناٿن شاهہ مان حاصل ڪئي، اهڙي ريت مون 1964ع ۾ سائنس گروپ ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي.جيئن تہ اها منهنجي خواهش هئي تہ مان ڊاڪٽر يا وڪيل ٿيان، پر مفلسي مجبور ڪري وڌو هو ۽ مون ذريعي معاش لاءِ جانورن جي پالنا وار ي کاتي يعني اينيمل هسبنڊري“ مان ون اسٽاڪ اسسٽنٽ جو ڊپلوما ڪري ورتو ۽ ساڳي ئي کاتي ۾ اسٽاڪ اسسٽنٽ طور نوڪري ملي. انهي دوران مون انٽر ”سچل سرمست ڪاليج مان پاس ڪئي ۽ سنڌ يونيورسٽي مان پوليٽيڪ سائنس ۾ ايم اي ڪري ڇڏي.

**سوال:** اوهان جي ادبي ابتدا ڪيئن ٿي ۽ ان دور جي ادبي ماحول جي بہ عڪاسي ڪيو؟

**جواب:** جيئن تہ آءُ غربت جو ماريل هوس ۽ منهنجو خاندان ورهاڱي واري عذاب جو سٽيل هو ۽ انهن ڏينهن ۾ اسان مهاجر ڪئمپ ۾ بہ رهياسين ۽ ان ڪري احساس محرومي جو شڪار رهندو هوس.

طبيعت تمام حساس هئي، ڪوبہ درد ڀريو گيت، راڳ يا ڪافي جيءَ کي جهوري ڇڏيندو هو. ان دور ۾ جڏهن بہ مشاعرا ٿيندا هئا تہ مان شوق سان وڃي ٻڌندو هوس. اهو زمانو 1963 جو هيو ۽ مان نائين درجي جو شاگرد هئس، جو مون ڪچي ڦڪي شاعري ڪرڻ شروع ڪئي. اهڙي ريت منهنجي ڏيٽ ويٽ مقامي شاعرن سان ٿيڻ لڳي، مون شاعري سکڻ لاءِ محسن ڪڪڙائي صاحب کي پنهنجو استاد ڪيو. جڏهن تہ منهنجو شاعراڻو تخلص ”وفا“ سائين نشتر ناٿن شاهي چونڊيو. منهنجي اوائلي شاعري جي تراس خراش محسن صاحب ڪندو هو ۽ ڪي ڪي غزل مان آئم ناٿن شاهي کي بہ ڏيکاريندو هوس. جيڪو پڻ اصلاح ڪري ڏيندو هو ۽ اهڙي ريت مان مقامي شاعرن ۾ وفا جي نالي سان سڃاپجڻ لڳس.

هتي اها ڳالهہ بہ ٻڌائيندو هلان تہ 1966ع ۾ جڏهن اينيمل هسبنڊري جو ڪورس ڪندا هئاسين تہ ان وقت دادوءَ ۾ اينيمل هسبنڊري جي آفيس موجود ه پريس ڪلب واري جاءِ ۾ هئي. اتي روزانہ حاضر رهڻ ڪري ۽ واپسي جو ڪرايو نہ هئڻ ڪري، دادو ۾ ئي هڪ جاءِ ۾ رهندا هئاسين، اتي مون سان گڏ ڪورس ڪرڻ وارا ڪي ساٿي رهندا هئا. جهڙوڪ، ممتاز چانڊيو علي شير، بخشل پيٽي، گل حسن سومرو ۽ غلام نبي سومرو جڏهن اتي ڪافي ڏينهن کان پوءِ مون ٻڌايو تہ مان شاعر بہ آهيان ۽ شاعري ڪندو آهيان تہ ٻين دوستن جا راز بہ کلي پيا، علي شير ٻڌايو تہ مان بہ شاعر آهيان ۽ ڪهاڻيون لکندو آهيان ۽ منهنجو "راز" تخلص آهي ۽ بخشل پيٽي بہ ٻڌايو تہ مان بہ شاعر آهيان ۽ بشير سيتائي جي نالي سان شاعري ڪندو آهيان. اهڙي ريت ممتاز جيڪو شاعر ڪونہ هيو. اسان جي صحبت ۾ اهو بہ شاعر ۽ ڪهاڻيڪارٿي پيو ۽ اسين هڪ ئي هنڌ وفا ناٿن شاهي، راز ناٿن شاهي، بشير سيتائي ۽ ممتاز ناٿن شاهي گڏ ٿي پياسين، اسان جا ڏينهن ۽ اسان جون ڪورس کان پوءِ دادوءَ جون گهٽيون گهمندي ۽ دادوءَ جي جادو ڪي ڏسندي گذرندو هو. ۽ رات جي پرسڪون ماحول ۾، چنڊ ۽ تارن جي چانڊاڻ ۾ محبت جا ذڪر ٿيندا هئا ۽ ماحول ڪي مزيدار بڻائڻ لاءِ شعري نشستون شروع ٿي ويندييون هيون ۽ ائين ئي محبوبائن ۽ دلربائن جا ذڪر ڪندي، انهن جي سونهن ۽ سوپيا تي ڳالهائيندي راتيون ڪٽي ويندييون هيون. جيئن تہ ڪورس ڏاڍو "Tough" هو بشير سيتائي ۽ راز ناٿن شاهي ڪورس اڌ ۾ ڇڏي ويا ۽ ان کان پوءِ گل حسن، غلام نبي ۽ ممتاز بہ هليا ويا. مگر مان غريب نہ ڇڏي سگهيس، ڇو تہ منهنجي واپسي جا دروازا بند هئا. گهر ۾ ڪاري وارا ڪک، نهايت غربت جو ماحول هو ۽ پنهنجي پوڙهي پيءُ جي دل رنجائڻ نہ چاهيم، اداسي ۽ بي رحم تنهائي جو عذاب پوڳڻ لڳس. باذوق ادبي دوست بہ روانا ٿي ويا هئا. پر انهن تنهائين جي تلخي بيڪسي ۽ بي وسي منهنجي شاعري صلاحيتن ڪي چراغ پاڪري ڇڏيو.

دادوءَ ۾ جڏهن مشاعرا ٿيندا هئا تہ مان اهي مشاعرا بہ اٽيند ڪندو هوس، ڪورس کان پوءِ نوڪريءَ دوران منهنجي پوسٽنگ دور دراز علائقن ۽ ڳوٺن ۾ ٿيندي هئي. جتي ادبي دوست تہ ڇا ڪنهن ڪتاب جو نالو بہ نہ

هوندو هو. مون سڄي عمر مال جون لتون جهليون. قليل پگهار تي نوڪريون ڪيون ۽ جنسي عذاب ڪاٽيو پر اهي سڀ ڳالهيون منهنجي شاعري لاءِ ٻارڻ جو ڪم ڏيڻ لڳيون. پوءِ غربت جي ماحول ۾ مشاعرن ۾ شرڪت ڪرڻ جو جنون سر تي سوار رهندو هو. ان ڪري منهنجو وجهه شهرت ڪجهه اهو بہ آهي. هونءَ بہ مان سراپا درد آهيان ۽ درد ئي منهنجي شاعري جو محور آهي.

**سوال:** وفا صاحب! جيئن تہ اوهين اصل سنڌي نہ هئا، اهي ڪهڙا محرڪ هئا، جن اوهان کي سنڌي شاعري ڪرڻ تي آماده ڪيو؟

**جواب:** بلوچ صاحب! جيئن مون اڳيون ڪوليون، منهنجي سامهون سنڌ ڌرتي هئي، سنڌي هئا، سنڌي معاشرو هو مون هتي جو ئي ڪاڏو پيتو سنڌين جي درميان رهيس، مون کي تہ اها سڌ بہ ڪانهي ۽ منهنجي ذهن ۾ ڪا ڏنڌلي ياد بہ ڪانهي تہ مان جتي ڄائو هوس اها ڪهڙي قسم جي جاءِ هئي ۽ اتان جا ماڻهو ڪيئن هئا. هڪ ڀيري مون کي ڪنهن اردو دان چيو "تہ جڏهن تنهنجي مادري زبان سنڌي ناهي تہ تون اردو ۾ شاعري ڇو نہ ٿو ڪرين؟" تہ بلوچ صاحب ان وقت مان نهايت جذباتي ٿي ويو هوس ڇڻ هن مون کي اگهاڙي گار ڏني هجي. مون کيس چيو تہ مان هتي پليو آهيان، هن ڌرتي جو ان پاڻي کاڌو پيتو آهي. منهنجي رڳن ۾ هن سنڌ ڌرتي جو خون ڊوڙي رهيو آهي تہ پوءِ اها نمڪ حرامي ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ سنڌ منهنجي ماءُ آهي، مون ڪڏهن بہ پاڻ کي پنجابي يا ڏاريو نہ سمجهيو آهي، سنڌ مون کي گود ۾ ورتو ۽ سنڌين مونکي جيءَ ۾ جايون ڏنيون آهن. انهن سان پلجي وڏو ٿيو آهيان. منهنجا دک سک هن ڌرتي سان اڙيبل آهن. سنڌ سان ٿيندڙ هر ناانصافي خلاف مان سراپا احتجاج آهيان. بلوچ صاحب! پر مونکي اڄ بہ جيڪڏهن ڪو "غير سنڌي" سمجهي تہ مان ان جو مٿو ڏاري وجهان ۽ خون پي ڇڏيان. هي تہ دل دکائڻ ۽ روح کي رنجيده بڻائڻ جي ڳالهہ آهي. اگر ڪو مون کي غير سنڌيءَ هئڻ جو طعنو هڻي. مان اهو ڪڏهن بہ برداش نہ ڪندس.

**سوال:** توهان پنهنجي غزل ۾ ڪهڙو پاسو وڌيڪ وزني رکو ٿا؟ رمانوي يا سماجي؟

**جواب:** جڏهن ورهاڱو ٿيو ته ڪيترن ماڻهن جي محبوبائن کي به ان ورهاڱي قتل ڪيو. هُتان مهاجر آيا ۽ هتان جا غير مسلم سنڌي هندسان ويا. هي هڪ اهڙي ڪاتي هئي، جيڪا مجبور ۽ محڪوم انسانن تي وهي وئي. منهنجا ته جوانيءَ جا ڏينهن به هتي گذريا آهن. ته منهنجون محبوبائون به هت آهن. پر عاشق سو به غريب، غربت ته لعنت آهي. وڏي گار آهي. ناڪام محبتون ۽ حسرتون پلئه پيون. غزل ۾ رومانس ڪهڙو پر پنهنجي اندر جو پٽڪو ضرور آهي. باقي 75 سيڪڙو هن ڌرتي جو دک، انسانيت جو ڪرب ۽ حالتن جو زهر اوتيل آهي. جيتوڻيڪ منهنجو مزاج عاشقاڻو ۽ شاعراڻو آهي. پر ڪنهن جي دک درد تي مان ان جو طرفدار آهيان. ان ڪري هن ڌرتي سان ٿيندڙ هر ظلم، نا انصافي جي خلاف آهيان. ذاتي زندگي ڪجهه به هجي پر مان سنڌي آهيان ۽ اها ئي منهنجي شاعري آهي. مان هن ئي ڌرتي، هن ئي سماج جو شاعر آهيان. منهنجو گهر ته هينئر گوزو ناهي، خيرپور ناٿن شاهه ناهي پر منهنجو گهر سڄي سنڌ آهي ۽ اها هيڏي سنڌ منهنجي من اندر ۾ آهي.

**سوال:** سنڌي ادب جو ڪهڙن لفظن ۾ موازنو ڪندو؟

**جواب:** سنڌي ادب ‘Rich’ ادب آهي. ۽ ان ۾ ڪوبه شڪ ناهي ته سنڌي ادب جو دنيا جي ڪنهن به عظيم ادب سان ڀيٽ ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ادب کي پنهنجو شاندار ۽ معياري لوڪ ادب آهي. جيڪو ڪنهن به ٻوليءَ جي لوڪ ادب کان وڌيڪ سگهارو ۽ وسيع آهي. سنڌي ادب کي ڪلاسيڪل دور کان وٺي اڄ تائين سگهارا ۽ سچا اديب ۽ شاعر ملندا رهيا آهن. ان ڪري سنڌي ادب هڪ زنده ادب آهي. سنڌي ادب پنهنجي هر دور جون تقاضائون پاڻ ۾ سميٽي رکي ٿو. جديد سنڌي ادب ۾ به سڀ جديد تقاضائون موجود آهن. سنڌي اديب ۽ شاعر حالتن جو ڀرپور مقابلو ڪيو آهي. هو ڪڏهن به درباري ناهي رهيو. ان ڪري سنڌي ادب، سماج ۾ انسان دوست رويا پيدا ڪرڻ جو ڀرپور اتساهه موجود آهي.

**سوال:** شاهه لطيف رح يقينن هر سچاڻ شاعر جو رهبر به آهي ته دوست به، لطيف جي شاعري جي باري ۾ ڪجهه ٻڌايو.

**جواب:** ڀٽائي گهوٽ نه فقط سنڌي ادب جو پر دنيا جي ادب جو وڏي ۾

وڏو شاعر آهي، ڀٽائي جو ڪلام اڄ بہ ڳائجي پيو ۽ ان جي ڪلام ۾ زنده رهڻ جي صلاحيت ۽ عالمگيريت موجود آهي. ان ڪري ان کي پسند بہ ڪيو وڃي ٿو. سنڌ يا سنڌ کان ٻاهر اهڙو ڪوبہ سنڌي نہ ملندو. جنهن کي ڀٽائي جو هڪ اڌ بيت ياد نہ هجي. ايتري تائين جو ڀٽائي جا بيت فقيرن، جوڳين ۽ ڏراڙن کان بہ ٻڌا ويندا آهن، اهڙا مثال ٻين ٻولين جي شاعرن جا يا تہ صفا ڪونہ ملندا يا وري هوندا بہ، تہ بہ گهٽ، ۽ اوهان کي اهڙيون قومون بہ گهٽ ملنديون جن جو پنهنجي قومي شاعرن سان ايترو جنون جي حد تائين پيار هجي.

**سوال:** شاهہ سائين کي جن شاعرن ٻين ٻولين ۾ ترجمو ڪيو آهي اوهان ان ترجمي مان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

**جواب:** هڪ تہ شيخ اياز ڀٽائي جي رسالي جو اردو منظوم ترجمو ڪيو آهي ۽ ٻيو وري آغا سليم صاحب بہ ڪيو آهي. جڏهن تہ ڀٽائي جي ڪجهہ سُرن جو فارسي ۾ ترجمو نياز همايوني صاحب بہ ڪيو آهي، پوءِ بہ ڀٽائي صاحب جي ٻوليءَ ۽ لهجي ۾ جيڪو درد، ڪرب، جذبو احساس جولان سمايل آهي، اهو ٻي ٻوليءَ ۾ پلٽائڻ ڏکيو ڪم آهي. تاهم بہ انهن جو اهو ڪم ساراهہ جوڳو آهي.

**سوال:** جڏهن کان توهان اک کولي تہ توهان جي اڳيان فقط سنڌي سماج هو. توهان سنڌي سماج کي ڪيئن ڏٺو ۽ پاتو؟

**جواب:** سنڌي سماج هڪ سڌريل سماج آهي. جيڪو مهذب بہ آهي ۽ متمدن بہ. جنهن جو مثال 5 هزار سالن جي پراڻي تهذيب "موئن جو دڙو" آهي. جيڪا اسان جي سامهون آهي. سنڌي سماج ترقي پسند سماج آهي. جنهن ۾ انسانيت جا جزا قابل فخر حد تائين موجود آهن. سنڌي سماج امن پسند، شريف النفس، مهمان نواز، صلح پسند، خاموش طبع، گهٽ ڳالهائو رواداري، ٻين جي نظرين جو احترام ڪندڙ ۽ ڏکي وقت ۾ ڪم ايندڙ سماج آهي.

توهان کي ٻڌائيندو هلان تہ سنڌ صدين کان صوفي سڳورن جي سرزمين رهي آهي ۽ هتي تصوف ۽ ويدانيتي نظريا ماڻهن جي ذهن تي حاوي رهيا آهن. ان ڪري ماڻهن ۾ رواداري سهپ حد درجي جي آهي.

جيڪا ڪنهن ٻي قوم ۾ مشڪل هجي.

**سوال:** ڌارين جي يلغار سبب سنڌي سماج تي ڪهڙا منفي ۽ مثبت اثرات پيا آهن؟

**جواب:** جيئن ته سنڌين کي پنهنجي ڌرتي، پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت، پنهنجو ڪلچر ۽ پنهنجي تهذيب آهي. هڪ شاندار 5 هزار سال پراڻي تهذيب جا مالڪ آهن. هو پنهنجا قومي اثاثه درياءَ ۽ زمينون رکن ٿا. ان ڪري انهن جا ذهن صاف سٿرا ۽ پنهنجي ڌرتي سان جنوني حد تائين وابسته آهن. هو انتهائي محب وطن آهي ۽ سندن دل ۾ ڪوبه مير ڪونهي. هنن ٻاهران ايندڙن کي جيءُ ۾ جايون ڏنيون. پنهنجا جهڳاءَ خالي ڪري ڏنا، پنهنجي ملڪيت ۾ وارث پڻ بڻايو.

مگر صحبت صاحب! تاريخ ثابت ڪيو آهي ته جڏهن به ڌاريا ڪنهن ٻي ڌرتي تي ويا آهن ته انهن پاڻ کي سياڻو حاڪم ۽ ڊڪٽيٽر سمجهيو آهي ۽ ڌرتي وارن کي ڄٽ، جاهل، درواڙ ۽ اڻ آريو سمجهيو آهي. هتي سنڌ ۾ به ڪجهه ائين ٿيو. سنڌين جو خلوص، محبت کين ٻوٽ تي ورائي هنيو ويو. انهن جي اثاثن، ملڪيتن، زمينن روزگار ۽ نوڪرين تي راتاها هنيا ويا ۽ آهستي آهستي هنن ۾ ويڳاڻپ ۽ احساس محرومي جنم ورتو آهي. ڇو ته ٻاهريون ايندڙ هونءِ به چالاڪ ۽ حرفتي ٿئي ٿو ۽ هن جي رات ڏينهن دماغ ۾ تخريبي سوچ هوندي آهي.

**سوال:** اوهان سنڌي ٻوليءَ جي دامن، سنڌي غزلن سان پريو ۽ سنڌ کي پنهنجو ذات ۽ ڏانءَ ڏنو. اوهان کي موٽ ۾ سنڌي ادب ۽ سنڌي اديب مان ڪهڙي موٽ ملي؟

**جواب:** جيتوڻيڪ مان پٽڪيل آهيان، بيمار آهيان، بي جان جسم آهيان. پر اهي سڀ حالتون ڪنهن ٻئي شخص سان به ٿي سگهن ٿيون. جيڪو هن ڌرتي تي آهي. ان لاءِ حالتون جوابدار آهن. سنڌ منهنجي امڙ آهي. هن جو آغوش ۾ آهيان. سنڌي منهنجي شناخت آهي. مان وفا جي نالي سان سڃاتو وڃان ٿو. وفا جي حيثيت ۾ مون کي سنڌ ئي سڃاڻي ۽ سنڌي اديب سڃاڻن ٿا. اهو اعزاز به مون کي سنڌ ڏنو آهي. مون کي پنهنجا پڙهندڙ ڏنا آهن. سنڌ کان جدا رهي آءٌ ڪجهه به ناهيان. ان حوالي سان مون

ڪي هن جسم جان ڪان علاوه عزت شهرت سڀ سنڌ طرفان مليا آهي.

مون ڪي دنيا وفا وفا ٿي سڏي،
معجزو تنهنجي پيار جو آهي.

**سوال:** اوهان جي پسند جا شاعر؟
**جواب:** هر سچو شاعر جنهن جو قلم ضمير آهي ضمير قلم آهي.
**سوال:** اوهان هينئر بيمار آهيو. اوهان کي ساهه جي تڪليف آهي. اوهان هينئر ڇا ٿا محسوس ڪيو؟ جڏهن اوهان پنهنجي سموري زندگيءَ تي نظر وجهو ٿا؟
**جواب:** مان ڪجهه به محسوس نه ٿو ڪيان. هر شي وڏي ويجهي ۽ پڄاڻيءَ تي پهچي ٿي. مان وفا ناٿن شاهي آهيان ۽ اهو مون لاءِ وڏو اعزاز آهي. هر فرد جي حيثيت ۾ منهنجي قيمت پُڙي آهي لک شاباس سائين محسن ڪڪڙائي کي جنهن مون کي شاعر ڪيو. مان سمجهان ٿو ته مان مرڻ کان پوءِ به زنده رهندس.

مان فنا ٿي ويس ته ڇا ٿي ويو،
دوستي جو ته حق ادا ٿي ويو.

**سوال:** وفا! اوهان جي بيماري جي سلسلي ۾، سنڌيالوجي، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌي لينگوئيج اٿارٽي يا ثقافت وارن اوهان سان رابطو ڪيو آهي؟
**جواب:** ادا مان روز به روز وڌيڪ بيمار ٿيندو ٿو وڃان. ساهه جي تڪليف به اڳي کان وڌي وئي آهي ۽ گوڏن ۾ سور به پيدا ٿي ويو آهي. يعني سنڌن جو درد به محسوس ٿيڻ لڳو آهي. هن سلسلي ۾ ڪوبه اهڙو ادارو مون سان تعاون ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. سنڌيالوجي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌي لينگويج اٿارٽيءَ مان اهڙي اميد نه ٿي رکي سگهجي. البته ادبيات ۽ ثقافت وارن ۾ ڪجهه نه ڪجهه اهڙي اميد رکي سگهجي ٿي. شبير قائم خاني صاحب وزير ثقافت، قاسم ٻگهيو صاحب (چيئرمين لينگويج اٿارٽي حيدرآباد) جو دوست آهي. تنهن ڪري ٻگهيو صاحب مون کي مشورو ڏنو

تہ ھڪ درخواست ۾ پنھنجون طبي ٽيسٽون ۽ ايڪسريز رپورٽون قائم خاني صاحب ڏي ڪٽي وچ ۾ منھنجا سلام بہ ڏينس. قائم خاني صاحب جو P.A سيد محبوب صاحب، قاسم صاحب جو گھرو دوست آھي. ھڪ ڏينھن مان درخواست ۾ طبي ٽيسٽون قائم خاني صاحب ڏي ڪٽي ويس. وزير صاحب مليو. جنھن منھنجي درخواست تي نوٽ ھڻي، مون کي چيو تہ ”ھاڻي ھي درخواست ۾ طبي ٽيسٽون، سيڪريٽري صاحب (ثقافت کاتو) ڏي کڻي وڃ. جنھن جو نالو گل محمد عمراڻي صاحب آھي. مان درخواست ۾ طبي ٽيسٽون انھي ئي وقت سيڪريٽري صاحب ڏي کڻي ويس. ان صاحب بہ درخواست تي نوٽ ھڻي مون کي چيو تہ ھاڻي اھا درخواست ڊپٽي ڊائريڪٽر (ثقافت کاتو) جناب عبدالرزاق ڏي کڻي وڃ ۽ انھي ئي وقت مان ميمڻ صاحب وٽ پھچي ويس. جنھن صاحب منھنجو فون نمبر بہ ورتو ۽ چيائين تہ ھفتو کن رکي خبر لھجانءِ. مان جڏھن ھفتي کن کان پوءِ وري ويس تہ ميمڻ صاحب چيو تہ، ”مون تنھنجي درخواست تي نوٽ ھڻي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ثقافت محترم عبدالقيوم لالائي ڏي موڪلي ڇڏي آھي. اتان وڃي جاچ لھہ“. جڏھن مان لالائي صاحب ڏي ويس تہ چيائين تہ، ”مان توکي ھڪ سٺي شاعر جي حيثيت سان سڃاڻان ٿو. تنھن ڪري مون تنھنجو ڪيس تمام سٺي نموني ٺاھي سيڪريٽري صاحب ڏي موڪلي ڇڏيو آھي. ھاڻي ھڪ ميٽنگ ٿيڻ واري آھي. ان ۾ تنھنجو ڪيس رکنداسين ۽ تون فڪر نہ ڪر. الله چڱي ڪندو“.

ان کان پوءِ مون آغا نور محمد صاحب (ريذيڊنٽ ڊائريڪٽر آف ادبيات صوبہ سنڌ) کي فون ڪئي ۽ ملاقات لاءِ وقت گھريو. تنھن صاحب چيو ”سڀاڻي پلي ھليو آ“، مان ٻئي ڏينھن تي جڏھن آغا صاحب سان مليس تہ آغا صاحب چيو تہ، ”ھاڻي اھو قانون ادبيات وارن ڪڍيو آھي تہ جنھن شاعر جي درخواست آھي. ان سان گڏ سنڌ جي مشھور سينيئر شاعر جي شفارش ۽ تصديقي خط بہ ھجي پوءِ ڪم جلدي ٿيندو“. ان سلسلي ۾ آغا صاحب چيو تہ ”حيدرآباد وڃي ابراھيم جويي صاحب کان اھڙو خط کڻي اچ يا ڪراچيءَ مان شمشير صاحب جو خط ھجي تہ بھتر. ڇو تہ چيئرمين ادبيات اسلام آباد شمشير صاحب کي چڱي طرح سڃاڻين ۽ اھي ٻئي ڄڻان

يعني شمشير الحيدري صاحب ۽ افتخار عارف صاحب (چيئرمين ادبيات اسلام آباد) ٽي وي سينٽر ڪراچيءَ ۾ گڏ ڪم ڪري چڪا آهن ۽ ڪافي وقت افتخار عارف صاحب آرٽ ڪائونسل ڪراچيءَ جو وڏو عهديدار پڻ رهيو آهي“. سو هن سلسلسي ۾ مون ٽي وي مشاعري جي ڏينهن شمشير صاحب سان ذڪر ڪيو. تنهن صاحب مون کي اُتي جو اُتي افتخار عارف صاحب ڏي تمام سنو خط لکي ڏنو.

هاڻي مان اڄ سپاڻي افتخار عارف صاحب جي نالي اردو ۾ درخواست لکي ان سان شمشير صاحب جو خط ۽ پنهنجون طبي ٽيسٽون شامل ڪري آغا نور محمد صاحب سان ملڻ وارو آهيان. اهو صاحب پنهنجي طرفان به سفارشي نوٽ هڻي افتخار عارف صاحب ڏي اسلام آباد منهنجا سمورا ڪاغذات موڪلي ڏيندو. اميد ته ڪجهه نه ڪجهه ضرور ٿيندو. دوائون ٽيسٽون ۽ علاج واقعي تمام مهانگو آهي. مون جسم جون سموريون ٽيسٽون ڪرايون آهن. ۽ ايڪسريز به ڪيرايا آهن. ڊاڪٽرن جي چوڻ مطابق گهٽ ۾ گهٽ ٽي مهينا دوائون کائڻيون پونديون ۽ هر روز ٻن اڍائي سو روپين جون دوائون کائڻيون پونديون، ايترا پئسا مان ڪٿان آڻيان ۽ ڪيئن ڪيان؟

**سوال:** اوهان جيڪي ثواب ڪمايا ۽ جيڪي گناهه ڪيا ڪجهه انهن جي باري ۾؟

**جواب:** ثواب ۽ گناهه جي مڪمل تشريح مون کي ڪونه ايندي آهي. گناهه به منهنجي زندگيءَ جو حصو آهن ۽ ثواب به. اها تڪ طور جن کي ڪرڻي آهي. انهن جو ڪم آهي، منهنجو ڪم ته فقط عمل ۽ عمل آهي. ڪيل غلطين جو ازالو منهنجي وس ۾ ناهي، ڪيل ثوابن جو اجر اگر ملڻو آهي ته اهو هتي به ماڻي رهيو آهيان.

**سوال:** اوهان نشو ڇو ٿا ڪيو؟

**جواب:** جڏهن نشو خوراڪ بڻجي وڃي ته نشو نشو نه ٿو رهي. چرس، ڀنگ، آفيم، ڪڏهن ڪڏهن هيروئن به مون واپرائي آهي ۽ وري ڇڏي ۽ وري واپرائي آهي. منهنجي جسم ۾ ايترو ته نشي جو زهر آهي جو نانگ چڪ هڻندو ته اهو ئي مرندو- تاهم به جي رهيو آهيان. هر شي پنهنجي پنهنجي

وقت جو ساٿ ڏئي ٿي. عورت، دوست، دنيا، جواني، جوڀن، مون سان ڀنهنجي پنهنجي وقتن تي هڙني ساٿ ڏنو ۽ ڇڏيو پر هي شي هن وقت تائين ساٿ نڀائي رهي آهي.

**سوال:** نشي ڪرڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن. اوهين ڪيئن عادي بڻيا؟

**جواب:** هر شي پنهنجي وقت تي پنهنجا اسباب پاڻ کڻي ايندي آهي. ان باري ۾ نشي جي تاريخ جاگرافي ۽ پوري تفصيل ٻڌائڻ کان هن وقت قاصر آهيان. منهنجي غزل جو بند آهي.

محبت ۾ ڇاڻون اسان پاڻ ۾،
رهو پنهنجي ڪم سان اوهان پاڻ ۾،

**سوال:** عورت جي باري ۾ اوهان جو ڇا چوڻ آهي؟

**جواب:** عورت هن پوري ڪائنات جي املهہ شي آهي. حضرت آدم جي ضرورت آهي. ان کان سواءِ ڪائنات ٻُسي آهي. عورت کي هر ماڻهو ڏسي ٿو. مگر شاعر جي اک عورت جي انگ انگ تي گهمي ٿي. ان ڪري عورت جي حسن کي جيئن شاعر جاچيو ۽ پرکيو آهي. ائين ٻئي ڪنهن نہ پرکيو آهي. ان جا گرهہ گير زلف، وارن جا پيچ خم، ڪمانگير ابرو تير مثل مزگان، شرابي ۽ شرير اکيون، آتش افروز ڳل، لعل لب، خودخال، ڪافرانہ ادائون، مست چال، شيرين گفتگو سرمرين ٻانهون، بلوري جسم آهي ڪو ٻيو جو شاعر کان سواءِ ان جي هڪ هڪ عضوي ۽ ادا جو ذڪر ڪري!!

# راشد مورائي



## غزل

تنهن جي محفل مان اٿي هاڻ هليا ويندا سين
پونئر آهيون وٺي سرهاڻ، هليا ويندا سين
چشم تر آيا هياسون ۽ چمن مان هاڻي
ڪٽي اڪڙين سندي آلاڻ، هليا ويندا سين
چنڊ! ڪڪرن ۾ لڪائي چو ڇڏيئي چانڊوڪي
تنهن جي چوري ڪري چانڊاڻ، هليا ويندا سين
متن ماڻهن کان متائي نصيب ٿيندي آ
ڪابہ محسوس ٿي ڪوتڙاڻ هليا ويندا سين
پاڻ محبت جا پوڄاري، توکي نيبهہ ھِي هجن
تنهن جو ترڪش ۽ تنهنجي مياڻ هليا ويندا سين
آسرو آه رڳو رات ڪُٽي پره ڦٽي
باک جي ڏسنديئي ڳاڙهاڻ هليا ويندا سين
پاڻ وڻجارا بڻي ڏينهن مسافر ”راشد“
رڳو پرجي وهي مهراڻ هليا ويندا سين.

# BRIEF INTRODUCTION

# راشد مورائي

(1944-2014)

| | |
|---|---|
| پورو نالو: | سيد راشد علی شاھ |
| ادبی نالو: | راشد مورائی |
| ولديت: | سعيد علی شاھ "خادم" |
| جنم تاريخ: | 5 مارچ 1944ع وفات: 24 مارچ 2014ع. |
| جنم جو هنڌ: | ڳوٺ جوٽالوءِ تعلقو مورو، ضلعو نوشهروفيروز |
| تعليم: | ايم-اي سنڌي، بی-ايډ |
| شاعري جي شروعات: | 1957ع |
| ڇپيل ڪتاب: | 1- سنڌڙي جو سوداءُ 2. ميندي سندا کيت 3. دل جو شهر 4. شعلا شعلا واءَ ۾، 5. ديوان راشد ۽ 6. خط خوشيءَ مان کول. |
| اڻ ڇپيل ڪتاب: | 1. جهڙي آيس جيئن (آتم ڪٿا) 2. اديبن ۽ دوستن جا خط 3. چونڊ غزلن جو مجموعو 4. خاڪن جو مجموعو 5. مقالا ۽ مضمون 6. ڪهاڻين جو مجموعو 7. قومي شاعري 8. ڪليات راشد. |

**سوال:** پنهنجي ننڍپڻ جي باري ۾ ٻڌائيندا؟

**جواب:** پرائمري تعليم، پنهنجي ڳوٺ جي اتر طرف هڪ ڪلوميٽر پنڌ تي "چنيجا" ڳوٺ جي اسڪول ۾ حاصل ڪيم، هاءِ اسڪول نوان جتوئيءَ ۾ انگريزي تعليم حاصل ڪيم، ڪبڊي راند ۽ ڪرڪيٽ کيڏيم، ليڪن ننڍي هوندي کان ڪتابن پڙهڻ جي شوق مون کي سٺو رانديگر ٿيڻ

نہ ڏنو شام جو جڏھن ٻيا شاگرد راند ڪندا ھئا، تڏھن بہ منھنجي ھٿن ۾ ڪو ڪھاڻين يا شاعريءَ جو ڪتاب ھوندو ھئو. ڪورس جا ڪتاب گھٽ، ادبي ڪتاب ۽ مذھبي ڪتاب زياده پڙھندو ھوس. اھو ئي سبب ھئو جو امتحانن ۾ ڪڏھن بہ نمبر ڪونہ ڪنيم، سدائين سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيندو آيس. ننڍپڻ ۾ پاٽيءَ ۾ ترڻ ۽ گُليل چُٽڻ جي مشق بہ ڪيم پر ڪا خاص ڪاميابي ڪانہ ماڻيم ڇو تہ انھن ڳالھين تي بہ ڀرپور ڌيان ڪونہ ڏنم. ھاءِ اسڪول جي تعليم دوران، اسڪول جي لئبريريءَ جا اردو ۽ سنڌي ڪتاب سڀ پڙھيم ۽ انھن ۾ سنڌيءَ جا ديوان ۽ ڪليات، وڏي چاھہ سان پڙھيم. ننڍي ھوندي مون کي پنھنجي والد صاحب، شاھہ جو رسالو، فريدڻ جو رسالو ۽ ديوان حافظ فارسي، صحيح تلفظ سان پڙھڻ سيکاريا ۽ گھر ۾ بابا ۽ بہ ڀائر معصوم علي شاھہ نماڻو ۽ روشن علي شاھہ ”روشن“ شاعر موجود ھئا، جن سان گڏجي مشاعرن ۾ ويندو ھوس ۽ بابا وٽ ھر وقت شاعرن، سگھڙن ۽ راڳيندڙن جون ڪچھريون قائم ھونديون ھيون جن ڪي راتيون جاڳي ٻڌندو رھندو ھوس. نتيجي ۾ مون ۾ شاعري ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيو ۽ تيرھن سالن جي عمر ۾ شاعري ڪيم.

**سوال:** شاعري طرف ڪيئن مائل ٿيا ۽ ڪھڙا محرڪ ھئا جن اوھان کي شاعر بڻايو؟

**جواب:** شاعري ۽ ڊرائنگ اسان جو ورثو رھيا آھن. ماضي بعيد کان اھي ٻئي شيون اسان جي خاندان ۾ رھيون آھن. مان اڳ ۾ عرض ڪري آيو آھيان تہ مان ننڍو ھوس تہ گھر ۾ بہ قادر الڪلام شاعر موجود ھيا، ھڪ منھنجو والد صاحب سعيد علي شاھہ ”خادم“ ۽ ٻيو ڀاءُ روشن علي شاھہ ”روشن“ اڳتي ھلي ٻئي منھنجي ڀاءُ بہ شاعري ڪئي جنھن جو نالو معصوم علي شاھہ ”نماڻو“ ھيو. وڏي ڀاءُ ۽ والد صاحب سان گڏ مشاعرن ۾ وڃڻ، اُتي شاعرن کي ملندڙ داد ڏسي ٻُڌي، منھنجي دل بہ چاھيندي ھئي تہ شاعري ڪيان. ان کان علاوه ننڍي ھوندي ڪتابن پڙھڻ جو گھڻو شوق ھوندو ھئو ميٽرڪ تائين ھاءِ اسڪول جي لئبرريءَ جا سمورا سنڌي ۽ اردو ڪتاب پڙھي ڇڏيا ھئم، انھن ڪتابن ۾ ڪيترائي شاعرن جا ديوان ۽ ڪليات ھئا. جن جي پڙھڻ سان بہ شاعريءَ طرف لاڙو ٿيو. ٽين ڳالھہ جنھن

مون کي شاعر بنايو سا هئي، اسان جي اوطاق، جتي هر وقت شاعرن، سگهڙن ۽ ڳائڻن جون محفلون متل هونديون هيون. مان پنهنجي والد صاحب جي جهوليءَ ۾ سڄي رات ويهي اهڙيون محفلون ڏسندو ٻڌندو هوس.

بابا جي ڪچهريءَ ۾ ڪنهن شاعر، ڪنهن ڳائڻي وغيره جي ڪلام ۾ ڪو ڏکيو لفظ هوندو هئو ته مان بابا کان ان جي معنيٰ پڇندو هئس ته هو پاڻ رهبري ڪندا هئا. ان مان بابا جو مقصد مون کي ٻوليءَ جي واقفيت ڏيڻ هوندو هئو. 1957ع ۾ جڏهن انگريزي پنجون درجو پڙهندو هوس ته شاعري شروع ڪئي. ابتدا ۾ والد صاحب کان اصلاح وٺندو هوس. حافظ محمد بخش تي وزن بحر لکي ڏنا جن تي طبع آزمائي ڪيم. باقي شاعريءَ جو علم ڪتابن پڙهڻ سان حاصل ٿيو.

**سوال:** شاعريءَ ۾ اوهان جو ڪو باقاعدي استاد؟

**جواب:** مون پهريائين عرض ڪيو آهي ته شروعات ۾ مون شاعريءَ ۾ پنهنجي والد کان اصلاح ورتي. پر سندن ئي حياتيءَ ۾ مون بحر وزن تي عبور حاصل ڪري ورتو، تنهن ڪري بابا سائين جن آخري عُمر ۾ پنهنجي شاعري، اصلاح لاءِ مون کي ڏيندا هئا. شروعاتي ٿي بحر وزن، حافظ محمد بخش خاصخيليءَ مون کي لکي ڏنا هئا. ان بعد مون شاعريءَ جو علم مطالعي مان پرايو. ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جي ”رهنماءِ شاعري“ ۽ حڪيم فتح محمد سيوهاڻيءَ جي ڪتاب ”آفتاب ادب“ منهنجي ڪافي رهبري ڪئي. حافظ محمد بخش، منهنجي شاعريءَ جي اصلاح ڪانه ڪئي آهي. پر شروعاتي ٿي بحر ۽ انهن جا وزن لکي ڏيڻ جي ڪري مان حافظ صاحب کي شاعريءَ ۾ پنهنجو استاد سمجهندو آهيان. منهنجي والد صاحب، منهنجي نند‌پڻ ۾ شاعريءَ جي اصلاح ڪئي ۽ شعر ۾ خيال صحيح يا غلط هئڻ بابت نشاندهي ڪندا هئا، تنهن ڪري اهي منهنجا اوائلي استاد هئا. اڳتي هلي، استاد بخاري ۽ شيخ اياز جي شاعريءَ جو اثر قبول ڪيم ۽ سندس تطبع تي ڪجهه شعر پڻ لکيم.

استاد بخاريءَ کي گهڻو ويجهو رهيس. باقي شيخ اياز سان زندگيءَ ۾ ٻه ٽي مختصر ملاقاتون ٿيون. پر ساڻس واسطو سندس ڪتابن پڙهڻ سان قائم رهيو. استاد بخاريءَ ۽ شيخ اياز کان اڳ شاهه لطيف ۽ خليفي نبي

بخش جو بہ مون تي اثر رهيو آهي، پر مٿين چئن شاعرن مان منهنجي شاعريءَ تي ڪنهن جو بہ ڪو نمايان اثر نظر نہ ايندو. البت پڙهڻ واري دور ۾ مان انهن کان متاثر ضرور هوس.

**سوال:** اوهان جي پسنديده صنف ڪهڙي آهي ۽ ان ۾ اوهان ڪيترو لکيو؟

**جواب:** منهنجي پسند جي صنف غزل آهي. ڇو تہ ننڍي هوندي، مون شاعري پڙهڻ شروع ڪئي تہ اڪثر شاعريءَ جا ديوان ۽ ڪليات پڙهيم جن ۾ غزل جي شاعري هئي. بابا سان گڏ جن طرحي مشاعرن ۾ ننڍپڻ ۾ شرڪت ڪيم. سي بہ گهڻو ڪري غزل وارا مشاعرا هوندا هئا. ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ شاعر مسدس وغيره لکي ايندو هئو. نہ تہ اڪثر غزل گو شاعر هوندا هئا. اسان جي اوطاق تي جيڪي گويا يا ڳائيندڙ عورتون ايندڙ هنيون. سي بہ اڪثر غزل ڳائيندا هئا. البت يڪتاري وارا صوفي فقير ڪافيون، ڪلام يا وايون ٻڌائيندا هئا باقي پڪي راڳ ڳائڻ وارا يا نچندڙ مايون، گهڻي ڀاڱي اردو غزل تي اڪتفا ڪندا هئا، غزل ۾ جيڪا نفاست، شيريني ۽ شعريت آهي. اها مون کي سدائين ڪشش ڪندي رهندي آهي. جنهن ڪري مون کي غزل جي صنف پسند بہ آهي ۽ غزل لکيو بہ گهڻو اٿم.

منهنجي غزلن جو مجموعو ”ميندِيءَ سندا ڪيت“ ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي. ”دل جو شهر“ ۾ بہ غزلن جو چڱو تعداد آهي. ”ديوان راشد پڻ ڇپجي چڪو آهي.

**سوال:** سُٺي غزل لکڻ لاءِ ڪهڙين شين جي ضرورت آهي؟

**جواب:** زبان جي موسيقي، بحر ۽ وزن جو پوراءُ، سٽن جو موزون سلسلو خيال جي چست بندش، هڪ سٺي غزل لاءِ ضروري آهن.

فن وسيلي زندگيءَ جي ترجماني ٿيلي ڪجي، پر فن جي دائري کان ٻاهر نہ وڃجي. رام پنجواڻي صاحب چيو آهي، ”مون کي افسوس آهي تہ غزل جي نالي ۾ ويچاري غزل سان جيڪي زيادتيون ڪيون ٿيون وڃن، سي فن ۽ ادب جي بي حرمتي ۽ اره زورائيءَ جي برابر آهن.“

ايم ڪمل، غزل بابت راءِ ڏيندي چيو آهي تہ، ”نئين غزل ۾ پڻ وزن، قافيي، رديف، ربط، انهن تمام فني پهلوئن جي پورائو عمدي غزل لاءِ لازمي

آهن.“

**سوال:** غزل جي ارتقا بابت ٻڌايو؟

**جواب:** غزل، عربستان جي پيداوار آهي، عربستان کان اهو ايران پهتو، ايران ۾ غزل جو موجد رودڪي نالي هڪ شاعر (جيڪو نابين هيو) کي ڪوٺيو ويو آهي، پر حافظ شيرازيءَ اُن کي اوڄ وٺرايو آهي. مغل حاڪمن جي دؤر ۾ غزل هندستان ۾ داخل ٿيو ۽ شروعاتي دؤر ۾ جيئن ته مغلن جي زبان فارسي هئي تنهن ڪري غزل به فارسيءَ ۾ لکيو ٿي ويو. پر پوءِ اڪبر بادشاهه جي دؤر ۾ اردو ٻولي ايجاد ٿي ته غزل به اردوءِ ۾ لکجڻ ۾ آيو ۽ شاعرن فارسيءَ سان گڏ اردو غزل به چيا. اورنگزيب بادشاهه جي ڌيءَ زيب النساءِ ”مخفي“ ۽ مغل گهراڻي جو آخري بادشاهه بهادر شاهه ”ظفر“ ان دؤر جي ناميارن شاعرن ۾ شماريا وڃن ٿا. هندستان ۾ ٻيا اردو غزل جا شاعر هي هئا. ولي دکني، مير، درد، داغ دهلي، سودا، انشا، ناسخ، آتش ۽ نظير، وغيره.

سنڌ ۾ ٽالپورن جي شروعاتي دؤر حڪومت ۾ فارسيءَ جو رواج اوڄ تي هئو. ان دؤر ۾ سچل سرمست جو ”ديوان آشڪارا“ ۽ عطا ٺٽويءَ جو ”ديوان عطا“ سامهون آيا. انگريزن جي اچڻ بعد، فارسيءَ جو رجحان گهٽجي ويو. خليفي گل محمد ”هالائي“ سڀ کان اول سنڌي غزل جو رواج وڌو ”ديوان گل“ سندس غزلن جو مجموعو آهي، جنهن کي سنڌي غزلن جو پهريون ڪتاب چئجي ٿو. ان بعد قاسم، سانگي، قليچ ۽ گدا وغيره به ديوان لکيا اڳتي هلي غزل جديد سنڌي شاعرن جي هٿن تائين پهتو. نارائڻ شيام جو ڪتاب ”بوند لهرون ۽ سمنڊ“ غزلن جو بهترين نمونو آهي. جديد سنڌي شاعرن جا سوين نالا آهن، جن غزل ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي ۽ ڪري رهيا آهن. اڄ سنڌي غزل به ٻين ٻولين جي غزل سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملايو بيٺو آهي.

**سوال:** اوهان جي نظر ۾ تنقيد ڇا آهي؟ ۽ اوهان تنقيد کي ڪهڙي نگاهه سان ڏسو ٿا ۽ جڏهن اوهان تي تنقيد ٿيندي آهي ته اوهان جون ڪهڙيون Feelings هونديون آهن؟

**جواب:** تنقيد، اهو رندو آهي، جنهن سان ڪاٺ مان ٺهيل ڪنهن شيءِ کي وڌيڪ لسائبو ۽ سهڻو بنائبو آهي، ڪنهن به ٻوليءَ ۾ اگر تنقيد جو

عمل دخل نہ هوندو تہ اها ٻولي آهستي آهستي بگڙڻ شروع ٿي ويندي ۽ نيٺ پنهنجي اصليت وڃائي ويهندي. جيئن هن وقت سنڌي ٻوليءَ سان ھاڃو ٿي رهيو آهي. مون تي بہ ٻين اڪثر ليکڪن وانگر تنقيد گهٽ ٿي آهي. پر جڏهن تنقيد ٿيندي آهي تہ منهنجي محسوسات ائين هوندي آهي، جيئن مون پنهنجي هڪ شعر ۾ چيو آهي تہ.

منهنجي لاءِ سُـــڌارو آهي، تعميري تنقيد
تنهنجي گفتن ۾ اوســائين، ڪانهي ڪا بہ ڪڙاڻ

سنڌي ادب ۾ تنقيد تمام گهٽ ٿئي ٿي. البت ذاتي پسند يا نا پسند تي راءِ ڏني وڃي ٿي. سنڌ ۾ اصولن موجب تنقيد ڪرڻ جو لاڙو گهٽ آهي. اصولن بنا جيڪا بہ تنقيد ڪبي، اها ناقص ليکي ويندي.

**سوال:** پنهنجي دؤر جي ادبي ميڙاڪن جو منظر چٽيو؟

**جواب:** جيئن تہ اسان جي جوانيءَ واري دؤر ۾ ڊش انٽينا، ڪيبل System ۽ ڪمپيوٽر جو رواج نہ هئو تنهن ڪري مشاعرا ۽ ادبي ميڙاڪا نہ رڳو شاعرن ۽ اديبن جي گُهرج هئا پر عام ماڻهوءَ لاءِ تفريح جو سبب بہ هئا. تنهن ڪري، سون ۽ هزارن جي تعداد ۾ ٻُڌندڙ موجود هوندا هئا. ون يونٽ واري زماني ۾، ”جشن لطيف“، ”هوشو ڏي“، ”سائين جي ايم سيد جي سالگره“ وغيره اهڙا ڏينهن هوندا هئا، جن تي ماڻهو ميلن ملاکڙن جيتري رش ڪندا هئا ۽ شاعرن، اديبن، سياستدانن، مفڪرن ۽ دانشورن کي سڄيون راتيون جاڳي ٻڌندا هئا. سائين جي ايم سيد، شيخ عبدالمجيد سنڌي ۽ شيخ اياز کي جڏهن استيج تي سڏ ٿيندو هئو تہ سڄو پنڊال اُٿي بيهي استقبال ڪندو هئو ۽ نعرا هڻندو هئو. نوابشاهہ ۾ شيخ مجيب صاحب جي موجودگيءَ ۾ جلسو هلندڙ هئو تہ ون يونٽ ٽُٽڻ جي خبر آئي. ان وقت جلسي ۾ شريڪ ماڻهن جي خوشي ڏسڻ وٽان هئي.

ڪراچيءَ ۾ شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي صدارت ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگره بہ وساري نہ ٿي سگهجي. سنڌ ۾ ڦهريون هوشو ڏي پيان سيد آباد ۾ ملايو ويو. ان جلسي جو بہ عجيب منظر هيو. موري شهر ۾ شيخ

اياز، حيدر بخش جتوئي ۽ سائين جي ايم سيد کي اسٽيج تي ٻڌوسين ۽ عوام جي ان وقت جي سنڌيت واري جوش جذبي کي بہ ويجهي کان ڏٺوسين. حيدرآباد جي بسنت هال ۾ حميد سنڌي صاحب پاران رچايل ”جشن روح رهاڻ“ جا لطف پرور نظارا وساري نٿا سگهون.

اهڙين وڏين اسٽيجن تي ڀرپور داد حاصل ڪرڻ سبب ڪيترائي مون جهڙا شاعر پوڙها ڪونہ ٿا ٿين.

**سوال:** شاعريءَ لاءِ علم عروض جو سکڻ ضروري آهي ڇا؟

**جواب:** ڀي شاعريءَ ۾ عروض جي پليي ضرورت محسوس نہ بہ ٿئي پر غزل، عروض جي ڄاڻ کان سواءِ ڀي مزو ٿي ويندو.

قصيدي، رباعي، قطع ۽ مثنويءَ لاءِ پڻ بحر وزن ضروري آهي، غزل ۾ وزن جي خيال کان تجربي جي گنجائش آهي پر ائين ممڪن ڪونهي تہ غزل لکجي، پر ان ۾ علم عروض جي ڪاڻ نہ ڪيجي ۽ ان کان زوگرداني ڪجي. تجربي جي معنيٰ ڇڙواڳي نہ هئڻ گهرجي، تجربي جو مقصد اهو نہ هئڻ گهرجي تہ ڪنهن صنف جي وصف کي مروڙي سروڙي خراب ڪري، سندس اصليت کي ئي فنا ڪري ڇڏجي.

**سوال:** شاعري ڇا آهي؟ ان جي اوهان جي نظر ۾ ڪهڙي وصف آهي؟

**جواب:** شاعري ڏات آهي، ڪنهن شاعر چواڻي تہ، ”هيءَ عشق جي نعمت بہ تہ ڪنهن ڪنهن کي ملي ٿي ”ڀٽ ڌڻيءَ فرمايو تہ:

”جي تو ٻيت ڀانئيا، سي آيتون آهين“

فارسيءَ جي هڪ چوڻي آهي تہ، ”شاعري جزويست از پيغمبري“ معنيٰ، شاعري پيغمبريءَ جو جزو آهي. شيخ اياز پنهنجي ڊائريءَ ۾ لکيو تہ، ”بيشڪ شاعر فرشتو نہ آهي پر فرشتو بہ شاعر نہ آهي.“ شيخ اياز پنهنجي شاعريءَ ۾ چيو آهي تہ،

آڏيءَ اُٽي ٿا هُو گيت جوڙن
شاعر پکين کان اڳ ۾ پتوڙن

شاعر، اندر جو اهو اُڌمون آهي، جنهن کي روڪڻ چاهجي تہ

روڪي نہ سگهجي. ان جي وصف بيان ڪجي تہ پورو حق ادا نہ ڪري سگهجي، قلندر جو هڪ شعر آهي جنهن جو ترجمو آهي تہ.

سـو مُنهن ڏٺو اٿم جو ڏيـان ۾ نــہ مـا پي
لـذت جمـال تنهن جي جهـان ۾ نــہ مـا پي

**سوال:** اوهان جي نظر ۾ سونهن ڇا آهي؟ ۽ اوهان جڏهن ڪا سونهن ڏسندا آهيو تہ ڇا محسوس ڪندا آهيو؟

**جواب:** سونهن جو معيار هر دؤر ۾ هر ماڻهوءَ وٽ الڳ الڳ رهيو آهي. ڪنهن شاعر چواڻي تہ.

”شـــل نــہ ڪـنهـن ڪي ڪو وٽـي
بـيــو نـــٿــو ڪـــو پــو وٽــي“

حقيقت ۾ ٻاهرين سونهن کان وڌيڪ، انسان جي پنهنجي اندر ۾ سُونهن هوندي آهي، اهي پنهنجي اندر جا جذبا هوندا آهن، جيڪي سامُهين صورت ۾ نروار ٿيندا آهن ۽ ماڻهو پنهنجي ئي جذبن جي سونهن پسي عاشق ٿيندو آهي ۽ پنهنجن ئي جذبن سان پيار ڪندو آهي.

مان جڏهن بہ ڪا وڻندڙ شيءِ ڏسندو آهيان، تہ غزل لکڻ تي دل چاهيندي آهي جيئن هڪ ڀيري سُونهن پاڻ پسايو تہ مون لکيو.

سُـونهن تنهنجيءَ تي سـيئي تشـبيهہ جا دفتر کُٽا
عشــق جن توســان ڪيو ســي دين دنيا کان ڇُٽا

سونهن، ساوڪ ۽ سرهاڻ منهنجون ڪمزوريون آهن ۽ جڏهن بہ اهي چيزون منهنجي سامهون هونديون آهن تہ مان بي خود ٿي ويندو آهيان ۽ بي خود ٿي چوندو آهيان تہ ”راشد پنهنجي جنت آهي، ساوڪ ۽ سُرهاڻ.

**سوال:** يقيناً اوهان عشق ڪيو هوندو، جيڪڏهن ها تہ، پنهنجي

ماضي جي يادن جي باري ۾ ٻڌايو؟

**جواب:** مارئي جڏهن آزاد پنهنجي وطن ۾ هُئي تہ سندس عشق فقط هڪ فرد، پنهنجي مڱيندي ”کيت“ سان هئو پر جڏهن عمر بادشاهہ جي قيد ۾ پئي تہ سندس عشق وسيع ٿي ويو، سڀني ماروئڙن سان ڇيلن جي ڇانگن سان، ٻڪرين جي ڌڻن سان مطلب تہ ٿر جي ذري ذري سان سندس عشق ٿي ويو.

اهو سندس عشق مجازيءَ کان عشق حقيقيءَ ڏانهن سفر هئو منهنجي ڪيفيت بہ ڪجهہ اهڙي رهي آهي. پهرين ڳالهہ تہ اوهان سمجهندا هوندا تہ مان عشق ڪرڻ کان پوءِ شاعر ٿيو آهيان، سو ائين نہ آهي، مان شاعر تڏهن کان آهيان، جڏهن ٻالڪپڻ ۾ مون کي عشق جي ڪا خبر ئي نہ هئي، مون ابتدا ۾ مذهبي شاعري ڪئي، جيڪو اسان جو ورثو هئو مون اهو سنڀاليو. اڳتي هلي ڪي ناڪام عشق بہ ڪيم. جيئن حضرت ابراهيم نبي تارو ڏسي چيو تہ ”اهو منهنجي خدا آهي“، تارو گم ٿي ويو تہ چيائين تہ، ”گم ٿيندڙ منهنجو خدا ٿي نٿو سگهي“. ائين مون بہ بهتر کان بهتر جي تلاش ۾ ڪجهہ ڊوڙ ڍُڪ ڪئي ۽ مجازي عشق جي پيچرن تي هلڻ شروع ڪيو پر سُنت ئي ونيونٽ دؤر جو سرجيل ادب پڙهيم تہ قومي رنگ ۾ رنگجي ويس ۽ هڪڙي محبوب بدران سڄي سنڌ ۽ سنڌ جو هر ٻچو منهنجو محبوب بنجي پيو. سچل سرمست چيو تہ، ”يار ڏٺم ڪک پن ۾ الله“ اڄ منهنجي بہ اها حالت آهي جيئن شاهہ لطيف چيو آهي تہ،

مون کي اکڙين وڏا ٿورا لائيا
تا پڻ پرين پسن، جان ڪڻان ڪر سامهون

**سوال:** اوهان واري ڪيپ ۾، هينئر اوهان جي نظر ۾ ڪير ٿو سٺو لکي اوهان منصفانہ فيصلو ڏجو؟

**جواب:** همعصر هڪٻئي لاءِ حقيقت پسندانہ فيصلو نہ ڏئي سگهندا آهن، ايندڙ دور ئي صحيح فيصلو ڪندو تہ ڪير ڪيتري پاڻيءَ ۾ هئو. ان کان علاوه ڪن ليڪڪن کي حالتن جو موافق هئڻ راس اچي ويو ۽ حالتن

مان ڀرپور فائدو وٺي پاڻ کي خوب چمڪايائون. گھڻو ڇپيا ۽ گھڻو عوام آڏو آيا. ڪن ذات ڏٽين کي حالتن پنتي ڏڪي ڇڏيو نہ ايترو ڇپجي سگھيا نہ وري وري وڏن شھرن جي وڏن ميڙاڪن ۾ شرڪت نصيب ٿين. فيصلو تڏھن ڪري سگھجي ٿو. جڏھن ھڪڙي دور جا لکندڙ ھڪ جيترو ڇپيا ھجن. ڇپجڻ تہ پري جي ڳالھہ آھي، ھتي تہ ڪيترا اھڙا غريب ليکڪ آھن. جيڪي سڀ ڇپجندڙ ڪتاب خريد ڪري پڙھي بہ نہ ٿا سگھن. ظاھر آھي تہ سڀ ڪتاب نظر مان نہ گذرندا تہ انھن بابت راءِ ڪيئن ڏئي سگھبي.

منھنجي نظر ۾ پُراڻا ليکڪ يا نوان ليکڪ سڀ برابر آھن. محترم صرف اھو ليکڪ آھي، جيڪو سوچي سمجھي، ٻوليءَ جي دامن ۾ ڪي چار گل وجھڻ چاھي ٿو يا پنھنجي ادب وسيلي پٽڪيل ماروئڙن کي ڪا واٽ ڏيکارڻ چاھي ٿو. باقي جيڪڏھن ڪوبہ ليکڪ پنھنجي ذاتي جذبن جي تسڪين لاءِ لکي ٿو تہ پاڻ ڄاڻي، اسان ان بابت ڇو ويھي پنھنجو وقت وڃايون:

**سوال:** دوستي اوھان جي نظر ۾؟

**جواب:** دوستي ھڪ سنھي ڌاڳي مثل آھي، اھو ڌاڳو اگر داناءُ ماڻھن جي وچ تي ھوندو تہ ڪڏھن بہ ڪونہ ڇڄندو پر نادانن جي وچ تي ھوندو تہ ھُو ڇڪي ڇني وجھندا. پٽ ڌڻيءَ فرمايو آھي تہ،

ڇِنن تـوءِ مَ ڇن، پـاءِ اميـرِي ان سـان
جـي ھُـو اوڳـڻ ڪنئي سسئي، تہ تون ڳڻ ڏيئي ڳنھ

دوستيءَ لاءِ ڪنھن شاعر جي سٽ آھي تہ.

رکڻ آه سـولي، نباھڻ ڏکي آ
سـڄڻ يار ياري ھلائڻ ڏکي آ

ماڻھن سان دوستي رکڻ کان بھتر آھي تہ ڪتابن سان دوستي رکجي، ڇو تہ انھيءَ دوستيءَ مان ڪڏھن بہ دوکو نہ ملندو. ڪوبہ نقصان نہ پوندو، رڳو فائدو ئي فائدو ملندو.

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي مان ڪيترا مطمئن آهيو؟

**جواب:** س-ا-س جو ڪم ڪڏهن تيز ۽ ڪڏهن ماٺو ٿو رهي. ڪنهن دؤر ۾ سنگت گهڻو سرگرم تہ ڪنهن دؤر ۾ وري گهڻو خاموش ٿي رهي. پوءِ بہ سنگت جو وجود اسان لاءِ وڏي اتساه جي ڳالهہ آهي. سنڌي ماڻهو ڪوبہ ادارو يا تحريڪ مستقل هلائن، سو ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي. پر پوءِ بہ سنگت چڱي خاصي حياتي ماڻي آهي ۽ اسان جون دعائون آهن تہ شال سنگت جو پاڇو اسان جي سِرَ تي دائمي رهي. سنگت کي ڪل وقتي ڪارڪن ۽ عهديدار ڪونہ ٿا ملن. اڪثر سرڪاري نوڪريءَ وارا ماڻهو هِن تنظيم جا عهديدار چونڊجن ٿا، جيڪي جز وقتي ڪارڪن ٿي ڪم هلائين ٿا. جيڪڏهن سنگت کي ڪل وقتي عهديدار ملن تہ سنگت وڏيڪ ڪم ڪري سگهي ٿي. في الحال اديب ۽ شاعر پيدا ڪرڻ جي سٺي فيڪٽري آهي. سنڌ جي مجموعي حالتن کي ڏسندي، سنڌي سياستدانن جي ڪردار کي ڏسندي ۽ سنڌ ڏانهن ۽ سنڌ جي مسئلن ڏانهن سنڌ جي سياستدانن جي رويي کي ڏسندي مان سنگت جي ڪردار مان مطمئن آهيان. گهٽ ۾ گهٽ سياستدانن وانگر، هي سنگت غدار تہ پيدا ڪانہ ٿي ڪري.

**سوال:** زندگي اوهان جي نظر ۾؟

**جواب:** زندگي منهنجي نظر ۾ مسلسل جدوجهد جو نالو آهي.

اردو چواڻي موجب.

موج جب مضرب ہے
زندہ ہے
قرار پایا مرگئی

اسان جي عوامي شاعر استاد بخاريءَ بہ چيو آهي تہ.

زندگي آهي تہ آهي ڊوڙ ڊُڪ
مُئي پڇاڙا لحد ۾ هونداسين سُڪ

ڏسُ متان همت جي دامن کي ڇڏين
ڏِسُ متان اهڙي ڪرين، ”استاد“ چُڪ

**سوال:** مذهب اوهان جي نظر ۾؟

**جواب:** مذهب معنيٰ رستو، هر ماڻهوءَ کي رستي سان هلڻ گهرجي، رستو ڇڏيندو ته اوجهڙ ۾ ڦاسندو. مذهب ڪيترائي آهن. جيئن لطيف سائين چيو ته،

”واٽون ويهه ٿيون، ڪهه ڄاڻان ڪيهيءَ ويا“

اهي ويهه ئي واٽون نيٺ هڪ ئي منزل تي پهچنديون ۽ سڀ جُز هڪ ڪُل ۾ سمائجي ويندا. مذهب ۾ رواداري هئڻ گهرجي. انتها پسنديءَ کان پاسو ڪجي. حافظ شيرازيءَ چيو آهي ته،

حافظا! گر وصل خواهي، صلح ڪُن با خاص و عام
بامسلمان الله الله، بابرهمن رام رام

معنيٰ: حافظ! جيڪڏهن ميلاپ چاهين ٿو ته سيني سان صلح ڪر مسلمانن سان الله الله ڪر ۽ برهمڻن سان رام رام ڪر.

**سوال:** هي ڪائنات اوهان جي نظر ۾ ڇا آهي؟

**جواب:** ڪڏهن گل جهڙي حسين نظر اچي ٿي، ته ڪڏهن خار ٿي چڀي ٿي، ڪنهن پل جنت جي هير جهڙي محسوس ٿئي ٿي ته ڪنهن گهڙيءَ دوزخ جي دونهين جهڙي ٿي لڳي. ڪنهن وقت شاديءَ جي محفل جهڙي آهي ته ڪنهن ڪن ۾ وري ماتامين جي مجلس جهڙي ٿي محسوس ٿئي. ڪنهن کي خوشين جا خزانا ٿي آڇي، ته ڪنهن تي وري غمن جا پهاڙ ڪيرايو ڇڏي. مطلب ته،

ڏيکاري دؤر ٿي دنيا، ڪڏهن ڪهڙا ڪڏهن ڪهڙا.

**سوال:** اياز ۽ استاد اوهان جي نظر ۾؟

**جواب:** اياز ۽ استاد، سنڌي ٻوليءَ جي گلزار جا ٻه گل آهن. ٻنهي جي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي اهميت آهي. هڪڙي ڪيسٽ جي حوالي سان

وڏيڪ شهريت ماڻي آهي ۽ ٻئي ڪتابن وسيلي مشهوري ماڻي آهي. ٻنهي جي لکڻ جو محور سنڌ ۽ سنڌي ٻولي هئو. ٻنهي شاعرن اسان کي لفظن جا انبار ڏنا آهن. ٻئي ساهہ سان سانڍڻ جهڙا آهن. هنن کي هڪٻئي کان جيڪو گهٽ وڌ ڄاڻائي سو سنڌي قوم ۾ ويڇا وجهڻ ٿو چاهي. اهڙو ماڻهو سنڌي قوم جو سڄڻ ناهي.

**سوال:** عشق بابت اوهان ڇا چوندؤ؟

**جواب:** عشق بہ ٻين جذبن وانگر انسان جي اندر جو هڪ جذبو آهي، عربيءَ ٻوليءَ ۾ هڪ چوڻي آهي تہ. "العشق نارالله" يعني عشق الله تعاليٰ جي باهہ آهي. سنڌ جي ڪنهن صوفي شاعر چيو آهي تہ.

"عشق عشق هر ڪو چوي، عشق نہ ڄاڻي ڪو."

شاعر جي اندر ۾ جيترو عشق پڪو پُختو هوندو، اوتري ان جي شاعري پڪي پختي هوندي. هونئن تہ شاعري لفظن جو ميلاپ آهي. هڪ سگهڙ بہ سُٺي شاعري ڪري سگهي ٿو. پر عشق جو آلاپ جيڪو اثر رکي ٿو. اهو هُنر وارو ماڻهو ڪٿان حاصل ڪندو؟ دنيا جو ڪوبہ ڪم اگر دل لڳائي ذوق عشق سان ڪبو تہ اهو سهڻي نموني سان پائيہ تڪميل تي پهچندو ۽ ڏسندڙ ۽ ٻُڌندڙ کي سهڻو ۽ سُريلو لڳندو پر ڀڳي دل نموني سان ڪبو تہ نہ اهو پورو ٿيندو نہ وري ڪنهن کي پاڻ ڏانهن متوجهہ رکڻ جي قوت هوندس. اهڙي نموني سان شاعري بہ عشق سان ڪئي ويندي تہ اها وڌيڪ پرڪشش هوندي، جي بنا عشق جي رڳو لفاظي هوندي تہ ان ۾ ڪابہ ڪشش نہ هوندي. شيخ اياز چيو آهي تہ.

شــاعري جـــي روح گرمــائي نٿـــي،
منــزل — مقصـــود کـــي پـــائي نٿـــي.

**سوال:** پنهنجو پسنديده غزل ٻڌايو؟

**جواب:** جيئن هر ماڻهوءَ کي پنهنجو سمورو اولاد هڪجهڙو پيارو هوندو آهي، تيئن شاعر کي پنهنجي سموري شاعري پسند هوندي آهي، اهو تہ نقادن جو ڪم آهي تہ چنڊ ڇاڻ ڪن. بهرحال اوهان جي فرمائش موجب

مان پنهنجو هڪ غزل عرض رکان ٿو.

## غزل

تنهن جي محفل مان اٿي هاڻ هليا ويندا سين
پونئر آهيون وٺي سرهاڻ، هليا ويندا سين
چشم تر آيا هياسون ۽ چمن مان هاڻي
ڪٽي اکڙين سندي آلاڻ، هليا ويندا سين
چنڊ! ڪڪرن ۾ لڪائي ڇو ٿو ڇڏيئي چانڊوڪي
تنهن جي چوري ڪري چانڊاڻ، هليا ويندا سين
من ماڻهن کان مٺائي نصيب ٿيندي آ
ڪاڻ محسوس ٿي ڪوڙاڻ هليا ويندا سين
پاڻ محبت جا پوڄاري، توکي ڏيڻ هِي هجن
تنهن جو ترڪش ۽ تنهنجي مياڻ هليا ويندا سين
آسرو آه رڳو رات ڪُتي پره ڦٽي
باک جي ڏسندي ئي ڳاڙهاڻ هليا ويندا سين
پاڻ وڻجارا ٻتي ڏينهن مسافر "راشد"
رڳو پرجي وهي مهراڻ هليا ويندا سين.

**سوال:** اوهان جو پڙهندڙن لاءِ پيغام ؟

**جواب:** زندگي تمام مختصر آهي. انهي مختصر عرصي ۾ اهڙو ڪو ڪارگر ڪم ڪري وڃو جو اوهان هِن دنيا ۾ موجود نه هجو تڏهن به توهان جي ڪيل ڪم جي ڪري، اوهان کي ياد ڪيو وڃي.

# انور پيرزادو



# BRIEF INTRODUCTION

## انور پيرزادو

(1945-2007)

| | |
|---|---|
| نالو: | انور پيرزادو |
| اصل نالو: | محمد پريل پيرزادو |
| ولديت: | شفيع محمد پيرزادو |
| جنم تاريخ: | 25 جنوري 1945ع وفات: 8ن جنوري 2007ع. |
| جنم هنڌ: | ڳوٺ حاجي لعل بخش شيخ (ٻلهيڙجي) تعلقه ڏوڪري (لب درياءُ)، ضلعو لاڙڪاڻو سنڌ – پاڪستان |
| تعليم: | M.A. (English Literature) LL.B. |
| ڪرت: | Writer Journalist |
| لکڻ جي شروعات: | 1962ع |
| ادبي سڃاڻپ: | شاعر، نقاد |
| ڇپيل ڪتاب: | اي چنډ! ڀتائي کي چئجان!! (شاعري)<br>2. Social Content in Shah Jo Risalo (English) Published by Shah Latif Chair, Karachi University.<br>3. Larkana Gazatter (2003) (English).<br>4. Khirthar (English) Published by Oil Company ENILASMO. |
| اڻڇپيل ڪتاب: | 1) “Sindhi Language or Literature” to be published by Sindhi Language Authority, Hyd.<br>2) Sindh Gazetter, by Govt of Sindh.<br>3) English Translation of قيدياڻي جي ڊائري by Ms |

Akhtar Baloch

مجيتا ايوارڊ:

1) By IUCN (Shield)
2) By Sindh Culture Dept (Shield)
3) Monthly SOJHRO (Shield)
4) Daily Awami Awaz (Editions)

**سوال:** انور صاحب اسان کي پنهنجي ننڍپڻ جي ڪهاڻي تفصيل سان ٻڌايو؟

**جواب:** انور صاحب هن سوال جو جواب ڏيڻ پسند نہ فرمايو.

**سوال:** اوهان جي لکڻ جي شروعات ڪڏهن ٿي ۽ سڀ کان اول اوهان ڪهڙي صنف ۾ لکيو؟

**جواب:** ڪراچي جيل ۾ شاعري

ڪراچي جيل ۾ PAF طرفان Field Court Martial ٿيڻ ۽ 5 سال قيد جي سزا ملڻ سبب ويس. ڏوهہ اهو هيو جو مون 26th March 1971 تي اوڀر پاڪستان ۾ ملٽري ائڪشن جي مخالفت ڪئي هئي. ڪيس بغاوت 124_A PPC هيٺ هلايو ويو.

**سوال:** اوهان جي لکڻ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟

**جواب:** (1) منهنجي Jenes ۾ شاعري هئي، ڇاڪاڻ تہ منهنجا ابا ڏاڏا عربي / فارسي جا پڙهيا لکيا ماڻهو / عالم هئا.

(2) ڳوٺ جو ماحول صوفياڻو هو. اسان جي ڳوٺ ۾ مسجدون گهٽ ۽ صوفي اوتارا وڌيڪ هوندا هئا. ان ڪري ڀٽائي جو رسالو ۽ سنگيت Way of life بڻجي ويو هو.

(3) جديد دور جو سماجي شعور، ڪاپي ڏر جي سياست جو اثر، سنڌي قومپرستيءَ جو رنگ ۽ سماجي ناانصافين جا ذاتي مشاهدا.

**سوال:** شاعري لاءِ عشق ڪيترو ضروري آهي؟ ڇا ڪنهن عشق يا پيار جي بغير شاعري ممڪن آهي، جي ممڪن آهي تہ ڇا اها شاعري ماڻهن جون دليون کٽي سگهي ٿي؟

**جواب:** Poetry is spontaneous overflow of emotions

ٻين لفظن ۾ چئجي: درد جي سيسراٽي ۽ ان جو لفظن ۾ اظهار

Poetry is also composition of words, as Music is composition of voices.

شاعريءَ لاءِ عشق، مجازي، انساني، Sex-related، مخالف جنس / يا هم جنس سان، ذاتي ۽ شخصي ضرور آهي. اهڙي عشق جو درد، وڇوڙو، ميلاپ جو مزو ۽ وڇوڙي جو عذاب هر بالغ مرد توڙي عورت جي زندگي ۾ بلوغت وقت بنا ناغاني يا Discrimination جي اچي ٿو.

اهو جذبو انسان کي سوچڻ، جدوجهد ڪرڻ، قرباني ڏيڻ ۽ سر ڏيڻ تي مجبور ڪري ٿو.

ان ڪري اهڙا محرڪات شاعري لاءِ ضروري آهن.

هونئن عشق ٻين شين سان بہ ڪري سگهجي ٿو پر obsession گهڻو ڪري sex-related عشق ۾ ٿئي ٿي.

**سوال:** توهان جي پسنديده صنف ڪهڙي آهي ۽ ان صنف تي لکڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن ؟

**جواب:** پسنديده صنف: شاعري

Investigative Cultural or literary writing or in prose

**سوال:** اسان وٽ اڄ جو نوجوان، شاعر سينيئر شاعر جيان غزل وڌيڪ لکي رهيو آهي ۽ ڪافي ۽ وائي جي صنف ڏينهون ڏينهن ناپيد ٿيندي ٿي وڃي، ڇا غزل جي اچڻ ڪري اسان جي صنف وائي ۽ ڪافي کي نقصان نہ رسيو آهي ؟

**جواب:** سنڌ ۾ غزل بعد ۾ آيو وائي ۽ ڪافي جي روايت پراڻي آهي قديم ايراني سلطنت جو جڏهن سنڌ حصو بڻي ۽ سنڌو درياءَ جو ساڄو ڪنارو ان ۾ شامل ٿيو تڏهن کان فارسي جو اثر، ايران جو اثر ۽ غزل جو اثر پئدا ٿيو.

وائي ۽ ڪافي ڪلاسيڪل صنفون انهيءَ دور جون آهن جڏهن ڇند وديا ۽ سنسڪرت جو هتي اثر هو هي زمانو مهين جي دڙي جي زوال کان جلد پوءِ جو آهي.

غزل سنڌ ۾ پيهر ٽالپر دور ۾ رائج ٿيو جنهن تي ايران ۽ بلوچ اثر ڇانيل

هو. پر پٽائي ان کان اڳ ڪلهوڙا دور ۾ فارسي خلاف بيت لکيو: "جي تون فارسي پڙهئي، گولو توءِ غلام". ڀٽائي نيٺ سنڌي شاعري جو قائل هو.

باقي M.H Panhwar چواڻي: 4,000 قبل مسيح کان وچ ايشيا، وچ اوڀر، عراق، شام ۽ ايران مان آرين جي آمد سنڌ ۾ جاري هئي جنهن هتي دراوڙن جو اثر گهٽائي ڇڏيو.

هن وقت نه غزل ميدان ۾ آهي ۽ نه وائي، هي وقت انگريزي اثر واري صنف Blank Verse جو آهي. پر پوءِ به وائي، ڪافي ۽ بيت امر رهندا، ڀٽائي جي ڪري......

**سوال:** اسان وٽ چيو ويندو آهي ته هي غزل جدت جو شڪار آهي ۽ جدت کي تخليقار غلط / گار چو ٿو سمجهي ۽ اهو به ٻڌايو ته اڄ جي دور ۾ غزل جو گهاٽيتو ڪٿي بيٺو آهي ۽ ان ۾ نواڻ ڪهڙي ريت اچي سگهي ٿي؟

**جواب:** سنڌي غزل تي ڪلاسيڪل سنڌي وائي ۽ بيت جو به اثر آهي، جديد آزاد نظم جو به اثر آهي،

سنڌ جي سياسي اشوز جو به اثر آهي، ان ڪري ان ۾ رڳو عشق ئي نه پر سوشلزم، ڪميونزم ۽ نئشلنزم به داخل ٿي ويا آهن.

عروضي بحر کي پڻ سنڌي غزل ڪافي آزاد ڪري ورتو آهي.

منهنجي خيال ۾ غزل جي اهڙي ساخت تي ايراني ۽ فارسي غزل گو شاعرن کي ريس اچڻ گهرجي.

**سوال:** مون اوهان کي گهڻو ته نه پڙهيو آهي پر ايترو ضرور ڄاڻان ٿو ته اوهان جي شاعري سنڌي ادب ۾ سٺي جاءِ والاري ٿي ۽ اوهان شاعري جي حوالي سان وڏا نالا پڻ آهيو. اوهان فقط ايترو ٻڌايو ته اوهان شاعري کي ڪهڙن لفظن ۾ اظهارڻ چاهيندو؟

**جواب:**

Poetry is the most beautiful documentation of a nation's history fully equipped with greatest part of expression, musical magic and creative divine- like imagination, of the poet.

**سوال:** اوهان پنهنجي دور جي ادبي دوستن ۽ ادبي ماحول جي عڪاسي ڪرڻ فرمائيندو؟

**جواب:** No, Thanks

**سوال:** تنقيد آخر آهي ڇا؟ اسان وٽ جيڪو تيڪو بغير ڄاڻ ۽ علم جي ڪنهن جي تخليقي پورهئي تي ابتو سبتو ڳالهائي، پاڻ کي تنقيد نگارن جي لسٽ ۾ شامل ڪريو ڇڏي.

**جواب:**

CRITICISM

It is critical appreciation, containing two important aspects:

1. Critical approach

2. Appreciation: an act to appreciate; define; analyse.

**سوال:** اسان جا ڪجهه اديب شيخ اياز کي تنقيد جو نشانو بڻائي رهيا آهن. ان جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

**جواب:** شيخ اياز سميت دنيا جو ڪوبه شاعر تنقيد کان بالاتر هئڻ نه گهرجي.

ڪوبه حرف،
حرفِ آخر ناهي!!
هي دنيا ان ڏينهن ختم ٿي ويندي،
پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهچي ويندي،
قيامت برپا ٿي ويندي، ،
جنهن ڏينهن
حرفِ آخر پئدا ٿيندو!!!

پوءِ
1۔ نه سج اڀرندو نه لهندو
2۔ نه ڏينهن ٿيندو نه رات هوندءِ
3۔ نه فطرت هوندي ۽ نه انسان
4۔ کيل ختم، پئسا هضم

**سوال:** شيخ اياز جي پوئين دور / ٻي رخ ۾ متجي وڃڻ، وڃي مذهبي ماڻهن سان ميلا ڪرڻ، جا ڪهڙا ڪارڻ ٿي سگهن ٿا؟

**جواب:** جنگ ڪرڻ جا نتيجا ڪجهه هيٺين ريت ٿي سگهن ٿا:

1. فتح حاصل ڪرڻ / شهادت ذريعي يا زنده رهي ڪري.
2. شڪست حاصل ڪرڻ / شهادت ذريعي.......
3. ميدان ڇڏي ڀڄي وڃڻ.

پڻائي سچ چيو آهي:

ڪِلي وَيرَ، ڪٽڪ ۾، سائو سڀ نہ هونِ. (جنگ ويل، لشڪر ۾، سڀ بهادر سپاهي نہ هوندا آهن.)

**سوال:** اسان وٽ اڄ سنڌي ادب ۾ تمام گهڻا ۽ سنا ڪتاب ڇپجي رهيا آهن، اهي ڪتاب شاعري، تاريخ ۽ تنقيد تي مشتمل آهن. توهان اڄ جي ڪتابن ڪي معيار جون گهرجون ذهن ۾ رکي اهو ٻڌايو تہ اهي ڪيترا معياري آهن؟

**جواب:** مان ڪا حتمي راءِ ڏئي نہ ٿو سگهان، ڇاڪاڻ تہ:

1۔ مون سڀ ڪتاب نہ پڙهيا آهن.

البت مان اهو چئي سگهان ٿو تہ:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪتابن جو معيار پنجابي، پشتو بلوچي، سرائيڪي ۽ اردو جي ڪتابن جي ڀيٽ ۾ اڳڀرو آهي. انگريزي ۾ ڪتاب اسان جي سنڌي ڪتابن کان اڳڀرا آهن.

**سوال:** اوهان جي گوشہ نشين رهڻ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن، اوهان ڪي ادبي پروگرامن ۾ گهٽ ٿو ڏسجي؟

**جواب:**

ڪڏهن پئجي ڳنُ تي،
ڪڏهن تئجي واٽُ،
ڪڏهن تئجي ڪاٺُ،
ڪڏهن تئجي ٻڪرو.
پڻائي

**سوال:** پنهنجي عشق ۽ پريم جي ڪهاڻي ٻڌايو (سچائي ۽ ايمانداري سان)

Right of privacy

For every human being is his/her fundamental right.

A wife can tell her husband to go off because she has to talk to someone in privacy. It is her fundamental human right.

Any man, Sindhi, Baloch, Muslim or Hindu, who does not allow his wife to exercise her right of privacy is not an enlightened man.

So, my personal love story is my private life, which non should trespass.

**سوال:** زندگي مان ڪيترو مطمئن آهيو؟

**جواب:** اوترو جيترو پٽائيءَ جي جيئري مرڻ واري سوچ يا فنا واري فلسفي ۽ طريقت تي عمل ڪري سگھيو آهيان!!

**سوال:** جدت پسند ۽ رجعت پسند بہ محاوره اسان وٽ عام آهن، ان جي باري ۾ ٿورو ٻڌايو ؟

**جواب:** هر قسم جي نواڻ جدت پسنديءَ جي دائري ۾ اچي ٿي، پر هر نئين شيءِ ضروري ناهي تہ ترقي پسند بہ هجي، البت جديد تہ ٿي سگھي ٿي.

رجعت پسندي انساني ارتقا جي طيءَ ٿيل اصولن جي روشنيءَ ۾ (تہ هر شي اڳتي وڌي ٿي، هر مادو ترقي جي رفتار تي چال سارو وک کڻي ٿو ۽ ترقي مادي جدليات جو مظهر آهي جنهن جو رخ آئيندي ڏانهن آهي پوئتي قدم کڻڻ، پوئتي هٽڻ ۽ ماضيءَ ڏانهن سفر جو اهڃاڻ آهي، مثال سائنس غلط آهي چاڪاڻ تہ خدا جا ڳُجھہ کولي ٿي، انسان چنڊ تي ناهي پهتو، دنيا جيئن هلي تيئن هلڻ گھرجي، ان ۾ ايندڙ هر نئين تبديلي جي مخالفت ڪرڻ گھرجي وغيره وغيره.

**سوال:** زندگيءَ جو ڪو يادگار واقعو ؟

**جواب:** پٽائيءَ جي فڪر سان آگاهي!!

**سوال:** ڪالا باغ ڊيم جي نهڻ جي تياري پئي ڪئي وڃي، ان لاءِ سجاڳ سنڌي اديب پنهنجو ڪردار سٺي نموني سان نڀائي رهيا آهن، جن ۾ "خبرون" وارن سنڌي اديبن / صحافين استيعفائون ڏيئي ڇڏيون، اوهان انهن جي ان عمل کي ڪهڙي نظر سان ڏسو ٿا. جڏهن تہ هت ڪراچي ۾ اڳ ۾ ئي سنڌين لاءِ روزگار جو مسئلو آهي ؟

**جواب:**

**نوٽ:** هي سوال ادبي نوعيت جو نہ آهي ۽ اديب کان انٽرويو سان لاڳاپيل بہ ناهي.

**سوال:** اوهان جو ڪو پيغام ؟

**جواب:** جيترو ٿي سگهي پنائي ڪي پڙهو!!

اي چنڊ پنائيءَ ڪي چئجان!
هي ماڻهو تنهنجن بيتن ڪي،
ڏرتيءَ ڪان ڏار چني ٿا ڪن،
ٿيون وايون تنهنجيون وار پٽن،
۽ سُرڙا تنهنجا اوسارين،
هي ارهي سرهي دانهن ڏجان،
اي چنڊ پنائيءَ ڪي چئجان!.

# بشير سيتائي



## غزل

تنهنجي اچڻ جو منظر ڏاڍو وڻندو آ،
مُرڪي ملڻ جو منظر ڏاڍو وڻندو آ.
واهيرن ڏي ورندڙ پنڇي، شام شفق،
سج لهڻ جو منظر ڏاڍو وڻندو آ،
اڏندڙ آنچل، رنگ ۽ روشني سڀ رل مل،
هير گهلڻ جو منظر ڏاڍو وڻندو آ،
مينهوڳيءَ ۾ پر بہ ملياسين، هيل بہ من!
مينهن پوڻ جو منظر ڏاڍو وڻندو آ،
ساوڻ ايندي ساهہ ۾ رچندي آ سُڳنڌ،
پينگهہ لڏڻ جو منظر ڏاڍو وڻندو آ،
منهنجي رئڻ تي ٽهڪ ڏئي تون کلندو آن،
تنهنجي کلڻ جو منظر ڏاڍو وڻندو آ،
باهہ "بشير سيتائي" ڀڙڪي جذبن ۾،
هاڻ جيئڻ جو منظر ڏاڍو وڻندو آ.

***

# BRIEF INTRODUCTION

## بشير سيتائي

(1949-2016)

| | |
|---|---|
| ادبي نالو: | بشير سيتائي |
| اصل نالو: | بخشل خان |
| ولديت: | آخوند محمد موسيٰ پٽي |
| جنم تاريخ: | 8 جولاءِ 1949ع وفات: 5 فيبروري 2016ع. |
| جنم هنڌ: | سيتا وليج تعلقو دادو |
| تعليم: | ايم اي، (سنڌي ادب ۾ فرسٽ ڪلاس ۾ فرسٽ پوزيشن)، ايل ايل بي |
| ڌنڌو: | ملازمت |
| ادب ۾ ابتدا: | 1966ع کان |
| ادبي سڃاڻپ: | اديب / شاعر |
| ڇپيل ڪتاب: | (1) سچ سريکو سچ (شاعري 1987)، (2) ذات نہ ٽيندي مات (شاعري 1993ع)، (3) جھرٽو منھنجي جيءَ (شاعري 2000ع)، (4) اکر اکر ۾ اٿاھ الفت (اديبن جا خط 2001ع)، (5) ڏاھا ذات ڏٺي (حصو پھريون 2004ع)، (6) اداس من جي اداس موسم، (7) فارسي گرام، (8) سپنا تڙپن ساپيان لاءِ، (9) چاھ چريا اُتساح چريا، (9) سنان وٽ ھلو سرتيون. |
| اڻ ڇپيل ڪتاب: | جيون گھاٽي جيئن (ڪھاڻيون)، منھنجو آئينو (سارون)، مون جي ڏٺا ماءُ (خاڪا)، گوھر ناياب (فارسي غزلن جو سنڌي ترجمو)، خوشبو جدا جدا (فارسي بيتن جو سنڌي ترجمو)، اکر اکر ۾ اٿاھ الفت (ٻاڳو ڀيو)، رباعيون عمر خيام جون (ترجمو) |

منهنجا نياز ناما (دوستن ڏانهن لکيل خط)، ڏاها ڏات ڌڻي (حصو ٻيو دادو ضلعي جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي ڊائريڪٽري)، گوهر ناياب (حصو ٻيو)، ابو سعيد ابوالخير جي فارسي رباعين جو سنڌي ۽ انگريزي ۾ ترجمو

ايوارڊ: سنڌي ادبي سنگت ۽ شهيد عادل سخيراڻي فورم دادو طرفان بهترين شاعر ۽ اديب جو ايوارڊ.

**سوال:** اوهان جي ادبي ابتدا ڪيئن ٿي ؟

**جواب:** مون کي شاعري جو شوق 1965ع ۾ جاڳيو. فارسي جي پنج ڪتابي "ڪريما" مون انين جماعت ۾ ئي آخوند محمد دائود پٽي سيتائي جيڪو بعد ۾ منهنجو سهرو بڻيو وٽ پڙهي پوري ڪئي هئي. فارسي زبان سان ٿورو گهڻو سابقو هيو. ان ڪري سنڌ جي آڳاٽن غزلگو شاعرن جا فارسي زده سنڌي غزل پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ دقت محسوس ڪانه ٿيندي هئي. شاعري پڙهندي پڙهندي شاعري ڪرڻ جو شوق جاڳيو. منهنجو پهريون غزل 1966ع ۾ ماهوار "بادل" ۾ شايع ٿيو هو. هي منهنجو اهو دور هو. جڏهن مان ميٽرڪ فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪري بيروزگاري جو سرٽيفڪيٽ وٺي گهر پهتو هوس ۽ هوڏانهن ڪنهن دوشيزه سان پريت جو پيوند به لڳي چڪو هو. سو "Fuel to the flames" وارو قصو بڻجي ويو. منهنجي شاعري جو بنيادي ڪارڻ احساس محرومي ۽ عشق هو.

**سوال:** اوهان شاعري جي باقائده سکيا ڪنهن کان ورتي ؟

**جواب:** شاعري ۾ منهنجو ڪوبه هڪ استاد ڪونهي، جنهن کان مون شاگردي جو سڱو ٻڌرايو هجي. منهنجا استاد ان زماني جا بزرگ شاعر، همعصر ادبي دوست ۽ علم عروض جا ڪجهه ڪتاب جهڙوڪ رياض بلاغت، رهنمائي شاعري وغيره وغيره آهن. وفا ناٿن شاهي سان به زندگي جو ڪجهه حصو گڏ رهيس، لڳ ڀڳ اسان ٻنهي جي شاعراڻي عمر ساڳي آهي. مون سڄي عمر سکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. شاعري بحر بيڪران آهي. شاعري کي پنجتيهه سالن جيترو عرصو ڏيئي چڪو آهيان. پر اڄ به پاڻ کي

طفل مڪتب سمجهندو آهيان. دوست مون کي سنو شاعر سمجهن ٿا، اها انهن جي ذره نوازي آهي.

**سوال:** سيتا ڳوٺ جي حوالي سان ڪيترائي اديب، عالم، صحافي ۽ شاعر "سيتائي" سڏائن ٿا. ڇڱو خاصو تعداد آهي انهن جو!! ڪو خاص سبب آهي ان جو ؟

**جواب:** سيتا ڳوٺ علم ۽ ادب جي حوالي سان شاهوڪار ڳوٺ آهي. هتي مرحوم جمع خان "غريب"، محمد رمضان "ثاقب" ليلا رام "شاعر"، حاجن شاهه "هموطن" سيتائي ۽ لونگ خان "لائق" جهڙا شاعر پيدا ٿيا. آخوند محمد صالح پٽي سيتائي، مولوي محمد صديق سيتائي، آخوند محمد دائود پٽي سيتائي ۽ مولوي عبدالغفور سيتائي جهڙيون نامور هستيون به منهنجي ڳوٺ ۾ پيدا ٿيون. جيئن لاٽ مان لاٽ ٻرندي آهي. اهڙي ريت علم ۽ ادب جو قافلو روان دوان آهي ۽ اڄ به ڪوڙ سارا شاعر اديب ۽ اهل علم "سيتائي" بڻيا بيٺا آهن. لسٽ ڊگهي آهي.

**سوال:** اوهان جي شاعري جي اڀياس مان محسوس ٿو ٿئي ته اوهان شاعري ۾ فني بندش جو وڌيڪ خيال رکو ٿا. اهو صحيح آهي ؟

**جواب:** جي ها! منهنجي شاعري ۾ فن کي بنيادي اهميت حاصل آهي. علم عروض ۽ هندي ڇند وديا شاعري لاءِ ائين آهي، جيئن ٻِٽِ لاءِ شاهل ۽ ڏور. علم عروض ۽ ڇند وديا تحت، لفظ پنهنجي حرڪات سڪنات مطابق شاعري ۾ سموهجن ٿا.

**سوال:** شاعري ۾ اوهان جي پسنديده صنف ڪهڙي آهي ؟

**جواب:** منهنجي پسنديده صنف غزل آهي. ڇو ته غزل اها ميڊيا آهي جنهن ذريعي شاعر هڪ ئي وقت، غزل جي هر بند ۾، مختلف موضوع زير بحث آڻي سگهندو آهي. مون کي ائين لڳندو آهي ته آئون پنهنجي مافي الضمير ٻين صنفن جي ڀيٽ ۾ غزل ۾ وڌيڪ ظاهر ڪري سگهندو آهيان.

**سوال:** ڇا اڄ جو غزل اسان وٽ جديد غزل ٿي چڪو آهي ؟

**جواب:** منهنجي خيال ۾ ته "جديد غزل اڄ به ٿورو گهڻو پنهنجي روايت" سان جُڙيل آهي. ڪابه چيز هڪدم جديد ڪانه ٿيندي آهي. غزل روايت کان هٽيو ته غزل نه رهندو. منهنجي چوڻ جو مقصد آهي ته اڄ جو

غزل فقط موضوعاتي لحاظ کان جديد آهي، باقي گهاڙيٽي ۽ هيئت ۾ ساڳيو آهي ۽ ساڳيو رهندو. اسان جديد غزل کي جديد ان ڪري چئون ٿا تہ ان ۾ نئون فڪر ۽ جديد احساس آهي.

**سوال:** هڪ سني غزل جي خوبي ڇا آهي ؟

**جواب:** غزل ۾ رومانس هجي، لفظن جي چونڊ غزل جي مزاج وٽان هجي. غزل ۾ ڪيل انقلابي ڳالهہ ۾ بہ جيسين رومانس نہ آهي ان ۾ مزو نہ ٿو رهي، غزل ۾ هڪجهڙو Content ۽ يڪسانيت غزل جو موت آهي. غزل ۾ هڪجهڙا ۽ ساڳيا ساڳيا موضوع آڻڻ سان غزل جي سونهن متاثر ٿئي ٿي. اهڙي غزل کي نظم ئي چئي سگهجي ٿو پر ان کي غزل چوڻ گهٽتائي آهي. مان ائين چوندس تہ هڪ سني غزل جي خوبي آهي مقصديت، معنيٰ خيزي، فني بندش، خيال جي گهرائي ۽ ويرائٽي!!

**سوال:** ڪي دوست غزل ۾ بہ وزن بحر جو خيال نہ ٿا رکن، سندن چوڻ آهي تہ Priority خيال کي آهي وزن کي ناهي. اوهان ٻڌايو تہ شاعري ۾ خاص طور تي غزل ۾ فن کي اهميت آهي يا خيال کي ؟

**جواب:** مان غزل تہ ڇا پر شاعري جي هر صنف کي فني بندش يعني عروضي قائدن (بحروزن) ۾ لکڻ جو قائل آهيان. سواءِنثري نظم جي. فني بندش تہ غزل جي بنيادي سونهن آهي. ائين چوڻ تہ اوليت خيال کي آهي بحروزن کي ناهي سو بلڪل غلط آهي، مان ائين ٿو چوان تہ ٻئي لازم ملزوم آهن. ٻئي اٽٽر آهن. هڪ ئي وقت خيال ۽ فني بندش جو پورائو ڪرڻ غزل جي تقاضا آهي. باقي ڪي دوست وزن بحر ٽوڙي فقط فڪر ۽ خيال کي سميٽن ٿا تہ انهن جي مرضي. مان وزن بحر کان ڪريل غزل کي غزل نہ چوندس. آخر اهي بہ تہ شاعر آهن جيڪي وزن بحر ۾ تخيل جا ڇيڙا بهترين نموني ملائن ٿا. اهو هڪ Talent آهي، ٽيڪنڪ آهي. استادي آهي، هنرمندي آهي، ”باقي گدڙ ڊاک نہ پُڄي اکي ٿو کٽا“ وزن بحر تي عبور ناهي همراهہ غزل لکي وڃيو پار پون ۽ رِتِ لڳايو وتن تہ هي ”فعولن فعولن“ جو دور ناهي.

**سوال:** اسان جا ڪجهہ اديب نثري نظم کي شاعري طور مڃڻ لاءِ تيار ناهن. ڇا اوهان نثري نظم جا مخالف آهيو ۽ اهو ٻڌايو تہ نثري نظم شاعري

جي زمري ۾ اچي ٿو ؟

**جواب:** نثري نظم جو مخالف ناهيان، بطور صنف ان کي شاعري ۾ قبول ڪري سگهجي ٿو. جن دوستن کي موزون صنفن لکڻ ۾ دِقت محسوس ٿئي ٿي ۽ انهن ۾ ڪجهہ شاعرانہ صلاحيتون بہ موجود آهن تہ اهي نثري نظم بهتر انداز ۾ لکي سگهن ٿا. جنهن ۾ ڪنهن بہ وزن بحر جي پابندي ناهي. اسان وٽ موزون شاعري تي زور ڏيندڙ شاعر نثري نظم جا ڪٽر مخالف هوندا آهن، مگر مان انهن مان ناهيان، نثري نظم جي مخالفت ڪرڻ ذهني ڊڪٽيٽرشپ آهي. هر شعبۂ حيات ۾ نئين ٽيڪنڪ اچي رهي آهي، نئين شين جو متعارف ٿيڻ فطري عمل آهي. نثري نظم بہ اندر جي اظهار جو ذريعو آهي.

**سوال:** نثري نظم ۽ آزاد نظم، ٻنهي ۾ ڪو فرق آهي اوهان جي نظر ۾؟

**جواب:** نثري نظم عروضي بندشن کان آزاد آهي، جڏهن تہ آزاد نظم ۾ Meter/Rhythm ٻئي ڪم ڪن ٿا، فقط قافين رديفن کان آزاد رهي ٿو. آزاد نظم اسان جي سنڌي شاعري ۾ ورهاڱي کان اڳ آيل آهي ۽ هينئر پراڻو ۽ مقبول ٿي چڪو آهي. اسان وٽ اياز، امداد، تنوير ۽ شمشير ڪامياب آزاد نظم لکيا آهن. نئين ٽهي ۾ ڪن ٿورن ۾ آزاد نظم لکڻ جو بهترين Talent آهي. دراصل آزاد نظم جيترو سولو سمجهيو ويو آهي، اوترو ئي مشڪل آهي. ان ۾ گهري سوچ ۽ مشاهدو درڪار آهي. ان ۾ گُهربل ٽيڪنيڪ ۽ فلاسافي کانسواءِ سونهن نہ ٿي رهي. ”والٽ وٽمئن“ جي چواڻي تہ، ”آزاد نظم اها شي آهي جا بظاهر بي قائده آهي پر قريب ٿي ڏسبو تہ باقائده آهي.“

**سوال:** ڪن دوستن جو خيال آهي تہ هي دور ئي آهي نثري نظم ۽ آزاد نظم جو. شاعري جون موزون صنفون پنهنجي خوبي وڃائي چڪيون آهن، اوهان ٻڌايو تہ آزاد نظم جي زور وٺڻ سان ۽ نثري نظم جي ارتقائي عمل سان موزون شاعري متاثر ٿي آهي يا نہ ؟

**جواب:** آزاد نظم يا نثري نظم جي ارتقا سان موزون شاعري تي ڪو فرق نہ پيو آهي ۽ نہ پوندو. موزون شاعري جي اهميت پنهنجي جڳهہ تي مُستند آهي ۽ مستند رهندي. موزون شاعري گُنل پينل ۽ پاروٿي ڪانہ ٿي وئي آهي. ان ۾ موضوع ۽ خيال جي اعتبار کان تمام نواڻ ۽ وسعت اچي وئي

آهي. خاص طور غزل جي سونهن ويرون ويرون وڌ آهي. نور محمد خستہ، آخوند قاسم هالائي ۽ خليفي گل هالائي جي غزل کان اڄ جو غزل موضوعن جي اعتبار کان مختلف ۽ منفرد آهي. ان جي ٻولي، لب لهجو وڏيڪ پنهنجائپ وارو ٿي ويو آهي. موزون شاعري کي روايتي، مُدي خارج ۽ دقيانوسي سمجهڻ سطحي سوچ آهي. اها سوچ انهن ذهنن جي پيداوار آهي، جن کي وزن بحر ۽ ٻيا فني لوازمات سمجهہ ۾ نٿا اچن يا محنت ۽ رياض نہ ٿو پڄي، سکڻ ۽ سمجهڻ کان لنوائن ٿا. موزون شاعري جي کھڙي بہ صنف هجي. اها پنهنجي عصري تقاضائن سان زنده جاويد ۽ اڳئين کان اڳري ٿيو بيٺي آهي.

**سوال:** شاعري ۾ ”جدت“ ڇا کي چيو ٿو وڃي ؟

**جواب:** مان هڪ ”مولود“ آزاد نظم واري Format ۾ لکي چوان تہ اها منهنجي شاعري ۾ جدت آهي، اهو غلط آهي. اصل ۾ جدت ان شي جو نالو ناهي. جدت اسان جي نئين فڪر ۽ جديد احساس جو نانءُ آهي. جڏهن اسين چئون ٿا تہ هي جديد ادب آهي تہ ان مان مُراد آهي اسان پنهنجي نئين فڪر ۽ احساس سان اهو ادب تخليق ڪيو آهي. پنهنجي عالمانہ ۽ مدبرانہ ۽ سائنسي انداز فڪر سان موضوع کي حالتن جي تناظر ۾ رکي زير بحث آندو آهي. اسان فڪري ارتقا ۽ انقلابي سوچ سان شاعري ڪيون. ان کي اثرائتي بڻائڻ ۾، نون لهجن، اشارن، ڪناين، تشبيهن ۽ تمثيلن سان بيان ڪيون، ان ۾ نئين دور ۽ ماحول جي ڳالهہ ڪيون اها جدت آهي. مطلب تہ جدت ڪا الڳ شي نہ هوندي آهي نہ ئي ڪنهن صنف جي گهاڙيٽي ۽ هيئت کي تبديل ڪرڻ ۽ بگاڙڻ جو نالو آهي. بلڪ جدت اها آهي تہ اسان فرسوده ۽ مُدي خارج سوچ کان هٽي سماج جي نون قدرن ۽ ترقي پسند لاڙن جي حوالي سان ڳالهہ ڪيون.

**سوال:** ادب ڇا آهي. اسان سٺو ۽ صحتمند ادب ڪھڙو چئي سگھون ٿا؟

**جواب:** عام طور تي جيڪو بہ خيال نثر يا نظم جي تحريري صورت يعني لکت ۾ آهي، ان کي ادب چئبو آهي. ”ميٿيو آرنالڊ“ چواڻي تہ ”اهو سڄو علم جيڪو ڪتابن ذريعي ملي اهو ادب آهي“. پر مان وڌيڪ واضح ڪيان تہ ادب ۽ زندگي ٻئي لازم ملزوم آهن. ادب زندگي جو عڪاسي

هوندو آهي. جنهن ادب ۾ زندگي جا گوناگون پهلو نہ آهن سماجي، سياسي، تهذيبي ۽ تمدني رنگ نہ آهن. جنهن ۾ سماج جي جيئري جاڳندي تصوير نظر نہ ٿي اچي، ادب نہ ٿو چوائي سگهي. ”ادب برائي ادب“ جو نعرو اڄ ڪلهہ جهڙي ڳالهہ ٿي وئي آهي. جنهن بہ ادب ۾ زندگي، ماحول ۽ سماج جي ڳالهہ نہ آهي، اهو ادب سچو سارو بڪواس آهي. سنو ۽ صحتمند ادب اهو آهي جنهن ۾ اسان جي زندگي جا مسئلا زير بحث آهن. سماجي تبديلي ۽ بهترين انساني معاشري اڏڻ جو ڏس پتو ڏنل آهي.

**سوال:** شاعر جو سماج ۾ ڪهڙو ڪردار هئڻ گهرجي، ان جي ادبي ۽ ذاتي ڪردار ۾ تضاد رهي ٿو. ان صورتحال لاءِ اوهان جو ڇا چوڻ آهي ؟

**جواب:** شاعر بہ هڪ انسان آهي، ان ۾ بشري ڪمزوريون آهن. ان کان ننڍيون وڏيون غلطيون سرزد تہ ضرور ٿينديون. پوءِ بہ ٿلهي ليکي قومي سطح تي، ان جو ڪردار صاف ۽ شفاف هئڻ گهرجي. ڏاڍ ڏهڪاءُ، سماجي ڦرلٽ ۽ پرماريت خلاف آواز بلند ڪري، قلم ۽ ڪلا سان سچو رهي، درٻاري ۽ پٺو نہ هجي، ڪنهن وڏيري جو ونگاري نہ هجي. هن جو هر لفظ مظلوم ۽ مسڪين جي حق ۾ هجي.

**سوال:** اسان جي نئين شاعري مان ڪجهہ (Frustration) جهلڪي ٿي ان جو سبب ؟

**جواب:** هر ڳالهہ کي وقت ۽ حالتن جي تناظر ۾ ڏسڻ ضروري آهي. سنڌ صدين کان سور سَنا آهن. هميشہ سنڌ ڌرتي تي ڌاري والار ۽ مقامي ماڻهن جي حقن جي لتاڙ رهي آهي. نصف صدي کان جيڪي هاجا ٿيا آهن، ڦهري ڪڪرن جيڪي ٻاهيون برسايون آهن، انهن سان انسانيت جلي ٻري وئي آهي. مطلبي ۽ خود غرض سياست اسان جو آئندو ڏنڌلو ڪري ڇڏيو آهي. احساس محرومي، مايوسي ۽ ويڳاڻپ جي فضا اڀري آهي. نئين ٽهي ڇو تہ انهن حالتن جو گهرو مشاهدو رکي ٿي ۽ ٻيو تہ نئين ٽهي سُنو Talent رکندي بہ حقوق ۽ روزگار کان محروم آهي، ان ڪري انهن حالتن جو اثر ادب تي بہ اوس پوي ٿو. ڪجهہ اهڙو ادب جنهن ۾ قنوطيت ۽ ياسيت جو اهڃاڻ آهي مان ان کي بہ دٻيل احتجاجي ادب سمجهان ٿو. هر فرد جي ذاتي پيڙا، ۽ انتشاري ڪيفيت مان ئي اسان سماج جي گندي Set_up جو

پتو لڳائي سگهون ٿا. Frustration بہ اسان جي نفسياتي ۽ ذهني دٻاءُ جو نالو آهي. جيڪا هن معاشري جي System جي خرابي سبب آهي.

**سوال:** اڄ ڪلهہ شيخ اياز پنهنجي آخري لکڻين سبب تنقيد جو نشانو بڻيل آهي ۽ ڪن استاد بخاري کي شيخ اياز کان مٿاهون شاعر قرار ڏنو آهي. اوهان جي نظر ۾ اياز ۽ استاد جي وچ ۾ ڪا امتيازي لڪير آهي؟

**جواب:** مون لاءِ ٻئي محترم شخصيتون آهن. شيخ اياز جو سنڌي ادب ۾ وڏو Contribution آهي. هن سنڌي شاعري کي نج سنڌي لهجو ڏيڻ، پنهنجي مٽي جي مهڪ ڏيڻ ۽ ان ۾ انقلابي سوچ اجاگر ڪرڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪيو. شيخ اياز جي ٻولي ۽ شاعراڻو اسلوب ڀٽائي جو تسلسل آهي. هن بيت ۽ وائي کي جديد ڪيو. هن جي شاعري کي تمام گهڻي عوامي تائيد حاصل ٿي. هن جي شاعري اسان جي قومي تحريڪن جي اڳواڻي ڪئي. اسان جي نئين ٿهي اياز جوئي تسلسل آهي. هن جي ئي نين روايتن سان اسان جي نئين نڪور شاعري نسري ۽ نکري آهي ۽ شاعرن جو اڪ قافلو اڳتي وڌي آيو آهي. جيستائين استاد بخاري جو تعلق آهي تہ استاد بہ شعري ادب ۾ تمام وڏو نانءُ آهي. هن جا گيت "منهنجو نالو لکو"، "توکان ڏار ٿيان گنهگار ٿيان"، "اسين پيار ڪرڻ وارا ماڻهو"، "رڃي مڃي مون آزمايو"، "تون مڃين مڃين نہ مهربان"، "پيارو پيارو سور ڏيئي ويو" امر گيت آهن ۽ اڄ بہ هزارن لکن دلين جي ڌڙڪن بڻيل آهن. اڄ ڪلهہ ڪي دوست شيخ اياز کي آخري دعائي نظمن جي حوالي سان تنقيد جو نشانو بڻائي رهيا آهن ۽ ڪي وري استاد بخاري جي ڪيستائي شاعري کي غير معياري ۽ بازاري شاعري قرار ڏيئي استاد کي لوئي رهيا آهن. آئون ائين چوندس تہ ان تنقيدن سان اهي همراه پنهنجو ادبي قدبت وڌائڻ جون فضول ڪوششون ڪري رهيا آهن. اسان کي انهن ٻنهي شاعرن جون فقط سگهاريون تخليقون سيني سان لائڻ گهرجن. ان سلسلي ۾ مان ان خيال جو آهيان تہ ڪابہ ادبي تخليق چاهي اها شيخ اياز جي هجي يا استاد جي جيڪڏهن Relevant نہ آهي تہ ان کي پڙهندڙ ڪڏهن بہ قبول ڪونہ ڪندا. انهن جون بہ اهي شيون ادب جو حصو بڻبيون جيڪي Relevant آهن. جيڪا بہ لکڻي عوامي امنگن، انقلابي ۽ سائنسي سوچ ۽ فڪر سان هم آهنگ آهي ۽ سماج کي اڳتي

وٽي هلڻ جي سگهہ رکي ٿي، ڪڏهن بہ نہ مرندي. جنهن لکڻي ۾ اهڙي سگهہ ناهي اها چاهي ادب جي ڪنهن افلاطون اديب شاعر لکي هجي پنهنجو موت پاڻ مري ويندي. باقي ادب ۾ ٿلهيون عقيدتون ڪونہ هلنديون آهن. ادب ۽ عقيدت بہ جدا شيون آهن. عقيدت جي بنياد تي ادبي جهڳڙا نہ ٿيڻ گهرجن.

**سوال:** ڇا ادب ۾ تنقيد نہ هئڻ گهرجي يا تنقيد ضروري آهي، اوهان جو ڇا خيال آهي؟

**جواب:** تنقيد بلڪل هئڻ گهرجي، هر ليکڪ تي، مون تي بہ!! تنقيد ڇنڊڇاڻ جو نالو آهي. تنقيد ادب لاءِ Fuel جو ڪم ڏيئي ٿي! تنقيد نہ هئڻ سان ڪارائتو ادب تخليق نہ ٿيندو. هر ماڻهو پنهنجي لکڻي کي First & Final سمجهندو ۽ ادبي فرعونيت جنم وٺندي، پر تنقيد جو ادبي معيار هئڻ گهرجي. اها تعميري هجي تخريبي نہ! هتي اسان تنقيد جو هيل تائين ڪو معيار قائم ڪري نہ سگهيا آهيون. وڻي تہ ڪنهن کي آسمان تي رسايون، وڻي تہ ڪنهن کي گٽر ۾ ڪيرايون. تنقيد ۾ بہ اسان ذاتي پسند، ڀروپي ۽ منافقي وارو ڪردار ادا پيا ڪيون. جيڪو نهايت هاڃيڪار آهي. تنقيد بہ اهو ڪري سگهي ٿو جيڪو ادبي Values کان واقف آهي. سُخن فهم آهي، ادب شناس آهي ۽ جنهن موضوع تي تنقيد ڪري ٿو ان ۾ ڪيس ڀرپور علميت ۽ عبور حاصل هجي. هتي تہ تنقيد جا عجيب غريب منظر ۽ ڪل جهڙا پهلو سامهون ايندا آهن. دک درد ۾ ٻڌل شعر ٻڌندي ڪو ڇئي ٿو ڏيئي تہ ان ۾ مايوسي آهي، هي رجعت پسند ليکڪ آهي. ڪنهن جي شعر ۾ ٿلهي Sloganism ڏسي چوي ٿو تہ واه جو هنجي شاعري ۾ انقلاب آهي. اها سموري سطحي تنقيد آهي. هڪ شاعر جنهن جو هتي نالو ڪڻڻ مناسب نہ ٿو سمجهان چوڻ لڳو "استاد بخاري ڇا جو وڏو شاعر آهي استاد تہ هڪ نعت بہ ڪانہ لکي آهي، جڏهن تہ مون ڪوڙ ساريون نعتون لکيون آهن. اهو ڇا ۾ وڏو شاعر آهي جنهن کي نعت لکڻ نہ ٿي اچي" آهي نہ کل جهڙي ڳالهہ!! هڪ دوست چيو "بشير تنهنجو ڪتاب پڙهيم تو هيتري شاعري ڪئي آهي پر مولئ علي سائين جي شان ۾ هڪ منقبت بہ نہ ناهي آ، مون تنهنجي سڄي ڪتاب کي غلط ڪري گيها ڪيڍي ڇڏيا آهن. چوتہ تو رڳو داڦ

ڪئي آهي. ڏسو! هر ڪنهن جي سوچ جو نرالو زاويو آهي؟ هر ڪو لکيڻن کي عقيدتن ۽ نظرين ۾ تُو پرکي. اسين Impartial نقاد ڪٿان آڻيون. مان چوان ٿو تہ پهرئين خود تنقيد کي سمجهڻ گهرجي، تنقيد جو علم سولو هجي ها تہ الهداد ٻوهيو صاحب ۽ ٻيا سنڌي اديب ۽ دنيا جي مختلف ٻولين جا ڏاها تنقيد جهڙي موضوع تي ايترا ضخيم ڪتاب نہ لکن ها.

**سوال:** اوهان ايم اي سنڌي ادب ۾ ڪئي، ڇا اوهان جي ذاتي چونڊ هئي؟

**جواب:** منهنجي ادب سان وابستگي هئي، ان ڪري مون ايم اي سنڌي Literature ۾ ڪئي، ۽ فرسٽ ڪلاس ۾ فرسٽ پوزيشن حاصل ڪئي. هونءَ نلهو شاعر بڻيل هوس، پر سنڌي لٽريچر جو ان ڀهاني سان تفصيلي مطالعو ڪري ڪافي ڳالهين کان باخبر ٿيس. جن جي مون کي اڳ ۾ ڪا خبر ڪانہ هئي. هونءَ بہ هر شاعر ۽ اديب تي فرض آهي تہ هو اسان جي سنڌ جو سمورو ڪلاسيڪي، آڳاٽو ۽ جديد ادب پڙهي ۽ ٻولي جي تاريخ کان واقف ٿئي. نثر ۽ نظم جي سڀني صنفن جي سموري تاريخ کان باخبر ٿئي.

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت جي باري ۾ اوهان جو ڇا چوڻ آهي ؟

**جواب:** سنڌي ادبي سنگت جو رول ون يونٽ جي زماني کان ۽ ان جي ٽٽڻ کان پوءِ بہ بهتر رهيو. ان جي قيادت مضبوطي هئي. ڪم ڪرڻ وارا ترقي پسند هئا. سنڌ جي اها واحد ادبي جماعت آهي جنهن ترقي پسند ادب کي هٿي ڏني ۽ لکندڙن جي وڏي کيپ تيار ڪئي. موجوده وقت ۾ ان ۾ ڪم ڪندڙ ماڻهن جو رڳو شهرت ۽ انا پسندي وارو رجحان آهي ۽ خاطر خواه رزلٽ ڪانهي. سنڌي ادبي سنگت کي باقائدي فعال بڻائڻ لاءِ سينيئر هڏڏوڪي ۽ سنجيده اديبن کي اڳيان آڻڻو پوندو ۽ ادبي پراجيڪٽ هٿ ۾ کڻڻا پوندا.

**سوال:** اسان وٽ ادب ۾ گروه بنديون ۽ لابيون آهن. انهن جا ڪهڙا سبب آهن ؟

**جواب:** گروهہ بنديون ۽ لابيون ڪجهہ نظرياتي بنيادن تي آهن. ڪي سرڪاري ۽ غير سرڪاري تفريق سبب، ڪجهہ انڻ سهائپ، ذاتي پسند ۽ ناپسند جي بنيادن تي آهن. اڄ جي دور ۾ هر ڪو پنهنجي جاءِ تي فني خان

آهي، هر ڪو پنھنجي پذيرائي ۾ آهي ادب ۾ سنجيده ۽ سنو ڪم ڪندڙ اديبن ۽ استاد شاعرن جي عزت ڪانهي ۽ ڪو ڪنهن جي صلاحيتن کي مڃڻ لاءِ تيار ناهي. اسان وٽ وڏي اديب شاعر جي ڪسوٽي ”وڏو عهدو“ ۽ ڊگرين جي لاڻيءَ آهي، ڪرسي نشين ۽ عهدا ماڻيندڙ اديب ئي سڀ ڪجھ آهن، باقي ٻين کي ڪُٽ خلق سمجھيو پيو وڃي.

**سوال:** نئين ٽهي ۽ ان جي تخليقي صلاحيتن بابت اوهان جو ڇا چوڻ آهي؟

**جواب:** نئين ٽهي ۾ وڏو Talent آهي، جيڪڏهن پنهنجو مطالعو ۽ مشاهدو تيز ڪن ۽ فني لوازمات ۽ قائدا سکن ته پوءِ وڏو ڦيرو اچي سگهي ٿو. ڇو ته نئين ٽهي وڌيڪ حساس ۽ حالات کي سمجهڻ جي سگھ رکي ٿي. ماحول ۽ حالتن کي ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ Analysis ڪري سگهي ٿي. انهن ۾ ڀرپور صلاحيتون آهن. نون ليکڪن/شاعرن ۾ ڪيترن جي تخليقن تي فخر ڪري سگهجي ٿو. ائين چوڻ ته اسان جي ادب/شاعري جو مستقبل اونداهو آهي، سو درست ڪونهي! هي دور ۽ ايندڙ دور نئين ٽهيءَ جوئي ته آهي. ان نئين ٽهي ۾ ئي سياڻي جا شيخ اياز، استاد بخاري ۽ ابراهيم جويا پيدا ٿيڻا آهن.

**سوال:** ادب ۽ ثقافت جي حوالي سان قائم ڪيل سرڪاري ادارن بابت ڪجھ چوندؤ؟

**جواب:** ادب ۽ ثقافت جي حوالي سان قائم ڪيل سرڪاري ادارن بابت اهو چوندس ته سرڪاري ادارن کان ادب ۽ ثقافت جي حوالي سان وڏيون توقعات رکڻ اجايون آهن، نه ته اهي وڌيڪ ڪتاب ڇپرائن ٿا، نه اديبن ۽ شاعرن جي مالي سهائتا ٿا ڪن. ڪيترائي شاعر اديب ۽ فنڪار ڪسمپرسي جي حالت ۾ مري ويا. انهن ادارن ۾ ڪرسي سيڙائيندڙن جا پنهنجا مفاد ۽ همدرديون به آهن. انهن جون ڪجھ پنهنجون مجبوريون به آهن. انهن کي واضح ڪيل پاليسي کان ٻاهر نٿو هلڻو پوي ۽ پنهنجي پر ۾ رڳو ڪاغذن جو پيٽ ڀري سرڪار کي پنهنجي سهڻي ڪارڪردگي ڏيکارن ٿا. ادب ۽ ثقافت جي خدمت جي سلسلي ۾ سرڪاري ادارن تي ڀاڙڻ نه گهرجي.

**سوال:** ريڊيو ۽ T.V بابت جيڪا ڪارڪردگي آهي ۽ سرڪاري سهڪار سان ادبي ڪانفرنس بابت ڪجھ ٻڌايو؟

**جواب:** مان نہ پُڇ لڪائو اديب آهيان نہ ميلائي شاعر، شهرت پويان ڊوڙان ٿي ڪونہ، ادبي مقام گهٽي لکڻ يا ٽي وي تي بار بار اچڻ سان ڪونہ ٿو وڌي. ٿورو ٿي لکجي مگر سگهارو هجي، اهميت ۽ افاديت وارو هجي. مان Quantity کان وڌيڪ Quality جو قائل آهيان. سچو ڏينهن لڻ ڪنيو شاعري جي پويان ڪونہ هلندو هان، ۽ نہ مون شاعري کي پاڻ لاءِ ڪڏهن وجھ شهرت سمجھيو آهي. باقي T.V ۽ Radio وارن جي تہ هونءَ ئي هڪ هٽي قائم آهي. اتي اقربا پروري ۽ دوست نوازي جي ڳالھ آهي. رڳو سرڪاري ڪانفرنس ۾ بہ پنهنجا من پسند چوندا دوست اديب گهرايا ويندا آهن ۽ انهن کي ساون لفافن ۾ ”مال پاڻي“ ڏنو ويندو آهي.

**سوال:** چوندا آهن تہ شاعري لاءِ عشق جي چٽنگ ضروري آهي ؟ اوهان اهو فرمايو تہ اها ڳالھ ڪيتري قدر درست آهي؟

**جواب:** شاعري لاءِ ڪنهن حد تائين عشق محبت ضروري آهي، پر اها ڳالھ سو فيصد شاعري سان لاڳو ڪرڻ منهنجي خيال ۾ درست ناهي، شاعري جا ٻيا بہ ڪارڻ ۽ محرڪ ٿي سگهن ٿا. جهڙي نموني سان ماڻهو جو احساس محرومي، بيروزگاري، بک ۽ بدحالي. ذاتي دک درد، يتيمي ۽ ويڳاڻپ وغيره وغيره.

**سوال:** اوهان جي نظر ۾ عشق ڪهڙي شي آهي ؟

**جواب:** عشق انسان جي اندر جي جذبي جو نالو آهي، ماڻهو جو ڪنهن شي سان زياده اُنس ٿي وڃڻ، ان شي لاءِ فريفتہ ۽ چريو ٿي پوڻ، ان جي تانگھ طلب ۽ تڙپ ۾ رهڻ جو نالو عشق آهي. عشق جي اجان بہ اتاهين منزل کي جنون سڏيو ويندو آهي. ان ڪيفيت ۾ ماڻهو جنهن شي کي چاهيندو آهي، ان جا ڀلا ۽ بُرا پاسا ڏسڻ يا سوچڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي. ان حد تائين جو هو پاڻ بہ دنيا و مافيها کان بي خبر ۽ لاتعلق ٿي ويندو آهي، لوڪ ڇا ٿو چوي سندس جي باري ۾، اُن جي هو ذري پر بہ پرواھ نہ ڪندو آهي. بهر ڪيف عشق ئي هڪ واحد جذبو آهي جنهن تحت ماڻهو زندگي جي مختلف شعبن ۾ انيڪ ڪارناما سرانجام ڏنا آهن. جهڙي نموني سان

سائنسدانن عشق جي جذبي جي تحت ئي تجزيا ڪري ليباٽرين ۾ پنهنجون ڄمارون وقف ڪري ايجادات دنيا جي سامهون آنديون. ان جذبي تحت دنيا جي عالمن علم وڌايو. انهي جذبي تحت سماج سڌارڪن، سماجن ۾ وڏيون تبديليون آنديون. مون وٽ عشق جو مفهوم لامحدود آهي.

**سوال:** مذهب اوهان جي نظر ۾؟

**جواب:** جيئن ته انسان جڏهن کان هن ڌرتي تي جنم ورتو آهي ته هن جي آس پاس جو جيڪو ماحول آهي وڻ ٽڻ، سج تارا، افق شفق، زمين آسمان اهي سڀ شيون هن کي سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون ته هي شيون ڇا آهن. اهي ڪيئن ۽ ڪٿان آيون. خود آئون ڪير ۽ ڪٿان آيو آهيان، ڪائنات ڪهڙي System تحت هلي ٿي. سو ان ڏس ۾ صدين کان وٺي، ڏاها، دانشور، مني، رشي، اوتار، نبي، پير ۽ پيغمبر پنهنجون پنهنجو تعويلون ۽ تشريحون ڪري ڪجهه گس ۽ ڏس، پنڌ ۽ پيچرا انسان ذات کي ٻڌايا آهن ۽ پنهنجا متا ۽ اصول ڏنا آهن. جنهن کي ڌرم ۽ مذهب سڏجي ٿو اصل ۾ مذهب جو بنياد Fear and fraught تي ٻڌل آهي ڇو ته ماڻهو هن ڪائنات جي ماهيت ۽ Structure کي سمجهي نه ٿو سگهي. ان ڪري هن جي اڻڄاڻپ ۽ لاعلمي کيس مذهب جو پابند بڻائي ٿي. منهنجي نظر ۾ ”انسانيت“ جو مذهب سڀ کان اعليٰ آهي.

**سوال:** هن ڪائنات جي باري ۾ اوهان ڇا چوڻ پسند ڪندؤ؟

**جواب:** هي ڪائنات هڪ Mystery آهي. جنهن لاءِ اڄ تائين ڪوبه ماڻهو وثوق سان نه ٿو چئي سگهي ته هن جي ابتدا ڪيئن ٿي. انسان صدين کان وٺي ان معمي کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اسلامي نظرئي مطابق اها ”ڪن فيڪون“ سان عمل ۾ اچي وئي. جڏهن ته سائنسدان ان جي پيدائش جي باري ۾ ٻئي نموني سان اظهار خيال ڪن ٿا. جن جو چوڻ آهي ته هي دنيا هڪ وڏي ڌماڪي Big Bang سان شروع ٿي. هي سمورو مادو ٻرندڙ ريڪٽڙي وانگر هڪ آتشي بال جي صورت ۾ هو جيڪو ڦاٽو ۽ مادو هر طرف پکڙجي ويو ۽ ان پکڙيل مادي ٺرڻ شروع ڪيو. گيس ۽ غبار جي ڪڪرن مان ستارا، سيارا ۽ چنڊ وجود ۾ آيا. اسان جي ڌرتي هڪ ذرڙي برابر آهي، جيڪا هڪ شمسي نظام جو انتهائي ننڍڙو حصو آهي. اهو

شمسي نظام بہ هڪ ڪهڪشان جو حصو آهي. اسان جي ان ڪهڪشان ڪان ڏهہ هزار ملين ٻيون بہ ڪهڪشائون آهن. جن مان ڪي ايتريون پري آهن جو اتان روشني کي اسان تائين پهچڻ ۾ هزارين ملين سال لڳن ٿا. جڏهن هيڏي وسيع ڪائنات ۾ اسان جي ڌرتي هڪ واري جي ذرڙي برابر آهي تہ ان تي رهندڙ هڪ ماڻهوءَ جي ڪهڙي حيثيت آهي جو ان جي تخليق جي اسرار کي سمجهي سگهي.

**سوال:** اوهان کي فارسي ادب سان بہ لڳاءُ آهي ؟

**جواب:** انتهائي، جنون جي حد تائين-!! ڇو تہ فارسي تمام شيرين زبان آهي.

**سوال:** فارسيءَ ۾ اوهان کي ڪهڙا شاعر پسند آهن؟

**جواب:** فردوسي، سعدي شيرازي، حافظ شيرازي ۽ مولانا رومي، فارسي شاعري جا چار ٿنڀا چيا ويا آهن ۽ ايرانين توڙي غير ايرانين ۾ بيحد مقبول آهن. انهن کان علاوه مون کي رودڪي، فرخي، عنصري، طاهر عريان، ابو سعيد ابو الخير، خيام، انوري، ظهير فاريابي، عطار، خواجو ڪرماني، عبيد زاڪاني، ڪمال خجندي، عبدالرحمان جامي، سلمان ساوجي ۽ بابا فغاني بيحد پسند آهن. هر ڪنهن وٽ پنهنجو رنگ، پنهنجي خوشبو آهي. بلوچ صاحب! ڪڏهن ڪڏهن انهن جا خوبصورت شعر پڙهي، دل تي رقت طاري ٿيندي آهي ۽ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويندا آهن.

**سوال:** اهي تہ فارسي جا قديم شاعر آهن. اوهان ايران جي جديد شاعرن کي بہ پڙهيو آهي يا نہ؟

**جواب:** جي ها! جديد فارسي شاعري جو قافلو هڪ شاعر نيمايو شيج کان شروع ٿئي ٿو. قريباً 1935ع کان، اها جدت جي تحريڪ ايران ۾ مغربي شاعري کان متاثر ٿيڻ سبب ٿي هئي. نيمايو شيج جو پهريون آزاد نظم هڪ ادبي رسالي ”موسيقي“ ۾ شايع ٿيو هو ۽ هو پهريون شاعر هو جنهن فارسيءَ جي مروج عروضي قاعدي قافيہ رديف جي پابندين کان شعر کي آزاد رکيو. جديد شاعري ۾ احمد شاملو پڻ وڏو نالو ڪمايو ان کان علاوه فريدون توللي، مهدي اخوان، هوشنگ ابتهاج، سُهراب سپهري، شفيعي ڪدڪني فارسي جي جديد شاعري ۾ تمام اپريل نالا آهن. انهن جي آزاد نظمن ۽ نثري

نظمن ۾ اقتصادي، سياسي ۽ سماجي جهلڪ آهي. حسن ۽ عشق جو موضوع بہ نئين انداز سان آندل آهي. سنڌ جي جديد شاعري وانگر ان ۾ بہ زندگيءَ جا مسائل، سادگي ۽ حقيقت پسندانہ نمونے سان آندا ويندا آهن ٿا. مطلب تہ هو سرحد پار آهن پر دل جون ڌڙڪنون، سوچ جو انداز ۽ زندگيءَ جي تعمير وارو اتساهہ تہ ساڳيو آهي. اهي بہ ڄڻ اسان جا پنهنجا آهن. هر حوالي سان ۽ هرناتي سان ـ!!

**سوال:** هن ڪان ڪجهہ وقت اڳ همسفر گاڏهي جو ڪتاب ”سنڌ جي ڏاهپ ڪان سورنهن انٽرويو“ شايع ٿيو هو. جنهن ۾ ڊاڪٽر نجم عباسي جو انٽرويو بہ شامل آهي. ڊاڪٽر نجم عباسي پنهنجي انٽرويو ۾ هڪ سوال جي جواب ۾ مولانا رومي کي چوري باز سڏيو آهي، سندس لفظ آهن تہ دنيا جا گهڻا تڻا صوفي چوري باز رهيا آهن. رومي جي پٺيان بہ چورن جي لانڊ هوندي هئي. جيئن تہ اهو ڪتاب نجم عباسي جي وفات کان گهڻو پوءِ ڇاٽي ڇپيو آهي. توهان جو رومي بابت مطالعو ڇا ٿو چوي.

**جواب:** مون مولانا رومي تي ڪافي مواد پڙهيو آهي. ان تي لکيل تذڪرا ۽ مضمون نہ رڳو سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ بلڪ نج فارسي ۾ بہ پڙهيا آهن. اهڙي ڪنهن بہ قسم جي ڳالهہ مولانا روميءَ سان منسوب ٿيل نہ آهي. نجم عباسي مولانا رومي لاءِ اهي ناشائستہ ۽ نازيبا الفاظ ڇيا آهن. اهو انٽرويو مون پاڻ بہ پڙهيو آهي. نجم عباسي هينئر زنده ناهي ورنہ ان کان پڇجي ها تہ اهڙي هٿ نوڪي ڳالهہ توهان ڪيئن ڪئي. بس تصوف جي مخالفت ۾ هُن انتهائي بغض ۽ عناد کان ڪم ورتو ۽ هونءَ بہ هو صوفين کي ڪچيون گاريون ڏيندو هو. مولانا رومي 604 هجري ۾ بلخ ۾ پيدا ٿيو هو ۽ 672هہ/ ۾ قونيه ۾ سندس وفات ٿي هئي. هن قونيه، روم حلب ۽ دمشق ۾ تعليم حاصل ڪئي. قرآن حديث، تفسير، منطق ۽ معقول جي علم ۾ ڪمال جي درجي تي پهتو هو. هُن جي تعليم ۾ سندس پيءُ شيخ محمد بهاوالدين ۽ سيد برهان الدين ترمذي جهڙي عالم جو هٿ هيو بعد ۾ شمس تبريزيءَ جهڙي درويش جو مٿس رنگ چڙهيو. جنهن سبب تصوف ۾ سندس حالت ئي دگر گون ٿي وئي. ۽ هو دنيا کي تيچ سمجهڻ لڳو. سندس زندگيءَ ۾ جن شخصيتن سان بي پناهہ محبت رهي انهن ۾ شمس تبريزي جنهن کي

سندس مرشد جو درجو حاصل آهي. ٻيو صلاح الدين زرڪوب، جيڪو ابتدا کان ئي مولانا روميءَ جو پير ڀائي ۽ صاحب حال هيو ۽ ٽيون شيخ حسام الدين چلپي، جيڪو پڻ اڳين ٻن صاحبن جهڙو با اخلاق ۽ باڪمال انسان هيو ۽ ان ئي مولانا کي سندس مشهور تصنيف ”مثنوي“ لکڻ تي آماده ڪيو.

صحبت صاحب! مولانا رومي صاف شفاف طبيعت جو مالڪو هو. ان پنهنجي مثنوي کي پهلوي (فارسي) زبان جو قرآن سڏيو آهي، سندس لفظ آهن.

مثنــــوي و مولــــوي و معنــــوي
هســـت قـــرآن در زبـــان پهلـــوي.

جيئن ڀٽائي صاحب چيو ”بيت نہ ڀائنج ماڻهئا! هي آيتون آهين“ اوهان پڙهيو ۽ ٻڌو هوندو تہ ڀٽائي مولانا روميءَ جي مثنوي پاڻ سان کنيو وتندو هو جا هن کي هر قدم تي اتساهيندي هئي. مولانا جي مثنوي نہ رڳو ايران بلڪ پوري برصغير جي ماڻهن جي دلين تي راڄ ڪري رهي آهي. مان نجم عباسي جي انهن لفظن جي سختي سان ترديد ڪيان ٿو جيڪڏهن رومي صاحب ايڏو بداخلاق هجي ها تہ ڪيس اسان جو روحاني مرشد ڀٽائي توڙي دنيا جو هر معقول ماڻهو ان سان محبت ۽ عقيدت نہ رکي ها.

**سوال:** اوهين تصوف ۽ صوفين کي ڪهڙي Angle سان ڏسون ٿا؟

**جواب:** هر نظريو پنهنجي پنهنجي دور جي پيداوار هوندو آهي. سنڌ ۾ تصوف جو تمام اهم رول رهيو. محبت ۽ ڀائيچاري، اخوت ۽ انسان دوستي، سهپ ۽ رواداري لاءِ جيڪو رول تصوف ادا ڪيو اهڙو ڪنهن ٻئي نظرئي ناهي ڪيو. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ماڻهو فطرتا محبتي ٻئي جي نظريہ جو احترام ڪندڙ سهپ ۽ رواداريءَ جو امين ۽ سيڪيولر رهيو آهي ان ۾ مذهبي جنونيت ناهي. صوفين جو اهو هڪ سماجي رول هيو. باقي هينئر هن حالتن ۾ تصوف سو فيصد قابل قبول نظريو ناهي. اهو غير انقلابي آهي سماجي جدوجهد ۽ قومي وجود جي ويڙهہ ۾ بي معنيٰ آهي. ان جو ترڪِ

دنيا جو سبق اسان کي سموري سياسي سماجي جدوجهد ۽ دنيا ۾ انقلابي تحرڪ ۽ زندگيءَ جي انيڪ فيلڊس ۾ نوان تجربا ۽ مشاهدا ڪرڻ ۾ مانع آهي. ان ڪري تصوف نين حالتن جي تناظر ۾ نيڪ آهي. هونئن بہ هر شي جا Positive پهلو ڪڍجن ۽ Negative ڇڏي ڏجن.

**سوال:** اوهان ڪو پيغام ڏيڻ چاهيندؤ؟

**جواب:** منهنجو پيغام محبت، امن، ڀائپي ۽ ايڪو آهي، منهنجي هن ڌرتي تي رهندڙ ۽ ان سان محبت ڪندڙ هر ماڻهو لاءِ دعا آهي تہ هو خوش هجي.

منهنجي اڱڻ تي اوندهہ آ، تون ان جو ڏک نہ ڪر،
منهنجي دعا آ، تنهنجي اڱڻ تي جرڪن شل جوتون.
(بشير)

# جوهر بروهي



## وائي

رِڻ رڻ تــــي آ رَڻُ

ڪــيڏاري جــي ڪــوڪ پـــڏي مــون!

ڏاڙهـــــيازي تـــي ٽــڪرايا هــن، پــاڻــي ءِ پاهــڻ

ڪــيڏاري جــي ڪــوڪ پـــڏي مــون!

گـلـن واسيل جڳ ٿـو چٽـڪـي، ايـٿـم جــو ٻــارڻ

ڪــيڏاري جــي ڪــوڪ پـــڏي مــون!

جوهر! منهنجي وسطي مون لـئـہ دوزخ ٿي پئي جڻ

ڪــيڏاري جــي ڪــوڪ پـــڏي مــون!

# BRIEF INTRODUCTION

## جوھر بروھي

| | |
|---|---|
| پورو نالو: | عبدالقيوم |
| ادبی نالو: | جوھر بروھی |
| ولديت: | عبدالکريم ذبيع ساسولی بروھی |
| جنم تاريخ: | 29 جنوري 1950ع |
| جنم ھنڌ: | ٽريچاڻی تعلقو پنو عاقل سکر |
| شاعري جی شروعات | 1970ع |
| تعليم: | درس نظامی مکمل ۽ ميٽرڪ پاس |
| مستقل پتو: | فريد آباد تعلقو ميھڙ دادو |
| ڌنڌو: | مدرس، معلم |

**سوال:** جوھر صاحب اوھان جي لکڻ جي شروعات ڪيئن ٿي، ڪڏھن ٿي ۽ ڪھڙي ٻوليءَ ۾ ٿي؟

**جواب:** جيئن تہ ننڍپڻ کان لکڻ پڙھڻ جو شوق ساھ ۾ سمايل رھندو ھو. مختلف ڪتاب، رسالا ۽ اخبارون پيو پڙھندو رھندو ھوس، پر جيئن تہ بروھي خاندان ۾ جنم ھئڻ ڪري منھنجي لکڻ جي شروعات 1972ع ۾ بروھي ٻولي ۾ نثر کان ٿي، شروع ۾ تہ رديف ۽ قافين جي بہ ڄاڻ نہ ھوندي ھئي، پر ھفتہ روزہ "ايلم" ۽ تماھي "مھراڻ" جو مطالعو بہ ڪندو رھندو ھوس. براھوي ٻولي جو ادبي ماحول تمام محدود ھئڻ جي ناتي سان جلدي ئي پذيرائي ملي. پر دل ۾ خيال آيو تہ سنڌ ۾ رھي ڪري پنھنجي شناخت سنڌي ادب سان ئي ڪرائي سگھجي ٿي. مون باقائدي سنڌي ٻولي ۾ لکڻ جي شروعات 1976ع کان ڪئي.

**سوال:** سنڌي ادب لاءِ لکڻ جا ڪھڙا ڪارڻ ھيا؟

**جواب:** سنڌي ادب کي منھنجي ضرورت تہ ڪانہ ھئي پر مون کي سنڌي ادب جي ضرورت ھئي. اردو ٻولي جي مقابل سنڌي ٻولي ئي واحد

ٻولي آهي جيڪا ان جي سامهون ڪر ڪنيو بيٺي آهي. جڏهن ته اوهان ڏسندو ته ٻين ٻولين کي Support ڪرڻ وارا ڪيترائي ادارا آهن. پر هي واحد زبان آهي، جنهن پنهنجو وجود نامسائد حالتن ۾ به برقرار رکيو آهي ۽ رکندي پئي اچي. جيئن ته سنڌ ۾ ئي رهڻ ڪري سنڌي ٻولي ۽ ڪلچر سان دلي لڳاءُ هيو. ان ڪري پنهنجي اندر جي اڏمن ۽ احساسن کي سنڌي زبان جوئي ويس ڍڪايو چو ته اها به مون کي بروهي زبان جيان ئي قريب پاسندي آهي.

**سوال:** شاعري ۽ شاعرن لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي ڀٽڪيل آهن. گمراهه ٿيل آهن. جڏهن ته اوهان جو به شاعري سان گهرو تعلق آهي ۽ وري ساڳي جاءِ تي اوهان عالم دين به آهيو ته اوهان جي نظر ۾ شاعري ڇا آهي ۽ شاعر جو معاشري ۾ ڪهڙو ڪردار هئڻ گهرجي. جڏهن ته ڪٿي وري اهو به ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته ”شاعري جزويست از پيغمبري“

**جواب:** شاعري الهام آهي. اعليٰ انساني وصف آهي. جيڪو نه ٿو پڄي سگهي ”آڪي ٿو کٽا“

عربي ادب جو وڏو شاعر ”حسان بن ثابت“ کي نبي ڪريم هلندي خطبي مان لهي حڪم فرمايو ته ”حسان! منبر تي چڙهي شاعري پيش ڪر“ شاعري جا مخالف انسانيت جي خوشبو کان واقف ئي ناهن، اهي نفرتن ۾ پلجندڙ آهن. ان ڪري ڪين شاعري ۽ شاعرن جي اهميت جي خبر ئي ناهي.

**سوال:** اوهان شاعري جي اصلاح ڪنهن کان ورتي؟

**جواب:** سچ پڇو ته مون شاعري جي اصلاح ڪنهن کان به نه ورتي ۽ نه ئي وري ڪو منهنجو شاعري ۾ استاد آهي. پر مون جڏهن ”مهراڻ“ جو لڳاتار مطالعو شروع ڪيو ته سنڌي شاعري جي وزنن ۽ بحرن کي پنهنجي منهن سمجهڻ جي متاڪت ڪيم ۽ اتان ئي شاعري جي پيچرن تي هلڻ جو ڏانءُ مليو. ان ڪري مان ته ائين ئي چوندو آهيان ته ”مهراڻ، رسالو ئي منهنجو استاد به آهي ته رهبر به.

**سوال:** اوهان جي ترقي پسند/ انقلابي شاعري ڪڏهن رجعت پرستن جي ور به چڙهي هوندي. ڇا توهان ڪڏهن انهن جي عتاب هيٺ آيا آهيو؟

**جواب:** (وڏو ٽهڪ ڏيندي) سوال تہ ڏاڍو ڏکيو ڪيو اٿو بلوچ صاحب. منهنجي ترقي پسند/انقلابي شاعري جتي بہ پهتي آهي. مون کي خوب داد ڏنو ويو آهي. شاعري جي تعريف ڪئي وئي آهي. مون کي اهڙو ڪوبہ واقعو ياد نہ ٿو اچي جو منهنجي اهڙي شاعري تي رجعت پسند ڪاوڙيا هجن پر جڏهن تہ ان جي برعڪس مذهب پرست خود پنهنجي تقريرن ۾ انتهائي اعليٰ درجي جي شاعري پيش ڪندا رهندا آهن. البتہ انهن کي منهنجي رومانوي شاعري پاڻءِ نہ پوندي آهي.

**سوال:** اوهان هڪ ئي وقت سنڌي براهوي، اردو ۽ فارسي زبان جا شاعر آهيو. توهان اهو ٻڌايو تہ توهان کي ڪهڙي زبان ۾ شاعري ڪرڻ، پنهنجي روح جي قريب لڳندو آهي يا ان سان پنهنجائپ وارو ناتو سمجهندا آهيو؟

**جواب:** نسلي طور مان بروهي آهيان. پر اسان جي مادري ٻولي سنڌي آهي. اڄ بہ اسين چارئي پائر هڪ ٻئي سان گهر ۾ براهوي بجاءِ سنڌي ٻولي ۾ ڳالهائيندا آهيون. ان ڪري براهوي زبان توڙي سنڌي زبان ٻئي مون کي مادري زبانون لڳنديون آهن. اهو ئي سبب آهي جو انهن ٻنهي زبانن ۾ نهايت دلچسپي ۽ رواني سان شاعري ڪندو آهيان. باقي فارسي ۽ اردو اوپريون زبانيون آهن. انهن ۾ موڊ مطابق شاعري ڪندو آهيان. هينئر تائين مون فارسي زبان ۾ 70/80 غزل ۽ اردو ٻولي ۾ 10/12 غزل لکيا اٿم. جڏهن تہ سنڌي ۽ براهوي شاعري 1976ع کان ڇپجڻ شروع ٿي آهي ۽ ان ۾ لاتعداد شاعري ڪئي اٿم. ٻنهي ٻولين جو موازنو ڪندي ائين چوان ٿو تہ سنڌي ٻولي وسيع آهي ۽ ان جي برعڪس براهوي ۾ ايتري وسعت ناهي، پنهنجي اندر جو اظهار سنڌي ٻولي ۾ ڪرڻ تي ترجيح ڏيندو آهيان.

**سوال:** اوهان سنڌي ٻولي جا سٺا شاعر آهيو. سنڌي معياري شاعري کي اوهان ڪڏهن براهوي ٻولي ۾ ترجمو ڪيو آهي. ڇو تہ اهو اوهان تي سنڌي زبان جي سجڻ ۽ هڏ ڏوکي شاعر هئڻ جي ناتي سان بہ فرض ٿئي ٿو؟

**جواب:** ڀٽائي کان پوءِ ٻيو معياري شاعر ڪهڙو ٿي سگهي ٿو. سو مان ڀهرئين ڀٽائي جي چئن سرن جو منظوم ترجمو ڪري چڪو آهيان. جنهن مان هڪ سُر ڇپيل آهي ۽ باقي اڻڇپيل آهن ۽ ڀٽائي جون وايون پڻ براهوي ٻولي ۾ ترجمو ڪيون اٿم. جيڪي پڻ مختلف فنڪارن ڳايون آهن. انهن

واين مان هڪ وائي

"ٽيندو تن طبيب، دارون منهنجي درد جو

جنهن جو براهوي زبان ۾ ترجمو هن ريت ٿيو:

"مروجان طبيب، دارون ڪنا درد"

هي وائي ڪوئٽه T.V تان پڻ نشر ٿي چڪي آهي. جيڪا نهايت مقبول وئي آهي. لطيف سرڪار کان علاوه سنڌ ڌرتي جي ڪجھ شاعرن کي ترجمو ڪري چڪو آهيان. جنهن ۾ شيخ اياز، استاد بخاري، نياز همايوني، امداد حسيني، اسحاق راهي، بشير سيتائي، آغا سليم، مطلب ته ٻيهارو کن شاعرن جو ڪلام ترجمو ڪري چڪو آهيان. جڏهن ته هڪ سال ترجمي جو سال براهوي ادب ۾ به مقرر ڪيو ويو هو. ان پروگرام ۾ مون تي سنڌي شاعرن جي ڪلامن جو منظوم ترجمي جو ڪم رکيو ويو هو.

**سوال:** چيو وڃي ٿو ته شاعري هن دور ۾ مري رهي آهي. جڏهن ته ڪن سينيئر شاعرن جو چوڻ آهي ته شاعري فن ۽ فڪر جي حوالي سان نوان لاڙا هن صدي ۾ ئي ڳولي لڌا آهن. ان ڪري هو مري ڪانه ٿي پر هن ته جيئڻ جي شروعات ئي هن دور ۾ هاڻ ئي ڪئي آهي.

**جواب:** مون کي يقين آهي ته فن ڪڏهن به مرندو ناهي، باقي شاعري سان لاڳاپيل لوازمن جو مطالعو ضرور ڪجي. سنڌي شاعري شاهه ڪريم بلڙي واري، شاهه ڀٽائي جي دور کان ئي سونهري دور ۾ داخل ٿي چڪي آهي، اهو غلط آهي ته ڪا شاعريءَ جيئڻ ئي هاڻي شروع ڪيو آهي! بروهي شاعري جو پهريون دور ئي لطيف سرڪار جو دور آهي، جڏهن ته اهو سنڌي شاعري جو ٻيو دور آهي. جڏهن ته سنڌي شاعري جو پهريون دور قاضي قاضن کان به اڳ ۾ آهي ۽ اردو شاعري ته گهڻي پوءِ جي پيداوار آهي.

**سوال:** اوهان پنهنجي همعصر شاعرن ۾ ڪهڙن شاعرن کي سٺو يا معياري شاعر سمجهو ٿا؟

**جواب:** سائين مون وٽ نالن جي ڀرپور لسٽ آهي. پر مان هتي نالا نه ڪڍندس. هون به هر تخليق جي پنهنجي سونهن ۽ سنورتا آهي. ڪڏهن وڏي شاعر کان به ڪو ننڍو شاعر اهڙو بند تخليق ڪندو آهي جو اهو وڏي شاعر کان مٿاهون لڳندو آهي. ان ڪري معيار سٺي مان سٺي شي لکڻ تي

منحصر آهي نہ نندي وڏي تي.

**سوال:** هن وقت اوهان ڪهڙو ادبي يا تخليقي ڪم سرانجام پيا ڏيو ۽ ڪهڙين ٻولين ۾؟

**جواب:** حال ۾ مان سنڌي ٻولي ۾ قرآن شريف جي لغت لکي رهيو آهي. جيڪا ڊڪشنري عربي کان سنڌيءَ ۾ آهي، جيڪڏهن ڪو پبلشر ان سلسلي ۾ ڳالهائيندو تہ ڪين مثبت موٽ ڏني ويندي.

**سوال:** نئين ٽهيءَ جي شاعرن مان اوهان ڪيتري قدر مطمئن آهيو؟

**جواب:** نئين ٽهي مان، مان ڪافي حد تائين مطمئن آهيان. جن دوستن جو گهرو مطالعو آهي ۽ فن سان پڻ وابستي آهي اهو ئي مستقبل جا سگهارا شاعر ٿي سگهن ٿا.

**سوال:** شاعري ۾ علم عروض جي ڪيتري اهميت آهي؟

**جواب:** علم عروض جي تمام وڏي اهميت آهي. علم عروض کان سواءِ شاعري ۾ مزو ئي ناهي. علم عروض سان گڏ جيڪڏهن خيال بہ گهرو آهي تہ پوءِ چڙ تہ جسم ۾ جان ٿي پوي، چو تہ رنگن ۾ جيڪڏهن ڪوبہ عنصر گهٽ آهي تہ رنگ گم ٿي وڃي ٿو. خيال ۽ عروض جو شاعري ۾ هئڻ بہ ضروري آهي.

**سوال:** چيو وڃي ٿو تہ سنڌي غزل اصل ۾ فارسي غزل جي زمين مان ئي اسريو نسريو آهي ۽ اڄ تائين بہ تشبيهون ۽ تمثيلون اهي ئي فارسي غزل جون مروج آهن. اوهان ٻڌايو تہ سنڌي غزل فارسي رنگ کان مڪمل الڳ ٿي ويو آهي يا اڃان بہ فارسي اثر هيٺ آهي؟

**جواب:** سائين منهنجا سنڌي غزل هينئر فارسي غزل يا فارسي رنگ وڍنگ کان مڪمل الڳ ٿي چڪو آهي ۽ سنڌي غزل اصولن پٽاندر جدا شي بڻجي ويو آهي. باقي ڪٿي ڪٿي ٿي سگهي ٿو ڪو هڪ اڌ شاعر هجي بہ، نہ تہ هينئر فارسي غزل جي رنگ ڍنگ ۾ اسان جو غزل ناهي. تنهن جي باوجود اهڙا شاعر هن وقت اٽي ۾ لوڻ برابر آهن. باقي سنڌي غزل جو هينئر پنهنجو انداز ۽ اسلوب آهي.

**سوال:** اوهان فارسي زبان ۾ شاعري ڪئي آهي. اوهان کي فارسي شاعري ۽ سنڌي شاعري ۾ ڪو امتيازي فرق نظر اچي ٿو؟

**جواب:** ادا بلوچ صاحب! فارسي شاعري بهرحال هڪ اسلوب تي رڪيل آهي. جڏهن تہ سنڌي شاعري ۾ ان ڪان وڌيڪ انفراديت آهي. مون کي سنڌي شاعري وڌيڪ پسند آهي. اسلوب موضوع ترڪيبن ۽ تمثيلن جي حوالي سان.

**سوال:** فارسي شاعري Romantic آهي. جيڪي فارسي ڄاڻن ٿا انهن جو چوڻ آهي تہ رومانس ۾ اڄ بہ فارسي غزل سنڌي غزل کان اڳتي آهي. اوهان جو ان بابت ڪهڙو خيال آهي؟

**جواب:** اهو ممڪن آهي! ڇو تہ سنڌ جي غزل ۾ سنڌي سماج جي تلخي موجود آهي ۽ سنڌ جو غزل سياسي حالتن جي پيداوار آهي ۽ منجهنس خارجي پهلو نمايان آهي. جڏهن تہ فارسي غزل ۾ داخليت جو عنصر گهڻو آهي ان ڪري زياده Romantic ٿو لڳي. ان جا ڪارڻ منهنجي نظر ۾ اهي ئي آهن.

**سوال:** ڪنهن دور ۾ فارسي اسان جي علمي ۽ ادبي حلقن ۾ ائين ڇانيل هئي. جيئن اڄ جي دور ۾ انگريزي آهي. فارسي جي تڏا ويڙهہ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟

**جواب:** جيئن تہ ان وقت فارسي برصغير جي سرڪاري ٻولي هئي. خاص طور تي سنڌ ۾ فارسي زبان سنڌي ٻولي جي جاءِ والاري ۽ ان جو استحصال ڪيو ۽ اوهان جي لفظن ۾ ڇئجي تہ راڄ ڪرڻ جو سبب آهي جو فارسي هڪ تہ سنڌ ۾ پوري برصغير تي هڪ مڙهيل ٻولي هئي. انگريزن جي اچڻ جي ڪري, ان جو سماجي ڪارڻ گهٽجي ويو ۽ انگريز سرڪار ان جي سرپرستي ڪرڻ ڇڏي ڏني ۽ انهن انگريزي ٻولي کي رائج ڪيو. اهي ئي شيون فارسي جي تڏا ويڙهہ جو سبب بڻيون. پر پوءِ بہ فارسي زبان پنهنجي شيريني ۽ شاهوڪار ادب سبب جزوي طرح اڄ بہ جيئي ٿي.

**سوال:** موجوده وقت سنڌ ۾ فارسي جي حوالي سان فارسي ادب کي سنڌي ادب ۾ ۽ سنڌي ادب کي فارسي ادب ۾ روشناس ڪرائڻ ۾ ڪهڙا اسان جا اوائلي ۽ موجوده سنڌي اديب پيش پيش آهن؟

**جواب:** ادا سائين جيئن تہ فارسي شعر ۽ سخن جي شروعات سمن جي دور کان ٿي چڪي هئي. جنهن جو اوج ارغونن, ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور

۾ هيو ۽ فارسي اسلامي علوم سبب مدرسن ۾ لازمي Subject ڪري پڙهائي وئي. ان ڪري فارسي جو رواج پيو. ايراني ادب کي روشناس ڪرائڻ ۾ اوائلي دور جا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مرزا قليچ بيگ، سدا رنگاڻي، غلام احمد بدوي، علي محمد تنيو، عبدالله شڪارپوري، مولانا عبدالڪريم ڏيرو، ڊاڪٽر گل حسن لغاري، مولانا در محمد پنهور ۽ رحيم بخش قمر اچي وڃن ٿا. جڏهن ته موجود دور ۾ نياز همايوني، مولانا علي محمد عاقلي لاڙڪاڻي وارو، مشتاق سچاروي، غالب ملڪاڻي، غلام محمد لاڪو، محمد بچل چانڊيو، بشير سيتائي ۽ هي بندو اهڙا فرائض سرانجام ڏيئي رهيا آهن.

**سوال:** جيئن ته اسان وٽ سنڌي ادب جا ڪيترائي ادارا آهن، ڇا اوهان ان خيال جا آهيو ته فارسي ادب کي سنڌي ادب ۾ ۽ سنڌي ادب کي فارسي ادب ۾ روشناس ڪرائڻ لاءِ ڪو فعال ادارو سنڌ ۾ قائم ڪيو وڃي جيڪو اهڙو فريضو سرانجام ڏيئي سگهي.

**جواب:** جيئن ته فارسي زبان کي ٻين ٻولين ۾ متعارف ڪرائڻ جي سلسلي ۾ اهڙي خدمت لاءِ ايراني سفارتخانو علمي سرپرستي ڪندو رهيو آهي. هن موقع تي ايراني سفارتخاني کي پيش رفت ڪرڻ گهرجي. باقي سنڌ جا ادبي ادارا وسيلن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي ئي ڀرپور خدمت ڪرڻ جي قابل، ناهن تاهم به مان ان خيال جو آهيان ته سنڌ ليول تي ڪجهه فارسيدان اديب اهڙو ادارو قائم ڪرڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪن، جيئن فارسي ۽ سنڌي لٽريچر کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي سگهجي. خاص طرح سان پنهنجو ٻولي جي جديد ادب کي.

**سوال:** جيئن ته سنڌي ۽ فارسي زبان جو ماضي ۾ پاڻ ۾ ڳوڙهو ڳانڍاپو رهيو آهي، ڇا اوهان ان خيال جا آهيو ته سنڌي اديبن ۽ شاعرن ۾ نئين سر فارسي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ لکڻ جو رجحان پيدا ڪجي ته جيئن ماضي وانگر ٻئي ٻوليون هڪٻئي جي قريب اچن ۽ جيڪو فارسي ۾ علمي ذخيرو آهي ان کان اسان جا سنڌي اديب ۽ شاعر ڀرپور فائدو وٺي سگهن؟

**جواب:** سنڌ ۾ ارغونن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ سياسي تعلقات هئا. ان ۾ سياسي ماحول موجود هيو. جنهن سبب ٻنهين ٻولين ۾ ڳوڙهو ڳانڍاپو هو ۽ ان جو اهو ئي سبب آهي. جيئن ته فارسي جي گهڻن ڪتابن

جا سنڌي ۾ ترجما ٿيا آهن جنهن ۾ ”بوستان“، گلستان، سڪندر نامو پنج ڪتابي، گلستانِ سعدي جا به ترجما ٿيا آهن. هي منظوم ترجمو علي محمد تنيو چئو ديواري واري ڪيو جڏهن ته تازو گلستان/بوستان جو نثري ترجمو ڊاڪٽر محمد قاسم سومري پڻ ڪيو آهي. جنهن جي اشاعت روشني پبليڪيشن ڪنڊياري وارن ڪرايو آهي. ساڳي وقت بشير سيتائي ”گوهر ناياب“ جي عنوان سان ڏيڍ سو کان مٿي فارسي شاعرن جو ڪلام متعارف ڪرائڻ لاءِ مرتب ڪيو آهي.

باقي رهيو سوال فارسي سکڻ جو ان لاءِ ڪير منع ڪندو ته نئين ٽهي جا دوست فارسي نه سکن. فارسي ۾ تمام وڏو شعري زخيرو آهي. جنهن کان آشنائي نهايت ضروري آهي. اهو تڏهن ممڪن آهي. جڏهن دوست فارسي زبان کان آشنا ٿين.

**سوال:** اسان جي سنڌي، زبان سان صدين کان وٺي ناروا سلوڪ جاري رهيو آهي. اها به اڪيائي موجوده دور ۾ به ٿي رهي آهي. ان بابت اوهان جو ڇا خيال آهي.

**جواب:** بلوچ صاحب! اسان ڌارين تي ڏوهه ڏيون ٿا پر اسان جا پنهنجا به سنڌي زبان کي اپاهج ۽ ننڌڪو بڻائڻ ۾ ڪسر نه ٿا ڇڏين ۽ فقط....

**سوال:** جيئن ته اوهان ٻن مظلوم ۽ قومي ٻولين يعني (براهوي ۽ سنڌي) جا نمائندا شاعر آهيو. ٻنهي قومن جي مظلوميت ۾ اها ڪهڙي مماثلت آهي جيڪا اوهان کي ٻنهي پاسي لکڻ تي مجبور ڪري ٿي؟

**جواب:** سنڌي قوم سياسي لحاظ کان برصغير جي مظلوم قوم آهي. ان پنهنجي حقن جي اصول سان گڏ سنڌي علم ۽ ادب جو تحفظ ۽ خدمت لاءِ صدين کان مزاحمت جاري رکيو آهي ۽ ڪيترن ئي سگهارن طبقن کي يا سگهارن اديبن کي سنڌي ادب مزاحمت سان پنهنجو وجود ختم ڪرڻ نه ڏنو آهي. توڙي انهن قوتن جي ڪوشش سان سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب کي سياسي ۽ نفسياتي طور ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش جاري آهي. ظلم جي انهي روش کي سنڌي اديب به سوچي ٿو ۽ سنڌي ادب لاءِ پڻ پتوڙي رهيو آهي. انهن وانگر مان به سنڌي ٻولي جي ارتقا ۽ بقا لاءِ وت ۽ وس آهر ڪوشش ڪري رهيو آهيان. جڏهن ته براهوي ٻولي ڪيترن سببن جي ڪري سنڌي

ٻوليءَ کان ڪافي گهٽ آهي. اهو ئي سبب آهي جو مان ادبي ڪم براهوي ۾ ڪيان ٿو تہ جيئن مون کي نمايان حيثيت ملي پوي. پر پوءِ بہ عام بروهي وٽ ٻولي جو شعور ڪونهي. جڏهن تہ سنڌي اديب ۽ شاعر کي سنڌي قوم کان صحيح موٽ ملي ٿي.

**سوال:** جيئن تہ اوهان شاهہ جي رسالي جي ڪجهہ حصي کي براهوي زبان ۾ ترجمو ڪيو آهي. براهوي سماج طرفان پٽائي کي ڪيتري مڃتا ملي آهي؟

**جواب:** ادا! براهوي سماج منهنجي ترجمي جي ڪري متاثر ناهي، ڇو تہ پڙهيل لکيل ماڻهوءَ جو انگ تمام گهٽ آهي. هو فقط هڪ بزرگ جي حيثيت سان پٽائي جا عقيدتمند ضرور آهن. باقي هن جي فهم ۽ فڪر کي ڪونہ ٿا سمجهن. البتہ بروهي علمي ادبي حلقن ۾ منهنجي ترجمي کي تمام گهڻو ساراهيو ويو آهي.

**سوال:** جيئن تہ اوهان بزم لطيف ميهڙ جا موجود وقت سرپرست اعليٰ پڻ آهيو. اوهان ٻڌايو تہ بزم لطيف ميهڙ جي سنگ بنياد ۾ ڪهڙن اديبن، شاعرن جو اهم ڪردار رهيو آهي.؟

**جواب:** سائين بزم لطيف هن وقت جنهن نموني سان پنهنجون ادبي سرگرميون برقرار رکيو ٿي اچي، ان ۾ اسان جي دوستن رفيق ايري، اسحاق راهي، ناظم منگي، انور جوکيو ۽ ”سڪندر آه“ جو اهم ڪردار رهيو آهي. ان کان علاوه ملنگ حيدري، محبوب ڏيپر ۽ هن بندي پڻ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. بزم طرفان مشاعرن جون محفلون، ڪافي ادبي گڏجاڻيون ۽ ميڙاڪا ٿي چڪا آهن. جيڪي سنڌي ادب جي راهہ ۾ هڪ وڏندڙ وک چئي سگهجن ٿا.

**سوال:** جوهر صاحب اوهان کان آخري سوال تہ اوهان جو ديس واسين لاءِ ڪهڙو پيغام آهي؟

**جواب:** سچ سان پيار ڪيو. ڌرتي، ٻولي سان پيار ڪيو پيار بہ ان ريت هجي جو انهن شين لاءِ ساهہ بہ گهوري ڇڏجي.

# سڪندر ’آه‘



## غزل

پري پل گذارڻ نہ ٿي دل قبوليو.
سدا گڏ گذارڻ نہ سنگدل قبوليو.

وفائن جو حاصل آهي بي وفائي،
جڏهن چوٽ آئي تڏهن دل قبوليو.

آ پنهنجي فطرت کان مجبور هر شيءِ
ٻوڙي سمونڊ اڇليو تہ ساحل قبوليو.

جڏهن ساهہ نڪتو تڏهن "آه" سڪندر،
اچي ڏوهہ پنهنجو پوءِ قاتل قبوليو.

# BRIEF INTRODUCTION

# سڪندر ”آه“

## (1950-2009)

پورو نالو: سڪندر علی سومرو

ادبی نالو: سڪندر ”آه“

ولديت: محمد بخش سومرو

جنم تاريخ: 31 مارچ 1950ع وفات: 27 سيپٽمبر 2009ع.

جنم هنڌ: ڳوٺ گهاڙي (ميهڙ)

تعليم: M.A (Economic)

پيشو: سرڪاري ملازمت

شاعري جی شروعات: 1968ع کان

ڇپيل ڪتاب:

1. سوز عشق (1970ع)
2. عيد تنهنجو انتظار (1996ع)
3. مست گيت لال جا (2002)
4. عيد ميلاد النبي
5. تنهنجي شهر جي ڦٽ پاٽ تي (شعري مجموعو)
6. شهيد راڻی بينظير ڀٽو

**سوال:** اوهان جي ادبي ابتدا ڪيئن ٿي؟

**جواب:** اها ڳالهہ ائين آ تہ جيئن ئي سانڀر پئي تہ مان پنهنجي ڏاڏي سائين نالي عبدالغفور ”تراب“، جنهن کي شاعري جو شغف هوندو هو، ان سان گڏ رئيس ضياالدين ”ضيا“، شمس الدين ”بلبل“ جي فرزند جي اوطاق تي هفتيوار/ماهوار ادبي ميڙاڪن ۾ شريڪ ٿيندو هيس، ان ڪري ننڍي هوندي کان وٺي ادب، علم ۽ شاعري طرف رجحان وڌندو رهيو. بعد ۾ شعر ٻڌڻ ۽ پڙهڻ جو شوق جنون جي حد تائين وڌي ويو ۽ ان سان گڏ ڳائڻ جو پڻ. پنهنجي منهن سان ڪچي ڦڪي شاعري ڪندو هوس. منهنجي پهرئين تخليق جيڪا غزل هئي سا مون مشاعري ۾ پڙهي. انهن ڏينهن ۾

ميهڙ ۾ مختلف ادبي تنظيمون جهڙوڪ بزم بلبل، بزم اڪبر، بزم لطيف ۽ بزم حيدري وغيره سرگرم هيون. جنهن جي زيرِ سايہ هفتيوار شاعري نشتون، ادبي گڏجاڻيون ۽ هر مهيني عوامي مشاعرو ۽ راڳ رنگ وغيره جون محفلون منعقد ٿينديون رهيون ۽ مان طرحي ۽ غير طرحي مشاعرن ۾ حصو وٺندو هوس ۽ اهو سچو سلسلو دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعي جي هر ننڍي وڏي شهر ۾ ٿيندو هو ۽ اهڙا ادبي ميڙاڪا ٿيندا رهيا. منهنجون تخليقون مختلف رسالن، اخبارن جهڙوڪ هلال پاڪستان، عبرت، آفتاب وغيره ۾ ڇپنديون رهيون.

**سوال:** اوهان شاعري جي باقائده سکيا ڪنهن کان ورتي؟

**جواب:** جيئن تہ مون شاعري جي باقائده سکيا ڪنهن کان بہ نہ ورتي آهي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ عشق ئي منهنجو استاد آهي، باقي ادبي گڏجاڻين ۾ حصو وٺندو رهيو هوس ۽ اڪثر ڪچهرين ۾ شامل ٿيڻ ڪري تخليقي تربيت ٿيندي رهي. ان وقت جا سينيئر شاعر جنهن سان منهنجون ادبي ڪچهريون ٿينديون رهيون انهن ۾ احمد خان ”مدهوش“، احمد خان ”آصف“ مصراڻي، استاد بخاري، محسن ڪڪڙائي، عبدالرحمن نقاش، آثم ناٿن شاهي، نشتر ناٿن شاهي، وفا ناٿن شاهي، راز ناٿن شاهي، پيرل پرديسي، پيرل پياسي، شاهنواز مسافر، اسحاق راهي، ملنگ حيدري، دادن فقير، لونگ خان لائق، ظفر سيوهاڻي ۽ ٻيا ڪيترائي اديب جنهن جي لسٽ وڏي آهي. تن سان شعري توڙي ادبي روح رهاڻيون ٿينديون رهيون.

**سوال:** شاعري ۾ اوهان جي پسنديده صنف ڪهڙي آهي ۽ ڇو؟

**جواب:** عرض تہ مون شاعري جي هر صنف ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي جنهن ۾ غزل، گيت، وائي، نظم، حمد، نعت، مرثيہ، وائي، منقبت، چوسٽا، رباعي، ٽيڙو، دوها، بيت وغيره وغيره. پر جيئن تہ اسان جي شاعري جي اوسر نج غزل گوئي تي ٿي ڇو تہ طرحي مشاعره اڪثر غزل جي Pattern تي منعقد ڪيا ويندا آهن. ان ڪري چئي سگهجي ٿو مون کي غزل جي صنف پسند آهي، جيڪا سڀ کان ڏکي صنف سمجهي وڃي ٿي ڇو تہ اها رديف قافيو ۽ بحر وزن جي انگن ۾ قيد آهي ۽ ان جي هر بند ۾ مخصوص ۽ نئون موضوع ۽ تجرباتي شاعري ٿئي ٿي، سو مان تہ شاعر ئي ان کي مڃان ٿو جيڪو غزل

جي Process کان چڱي طرح واقف آهي/ هجي ۽ گذريو هجي. ان چوڻ ۾ وڏائي نہ آهي تہ غزل گو شاعر کي ئي مڪمل شاعر ۽ غزل ڳائڻ واري ڳائڻي کي ڳائڻو چئي سگھجي ٿو. ڇو تہ غزل جي شاعري ذريعي شاعر، معاشري جي ڏک ۽ پيڙاءَ ۽ معاشرتي، بدحالي، بي انصافي، بي ثباتي، بي وفائي ۽ منافقي، ڪوڙ دغا ۽ دولاب تي چڱي ڇنڊ ڇوڻ جو اظهار ڪري سگھي ٿو.

**سوال:** شاعري ۾ وزن بحر/علم عروض جي ڪيتري (Importance) آهي / هئڻ گھرجي؟

**جواب:** شاعري ۾ وزن بحر جو هئڻ هر حال ۾ نهايت ضروري آهي ڇو تہ شاعري اها جيڪا ڳائي وڃي، سهڻي نموني سان ۽ ڳائي تڏهن سگھجي ٿي جڏهن ان جو بحر وزن ۽ رديف قافيو پنهنجي جاءِ تي متوازن ۽ مڪمل هوندو. باقي ست جي گهٽ وڌائي قافئي رديف جي فقدان سبب شعر جو مزو بلڪل بي لذت ڦڪو ۽ بسو لڳندو ۽ بي سواد ٿي پوندو. جنهن کي شاعري چوڻ ئي شاعريءَ جي توهين جي برابر آهي. منهنجي تہ اها ئي صلاح آهي تہ اخبارون ۽ رسالا اهڙي شاعري شايع ڪرڻ کان پرهيز ڪن جيڪا بحروزن، قافئي رديف جي حد پار ڪيل هجي. اوهان ڏسندو تہ شاهہ لطيف جي شاعري بہ ڇند وديا جي حد ۾ بند ٿيل آهي. ان زماني جي بحر وزن جي ڪسوٽي يعني ماترائون، جيڪي هندي ڇند وديا تي لکيل آهن ۽ ڳائڻن جي راڳ راڳڻين جي بندش ۽ حد اندر آهن. اهو ئي سبب آهي جو شاهہ صاحب جي شاعري عوامي حيثيت ماڻي چڪي آهي.

**سوال:** شاعري اوهان جي نظر ۾ ڇا کي چئي سگھجي ٿو/ ڪهڙي شيءَ جو نالو آهي؟

**جواب:** مان تہ ائين چوندس تہ هن ڌرتي ۾ جيڪا بہ چيز آهي سا شاعري کان سواءِ نامڪمل آهي. ٻار جڏهن ننڍپڻ ۾ ماءُ جي هنج ۾ ئي ماءُ جي زباني لولي ٻڌي ٿو. سابہ شاعري آهي ۽ ڪلام رباني سا پڻ شاعري جي ڍنگ ۾ اچي ٿي. ان کان پوءِ راڳ رنگ پڻ شاعري کانسواءِ اڻ پورو ۽ بي سواد آهي. رڌم لئي تار جانورن، پکين، پرندن جون ٻوليون ۽ سندن آواز بہ هڪ سُر ۾ يا ڪنهن مخصوص صنف ۾ ٻڌجن ٿيون. جنهن سان محسوس ٿئي ٿو تہ ڪائنات جي هر چيز ۾ شاعر سمايل آهي.

شاعري روح جي غذا آهي ۽ شاعري جا ڪي بند، ماڻهن جي اصلاح به ڪن ٿا جيئن رنن ڪي پرچائڻ، روئندڙن کي کلائڻ، ظالمن کي ڪمزور ڪرڻ، مظلومن کي اپارڻ ۽ ڏتڙيل ماڻهن کي زندگي جي ڪشمڪش سان منهن ڏيڻ. اهي سڀ شاعري جي صرف چند سٽن سان ئي ممڪن آهي جڏهن ته وڏيون تبليغون، تقريرون، مناظرا، ادبي ڪتاب، نثري ڪتاب، مقالا، غير نصابي مضمون اهو ڪجهه نه ڪري سگهيا آهن. جيڪو شاعري جي ٻن سٽن ڪري ڏيکاريو آهي. ان ڪري توهان ڏٺو هوندو ته ڪنهن غير معروف شاعر جي ٻن سٽن وڏن ڪان وڏن شاعرن جي ديوانن ۽ بياضن کي مات ڏئي ڇڏي آهي ۽ عوام کي موهي وڌو آهي.

**سوال:** ادب ڇا آهي صحتمند ۽ معياري ادب جي پرک اوهان جي نظر ۾؟

**جواب:** ادب جي معنيٰ آهي اها لکڻي جيڪا سماج کي درپيش مسئلن، مونجهارن، تڪليفن، ڏکن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري ۽ ان جو علاج ۽ تدارڪ دريافت ڪري ۽ ان جو حل ٻڌائي ۽ عوام / حڪومت بلڪ معاشري جي هر فرد جي رهنمائي ڪري ۽ انهن جي صحيح سمت تعين ڪري. ادب ۾ اخلاقي، سياسي، سماجي، اقتصادي بلڪ هر سطح تي بحث مباحثو (Debate) ٿيڻ گهرجي ۽ سماج جي اوڻاين ۽ ناهموارين تي تنقيد ڪجي ۽ تنقيد سان گڏ ان جو حل تلاش ڪجي. حقيقت پسندي ئي صحيح ادب جي زمري ۾ اچي وڃي ٿي. خيالي خواب ۽ تصور ادب جي دائري ۾ نه ٿا اچن، بلڪ ڊرامائي تشڪيلون ٿي سگهن ٿيون. ان ڪري سٺو ادب ان کي چئي سگهجي ٿو جنهن سان عام ماڻهو جي ذهني اوسر ٿئي ۽ ٻولي پروان چڙهي. زبان ۽ ٻولي اهڙي ته آسان فهم هجي، جنهن کي هڪ گهٽ پڙهيل ماڻهو آساني سان سمجهي سگهي. ائين نه ٿئي جو صرف اعليٰ تعليم يافته ماڻهو جن جو تعداد تمام ٿورو آهي ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجون ادبي تخليقون ارپي ڇڏن.

**سوال:** ڪيسٽي شاعري ۽ ڪيسٽن ۾ گانن جي طرزن تي شاعري بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟

**جواب:** ڪيسٽن ۾ فلمي گانن جي طرزن تي شاعري ڪرڻ تي ادبي

حلقن ۾ ڪافي ڏي وٺ ٿي رهي آهي ۽ ان کي معيوب سمجهيو ٿو وڃي. ان جا واضح ڪارڻ بہ آهن.

ڪيسٽن ۾ ڳايل شاعري معياري نہ آهي ۽ سستي شهرت جي شوق ۾ ٿرڙا ۽ هلڪا ماڻهو جن کي شاعري جي الف، بي جي بہ واقفيت ناهي ڳائڻ کان پنهنجي اثر رسوخ، لوڀ ۽ لالچ ذريعي ڪچي ڦڪي ۽ واهيات ۽ تڪبندي واري شاعري ڳارائي عام راءِ کي منحرف ڪري ڇڏيندا آهن طرزن ۽ ڌنن تي شاعري ڪرڻ ڪا خراب ڳالهہ ناهي. پر خراب شاعري ڪرڻ بلڪل خراب ڳالهہ آهي. اسان هن جديد اليڪٽرانڪ ميڊيا واري دور ۾ غير ملڪي، فلمي، غير فلمي فوڪ ڌنن ۽ طرزن تي شاعري لکي ڳارائڻ کي غلط تصور نہ ٿا ڪيون، پر شرط اهو آهي تہ ڳائڻا ۽ ڪيسٽ ڪمپني وارا مالڪ پئسن ڪمائڻ واري جنون ۾ تڙ تڪڙ ڪري واهيات شاعري ڳارائڻ ۽ ڪيسٽين کي جاري ڪرڻ ۾ جلد بازي نہ ڪن ۽ سنڌ جي عام ادبي شاعر کي خاطر خواه معاوضو ڏيئي سٺي شاعري لکرائي ڳارائن. منهنجي خيال ۾ تہ سنڌي شاعري ٻين زبانن جي شاعري سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهڻ، بلڪ ڪر اچان بہ مٿيرو رکڻ جي صلاحيت رکي ٿي. خود مون وٽ منهنجون لکيل فلمي ۽ غير فلمي گانن جي طرزن تي شاعري اوهان پاڻ پڙهي ڏٺي ۽ ٻڌي آهي سو ان لاءِ ائين چوندس تہ ڳائڻ جي پنهنجي حق ۾ اهو بهتر ٿيندو تہ هو سٺي شاعري ڳائن ۽ سٺن ادبي شاعرن کي تلاش ڪري کين قدر جي نگاهہ سان ڏسن ۽ سفارش ۽ لوڀ کان بلند ٿي پنهنجي گيتن کي امر بڻائن.

**سوال:** اڄ ڪلهہ ادبي حلقن ۾ استاد بخاري کي شيخ اياز کان مٿاهون درجي جو شاعر پيش ڪيو وڃي ٿو. اوهان جي نظر ۾ حقيقت Reality ڇا آهي؟

**جواب:** ان لاءِ مان ائين چوندس تہ هڪ شاعر جي ٻئي شاعر سان ڀيٽ ڪرڻ بلڪل نامناسب آهي. ڇو تہ شيخ اياز جي شاعريءَ جو ڍنگ ۽ رنگ، بلڪل منفرد آهي، جڏهن تہ استاد بخاري جي شاعري جو پنهنجو الڳ انداز آهي، جيڪو عوامي سطح ۽ سنڌ جي جاگرافي حدن جي اندر آهي. جڏهن تہ شيخ اياز جو وسيع مطالعو ان جي شاعري مان ئي محسوس ڪري

سگهجي ٿو. جيتري ٻولي جي سجاڳ، استعارا، اصلاح، جوڙجڪ، تشبيهون شيخ اياز جي شاعري ۾ آهن. اهي استاد بخاري جي شاعري ۾ ورلي ملن ٿيون، ائين ڪٿي چئجي شاهه عبداللطيف جي شاعري کان پوءِ ٻي نمبر تي ٻولي جي ساخت ۽ بلاغت اياز جي شاعري ۾ ئي ملي ٿي. استاد بخاري جهڙا شاعر ڪلهه به هيا، اڄ به آهن ۽ سڀاڻي به ٿيندا، پر شيخ اياز جهڙو شاعر شايد وري سنڌ ڌرتي کي ٻيهر ملي سگهي.

**سوال:** ادب ۾ تنقيد هئڻ گهرجي يا نه؟ اوهان جي نظر ۾ تنقيد جو ڇا معيار هئڻ گهرجي.؟

**جواب:** ”تنقيد براءِ تنقيد“ نه پر ”تنقيد براءِ اصلاح“، تمام سٺي چيز آهي. ادب ۾ تنقيد ڪرڻ وارا اڪثر پنهنجي حلقي جي شاعرن يا پنهنجي مذهبي فرقي، ذات پات يا پنهنجي مطلب وارن شاعرن جو لحاظ رکندا آهن. جيڪا بلڪل نامناسب ڳالهه آهي. ڇو ته ادب، بغض ۽ منافقت کان بالاتر آهي. بدقسمتي سان اسان وٽ تنقيد جي سکيا ڏيڻ، طور طريقي رائج ڪرڻ لاءِ ڪوبه ادارو موجود ڪونه آهي. ٻي لاڳ تنقيد هڪ تمام وڏو فن آهي ۽ تنقيد اهو ڪري سگهندو جيڪو يا ته ان اديب / شاعر جي ذهني ڪيفيت کان وڌيڪ ڄاڻ رکندو هجي يا ان جي برابري واري حد کي ڇهي. هاڻي اسان کي ڪيترو نه عجيب لڳندو جو هڪ معمولي لکيل پڙهيل، گهٽ تعليم يافته اديب يا شاعر شيخ اياز جهڙي شاعر تي تنقيد ڪري ڇو ته ان جي خيالن جي پرواز کي پهچڻ لاءِ به ان جي پائي يا مرتبي جيترو اديب يا شاعر هئڻ ضروري آهي. جيڪو في الوقت ملڻ نه صرف مشڪل پر ناممڪن آهي.

تنقيد جي لاءِ مخصوص ادبي ميڙاڪا، نشستون منعقد ڪرائڻ گهرجن، ڪنهن به هڪ شاعر جي ادبي شاعري يا ادبي ڪاوشن تي اهڙن اديبن ۽ شاعرن کان تنقيد يا تبصرو ڪرائڻ گهرجي، جيڪي ان کي صحيح پروڙي سگهن. ائين نه ته مورڳو ئي ان جو ارواح لکڻ پڙهڻ تان ئي ڪڍائي ڇڏجي. تنقيد ڪرڻ سان گڏوگڏ اصلاح ذريعي ڪمي پيشي دور ڪرڻ لاءِ صلاح ۽ رهنمائي ڪرڻ ضروري آهي نه ته تنقيد براءِ تنقيد بيڪار آهي. اڪثر اهو ڏنو ويو آهي ته اسان جي ملڪ ۾ جيڪو

شاعر/اديب نہ ٿي سگهيو آهي. اهو نقاد Critic بنجي ويو آهي، جيئن ڪٽي چئجي تہ ناڪام مصور ئي ڪارٽونسٽ بنجي ٿو.

**سوال:** ڪافي جي صنف اسان جي ادب مان ختم ٿي رهي آهي. ان جا سبب ۽ ڪارڻ ڪهڙا ٿي سگهن ٿا ۽ اهڙي انمول صنف کي ڪيئن بچائي سگهجي ٿو. ان لاءِ اوهان ڪهڙا مفيد رايہ ڏيندؤ؟

**جواب:** وائي يا ڪافي ۾ تمام ٿورو فرق آهي، اهي صنفون سنڌ جي لوڪ شاعري جو بنيادي جز آهن. ماڻهو وائي ۽ ڪافي جي روح کي اجان تائين نہ سمجهي سگهيا آهن. ڪافي ۾ جيڪو مضمون بيان ٿئي ٿو سو صرف ئي صرف وڇوڙو، درد، ڏک، پيڙاءُ فراق، جدائي رنج، الم وارو هوندو آهي، پيو تہ ڪافي ان کي چئجي ٿو جيڪا ڳائي وڃي. جڏهن تہ ان کي ڳائڻ وارا ئي نہ رهيا آهن. چو تہ ان جي Composing ڪرڻ اڄ ڪلهہ جي ڳائڻ ۽ فنڪارن جي وس جي ڳالهہ ناهي. جڏهن تہ انهن کي ٺهيل ٺڪيل ڌُن، ساز سروڌ سميت ملي ٿي تہ پوءِ هو محنت ڇو ڪن. ڪافي ٺاهڻ لاءِ بہ شاعر کي درد، سوز، فراق جي ڪيفيت مان گذرڻو ٿو پوي، ان مان اڄ ڪلهہ جو شاعر گذريو ئي ناهي. ڳائڻ فنڪارن، ۽ موسيقارن وٽ اها ڄاڻ ئي ناهي، جڏهن تہ هو شارٽ ڪٽ Shortcut جا عادي بنجي چڪا آهن، سي ڪيئن ڪافي کي Compose ڪري سگهندا. روز روز تہ شاهہ لطيف ۽ اياز ڪونہ پيدا ٿيندا ۽ نہ ئي استاد منظور علي خان پيدا ٿيندو. جن زماني جي شان شوڪت شهرت توڙي دولت جي ذري برابر بہ پرواهہ نہ ڪئي ۽ صرف پنهنجي وطن جي حب ۽ ٻولي جي محبت ۾ وايون ۽ ڪافيون چوندو رهيو. بقول لطيف جي تہ:

اندر جنين اڌ، ڏونگر سي ڏورين

باقي رهيو سوال ڪافي کي بچائڻ جو سو تڏهن ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان جو شاعر ڪافي جي روح کي چڱي طرح سمجهي، ان جو مطالعو ڪري، پوءِ لکي ۽ ڪافي جي صنف ۾ زندگي جي پيڙاءُ سمائي.

**سوال:** اوهان ڪافي عرصي کان گوشہ نشين (Hermit) ٿي ويا آهيو. ادبي رسالن ۽ ادبي ميڙاڪن ۾ اوهان جي ڪمي محسوس ٿيندي رهي آهي، ان جو ڪو خاص سبب؟

**جواب:** ادا! سائين ائين ناهي تہ ڪو مان ادب ۽ شاعري جي دنيا کان ڪٽيل آهيان، پر نوڪري جون مصروفيتون آڏو اينديون رهيون آهن. باقي مون ريڊيو پاڪستان ڪراچي لاءِ مسلسل لکيو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن رسالن ۽ اخبارن ۾ بہ منهنجي شاعري ڇپجندي رهي آهي ۽ منهنجي اڻ ڇپيل شاعري جو بہ ڪافي ذخيم زخيرو آهي. ان کان علاوه آءٌ هلال پاڪستان ۽ ٻين سنڌي اخبارن ۾ وقت ۽ حالات پٽاندڙ مسلسل ڪالم لکندو رهيو آهيان، جيڪي رڪارڊ تي موجود آهن.

**سوال:** اوهان جي اهڙي خواهش جيڪا پايہ تڪميل تائين نہ رسي هجي؟

**جواب:** منهنجي سڀ کان وڏي خواهش، جيڪا پوري نہ ٿي سگهي نہ ئي پوري ٿيڻ جو ڪو امڪان آهي، سا آهي تہ ملڪ ۾ ڪو اهڙو ادبي ادارو قائم ٿئي جيڪو شاعرن جي بهترين ڪلامن/گيتن کي تڪي توري سينسرشپ جي Process مان گذاري، ڪيسٽن ۾ ۽ ٽي وي چينلز تان ڳارائي تہ جيئن ڪيسٽن ۾ ايندڙ واهيات ۽ تڪبندي واري شاعري کان ٻولي ادب ۽ قوم کي بچائي سگهجي ۽ ڪيسٽن جي ڪمپنين تي ضابطي جي ڪارروائي ڪري تہ هو بازاري شاعري نہ ڳارائن.

**سوال:** سنڌي ادبي سنگت جي باري ۾ يا ان جي ڪارڪردگي جي باري ۾ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

**جواب:** ادب کي جيڪڏهن سياست، مذهب، فرقي ۽ علائقا وار تعصبي قيد کان آجو ڪجي تہ پوءِ اسان وٽ صرف نج ادب بچندو ۽ نج اديب ۽ شاعر بچندا، جن کي صرف پنهنجي ٻولي ۽ وطن لاءِ حب هوندي ۽ درد هوندو. هاڻي تہ اديب شاعر سنڌي ادبي سنگت کي سياسي آڪاڙي طور استعمال ۾ آڻي رهيا آهن ۽ ڪين ٻولي ۽ قوم سان ڪا بہ محبت نہ رهي آهي. هو سياسي شاطرن جي هٿن ۾ رانديڪا بڻجي ڪيڏجي رهيا آهن ۽ چند ٽڪن جي عيوض پنهنجي ضمير جو سودو ڪري رهيا آهن. بقول دادن فقير جي:

لـڏي ويـا ڇـڏي ويـا وفـادار مـاڻـهـو
بـچـيـا بـاقـي بـيـدرد بـيـڪـار مـاڻـهـو

ان مسئلي جو حل صرف ان ڳالھ سان ئي ممڪن ٿي سگھي ٿو تہ اسان سنڌي ادبي سنگت جي گُرگ واٺن جي پوئواري ڪرڻ بجاءِ انھن کي پنھنجي حال تي ئي ڇڏي ڏيون ۽ ڪين اڪيلو ڪري ڇڏيون ۽ ان Level جون ٻيون انجمنون قائم ڪيون تہ جيئن سندن ھڪ ھٽي ختم ٿئي تہ جيئن ھو منھن پر ڪِرن.

**سوال:** نئين ٽھي جي لکڻين جي باري ۾ اوھان جو ڪھڙو خيال آھي؟

**جواب:** نئين ٽھي ان لحاظ کان تمام خوشنصيب آھي جو انھن کي Dish, T.V يا اليڪٽرڪ ميڊيا کان علاوه پرنٽ ميڊيا ذريعي بين الاقوامي علم و ادب، شعر و شاعري موسيقي وغيره وغيره گھر ويٺي پھچي رھي آھي. باقي ڪين کي صرف محنت، مطالعي ۽ ادبي لاڙي جي سخت ضرورت آھي. سو شاعري ۾ ڇڙواڳ نثري نظم يا آزاد نظم لکڻ کان پرھيز ڪن، ڇو تہ جنھن کي ڳائي ئي نہ سگھجي، اھو شعر شاعري جي زمري ۾ نہ ٿو اچي.

اخبارن کي بہ گھرجي تہ ھو سواءِ غزل، گيت، نظم، وائي، ڪافي رباعي کان علاوه ٻي شاعري نہ شايع ڪن. ان سان نوجوان شاعرن ۾ محنت جو رجحان وڌندو ۽ ٻولي جي ادبيت ۾ واڌارو ٿيندو. بھرحال نئين ٽھي ۾ Talent تمام گھڻو آھي، صرف ان کي تربيتي ادارن جي ضرورت آھي.

**سوال:** اوھان جي پسند جا شاعر ۽ پسنديده فنڪار ڪھڙا آھن؟

**جواب:** پنھنجي پسند جي شاعر جي باري ۾ چوڻ تمام ڏکي ڳالھ آھي، ڇو تہ سنڌ ۽ ھر ننڍي توڙي وڏي عام توڙي خاص، معروف توڙي غير معروف شاعرن جي شاعري جي ڪنھن ھڪ ڪلام يا سندن ڪلام جي ڪنھن ھڪ ٻن بندن / سٽن منھنجي دل کي ڇھيو ۽ موھيو آھي. شاعري زمان ۽ مڪان جي قيد کان بلند آھي. ان ڪري دنيا جي ھر زبان جي شاعري ۽ شاعر بہ مون کي پلوءِ سنو لڳندو آھي. اھو ئي ساڳيو حال ڳائڻ سان بہ لاڳو آھي. ڪڏھن ڪڏھن سوچيندو آھيان ڪاش! لتا منگيشڪر، محمد رفيع جھڙا ڳائڻا سنڌ اندر پيدا ٿين ھا ۽ ھزارين لکين سنڌي ڪلام ۽ گيت ڳائن ھا ۽ باقي شاعرن جي باري ۾ سنڌي شاعرن کان مايوس ناھيان. شاھ لطيف، شيخ اياز، سچل سرمست (سچيڏنو)، بيدل، بيڪس، سامي، ۽

ٻيا عظيم شاعر دنيا جي ڪنهن بہ وڏي شاعر جي مقابلي واري صف ۾ آڻي بيهاري سگهجن ٿا.

**سوال:** زندگي اوهان جي نظر ۾؟

**جواب:** مان ائين چوندس تہ زندگي جي حرڪت ۾ برڪت آهي. ۽ حرارت ئي زندگي آهي. واجبي شرارت بہ زندگي آهي. عشق محبت بہ زندگي آهي. زندگي هڪ جاءِ تي ڄمي نہ ٿي بيهي، ان ڪري انسان ماضي جي يادن کان پاڻ ڇڏائي اڳتي پنهنجو سفر روان رکي ۽ پاڻ کي مصروف رکي تہ بهتر ٿيندو تہ جيئن ڪيس ڏکن، ڏولاون، پريشانن کان نجات ملي. زندگي جو مقصد هئڻ گهرجي ۽ منهنجي نظر ۾ زندگي جو مقصد وطن، قوم ۽ ٻولي جي خدمت ڪرڻ ۽ ان جي خدمت ڪرڻ وارن جي خدمت ڪرڻ ۾ پوشيده آهي.

**سوال:** اوهان جو ڪو پيغام؟

**جواب:** ادا! منهنجو فقط اهو ئي پيغام آهي تہ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان مايوس ۽ پريشان حال Talented اديبن ۽ شاعرن جي پرگهور لهجي ۽ سندن پرگهور هن طرح لڌي وڃي تہ بهتر ٿيندو.

1. انهن جي ادبي ڪاوشن کي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ڪرايو وڃي ۽ سندن انٽرويو وٺي سندن تصويرن سان شايع ڪيو وڃي.
2. سندن ڪلامن کي ريڊيو T.V ۽ ڪيسٽن ذريعي ڳارائي عام ڪيو وڃي ۽ معقول معاوضو پڻ ڏياريو وڃي.
3. سنڌ جي گمنام ۽ ٻي پهچ شاعرن ۽ اديبن جي مالي سهائتا ڪئي وڃي ۽ سندن مفت علاج وغيره جو سٺو بندوبست هجي، سندن هر حال ۾ عزت نفس مجروح نہ ٿئي تہ جيئن سندن دل ۽ دماغ هر دٻاءَ کان آجا رهن تہ جيئن هو شعر و ادب جي سمنڊ جي پاتال مان ناياب موتي ميڙي عوام اڳيان آڻي پيش ڪن.

چڱو ساڻ سلامت

# عبدالغفار تبسم



## BRIEF INTRODUCTION

# عبدالغفار تَبَسُم

پورو نالو: عبدالغفار

ادبي نالو: عبدالعفار تَبَسُم

ولديت: قادر بخش ٻٽي

جنم تاريخ: 20 نومبر 1951ع.

جنم هنڌ: ڳوٺ ميرپور ٻُٽو نئون ديرو لاڙڪاڻو

تعليم: ايم – اي (آءِ- آر) M.A (I.R)

نوڪري سرڪاري ملازمت

ڇپيل ڪتاب: شاعري جي شروعات: گُلن جهڙا ڳل (شاعري) 1968/69ع ۾، مٽيءَ جا سُر (شاعري)، شفق وارا چانورا شاعري (ٻه ڇاپا)، سوچون، صحرا، سراب (شاعري)، زندگي تنهنجا رنگ هزار (نثر آمريڪا جو سفر نامو)، نيٽن جي آڳر ۾ (شاعري)، تنها ڪنڌيءَ مسافر (شاعري ٻه ڇاپا)، هو جي جوڀن ڏينهڙا (آٽو بايوگرافي (1) (نثر)، اُڀ هيٺان اجارا گيت لڇن. (شاعري)، موسيقي موسم ۽ تبسم (شاعري)

اڻڇپيل ڪتاب: آمريڪا جو سفر نامو پارٽ I ۽ II تيار آهن. يورپ ۽ فار ايسٽ نظمن جو هڪ ڪتاب ۽ جيون ڪٿا حصو ٻيو.

ڇپائي هيٺ ڪتاب: خط ۽ تقريرون ۽ ٻيو ڪتاب قطعن، بيتن، ٽه سٽن تي مشتمل آهي.

**مليتا ايوارڊ / ريوارڊ مليل:**

1. "Production of the world Sindhi institution of Washington" طرفان منهنجي سنڌي شاعريءَ جي سي ڊي (C.D) موتين مالها آمريڪا طرفان رليز ٿي. 2. سنا Sindhi Association of North America (SANA) طرفان ايوارڊ، 3. عبرت اخبار ايوارڊ Best Poet of 2000، 4. سنڌ فنڪار ويلفيئر ٽرسٽ طرفان، 5. اڳواڻ پبليڪيشن طرفان، 6. ڊاؤ ميڊيڪل ڪاليج طرفان ۽ ان کان علاوه ڪيترائي ننڍا وڏا ايوارڊ.

**مڪمل شاعريءَ جون رليز ٿيل ڪيسٽون:**

1. چانڊوڪيءَ جا مسافر (داتا پروڊڪشن)، 2. همسفر (داتا پروڊڪشن)، 3. منهنجا حسين خواب (برڪا پروڊڪشن)، 4. سانوڻ ۽ ساجن (ناز ڪلاسڪ)، 5. اُداس (لوڪ فنڪار پروڊڪشن)، 6. بيقراري (پارس پروڊڪشن)، 7. دردن جي دنيا (سچل پروڊڪشن)، 8. دل جون صدائون (سچل پروڊڪشن)، 9. منهنجا گيت (ڪنول پروڊڪشن)، 10. ڪلهه رات ڪو سپني ۾ آيو AMI اولڊ از گولڊ (لوڪ فنڪار پروڊڪشن).

**سي ڊيون:**

1. موتين مالها – آمريڪا مان 2. چانڊوڪين جا مسافر۔ داتا 3. لال جون ڳالهيون۔ ناز ڪلاسِڪ.

**سوال:** تبسم صاحب: توهان کي هيستائين ڪيترا ۽ ڪهڙا فنڪار ڳائي چُڪا آهن ٿورو تفصيل ٻُڌائيندا؟

**جواب:** مون کي اندازو ناهي تہ ڪيترن ۽ ڪهڙن فنڪارن مون کي ڳايو آهي، ليڪن جيترن جا نالا ياد آهن اُهي توهان کي ٻُڌايان ٿو.

استاد محمد يوسف، جلال چانڊيو رحمان مُغل، وحيد علي، فوزيہ سومرو، حُميرا چنا، ديبا سحر، ثمينا ڪنول، ڪنول نظاماڻي، مهتاب بلوچ، شهنيلا علي، صائمہ منظور، منظور سخيراڻي، شمن علي ميرالي، انور حسين وسطڙو، امداد علي وسطڙو، غلام شبير سمون، ماسٽر اياز علي، محمد حسن، ممتاز علي لاشاري، محمد حنيف لاشاري، واحد بخش لاشاري، الهڏنو جوڻيجو مظهر حسين، ذوالفقار علي، احمد مُغل، عاشق نظاماڻي، غلام علي سنديلو، غلام علي سمون، الطاف سمون، امداد علي ميراڻي، ماسٽر منظور، رياض سومرو، الطاف سمون، امداد علي ميراڻي، ساگر سنڌي، برڪت علي، صادق فقير، سجاد يوسف،

ضامن علي، اسلم تنيو عابده خاتنم، بادل راهي، علي مُراد، طفيل سَنجراڻي، عبدالله ڱڇي، عبدالله پنهور، ٻالڪ سنڌي، اياز قادري، ماريہ بلوچ، ديبا ڪنول، حضور بخش ابڙو، خادم حسين سخيراڻي، سرور سخيراڻي، عارف هاليپوٽو ديدار سومرو، امداد لاشاري، برڪت فقير، شفيق منگي ۽ ظفر علي.

**سوال:** ادب جي عظيم دنيا ۾ ڪيئن اچڻ ٿيو؟

**جواب:** شاعري زندگي آ، مون کي جڏهن شعور آيو تہ مون سمجهيو تہ ڪا شي آهي، جيڪا منهنجي لفظن جو روپ وٺڻ چاهي ٿي. پر سائين جڏهن منهنجي وڏي ڀاءُ جو حادثو ٿيو. ان ڏينهن کان ڇڻ تہ هي ڪائنات ٻُسي ٻُسي لڳڻ لڳي ۽ مون ادا جي شان ۾ ۽ هن جي ياد ۾ غزل لکيو هو. جيڪو اڪثر ڪري منهنجو دوست امداد علي ميراڻي جهونگاريندو هو. ائين ئي مان ڀاءُ جي وڇوڙي تي لکندو رهيس ۽ لکندو رهيس.

اسان نوجوان پنهنجي ڳوٺ ۾ هلڪا ڦلڪا فنڪشنز ڪرائيندا رهندا هئاسين. جهڙوڪ ڀٽائي جي شان ۾ يا وري چوڏهين آگسٽ وارن ڏينهن ۾ حصو وٺندا هئاسين. پنهنجا غزل، گيت پڙهندو هيم، ڪافي داد ملندو هو ۽ ائين ئي حوصلو مليو تہ اجان بہ لکندو رهان.

اهڙي نموني سان منهنجو پهريون ڪتاب 1968/69ع ۾ شاعري جو مجموعو ڇپيو. ۽ پوءِ وري اهڙي نموني سان اظهار جا موقعا ملندا رهيا ۽ مان يونيورسٽي وڃي پهتس ۽ اُتي هڪ دوست هوندو هيو، جيڪو منهنجي شاعري ترنم ۾ ڳائي ٻڌائيندو هو.

ان کان پوءِ 1970/71ع واري ڏهاڪي ۾ مان جڏهن ڪراچي ۾ هيم تہ منظور سخيراڻي مون سان گڏ رهندو هو. ڪاليج جي زماني ۾ ڏاڍا سرگرم هئاسين. ادبي پروگرام ڪرائيندا رهندا هئاسين. ڪن جون ورسيون، تہ وري ڪن سان شامون پيا ملهائيندا هئاسين. مرحوم حسين بخش خادم، مصري فقير ۽ مائي ڀاڳي جهڙين عظيم هستين جون ورسيون ملهائيندا هئاسين.

مهراڻ ادبي سنگت نئون ديرو ۾ سنگت جو سرپرست سائين محمد آچر مخمور هو، جنهن جي رهنمائي ۾ گهڻو ڪجهہ سکياسين.

ان کان علاوه ڊراما، اسٽيج بہ ڪندا هئاسين ۽ هڪ ڊرامي ۾ منهنجو گيت ڳايو ويو، جنهن ۾ ڪافي داد مليو. بہ ٽي فلمون بہ ڪيون. فلم ”برسات

جي رات“ ۾ ڪافي نغما منهنجا لکيل آهن، جن کي اڄ به وڏي مڃتا ملي رهي آهي. T.V تي به ڪم ڪيو T.V plays به ڪيا، هيري جي ئي رول ۾ آيس، ڪيترن اداڪارن سان دوستي هئي. نور محمد لاشاري مرحوم، ۽ محمود صديقي گهرا دوست هئا.

منهنجو پهريون پلي (Play) ”چنڊ رهين ٿو ڏور“ هليو. جنهن جو پروڊيوسر عبدالڪريم بلوچ هو. هو ويچارو پاڻ ئي ريهرسل به ڪرائيندو هو. هارون بلوچ هن جو Official Assistant هو.

مرحوم محمد يوسف سان 1975/76ع ۾ منهنجي دوستي ٿي، مرحوم دل جو سچو، مخلص ۽ جان نثار دوست هو.

مرحوم ريڊئي تي 1976ع ۾ پهريائين پهريائين به ڪافيون رڪارڊ ڪرايون. جنهن ۾ ”اڄ رات نہ وڃ“ ۽ ”ڏاڍو ڏيئي تہ مون کي آزار ويو“.

**سوال:** اوهان گهڻو ڪهڙي صنف ۾ لکيو آهي؟

**جواب:** منهنجي شاعريءَ جا جيترا بہ هيل تائين ڪتاب ڇپيا آهن تن ۾ گهڻائي غزلن جي آهي، ڇو تہ منهنجي اظهار جو ذريعو غزل ئي آهن ۽ منهنجي پسنديده صنف بہ غزل ئي آهي.

هوءَ سمنڊ ڪناري تي ڪلهہ چنڊ ڏسڻ آئي
هڪ چنڊ تماشو هو هڪ چنڊ تماشائي

نيڻن جي نهارڻ سان هُنَ چنڊ جُهلايو پئي
پنبڻين جي هندوري ۾ هُن رات پئي جُهومائي

**سوال:** اوهان جو شاعري ۾ ڪو استاد؟ يا اوهان ڪنهن کان باقائدي رهبري ورتي هجي يا وري اوهان ڪن علم عروض جي ڪتابن جو مطالعو ڪيو هجي؟

**جواب:** بلوچ صاحب، سچي ڳالهہ اِها آهي تہ مان عروض گهڻو ڄاڻان ئي ڪونہ. اِها موسيقي ئي آهي، جيڪا منهنجي شاعريءَ لاءِ inspiration بہ آهي تہ طاقت بہ. اها عروضي شاعريءَ کان فِداويہ ناهي، پر اِها سچائي آهي جنهن جو مان اعتراف ڪيان ٿو. ابتدائي دور ۾ مهراڻ سنگت هُوندي هُئي،

جنهن ۾ بين وانگر مان به شاعري پڙهندو هُئس. پر مُون پنهنجي شاعريءَ جي عُروضي اصلاح ڪنهن کان نه ورتي. آءٌ وري به اهو چوان ٿو ته جيڪڏهن منهنجي شاعريءَ جي سکيا جو ڪو ادارو آهي ته اهو موسيقي ئي آهي. مان ته ڏاڍو خوش قسمت آهيان ڇو ته منهنجي صحبت، شيخ اياز، استاد بخاري کان ويندي ذوالفقار راشدي ۽ امداد حسيني تائين هئي. اهي سڀ منهنجا اتساهيندڙ رهيا آهن. شيخ اياز سان اڪثر ڪچهريون ٿينديون هيون. هو واقعي مهان شاعر هو. اسان هن جو قدر نه ڪيو هيءَ ڏرتي واقعي اسان کي ڪڏهن به نه بخش ڪندي. اياز کي شايد انهن کان شڪايت هئي، جيڪي اياز تي گند اڇلائيندا رهيا. بقول اياز جي ته:

هـــيءَ پـــونءِ نـــه ايـنـــدي پـــانءِ،
الا مـــــان اڌري ويـنــــــدو ســــانءِ

هڪ دفعي شيخ اياز صاحب، ابراهيم جويو صاحب وارا منهنجي ماما عبدالعزيز پٽي وارن وٽ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ آيا. ان وقت مون کي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ مون فخر محسوس ڪيو جڏهن مون شيخ اياز صاحب سان هٿ ملايو هي اهو دور هيو. جتي عظيم نعرن جي گونج هوندي هئي. ڪير جيئي، سنڌ جيئي، ۽ مون کي اياز جو گيت ياد اچي ويو.

سـنـڌڙيءَ تـي سـر ڪـيـر نـه ڏيـنـدو،
ســــهندو ڪيـــر ميـــار او يـــار
سـنـڌڙيءَ تـي سـر ڪـيـر نـه ڏيـنـدو.

ان کان پوءِ اياز سان مسلسل ڪراچيءَ ۾ملاقاتون ٿينديون رهيون. آفيس ۾ به تي دفعا فون ڪندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مان هن کي فون تي نه ملندو هئس ته پيغام ڇڏيندو هو ته، ”گهر وڃي ته مون کان ٿيندو وڃي“.

**سوال:** اوهان اياز جي ايڏو ويجهو هوندي به هن عظيم پارکو ۽ ڄاڻو کان ڪڏهن به علم عروض جي متعلق نه ڳالهايو؟

**جواب:** سائين اهو بلڪل سچ آهي، مان ڪٽي پنهنجي بدبختي

سمجهان يا وري ڪو عجيب اتفاق ئي سمجهان تہ اياز سان ايترا سال گڏ رهڻ جي باوجود بہ شاعري جي فن جون ڳالهيون نہ ڪيون ۽ نہ وزن بحر تي عبور حاصل ڪري سگهيس.

**سوال:** شاعري جي وصف اوهان جي نظر ۾ ڪهڙي تي سگهي ٿي؟ ۽ شاعريءَ ڪي ڇا سمجهندا آهيو؟

**جواب:** شاعري هڪ الهامي جذبو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو حساس آهي ۽ ان سان گڏ هو شاعر بہ آهي، تہ هو خوردبين جيان هر شيءِ ڏسي سگهي ٿو ۽ هر ڪا ڳالهہ محسوس ڪندو آهي. بقول سعيد ميمڻ جي تہ.

صـــدين تائين پهچي ٿي ان جي نظر،
ڪلاڪار ڪي جي ملن ٿيون اکيون.

شاعري ذريعي ئي ماڻهو پنهنجي اندر جي ڪيفيتن جو اظهار ڪري ٿو. جهڙوڪ: معاشري جا ڏک، سور، اندر جا اڌما، اذيتون، رنجشون جيڪي اسان جي پلئي پون ٿيون ۽ هڪ شاعر اهي سڀ شيون محسوس ڪري ٿو ۽ پوءِ انهن اڌمن ۽ احساسن کي لفظن جو روپ ڏيئي تخليق جي دنيا سان روشناس ڪرائي ٿو. پوءِ اهو ان ذات ڌڻيءَ تي منحصر آهي تہ هو انهن شين کي ڪيتري/ڪهڙي نموني سان ٻاهر ڪڍي اچي ٿو.

”استاد“ جي وڏي خوبي عوامي شاعري هئي. هن وساريل لفظن ۾ نئين جان وڌي. اهڙي سهڻي نموني سان اهي لفظ استعمال ڪيا. اهو هڪ شاعر جوئي ڪمال آهي. اصل ۾ شاعر جو ڪم آهي تہ هو معاشري ۾ ٿيندڙ ظلم جي خلاف قلم کڻي، اها شاعر جي ئي ذميواري آهي تہ هو ٻولي کي جياري، ٻولي تي ڪم ڪري، ٻولي تي لکي، باقي ٺلهو ڪافيا، رديف ملائي، رات پيٽ ۾ شاعر ٿيندڙ تہ تمام گهڻا آهن. جن جي ڪيسٽن جون ٻوريون ڀريون پيون آهن.

**سوال:** اوهان ڪهڙن شاعرن کان يعني سينيئر اديبن ۽ پنهنجي همعمر شاعر دوستن جي لکڻين کان متاثر آهيو؟

**جواب:** سائين مان هر ان اديب کان متاثر آهيان جيڪو ديس لاءِ ۽ هن

پون ۾ لاءِ لکي ٿو. باقي، مون کي قمر شهباز، امداد حسيني، شمشير الحيدري، تاجل بيوس، وفا ناٿن شاهي، آڪاش انصاري، محسن ڪڪڙائي، احمد خان مدهوش ۽ ٻيا ڪيئي دوست آهن جيڪي سٺو لکن ٿا.

**سوال:** اسان جي نئين ٽهيءَ جي باري ۾ اوهان جي ڪهڙي راءِ آهي؟

**جواب:** اسان جي نئين ٽهيءَ مان ئي بيدل ۽ بيڪس پيدا ٿيڻا آهن، ڪيئي اياز ٿيندا. مان نئين ٽهيءَ جي نون خيالن کان متاثر آهيان، مان تقريبن سنڌي سڀ رسالا ۽ تقريبن اخبارون نظر مان ڪڍندو آهيان. اسان جي نئين ٽهيءَ جي لکڻين ۾ ته ڪڏهن ڪڏهن اهڙا خيال ۽ فڪر جنم وٺن ٿا، جو مان سوچيندو آهيان ته ”اسان جيڪي ڳالهيون پنهنجي وهيءَ ۾ نه لکي سگهياسين، اهي عظيم خيال اڄ جو نوجوان ڏاڍ ذريعي لکي ٿو“ سنڌي ادب اسان کي نئين ٽهيءَ ۾ ڏاڍا سٺا شاعر ڏنا آهن. مان هتي ڪنهن ڪنهن جا نالا ڳڻان.

**سوال:** سنڌي ادبي ميڙاڪن ۾ ڇا اوهان جو وڃڻ ٿيندو آ؟ اوهان ڪيئن محسوس ڪندا آهيو؟

**جواب:** ادا! ڏاڍيون محبتون ملنديون آهن. ايڏو پيار ۽ ايڏي محبت شايد ئي ڪنهن جي حصي ۾ آئي هجي. پر تنهن هوندي به سيئي گڏجاڻيون هڪجهڙيون نه هونديون آهن. هر سال سائين سچل جي ادبي مشاعري ۾ دعوت ملندي آهي ۽ مان خوشي سان شرڪت ڪندو آهيان. جتي وڏا وڏا مدبر، اديب، مفڪر، شاعر ۽ ادب دوست ايندا آهن.

ڪٿي ڪٿي وري اهو گروپ به هوندو آهي، جيڪو سينيئر شاعر اديبين تي چٽرون، ٽوڪون ۽ هوڪرا به ڪندو آهي ۽ مشاعري جي روح کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اصل ۾ اهڙا ادب دوست ته نه هوندا آهن، بلڪ انهن کي ادب دشمن ئي چئي سگهجي ٿو. جيڪي ڪنهن اديب جي پٽڪي ۾ هٿ وجهڻ وقت، اهو ڪڏهن به نه سوچيندا آهن ته اهو عزت وارو پٽڪو ڪنهن ڏاري جو نه بلڪ پنهنجو ئي آهي.

**سوال:** غفار صاحب! ڇا اوهان سنڌي ادبي سنگت جي ڪارڪردگي کان مطمئن آهيو؟

**جواب:** سائين عرض آ ته توهان هي ڏاڍو ڏکيو سوال ڪيو آهي، هاڻ

ڇا هي تہ سنڌي ادبي سنگت اها تنظيم آهي. جنهن جو بنياد اياز قادري، شيخ اياز، شمشير الحيدري ۽ گوبند مالهي جهڙن عظيم انسانن وڌو هو. تنظيم ڪا بہ بُري نہ هوندي آهي پر ان ڪي هلائڻ وارا ڪڏهن ڪڏهن ان جي لائق نہ هوندا آهن ۽ ان جي برعڪس هوندا آهن. هي واحد تنظيم آهي جيڪا اڃان تائين قائم ۽ دائم آهي. باقي رهيو سوال تہ ان جو مختلف وقتن ۾ مختلف ڪردار ڪهڙو رهيو آهي. هينئر تنظيم اها ناهي رهي جيڪا اياز جي وقت ۾ هئي. ان جو ذميوار وقت، حالات، اسان جو ماحول ۽ اسين پاڻ بہ آهيون. سنڌي ادبي سنگت ڪي تہ تمام گهڻو ڪم ڪرڻو ڪپندو هو. اسان جا اهڙا جهونا شاعر جيڪي غربت ۽ مفلسي ڪري اڄ تائين پنهنجو ڪلام نہ ڇپرائي سگهيا آهن. تنظيم ڪي گهرجي انهن جو ڪلام واري واري سان ڇپرائي ۽ اگر ڪو فنڪار ۽ شاعر ويچارو بيمار آهي تہ ان جي مالي مدد بہ ڪري. ائين نہ ٿئي جو رڳو پنهنجا ڪتاب ڇپرايا وڃن ۽ پنهنجي منهن ميان منو ٿيندو رهي. تنظيم سان گڏ خود احتسابي بہ ٿيڻ ضروري آهي. تاج جويو منهنجو سٺو دوست آهي. پڙهيل لکيل آهي. ڏاڍو سٺو ڪم ڪري رهيو آهي پر هن ڪي اڃا بہ وڌيڪ ڪم ڪرڻو آهي. ۽ ان ڪري هن جي مٿان اڃان بہ وڌيڪ ذميواريون عائد ٿين ٿيون.

**سوال:** اوهان جي لکڻ جو ڪو وقت مقرر آهي يا جڏهن بہ خيال آيو تہ قلم بند ڪري ڇڏيندا آهيون ؟

**جواب:** صحبت صاحب! لکڻ لاءِ تہ ڪو وقت مقرر ناهي هوندو اوهان بہ ڄاڻو ٿا. اوهان بہ اديب ۽ شاعر آهيو. ان ڪري انهن شين کان بخوبي واقف آهيو. باقي لکڻ لاءِ تہ صبح، شام، منجهند، رات، ڏينهن، جهڙ، مينهن، ڪنهن بہ وقت ڪو خيال اچي سگهي ٿو پوءِ کڻي ماڻهو ننڊ ۾ هجي يا جاڳ ۾.

**سوال:** اوهان ڪي هڪ ذاتي سوال ڪيان ٿو؟

Being a poet, did you ever fall in love?

**جواب:** مرڪندي، سائين! مان تہ چوان ٿو تہ عشق ئي تہ آهي جيڪو هڪ عام سادي سودي ماڻهو ڪي شاعر بڻائي ٿو. ان ڪري جيستائين شاعري ۾ رومانس نہ آهي، شاعري شاعري نہ آهي. پر وري مزاحمتي شاعري عشق

ڪان بهتر آهي. دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جتي بہ ڌرتي تي شاعر آهن اهي سڀ منهنجي خيال ۾ عشق جي ئي پيداوار آهن. منهنجو هڪڙو گيت برڪت علي ڳايو هو.

جيڪي تبسم عشق واريون، شوق مان ڪافيون چوي،
سي مان سارو جهنگ جهر ڦرندو ڳائيندو وتان.

مطلب تہ بلوچ صاحب! عشق ڪان سواءِ انسان اڻپورو ۽ خالي پوپو آهي.

**سوال:** ؟منظور سخيراڻي اوهان ڪي ڪافي ڳايو آهي. اوهان جي شاعري جون نجي ڪيسٽون بہ ڪيون اٿس، ان لاءِ اوهان ڪي سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ جاتو سڃاتو وڃي ٿو. اوهان اهو فرمايو تہ ايتري شهرت اوهان ڪي ڪيئن ٿي لڳي.

**جواب:** سچ تہ مان ڏاڍو خوشقسمت آهيان انهي معاملي ۾، جو سنڌ جي مشهور راڳين مون ڪي گهڻو ڳايو آهي ۽ وڏي ڳالھ تہ مون ڪي عوام پسند ڪيو آهي. ان لاءِ هڪ تہ راڳين جي وسيلي منهنجي شناخت ٿئي آهي، جيڪا منهنجي ذاتي ملڪيت آهي. مان تہ ڪجھ بہ ناهيان، اهي سڀ محبتي ماڻهن جون محبتون آهن. جيڪي مون سان پيار ڪن ٿا.

هڪ دفعي لاڑڪاڻي شهر جي مشهور ”سپنا“ هوٽل ۾ پروگرام رٿيو ويو هو. جنهن ۾ دوستن ڏاڍي همت افزائي ڪئي هئي ۽ سڪ، چاهت مان مون کي سونو تاج پارايو هو. پر مان پوءِ بہ اڄ سوچيان ٿو تہ ڪاش! مان انهن جو پرم رکي سگهان! شهرت تہ اڇي وڃڻي شي آهي، ماڻهوءَ کي ڪڏهن بہ ان تي فخر ۽ وڏائي نہ ڪرڻ گهرجي ۽ نہ ئي ڪا وڏائپ ۽ ترڙائپ محسوس ڪري“ چو تہ Pride will have a fall يعني هٺ مارائيندڙ آهي.

**سوال:** جڏهن ڪا سونهن ”Beauty“ ڏسندا آهيو تہ ڇا محسوس ڪندا آهيو؟

**جواب:** سڄڻ! روح جي سچائي کي سونهن چوندا آهن. انسان ڪيڏو نہ خوبصورت آهي، اگر هن جو روح سچو آهي. نہ تہ دنيا ۾ ڪجھ بہ نہ آهي. هي ڪائنات بہ سونهن، حُسن ۽ خوبصورتي جي ڪري ئي تہ اسان توهان

ڪي وٽي ٿي، نہ تہ هٿ ڇا رکيو آهي.

ان ڪري مان سونهن ڏسندي سڪون محسوس ڪندو آهيان ۽ تازو توانو ٿي ويندو آهيان.

**سوال:** وزن بحر / علم عروض جي اوهان وٽ ڪيتري اهميت آهي؟

**جواب:** ادا! جيئن تہ مون اڳ ۾ ئي مٿي ٻڌايو تہ علم عروض جي اهميت هئڻ گهرجي، پر آءٌ انهيءَ واٽ کان بچي هلندو آهيان، ڇو تہ منهنجي اندر ۾ لئي يا ردم مقرر آهن. جيڪي منهنجي شاعريءَ ۾ مدد ڪندا آهن. پر مان وزن جي خلاف ناهيان. اتفاق آهي منهنجي ان معاملي ۾ ڪابہ مشق نہ رهي آهي. عبدالڪريم سنديلي صاحب جي بہ ڪٿي ڪٿي رهبري ورتي آهي. وڏن وڏن شاعرن جي صحبت بہ نصيب ٿي آهي. پر الائي ڇو نندي هوندي کان انهيءَ وزن بحر جي ور نہ چڙهيو آهيان.

**سوال:** زندگيءَ جو يادگار واقعو ۽ نہ وسرڻ وارا لمحا؟

**جواب:** منهنجي والدين جو وڇوڙو ۽ منهنجي پاءُ جو حادثو اهي اهڙا واقعا آهن، جيڪي منهنجي ذهن جي پاتال ۾ لٿل آهن. جيڪي شايد ڪڏهن بہ نہ نڪرن. منهنجو والد صاحب گذاري ويو. ان جو وڇوڙو برداش کان ٻاهر هو ۽ ائين لڳندو هو تہ ڪٿي مان بہ گذاري نہ وڃان. ان ڪري اهي وڇوڙا، تعزيتون، اسان شاعر ماڻهو ڪِٿي ٿا برداش ڪري سگهون.

**سوال:** تبسم صاحب! اوهان جي اردو اديبن سان لکپڙهہ وغيره يا ڪو رابطو آهي ؟

**جواب:** نہ سائين. ان معاملي ۾ مان ڏاڍو سست آهيان ۽ ان ڪري مان انهن سان ڪو خاص رابطو نہ رکي سگهيو آهيان. هندو اديبن سان البت هڪ جاءِ تي ملاقاتون ٿينديون آهن. سا جاءِ آهي ”سنڌي سدائين گڏ“ جنهن جو روح رهاڻ ساٿي عطا محمد سنڌي هيو. جيڪو ويچارو گذاري ويو. هيءَ تنظيم دبئي ۾ آهي، جيڪا هر سال فيبروري مارچ ۾ هند توڙي سنڌ کان بہ اديب گهرائيندا آهن ۽ ان سان گڏ بہ فنڪار بہ گهرائيندا آهن. جن کي هو پاڻ وٽ 15 ڏينهن رهائيندا آهن. 1992ع ۾ مون کي ۽ گوبند مالهي کي گهرايو ويو هو. جڏهن تہ فنڪارن ۾ غلام شبير سمون ۽ منظور سخيراڻي هئا.

**سوال:** پڙهندڙن لاءِ، سنڌ واسين لاءِ ڪو پيغام ڏيندؤ؟

**جواب:** دوست! مان خاص پنهنجن شاعرن ۽ لکيڪ پائرن کي چوندس تہ شاعري هڪ الهامي امانت آهي، ان ڪري ان جو بلڪل تقدس ۽ پرمرکن. پنهنجي موضوع ۾ درد پيدا ڪريو ۽ دنيا جو ڏک پنهنجو ڏک سمجهو ۽ محسوس ڪريو. ڌرتيءَ لاءِ لکو ۽ ڌرتيءَ لاءِ پڙهو ۽ ڌرتيءَ لاءِ جيئو ۽ ڌرتيءَ لاءِ مرو.

**جيئي سنڌ**

**عبدالغفار تبسم**

## غزل

سوچن جي سرحدن تي ليڪا ها اوپرا،
ساگر جي خاموشين ۾ سڏڪا ها اوپرا.

هُن پيي نہ چيو نہ ڪي هِن، تاڪيو وڏي ٻتڙ ڪي،
هو ٻئي اَنا جي دنگ تي بيٺا ها اوپرا.

ڳاڙهين اڇين اکين مان ناسي پئي نير ٽميا،
اڄ وِسوسن جا هُنَ وٽ اُجهڪا ها اوپرا.

هُنَ چيو هُو دير ورندو، هِنَ چيو توهانجي مرضي،
هڪ ٻئي سان اڄ ٻڌهن جا لهجا ها اوپرا.

هو ويو تہ دَرُ پيڪوڙي ليٽي رهي پڌر ۾،
گهرَ جي اُداسين جا نقشا ها اوپرا.

# بلوچ صحبت علي



ادبي نالو: بلوچ صحبت علی

اصل نالو: صحبت علی

ولديت: محمد يعقوب لُنڊ

جنم تاريخ: پهرين جنوري 1974ع

جنم هنڌ: چاڙهو شاهه آباد محلہ دادو سنڌ

تعليم: بي ايس سي، ايل ايل بي، ۽ ايل ايل ايم ڪراچي يونيورسٽی

ڪرت: وڪالت، (وڪيل هاءِ ڪورٽ)

ادب ۾ ابتدا: سال 1995ع کان

ادبي سڃاڻپ: شاعر، ڪالم نگار، مترجم ۽ ڪهاڻيڪار

ڇپيل ڪتاب:

1. Progressive General Vocabulary & Structure (English Grammar) 2000 (First Edition).
2. Burning issues of present time (current affairs) 2003.
3. Let's love grammar (English Grammar) 2004.
4. Musawar Dictonary (for Children) 2004.
5. New international English (for kids) 2004.
6. Teach me (A guide for class VI) 2004.
7. Teach me (A guide for class VII) 2004.
8. Teach me (A guide for class VIII) 2004.
9. سيتا جا سدا بهار ماڻهو 2004.
10. البرٽ آئنسٽائن جي جيون ڪٿا (ترجمو) 2006.
11. سوجهرن جا سفير (پاڳوپهريون) سنڌ جي برک شاعرن جا انٽرويوز 2006.

12. سوجهرن جا سفير (پاڳو پيون) سنڌ جي برک شاعرن جا انٽرويوز 2018.
13. توکان پوءِ (شاعري).
14. ياڳا ياڳا پونءِ (شاعري).
15. خط خوشبوءِ جهڙا (بشير سيتائی جا لکيل خط).

ايندڙ ڪتاب:
1. جيئن توکي وٽي (شاعري).
2. ٿامس ايڊيسن جو ترجمو.
3. سنڌي انگريزي پهاڪا.
4. Progressive General Vocabulary & Structure (English Grammar) 2018 (Second Edition).

وابستگيون:
چيف انسٽرڪٽر (انگلش لينگويج)
پراگريسو انگلش فائونڊيشن دادو سال 1995ع کان 1999ع تائين.
چيف ايڊيٽر/انچارج سرجٽهار پبليڪيشن دادو 1995ع کان اج تائين.
ايڊيٽر: ماهوار ”ماروي“ دادو.
جوائنٽ ايڊيٽر: ماهوار ”جياپو“ ڪراچي 2006.
سنڌي ادبی سنگت ڪراچی جو سيڪريٽري.

مستقل پتو: چاڻو شاهه آباد محلہ دادو

اي ميل ائڊريس: alisuhbat@yahoo.co.uk
balochsuhbat@hotmail.com

